شاهه جون آکاڻيون

(سمجهاڻيءَ سميت)



چيتمل پرسرام گلراجاڻي

شاھ جون آکاڻيون

(سمجهاڻيءَ سميت)

چيتنمل پرسرام گلراجاڻي

ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب : شاهَ جون آکاڻيون

ليکڪ : ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي

ڇاپو پهريون: 1922ع

ڇاپو ٻيون: 1990ع

ڇاپو ٽيون: ڊسمبر 1994ع

ڇاپو چوٿون: آڪٽوبر 2020ع

مرتب: مدد علي سنڌي

ٽائيٽل: نعيم ديسوالي

ڪمپوزنگ: قيوم قاسماڻي ۽ عبداللطيف سوهو

لي آئوٽ : علي اڪبر چنو

ڇپيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي 0300-2879794

ڇپائيندڙ: ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ، ڪراچي

ISBN: 978-969-8100-58-2

ڪتاب حاصل ڪرڻ جو پتو

ثقافت کاتو ڪتاب گهر

محمد ابراهيم جويو آڊيٽوريم،

لياقت ميموريل لائبريري، اسٽيڊيم روڊ، ڪراچي

فهرست

- پبلشر نوٽ — غلام اڪبر لغاري 5
- پھرين ڇاپي جو مھاڳ – چيتنمل پرسرام گلراجاڻي 7
- چيتنمل پرسرام گلراجاڻيءَ – تعارف – مرليڌر جيٽلي 10
- چيتنمل جون سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتون 47
- چيتنمل جي حياتيءَ جا اھم سال 58

شاھہ جون آکاڻيون

(ياڳو پھريون)

1. سھڻي ميھار 65
2. حسن ۽ حسين 86
3. مومل راڻو 98
4. راءِ ڏياچ 111
5. ليلان چنيسر 121
6. ڄام تماچي ۽ نوري نماڻي 128

شاهہ جون آکاڻيون

(ڀاڱو ٻيون)

- مهاڳ 142

1. عمر مارئي 143
2. سسئي پنهون 173
3. هير رانجهو 219

شاهہ جي آکاڻين جي سمجهاڻي

(ڀاڱو ٽيون)

- مهاڳ 232

1. سهڻي ميهار 233
2. مومل راڻو 253
3. راءِ ڏياچ 266
4. ليلان چنيسر 275
5. هنج ۽ ٻگهہ 283
6. عمر مارئي 295

پبلشر نوٽ

جيٺمل پر سرام گلراجاڻي (1885_1948) ويهين صديءَ جي اُنهن اَعليٰ درجي جي نثر نويسن مان هڪ هو، جن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ پنهنجي سموري حياتي ارپي ڇڏي. سنڌ جي صوفين ۽ درويشن جي ڪلام جو هن گهرو اَڀياس ڪيو. خاص طور شاهه لطيف جي ڪلام جو تہ هو عاشق هو. وري جو مٿس ڊاڪٽر اَئني بيسنت جي ويچارن جو اثر پيو، تنهن جيٺمل کي علم توڙي عمل جي لحاظ کان سچو ٿياسافسٽ بڻائي ڇڏيو. بس، پوءِ تہ جدا جدا مذهبن جي متن ۽ سنڌي ڪلام جو اَڀياس ڪرڻ، جيٺمل جي زندگيءَ جو مول ۽ مقصد بڻجي پيو. هن اِنهن تي تمام گهڻو لکيو ۽ تقرير توڙي تحرير ذريعي اِنهن ويچارن جو ڦهلاءُ پڻ ڪيو.

جيٺمل پرسرام 1922ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ "نئين سنڌي لئبرري" جوڙي. اُن اداري طرفان هن ڪيترائي عمدا ڪتاب ڇپائي، سنڌي ادب کي مالامال ڪيو. اِنهيءَ لئبرريءَ طرفان ڪتابي سلسلي ۾ پهريون ڪتاب، شاهہ جون آکاڻيون (ڀاڱو پهريون) هو. اِهو ڪتاب هن سنہ 1922ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. اُن بعد ٻئي سال، اِنهن آکاڻين جو ٻيو ڀاڱو ۽ "شاهہ جي آکاڻين جي سمجهاڻي" ڇپايائين. اِنهن ڪتابن مان جيٺمل جي علم ۽ اونهي اَڀياس جي پروڙ پوي ٿي. شاهہ لطيف، سچل ۽ سامي سنڌي اَدب جا ٽي اُملهہ رتن آهن. اِنهن جو پيغام اَسان لاءِ ٻي بها ورثو آهي. اسان کي گهرجي تہ اِنهيءَ کي سمجهون ۽ اُن جو چوڌس ڦهلاءُ ڪريون.

شاهہ لطيف جي ڪلام جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ لاءِ ڄيٺمل جا لکيل اِهي ٽيئي ڪتاب گهڻي مدد ڪن ٿا. ڪجھ عرصي کان اِهي اڻ لڀ هئا. اِنهيءَ ڪري اِهي ٻيهر ڇپائي، شاهہ لطيف جو مطالعو ڪندڙن لاءِ ميسر ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ شاهہ جون آڪاٽيون پاڳو پهريون ۽ ٻيون ۽ اُنهن جي سمجهاڻي، ٽيئي گڏ ڏنا ويا آهن. اِنهيءَ کان سواءِ ڄيٺمل جي زندگيءَ ۽ تحقيقي ڪم توڙي سنڌي ساهت ۾ ڪيل سندس خدمتن جي معلومات پڻ ڏنل آهي.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي 278 هين عرس جي موقعي تي شاهہ جي هن سچي عاشق جو هيءُ ڪتاب، شايع ڪرڻ جي رٿ، ثقافت کاتي سنڌ جي وزير سيد سردار علي شاهہ ڏني، جڏهن تہ ان کان اڳ، ثقافت کاتي ڪيترائي اهڙا اڻ لڀ، ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جيڪي شاهہ لطيف جي اوائلي دور ۾ تحرير ڪيا ويا هئا. اسانکي اميد آهي تہ حضرت شاهہ لطيف جي عاشقن کي هيءُ سوکڙي ضرور پسند ايندي.

آخر ۾ آئون ٿورائتو آهيان، محترم مدد علي سنڌيءَ جو جنهن ڄيٺمل جو هي ڪتاب هٿ ڪري، ۽ ان کي ايڊٽ ڪري اسانجي حوالي ڪيو.

غلام اڪبر لغاري
سيڪريٽري
ثقافت کاتو ڪراچي.

پهرئين ڇاپي جو مهاڳ

هيءَ ڪتابچو "نئين سنڌي لئبرريءَ" جو پهريون ڪتاب آهي، ۽ لطيفي مالا جو بہ پهريون ڪتاب آهي. شاهہ لطيف سنڌڙيءَ جي آسمان ۾ چمڪندڙ ستارو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو چٽ آهي. اهڙي ستاري جي جوت، اهڙي تاج جو جلوو نہ رڳو سنڌ کي روشن ڪري رهيو آهي پر انهيءَ روشنيءَ جي سنڌ کان ٻاهر هند يا هند کان ٻاهر ٻي دنيا کي بہ گهرج آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ سنڌي جا نوجوان، شاهہ، سچل، روحل، دلپت، سامي ۽ بيدل جي درياهن ۾ پهريون تڙڳن، پوءِ ٽٻيون هڻن، سکن، آخر اُنهن مهراڻن مان موتي حاصل ڪري، موتين جي حسن ۽ خوبيءَ کان هر هڪ کي واقف ڪن. شايد ڪن کي شڪ هجي تہ ڪا اهڙي حسن ۽ خوبيءَ جي ڪماليت پاڻ وٽ موجود آهي! پر جن مغرب ۽ مشرق جي شاعرن ۽ عارفن جي ڀيٽ ڪري جاچ ڪئي آهي، تن کي پڪ آهي تہ ائين آهي. سارو مغرب، مشرق جي نياپي لاءِ آتو آهي: ڪيئن رويندر ڀارت جي مها ڪويءَ جي ڪوتا مغرب کي موهي ڇڏيو آهي! آءُ هي اڳڪٿي ڪرڻ کان ڪئو نٿو ڪريان، تہ اُهو زمانو ويجهو آهي، جڏهين سنڌ جي صوفين جي دل اُٿاريندڙ ۽ اسراري شعر جو بہ آواز هندستان ۽ ٻي دنيا جي ڪن تي پوندو. هندستان ۾ تہ البت اُهي خزانا آهن، جن جي ڪٿ ڪرڻ ضروري آهي. پر سنڌڙيءَ جي بہ خوبي اها آهي تہ اُنهي تڪر ۾ پراچين هندستان جي سڀيتا جي لهر سان، قديم ايران ۽ عرب جي تهذيب جي لهر بہ اچي گڏ ٿي آهي، جن ٻنهي جي ملڻ ڪري اهڙيون سپون "ٻُپريون" پيدا ٿيون آهن، جن مان موتي جي صوفياڻي راز سان گڏ، نج پراچين ڀارت جي ويدانت ۽ يوگ جو

ڳجهه ملير آهي:

"راڻي جي رهاڻ مان ڪو آديسي آيو
چوڏهين ماه چنڊ جي ڪيو ساميءَ سهائو!"

اُهي آديسي، اُهي سامي، "مومل راڻي" وارا، اُهي جوڳي "رام ڪليءَ" وارا ۽ "راڳ ڏياچ" وارا، تن جو گيان به شاهه جي فقيراڻي گودڙيءَ ۾ سمايل آهي، پر تنهن سان گڏ قرآن شريف، رومي، گلشن راز وغيره وغيرهه جي معرفت مڙهيل آهي. اهڙو ڪو بيو هنڌ هندستان ۾ سواءِ ڪجهه قدر پنجاب جي ڪونه سجهي، جتي انهن ٻنهي تهذيبن جي ائين شادي ٿيل آهي. جيئن شاهه، تئين سچل! سچل جا "ڪلنگيءَ وارا" ۽ "لالا موهن"، تن سان گڏ "رسول" ۽ "منصور" ملي، هڪ وحدت جي وهانءَ ۾ واصل ٿيا آهن. پر روحل ته عجب عجائب آهي. سندس شعر ۽ سندس طالبن، شاهو مراد، غلام علي، درياهه خان جو شعر آهي ئي گهڻو "هنديءَ" ۾. "سمجهه من درشن ايهي، اپنا روپ پڇاڻ"! "ممتا ماتا من کي ڪبڌيا درمت پئن، چنتاراڻي سُون سدا رلمل ڪرٽا چئن اهو ڪلام ڪنڊڙيءَ جي روحل جو آهي، جنَهن جو روحل اثر نه فقط سنڌ ۾ پر سنڌ کان ٻاهر به آهي، جنهن ٻنهي علمن جي واقفيت کان پوءِ چيو-

"روحل راه پرين جي، جڏهين گهڙي ڏنوسين گهير
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو جنهن ۾ ڦند نه ڦير"

اسلام، تصوف ۽ ويدانت جو اهڙو سنگم ڪٿي به ناهي؛ جيئن هنن مسلمانن ئي ويدانت جا واڪ ڏنا، تيئن سامي، دلپت هندن وري پئي "الست" ۽ "مرشد" جا مڏر سر آلاپيا. هڪڙي ندي گنگا، ٻي ندي جمنا، تن ٻنهي جي اندران ٽين سرسوتي ٿي پرياڳ وٽ وهي، تئين هت سنڌ ۾ ٻن مٿين تهذيبن جي اندران ٽين هڪ ڳجهي ندي اتحاد ۽ ايڪتا جي ٿي وهي. هندستان کي سچي اِتحاد جو رستو اسين سنڌي، سيکاري سگهنداسون، پر سو تڏهين، جڏهين پنهنجي بي نظير ورثي جا پاڻ واقف ٿينداسون، دنيا کي اهڙيءَ سنگم جي معلومات ٿيندي! مغرب کي جڏهين، سنڌ جي صوفياڻي آب حيات جو پيالو ملندو تڏهن مغرب به سچيون

ڪندو. اُنهي اَمر پيالي جو ذڪ مس روبندر پياريو اٿس تہ مست ٿي ويو آهي، پر اجا جڏهين هندستان جي آتم وديا جا الوپ چمڪا ڏسندو ۽ سنڌ جي سرمستن جا سنيها ٻڌندو، تڏهين خوب خوشيءَ ۾ ايندو!
”چُڪيءَ تنهن چري ڪئي، جو ڏنس ان ڏُوهي!“
سنڌ جي خوش نصيبيءَ ۾ اهڙي ڪاميابي لکيل آهي! پر سو تڏهين جڏهين سنڌڙيءَ جا جوان، پنهنجي ملڪيت جا پاڻ وارث ٿين! ”نئين سنڌي لئبرري“ جو هڪ مکيہ ڪم ٿيندو، سنڌ جي خزانن کي کولڻ. انهي لطيفي مالا جو هي پهريون ڪتاب آهي. مراد آهي تہ شاهہ جو هونئن ڪيترن لاءِ ڏکيو آهي، سو هاڻي سولو ڪيو وڃي. انهيءَ ڪري هن پهرئين ڪتاب ۾ رڳو آکاڻيون، نثر منجهہ. شاهہ جي ٻوليءَ سان مڙهيون ويون آهن. سپ آکاڻيون هت ڪين ڏيئي سگهيو آهيان. عمر مارئيءَ ۽ سسئي پنهونءَ جا تہ جدا ڪتاب ٿيندا، پر ٻيون گهڻو ڪري هن ڪتاب ۾ اچي ويون آهن. اميد تہ هيءَ خدمت قبول پوندي، ۽ آءُ لطيفي مالا جا ٻيا ڪتاب، نہ رڳو شاهہ، پر سچل، روحل، وغيره جا پڻ ظاهر ڪري سگهندس. مراد اها آهي، تہ اُنهن جي پڙهڻ بعد اصلوڪن رسالن ۾ پڙهندڙ تبيون هڻن. آءُ شڪر گذار ٿيندس جي ڪو بہ صاحب پل چوڪ جي درستگي مونکي موڪليندو. آءُ ٿورائتو آهيان، مسٽر مولچند منگهومل واسواڻي، اڪئڊميءَ جي برانچ اسڪولن جي سپروائيزر جو جنهن هن ڪتاب جا پروف وغيره ڏنا ۽ ڪيتريون عمديون صلاحون ڏنيون.

جيٺمل پرسرام گلراجاڻي
1923ع
حيدرآباد سنڌ

ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ - تعارف

ويهين صديءَ جي نامڪتين سنڌي نثر نويسن ۾ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي هڪ اهڙي انوکي شخصيت هئو جنهن پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ علم سان گڏوگڏ عمل کي بہ اهميت ڏني. هو قلم جو ڌڻي تہ هئو ئي، پر ديش ۽ سماج جي بهبوديءَ لاءِ الڳ الڳ ڪيترن ۾ ڪم ڪندڙن جي صف ۾ بہ اڳيرو رهيو. سندس گهري دوست ۽ سيٺ لالچند امر ڏني مل ڄڳتياڻيءَ، ڄيٺمل جي ورسيءَ تي ڪيس شردانجلي ڏيندي لکيو آهي، "ڄيٺمل پرسرام انوکي شخصيت وارو ماڻهو هو. ائين چئجي تہ هو پاڻ پانت جي ويڪتين جو پتلو هو تہ بہ وڌاءُ ڪو نہ ٿيندو. سنڌ ۾ لوڪ شيوا جي سنبنڌ ۾ اهڙي ڪا بہ هلچل نہ هئي، جنهن ۾ هن آسانجي سنڌواسيءَ چڱو چوکو ڀاڱو نہ ورتو هجي."1

سنڌيءَ جي هڪ ٻئي ليکڪ وشن ڄڳتياڻيءَ، ڄيٺمل جي زندگيءَ جي جهلڪ پيش ڪندي لکيو آهي، "هي صاحب اعليٰ اِنسان، انوکي شخصيت، سچو سناتني، پڪو صوفي، نج ٿيئاسافسٽ، برک، اديب، فصاحت جو صاحب، قوميت جو باني، ساميواد جو حامي، هندو مسلم ايڪتا جو رهبر، وشو - ڀائپيءَ جو ڪانکي، ڀڳتي، شيوا ۽ قربانيءَ جو مجسم روپ ۽ سڀ کان واڌاري، سنڌيت جو اوائلي نعرو هڻندڙ هو."2

لاشڪ، اهڙي هئي ڄيٺمل جي ڀهومکي شخصيت. هو فقط ڪند، پاسيرو ايڪانت ۾ ويهي قلم هلائيندڙن ساهتيڪارن مان نہ هئو. پر سياسي ۽ سماجي، ادبي ۽ اخبار نويسيءَ جي ڏس ۾ جيون ڀر چستيءَ سان اهم رول ادا ڪندو رهيو.

ٻالپڻ ۽ اوائلي جيون

ڄيٺمل جو جنم آڪٽوبر 1885ع ۾ ٿيو. اِنهيءَ سال انڊين نيشنل ڪانگريس جو بنياد وڌو ويو. جنهن اڳتي هلي ملڪ جي آزاديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ اهم پارٽ ادا ڪيو. گذريل صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي سجاڳيءَ جي جيڪا لهر شروع ٿي، اُنهيءَ جو اثر سنڌ جي جنتا ۽ ساهتيہ تي پڻ گهڻو ٿي ٿيو. انهيءَ ڪانسواءِ ڌرمي متن جو ڦهلاءُ بہ ان دور ۾ سنڌ ۾ شروع ٿي چڪو هو. سناتن هندو ويدڪ ڌرم سان گڏو گڏ، اسلام جو پرچار تہ سنڌ ۾ صدين کان وٺي هلندڙ هئو. سنتن ۽ ڀڳتن، صوفي درويشن ۽ پيرن پنهنجيءَ امرت، مٺي ٻاڻيءَ ذريعي عوام کي مذهبي ڪٽرپڻي کان ڪنارو ڪرڻ ۽ عالمي ڀائپي- چاري جو سنديش سڻايو. جنهن ڪري سنڌي ماڻهن ۾ سهن شيلتا (سهپ) ۽ وشال نظرئي جا ڀاوَ ٻين علائقن جي جنتا جي ڀيٽ ۾ جان تان وڌيڪ ملن ٿا. منهنجو ذات پات جو ڀيد – ياءِ ۽ اوچ – نيچ جو فرق رکڻ جو مرض پڻ گهڻو ڪري غير موجود آهي. اهڙين حالتن ۾، گذريل صديءَ ۾، گرو نانڪ جي سِکہ پنٿ ۽ برهمو سماج جي متن جو بہ سنڌ ۾ پرچار شروع ٿي ويو. ساڌو نولراءِ ۽ ساڌو هيرانند، ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ ۽ راج رشي ڏيارام گدومل شهاڻيءَ جهڙن تعليمدانن ۽ سماج سڌارڪن هڪ طرف سنڌ ۾ آدرشي ۽ اخلاقي تعليم جي پرچار تي زور ڏنو تہ ٻئي طرف هندو سماج مان ڪُرسمن (خراب رسمن) ۽ براين کي پاڙئون پٽڻ جو ڪم بہ هٿ ۾ ڪنيو. اهڙي ماحول جو ڄيٺمل تي اثر پوڻ سياويڪ هئو.

ڄيٺمل حيدرآباد سنڌ جي عامل ڪٽنب ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ جي مالي حالت اهڙي هئي، جو آندي نيندي تي گذر ڪندو هئو. انهيءَ جو اثر ڄيٺمل جي پڙهائي تي بہ ٿيو. جو هو ڪاليجي تعليم پرائي نہ سگهيو. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ ئي ورتي. ان بعد ثانوي تعليم ساڌو نولراءِ ۽ ساڌو هيرانند جي برپا ڪيل "يونين اڪادميءَ" ۾ پرايائين. ان اسڪول مان ئي هن، سنہ 1902ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جو مئٽريڪيوليشن امتحان پاس ڪيو. اسڪولي جيون ۾ ئي ڄيٺمل کي

خوشقسمتيءَ سان سٺي سنگت حاصل ٿي، جنهن سندس زندگيءَ کي صحيح موڙ ڏنو.

چيتمل ٻارهن کن سالن جو هئو ته سندس دوستي واڌومل گيانچند چٽناڻيءَ سان ٿي. هو سنت سپاءِ جو نينگر هئو ۽ حيدرآباد ۾ ”هو پفل سوسائٽي“ نالي سان هڪ هم عمر ساٿين جي ٽولي برپا ڪئي هئائين، ان جو مقصد هئو نوجوانن ۾ سٺا سنسڪار وجهڻ ۽ پروپڪار جا ڪم ڪرڻ. هو ڀائي ڪلاچند (1867_1911) نالي سنت جو شش هئو ۽ نت نيم سان سندس ٽڪاڻي ۾ ستسنگهه ۾ شريڪ ٿيندو هئو. ڀڄن ڪيرتن ڪندو هئو. افسوس جو واڌومل ويهن سالن جو ڦوهه جوانيءَ ۾ ئي سنه 1905ع ۾ پرماتما کي پيارو ٿي ويو. پر هن ستسنگهه جو جيڪو ٻج ٻين ساٿين ۾ پوکيو اهو سمي گذرندي وڌي وڻ ٿيو.

”هوپفل سوسائٽيءَ“ جو نالو ڪجهه عرصي بعد بدلائي ”هندو ڪمار منڊلي“ رکيو ويو. ان جا ميمبر پاڻ کي ”هندو ڪمار“ سڏيندا هئا. اهي سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن سان گڏ، ڀائي ڪلاچند جي ٽڪاڻي ۾، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ميڙن ۾ ۽ ٻين ستسنگن ۾ ڀڄن – ڪيرتن به ڪندا هئا. چيتمل پڻ انهيءَ ڪمار منڊلي جو ميمبر بڻيو. سندس ٻيو هڪ دوست هئو منگهارام. جيڪو ان ڪمار منڊليءَ ۾ ڀڄن ۽ صوفي ڪلام مٺي سر سان ڳائڻ ۾ پڙ هئو. هن جي دل چيتمل سان ننڍي هوندي کان ئي ٻجهي ويئي، ۽ سندن پريت عمر پر قائم رهي. وڏا ٿيا ته مٿن ٿياسافيءَ جي ويچارن جو به گهڻو اثر ٿيو. پوءِ ته نت نيم سان انهيءَ سوسائٽيءَ جي ميڙن ۾ ويندا هئا. اتي چيتمل گيان، ڀڳتيءَ ۽ ڪرم جي سڌانتن جي، صوفي اصولن جي ۽ ٿياسافيءَ جي اونهن ويچارن جي پلٽ پلٽان ڪندو هئو ته منگهارام وري پنهنجي مڌر سر سان ڀڳتيءَ ڀاوَ سان ڀريل ڀڄن ۽ صوفي ڪلام ڳائي، محفل ۾ موج مچائيندو هئو. چيتمل جو اسڪولي جيون اجهو ان طرح گذريو. ٻالپڻ ۾ سندس ڪومل من تي جيڪي اثر پيا، اهي زندگيءَ پر تائين رهيا.

چيتمل اسڪولي تعليم پوري ڪرڻ بعد، روزگار جي لحاظ کان

ڪجهہ وقت حيدرآباد ۾ ڪتابن جو دوڪان ڪوليو. ان بعد هو انهيءَ اڪئڊمي اسڪول ۾ سنہ 1902ع ڌاري ماستر بڻيو جنهن مان مئٽريڪيوليشن امتحان پاس ڪيو هئائين. ڪجهہ عرصي بعد، هو ڪراچيءَ هليو ويو جتي پڻ ماستري ڪندو رهيو. سنہ 1910ع ڌاري ڄيٺمل ڪراچيءَ جي مشهور اسڪول "مدرستہ الاسلام" ۾ پاڙهيندو هئو. اُن سال اَمر ڏنو مل ڄڳتياڻي پڻ انهيءَ اسڪول ۾ ماستر هئو. ڄيٺمل ۽ لالچند ٻئي اڪئڊمي اسڪول جا شاگرد هئا ۽ ساڳين ڌرمي ۽ اخلاقي اثرن هيٺ نپنا هئا. مدرستہ اسڪول ۾ بہ ٻئي ساڳئي سال ماستر بڻيا. هم خيال هئڻ ڪري منجهن جيڪو پريت جو پيچ اسڪولي زندگيءَ ۾ پيو اهو ڏينهون ڏينهن پڪو ٿيندو ويو.

"مدرسة الاسلام" ۾ ڄيٺمل گهڻو وقت ٽِڪاءُ نہ ڪري سگهيو. ان بعد هو ڪراچيءَ جي نيو هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر بڻيو. جيڪي ڄيٺمل وٽ پڙهيا آهن، تن جي ساک آهي تہ سندن استاد جي شخصيت نهايت پر اثر هئي. هن پنهنجي شاگردن کي مذهبي ڪٽرپڻو تياڳي، سيني ڌرمن کي سمان ڀاونا سان ڏسڻ، سچ جي واٽ وٺڻ ۽ عالمي ڀائيچاري جو سنديش ڏنو. ڄيٺمل پاڻ بہ خوددار ۽ آزاد ويچارن وارو انسان هئو. هو جنهن ڳالهہ کي سچو ۽ صحيح سمجهندو هئو. انهيءَ تان رتيءَ ڀر بہ پٺتي نہ هٽندو هئو. پوءِ چاهي ان لاءِ کيس ڪهڙي بہ قرباني ڇو نہ ڏيڻي پوي. نيو هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر هئڻ دوران سندس هڪ اهڙو مسئلو آيو. جنهن جي ڪري کيس پنهنجي عهدي تان هٿ کڻڻو پيو. لالچند انهيءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

"1911ع ۾ وس جهڙي هيڊ ماستري ڇڏي ڏنائين، جو ٽڪن جي سوال تان سرڪار کيس ڀائي ڏنو. هيءُ پنهنجيءَ ٽي تہ ٻارن پنهنجن کي مان ماتا جا ٽڪا نہ ڏياريندس، ۽ سرڪار جي پاران ميونسپالٽيءَ جي هن جي مٿان گهر گهر تہ ٻارن کي ٽُڪا ڏيارِ نہ تہ خطا کائيندين. هن صفا جواب ڏنو تہ "اوهان کي جيڪا ڪاهڻي هجي سا ڪاهيو، مان پنهنجي ڳالهہ تان نہ مڙندس." هن جو دليل هيءُ هئو تہ ٻارن جي بدن ۾ ماتا جي

مرض جو ٻج وجهي، ماتا ڪان هنن ڪي جو چئجي ته ته بچاءُ ملندو سو سراسر وگيان جي ورڌ آهي. انهيءَ ڏارا پاڻ جو ڪٽر ويشنو هئو. سو ڳاڻ جي ٻج جا ٽڪا ٻارن کي ڪيئن ڏياري؟ اهو سوال برٽش پارليامينٽ تائين ويو. نيٺ سرڪار هن جي پچر ئي ڇڏي ڏني!.3

ڄيٺمل جڏهن حيدرآباد ۾ ماستري ڪندو هئو، تڏهن پنهنجي گروءَ سنت ڪلاچند جي زور بار سببان گرهست آشرم ۾ پير رکڻ قبول ڪيائين. ايڪويهن ڪن سالن جي ڄمار ۾ هن جي شادي حيدرآباد جي ڊاڪٽر ڪرپالاڻيءَ جي ڌيءَ سان ٿي، جيڪو مکي ٻگو مل جي آکهه مان هئو. ڄيٺمل جي پٽ رام پنهنجي پتا جون يادگيريون لکندي ڄاڻايو آهي ته "(منهنجو پيءُ) غريب گهر مان هئو. شاديءَ جو خيال نه هوس، پر مائٽن ۽ پائي ڪلاچند صاحبن تي زور آڻي شادي ڪرايس. ڏسجي ٿو ته شاديءَ کان پوءِ ڪنهن ڳالهه تان ماءُ سان رشتو سٺو نه رهيو ۽ هو ماءُ کان الڳ گهر ڪري ويٺو. مونکي جيڪا پنهنجي سانڀر آهي ته اسان جو گهر پنهنجي ناناڻي گهر سان بلڪل لڳو لڳ هو. وچان دروازو هوندو هو، جو بند نه رهندو هو. پوءِ هو ڪياڻي بلڊنگ ۾ ڪچي ۾ رهندا هئاسين. ڪنهن وقت پريس به انهيءَ پوهو ڪياڻي بلڊنگ ۾ هئي. شروع ۾ هڪ ڪتابن جو دوڪان شايد کوليو هئائين، پر پوءِ بند ڪيائين. ڪتاب شايد پاڻ ئي پڙهندو هو."4

ڄيٺمل کي ٽي پٽ ۽ ٻه ڌيئرون هيون. پهريون ٻار راڌي هئي، جنهن جو جنم سنه 1908ع ۾ ٿيو. ڄيٺمل جي ٽن پٽن جا نالا آهن: موهن (جنم 1910)، رام (جنم 1914) ۽ ڪشن (جنم 1919). رام جي شادي سنه 1936ع ۾ لالچند جڳتياڻيءَ جي ڌيءَ سان ٿي. ڄيٺمل جي ٻي ڌيءَ هري سنه 1912ع ۾ ڄائي هئي. ڪٽنب وڏو ۽ ڪمائي پوري ساري، ان ڪري ڄيٺمل جي سڄي عمر پيسي جي خيال کان تنگيءَ ۾ گذري. ڄيٺمل کي فقط هڪ پاءُ آوتراءِ هئو جيڪو ڪتابن ڇپائڻ ۽ پريس سنڀالڻ ۾ گهڻو وقت سندس ٻانهن ٻيلي هئو. ڄيٺمل جي سنتان مان هن وقت رام حيات آهي، جيڪو بمبئيءَ ۾ رهي ٿو. سندس پٽن جا ڌنڌا جبرالٽر ۾ آهن ۽ هو ڪروڙن جا مالڪ آهن. عجب آهي ته لڇميءَ جي هيتري مهر هوندي

پڻ، پنهنجي ڏاڏي ڄيٺمل ۽ ناني لالچند جي اَڻ ڇپيل ادبي رچنائن کي ڇپائي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ پيسو بہ سندن هڙان نٿو نڪري.

سياسي ۽ سماجي ڪيتر ۾

سنہ 1911ع ۾ ڄيٺمل هيڊ ماستريءَ تان استعيفا ڏني تہ پوءِ ٻاويهہ کن سال وري ان لائين ۾ نہ گهڙيو. بس پوءِ تہ سياست ۽ صحافت، سنڌي ساهتيہ ۽ ٻولي، قومي هلچل ۽ سنڌ سڌار سندس جيوت جا مکيہ مرڪز بڻجي ويا. سنہ 1933ع ڌاري وري سنڌ نئشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو ۽ ست سال کن ان عهدي تي رهيو. ان هوندي پڻ هڪ دفعو جيڪا سنڌ ۽ سنڌين جي شيوا ڪرڻ جي لگن شروعاتي ڄمار ۾ لڳيس، سا ان عرصي ۾ بہ قائم رهي.

نيو هاءِ اسڪول، ڪراچيءَ مان سرڪار سان ٽُڪن (ويڪسينيشن) جي ڳالهہ تي اختلافن پيدا ٿيڻ سبب هو نڪتو تہ سماج ۽ ساهتيہ جي وڪاس جا ڪم هٿ ۾ کنيائين. پنهنجي ننڍڙي هوندي جي سنگتيءَ ۽ گهري دوست لالچند ڄڳتياڻيءَ ۽ ٻين ڪن هم خيال ساٿين کي ساڻ ڪري، سنہ 1914ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ **"سنڌي ساهت سوسائٽي"** برپا ڪيائين. اها سوسائٽي سهڪاري متي تي هئي، جنهن جي ڊائريڪٽرن جو هڪ بورڊ بہ ٺاهيو ويو. اول اِنهي جو نالو "سنڌي ساهت پرچار سوسائٽي" رکيو ويو پر سال کن بعد ان نالي کي ننڍڙو ڪري، فقط "سنڌي ساهت سوسائٽي" سڏيو ويو. جنوري 1914ع کان وٺي سوسائٽيءَ طرفان هڪ ماهوار ادبي رسالي جي شروعات ڪئي ويئي. هر مهيني هڪ ننڍڙو ڪتاب، ٽيهن-چاليهن صفحن جو شايع ڪيو ويندو هو. ان رسالي جو پهريون ڪتاب هئو "حر مڪيءَ جا" جنهن جو ليکڪ لالچند ڄڳتياڻي هئو. لالچند انهيءَ سوسائٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري بہ هئو ۽ ڄيٺمل پراسرار رسالي جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. سال ڏيڍ بعد ڄيٺمل ان عهدي تان استعيفا ڏني تہ پوءِ رسالي جي مهتمم جو بار لالچند جي ئي ڪلهن تي رکيو ويو. سال 1916ع کان وٺي، سوسائٽيءَ جي آفيس حيدرآباد مان

بدلائي ڪراچيءَ ۾ ڪئي ويئي ۽ رسالي جي ڇپائيءَ جو ڪم بہ ڪراچيءَ مان ٿيڻ لڳو. ان طرح سال 1916 کان وٺي، رسالي پرڪاشڪ ۽ ايڊيٽر لالچند ٿيو.

انهيءَ رسالي جي ماهوار پرچن سان گڏ، سوسائٽي هر سال ڪجهہ وڏا ادبي ڪتاب بہ شايع ڪندي هئي. اهڙن ڪتابن جي سلسلي ۾ پهريون ظاهر ٿيل ڪتاب "شاهاڻو شاهہ" آهي، جيڪو لالچند جو لکيل ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام جو تنقيدي جائزو پيش ڪندڙ هڪ عمدو تنقيدي ڪتاب آهي. سال 1914ع ۾ ماهوار پرچن جي سلسلي ۾ ڄيٺمل جا بہ ڪتاب شايع ٿيا، جيڪي آهن: (1) هير رانجهو ۽ سمون گندري، (2) مهاڀاري لڙائي. انهيءَ ساڳئي سال ۾ وڏن ڪتابن جي سلسلي ۾، آڪٽوبر 1914ع ۾، پنجون نمبر ڪتاب ڄيٺمل جو لکيل "ڀائي ڪلاچند"، سوسائٽيءَ مان ڇپائي ظاهر ڪيو. ان ڪتاب ۾ ڄيٺمل پنهنجي گروءَ جي جيوني (حياتيءَ جو احوال) ۽ ڪلام ڏنو آهي.

سال 1914ع ۾ هڪ طرف مهاڀاري لڙائي شروع ٿي ويئي تہ ٻئي طرف وري ڀارت ۾، ديش کي ڌارين جي غلاميءَ کان آجو ڪرائڻ جي جدوجهد نئين سر زور ورتو. سورهين جون 1914ع تي لوڪ مانيہ تلڪ ڇهن سالن جي ڪاري پاڻيءَ ۽ جلاوطنيءَ جي سزا ڀوڳي، برما جي مانڊلي جيل مان آزاد ٿيو هئو. هن پنهنجي شهر ۾ واپس پهچندي ئي وري "سوراج" هلچل ۾ نئون روح ڦوڪيو. بلڪہ 28 اپريل 1914ع تي، "انڊين هوم رول ليگ" نالي سان هڪ سنستا برپا ڪئي. ان جو مقصد هئو تہ قانوني طريقن سان، ڀارت لاءِ خود حڪومت ۽ "سوراج" جو حق حاصل ڪجي. ان ساڳئي نظرئي کي کڻي، ڊاڪٽر مسز اينِي بيسنٽ پڻ سيپٽمبر 1916ع ۾ "آل انڊيا هوم رول ليگ" برپا ڪئي. انهي هلچل کي گهڻو ٻل مليو. ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ذريعي، جنهن جون برانچون ڀارت جي مکيہ مکيہ شهرن ۾ هوءَ اڳ ۾ ئي شروع ڪري چڪي هئي. اهڙين حالتن هيٺ، ڄيٺمل جهڙو جوشيلو جوان فقط ساهت جي محدود دائري ۾ پاڻ کي پابند ڪيئن ٿي رکي سگهيو؟ هن سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي جوابدارين

ڪان پاڻ کي آجو ڪري، قومي هلچل کي پنهنجي جيون جو مکيہ مقصد بڻايو.

ڄيٺمل، اسڪولي جيون ۾ ئي، ائني بيسنٽ جي ٿياسافيڪل اصولن کان متاثر ٿي چڪو هئو ۽ مسز ائني بيسنٽ جو پڪو پوئلڳ بڻيو هئو. ان ڪري هو هڪدم پنهنجيءَ گروءَ جي شروع ڪيل هلچل ۾ ٽپي پيو. ڊاڪٽر بيسنٽ ٿياسافي مت جي پرچار لاءِ "ڪامن ويل" نالي انگريزي هفتيوار اخبار ۽ "نيو انڊيا" نالي روزاني انگريزي اخبار شروع ڪئي هئي. اهي پوءِ "هوم رول" هلچل جو بہ ڦهلاءُ ڪرڻ لڳيون. جهڙيءَ طرح بيسنٽ بنارس ۾ "سينٽرل هندو ڪاليج" برپا ڪرڻ ۾ مُکيہ رول ادا ڪيو تهڙيءَ طرح، سنہ 1917ع ۾ حيدرآباد ۾ "سنڌ نيشنل ڪاليج" جو بنياد وڌائين. ان ڪاريہ ۾ ڄيٺمل سنڌس ٻانهن ٻيلي ۾ مکيہ هئو.

ڪراچيءَ ۾ "آل انڊيا هوم رول ليگ" جي برانچ شروع ڪئي ويئي. ان جا هلائيندڙ هئا: (1) جمشيد نسروارن جي ميهتا (پريزيڊنٽ)، (2) درگداس بي. آڏواڻي (وائيس پريزيڊنٽ) ۽ هريرام ڏيارام ماڙيوالا (سيڪريٽري). حيدرآباد ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۽ آل انڊيا هوم رول ليگ جي پرچارڪن ۾ مکيہ هئا. ڄيٺمل پراسرام، سنتداس منگهارام، هيرانند سنتوڪرام ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، ڄيٺمل سنہ 1917ع ۾ حيدرآباد مان "هند واسي" نالي سان روزاني سنڌي اخبار جي شروعات ڪئي، جنهن لاءِ مالي مدد ڪيس رئيس ڀرڳڙي ۽ ٻيا دانوير ڪرڻ لڳا. ان اخبار جو مکيہ مقصد هئو. سنڌي عوام ۾ قومي سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ "هوم رول" جي آواز کي ڦهلائڻ. اها اخبار شروع ۾ لوڪرام نٿنارام شرما ۽ وشنو نٿنارام شرما جي برپا ڪيل "سنڌ ڀاسڪر پريس" مان ڇپبي هئي. لوڪرام شرما ان پريس مان "سنڌ ڀاسڪر" نالي سان سنہ 1911ع کان وٺي ديوناگري سنڌي اکر ۾ هڪ ماهوار رسالو شايع ڪندو هئو. ان جو مکيہ مقصد هئو قومي ڀاونا ۽ خاص طور لوڪمانيہ تلڪ جي سياسي ۽ ڌرمي ويچارن جو ڦهلاءُ ڪرڻ. "هند واسي" اخبار جي هلائڻ ۾ ڪجهہ مهينا لوڪرام شرما پڻ ڄيٺمل جو ساٿ ڏنو. پر پوءِ ڪن قومي سوالن تي

جيٺمل سان اختلاف تي پوڻ سببان، هو انهيءَ اخبار کان ڪنارو ڪري ويو. ان بعد، لوڪرام سمورو ڏيان پنهنجيءَ شروع ڪيل ہي اخبار "هندو" تي ڏيڻ لڳو. سنہ 1916ع ۾ هن ديوناگري - سنڌيءَ ۾ هفتيوار "هندو" اخبار شروع ڪئي هئي. ان کي پوءِ هن "هندواسي" جي مقابلي ۾ آڻڻ لاءِ روزاني اخبار بڻايو ۽ لپي بہ بدلائي عربي - سنڌي ڪيائين.

جيٺمل جي "هند واسي" مکيہ طرح ائني بيسنت جي ٿياسافي ويچارن ۽ سندس سياسي نيتيءَ "هوم رول" جي اصولن جو ڦهلاءُ ڪندڙ هئي. ٻئي طرف "هندو" اخبار گهڻي قدر مهاتما گانڌيءَ ۽ لوڪ مانيہ تلڪ جي ويچارن جي پٺيرائيءَ ڪرڻ جو واهڻ بڻي.

مهاڀاري جنگ نومبر 1918ع ۾ ختم ٿي، جنهن ۾ برطانيہ سلطنت ۽ سندس ساٿين جي سوڀ ٿي تہ جرمنيءَ جي هار. جنگ دوران انگريز سرڪار هندستان جي اڳواڻن سان جيڪي واعدا ڪيا هئا، انهن کي پاڙي نہ ڏنو. الٽو هن ڏاڍائيءَ ۽ زور زبردستيءَ کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. 15 مارچ 1919ع تي برطانيہ سرڪار رولٽ ائڪٽ پاس ڪيو جنهن مطابق، سرڪاري عملدارن کي اختياري ڏني ويئي تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي شڪ پوڻ جي حالت ۾ گرفتار ڪري، بنان ڪنهن مقدمي هلائڻ جي، ڪيس نظربند رکي سگهن ٿا. انهيءَ کان سواءِ پريس تي بہ پابنديون وڌايون ويون. مهاتما گانڌي، ٽيهين مارچ تي ساري ديش ۾ عام هڙتال ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. پر پوءِ اهو ڏينهن بدلائي ڇهين اپريل تي مقرر ڪيو ويو - ٽيهين مارچ 1919ع تي دهليءَ ۾ آريہ سماجي اڳواڻ سوامي شرڌانند جي اڳواڻيءَ هيٺ نڪتل جلوس تي گولي باري ٿي تہ تيرهين اپريل تي، ويساکيءَ جي شڀ ڏينهن تي آمرتسر ۾ جليان والا باغ ۾ سوين بيگناهہ ڀارت واسين جو قتل عام ڪيو ويو. انهيءَ تان سڄي ديش ۾ جوش جي لهر ڦهلجي ويئي. (اهو واقعو جليان والا باغ سانحي جي نالي سان مشهور آهي)

جيٺمل گرفتار

انهن دل ڏهڪائيندڙ واقعن جو ذڪر ڪندي، جيٺمل هند واسيءَ

۾ برطانيہ سرڪار جي ظلمن ۽ ارهہ زوراوريءَ تي زوردار لفظن ۾ چوهہ چنبڊيا. شاهہ لطيف جي ڪلام مان هڪ بيت جي ٽُڪ (فقري) ڪي پنهنجن سمپاد ڪي ويچارن (ايڊيٽوريل) جو سرو بڻايائين. اها هيٺ ڏنل بيت جي آخري سٽ هئي.

اڳيان اڏن وٽ، پونين سر سنباهيا،
ڪاٽ تہ پوين قبول ۾، مچڻ پائين گهٽ،
متا مهاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ؟
ڪلالڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

بس اِهو ليک پڙهندي ئي ممڻ مچي ويو. 16 مئي، 1919ع تي چيتمل کي، انهيءَ سمپاد ڪي ليک لکڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو.

چيتمل ۽ سورلي

چيتمل تي سورلي (ايچ ٽي سورلي) نالي هڪ انگريز جج جي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. پوليس جيڪي گواهہ پيش ڪيا، تن اِنهيءَ بيت جي معنيٰ سمجهائيندي چيو تہ انهيءَ ذريعي عوام کي بغاوت ڪرڻ ۽ قتل ڪرڻ لاءِ سڏ ڏنو ويو آهي. سورلي ويچارو ان زماني ۾ سنڌي ٻولي ايتري نہ ڄاڻيندو هئو، جو اِنهيءَ بيت جي صحيح مفهوم کي سمجهي سگهي. گواهن جي غلط سمجهاڻين تي ويسهہ (اعتبار) ڪري، هن چيتمل کي ڇئن سالن لاءِ قيد جي سزا ڏني. چيتمل جي اپيل لاءِ بمبئي مان بئريسٽر ٻَپستا کي گهرايو ويو جيڪو لوڪمانيہ تلڪ جو گهرو سنگتي هئو. هن جي گهڻن ئي دليلن جي باوجود، چيتمل کي ڏوهي مڃيو ويو. جيتوڻيڪ سندس قيد جي سزا گهٽائي ٻہ سال ڪئي ويئي، ۽ هڪ هزار روپيا ڏنڊ وڌو ويو. چيتمل پوني جي يرودا جيل ۾ قيد جي سزا 9 سال کن ڀوڳي چڪو هئو تہ برطانيہ سرڪار مهاتما گانڌيءَ ۽ ٻين سياسي اڳواڻن سان ناهہ ڪيو ۽ قانون ۾ ضروري سڌارا ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان مطابق سنہ 1920ع ۾ ڊسمبر مهيني ۾ اَمرتسر ۾ سڏايل انڊين نيشنل ڪانگريس جي سميلن کان اڳ، سڀني سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو.

ڄيٺمل تہ قيد جي سزا ڪان آجو ٿيو پر ٻئي طرف سورلي صاحب ڪي شاھہ لطيف اھڙو تہ قيد ۾ پئو جو هو يا عمر اُن مان آجو ٿي نہ سگهيو. ڪيس هلائيندي هن شاھہ لطيف ۽ سندس ڪلام بابت گهڻو ڪجهہ پڙهو هئو. اِنهيءَ ڪري سندس جڳياسو (سجاڳ) من ۾ سپاويڪ اُڻ تڻ پيدا ٿي تہ اهڙي اعليٰ شاعر جي ڪلام جو ڳوڙهو اڀياس ڪري ڏسان، جنهنجي فقط هڪ بيت جي جدا جدا ماڻهن الڳ الڳ معنيٰ ٿا ڪن. بس، پوءِ تہ سنڌ ۾ رهندي، سرڪاري جوابدارين کي منهن ڏيندي، هو سنڌي ٻوليءَ ۽ شاھہ لطيف جي ڪلام جو ڳوڙهو اڀياس ڪندو رهيو. آخر سنڌ جي هن عظيم شاعر تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن جو نالو آهي

"Shah Abdul Latif of Bhit His Poetry, Life and Times."

اهو ڪتاب پهريون دفعو سنہ 1940ع: ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، لنڊن مان ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ شاھہ لطيف بابت هڪ بنيادي تحقيقي مقالو آهي. (اها ئي شاھہ لطيف تي دنيا ۾ پهرين پي ايڇ ڊي هئي)

ڄيٺمل قيد جي سزا ڀوڳيندي جيڪي ڪٿا منا آزمودا حاصل ڪيا، تن جو دلچسپ ورڻن "ترنگهہ جو تيرٿ" نالي ڪتاب ۾ ڪيو اٿس. اِهي آزمودا هن پنهنجيءَ اخبار ۾ قسطن ۾ ڏيڻ شروع ڪيا هئا، جيڪي پوءِ گڏ ڪري ڪتابي روپ ۾ ڇپايائين. (اهو سنڌي ادب ۾ جيل تي لکيل پهريون ڪتاب آهي)

ڄيٺمل جي آجيان

ڄيٺمل جا ساٿي ڳالهہ ٿا ڪن تہ قيد مان آزاد ٿيڻ بعد، جڏهن ڄيٺمل حيدرآباد سنڌ پهتو تڏهن کيس جيڪا شاندار آجيان ملي، اُها سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن بہ سياسي اڳواڻ کي اُن زماني ۾ نہ ملي هئي. وشن جڳتياڻيءَ ان جو ذڪر چڱي وستار سان ڪندي لکيو آهي:

"پروفيسر ڄيٺمل جي جيل مان آزاد ٿيڻ جي خبر حيدرآباد شهر ۾ وڄ وانگر پکڙجي ويئي ۽ سندس آجيان لاءِ هر طرح جون تياريون ٿيڻ لڳيون. ڇا ننڍا ڇا وڏا، ڇا زالون ڇا مرد، اُتساھہ وچان کيس آجيان ڏيڻ لاءِ

منتظر تيڻ لڳا. جنهن ڏينهن پروفيسر چيتمل آزاد تي، حيدرآباد پهچڻو هو تنهن کان هڪ رات اڳ ۾ ڪيترائي دوڪاندار سڄي رات جاڳي. قلعي کان وٺي سري گهاٽ تائين، بازار سينگارڻ کي جنبي ويا. گهٽين گهٽين جي منهن تي انيڪ پرڪارن جي دلي دروازا ٽنگيا ويا. ساري بازار کي ڪپڙن سان ڍڪيو ويو. جنهن ڪري اُس جو ترڙڪو بہ اندر نٿي آيو. مٺائيءَ وارن حلوي ۽ ميسوءَ جي چڪين جون لڙون نوڙين ۾ پهي، ڪٺي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين ٽنگيون هيون. ٺيڪرين ٺڪرن جا ٿانو پتل ۽ ٽامي جا ديڳڙا ۽ بالٽيون، ٽين وارن ٽين جو سامان، ميوي وارن انب، ڪيلا، صوف، ناسپاتيون ڪٺي بازار ۾ قطارون ڪري سينگاريون هيون. وڏي عمر وارن تہ ائين پئي چيو تہ اسان جو شهر اِندرپري تي پيو آهي. سڄي عمر ۾ هھڙو اُتساهہ ۽ چهچٽو ڪو نہ ڏٺوسين. اِهو سارو ڪم ڪنهن خاص ڪاميٽيءَ ڪو نہ ڪيو ۽ نہ وري ڪو چندو چيرو ڪيو ويو. سيني شهر واسين پنهنجي اُمنگيہ ۽ جذبي وچان ڪيو. اسٽيشن تي پهچڻ شرط پروفيسر چيتمل کي هارن سان جهنجهي چڏيو ويو. ڪيس وڪٽوريا ۾ ويهاري، بادشاهن وانگر سونهري چٽي متائين جهلي، جوان اُمنگ وچان گاڏيءَ جا گهوڙا ڇوڙي، وڪٽوريا پاڻ ڪاهڻ لڳا. سرگس سان بئنڊون، دهلاري، شرنائي وڄائڻ وارا ۽ پڃنيڪ ٽوليون موج مچائينديون پئي هليون. رستي تي ڪيترن هنڌ مٿس سڳنڌي پاڻيءَ جي ورڪا ڪئي ويئي، پتاشا ۽ پئسا گهوري مٿائنس اُڇلائيندا پئي ويا ۽ گهٽين گهٽين وٽ گاڏيءَ کي بيهاري، پشپ مالها، ڦل ڦول پيتا ڪري پئي ڏنا ويا. سرگس کي اسٽيشن کان سري گهاٽ تائين پهچڻ ۾ ڇهہ ڪلاڪ لڳي ويا. شام جو هومسٽيڊ هال ۾ عام ميڙ ۾ نگرواسين پاران مانپتر ڏنو ويو ۽ شري فتح چند ٻجاسنگهہ سندس آجيان ۾ جيڪو راڳ "چيتمل تنهنجي سر تان صدقي سوين هزارين" ڳايو سو اڄ بہ اسان جي ڪنن ۾ گونججي رهيو آهي."(5)

"هند واسي ۽ پارت واسي"

"هند واسي" آخبار جو ذڪر ڪندي، لالچند جڳتياڻيءَ لکيو

آهي "راڄنيتي، جا سنڌ چا بلڪ ساري هند ۾، صرف پارهين پارهين مهيني، ناتال ڏاري، ڪانگريس جو ميڙ ٿئي، تڏهن ڪجهه چرندي پرندي هئي. تنهن کي مائي بيسنٽ جي آثر هيٺ آڇي، هن روز مره جو ڪرتو به بڻايو. اُنهيءَ آثر هيٺ هن (ڄيٺمل) 1917 ڌاري، سنڌ ۾ هوم رول ليگ جي شاخ کولي. اُنهيءَ سنبنڌ ۾ اخبار نويسيءَ کي نئون ور ڏياريائين. هنجي "هند واسي" اَخبار نڪري ته هٿون هٿ کپي وڃي. لوڪ ڪو انهيءَ کي چاهه سان پڙهن! هو نرپئہ هو مت پڪ، کهڙي به وڏ وڏيري جي لاڪ لاهيندي هي سانگو نہ ڪري. هنجا سو لهجي وارا چٽڪا ۽ چمڙا پوش جون آکاڻيون اڄ به پڙهه ته هيانوَ ۾ گهڙيو وڃي.

ساميواد جي چرچا سنڌ ۾ پهرين پهرين اَدي ڄيٺمل جي تي پرشارت سار ڏٺي هاري حقدار جو هوڪو (اعلان) به اَول اَول هن ئي ڏنو. پر هن جي پيڙهه جڙواد تي نہ ستيہ واد تي ٻڌل هئي." (6)

ڄيٺمل جي گرفتار ٿي وڃڻ بعد، "هند واسي" اخبار هلائڻ جون واڳون، سنڌ جي سياسي ٿمورتيءَ ورتيون. اهي هئا جئرامداس، پروفيسر گهنشيام شوداساڻي ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي. سنہ 1920 ۾ جڏهن مهاتما گانڌيءَ اَسهڪار آندولن شروع ڪيو تڏهن هن ٿمورتيءَ به اُن ۾ ڀرو ورتو. ڪين ڍپ هئو ته متان سرڪار اِها آخبار ضبط نہ ڪري انهيءَ ڪري هنن اَخبار جو نالو بدلائي "ڀارت واسي" رکيو ۽ ڪجهه عرصي بعد اِنهيءَ کي روزاني اَخبار جو نالو بدلائي هفتيوار ڪيائون. سنہ 1920ع ۾ ڀارت واسي روزاني اخبار جو ايڊيٽر جئرامداس دولترام هئو. سال 1921ع ۾ ڄيٺمل پرسرام اَخبار جون واڳون سنڀاليون ۽ 1923 تائين اُن کي روزاني اَخبار جي روپ ۾ هلائيندو رهيو. هن 1924ع ۾ ڀارت واسيءَ کي هفتيوار اخبار بڻايو ۽ سنہ 1925ع تائين ان کي باقاعدي هلائيندو رهيو اُن بعد اِها اَخبار بند ٿي ويئي. اِنهن چئن ڪن سالن واري دور ۾ ڄيٺمل ڀارت واسيءَ ۾ سنڌي اَدب جي جدا جدا وشين تي تنقيدي مضمون لکندو رهيو. ترنگ جو تيرٿ، شاهه جون آکاڻيون، چمڙا پوش جون آکاڻيون، سنڌي ۾ هِجي ۽ اَعرابن جا مسئلا، جدا جدا سنڌي ڪتابن ۽ ناٽڪن تي آلوچنا،

وغيره وشين تي اِنهيءَ عرصي ۾ هن گهڻو ئي لکيو. اُن مان گهڻو سرمايو پوءِ وري ڪتابن جي صورت ۾ بہ ڇپائي ظاهر ڪيائين. اِنهن سالن ۾ "پارت واسي" اَدبي موضوعن تي بحث مباحثا جو هڪ سٺو سنوڻ ثابت ٿي.

جون 1920 ع جي پهرئين هفتي ۾ الله آباد ۾ "آل انڊيا خلافت ڪانفرنس" ۾ اَسهڪار آندولن يا خلافت هلچل جو مهاتما گانڌيءَ اعلان ڪيو. مسز ائني بيسنٽ مهاتما گانڌيءَ جي انهيءَ خلافت هلچل جي پٺڀرائي نہ ڪئي. ڄيٺمل پرسرام ۽ سندس ڪجهہ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جا ساٿي بہ اِن ڪري مهاتما گاڌيءَ جي اِن هلچل جي مخالفت ڪرڻ لڳا. سنہ 1921 ۾ 24 کان 30 اَپريل تائين مهاتما گانڌي جڏهن سنڌ جي دوري تي آيو، تڏهن ڄيٺمل ۽ سندس ساٿي وڪيل سنتداس منگهارام حيدرآباد ۾ گانڌي جيءَ سان روبرو مليا ۽ سندس نيتيءَ کي غلط ڄاڻايائون. اِنهيءَ قدم ڪري ڄيٺمل ڪانگريس کان بلڪل ڪٽجي ويو.

سنڌي ساهتيہ جا گهڙا پيرڻ

جيل مان نڪرڻ کانپوءِ ڄيٺمل جو مکيہ شغل اَخبار نويسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ شاهڪار عمدي معيار وارا ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪرڻ بڻيو. سنہ 1921 ع هن "روح رهاڻ" نالي سان ماهوارمخزن شروع ڪئي. اُنهيءَ ۾ گهڻو ڪري صوفي مت، ٿياسافي، سناتن هندو ڌرم جي فلاسافي ۽ اُنهيءَ جي ٻين ڌرمن جي اُصولن سان ڀيٽ، وغيره وشين تي گوڙها مضمون شايع ٿيندا هئا. اُهي ڄيٺمل پاڻ توڙي ٻيا ليکڪ لکندا هئا. مرزا قليچ بيگ جو فرزند، مرزا نادر بيگ پڻ اِن مخزن ۾ ڇگهو عرصو ڄيٺمل جو ٻانهن ٻيلي هئو. "روح رهاڻ" سنہ 1944 تائين باقاعدي جاري هئي. اُن بعد، اُنهيءَ جو سلسلو ٽٽي پيو.

سنہ 1922 ع ۾ ڄيٺمل "نئين سنڌي لئبرري" نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو شايع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جو ساليانو چندو فقط ڏهہ روپيا رکيو هو ۽ سال ۾ ڏهين روپئين جا عمدا سنڌي ڪتاب ميمبرن کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. اِنهيءَ سلسلي ۾ ڄيٺمل جيڪو پهريون ڪتاب

ڇپائي ظاهر ڪيو اُهو آهي ”شاهہ جون آکاڻيون“ ڀاڱو پهريون. ڪتاب جو ليکڪ خود ڄيٺمل هئو. هن شاهہ جي رسالي ۾ آيل ڇهہ آکاڻيون اِن ڪتاب ۾ ڏنيون. اُهي آهن - سهڻي - ميهار، حسن حسين، مومل - راڻو، راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، ڄام تماچي ۽ نوري. اِهو ڪتاب ”پارت واسي پريس“ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ پريس جو مالڪ هئو ڄيٺمل جو ڀاءُ آوتراءِ. ڪتاب ”سنڌي ساهت پبلشنگ ڪمپني“ نالي سان ڇپائي ظاهر ڪيو ويو. پهرئين سال ۾ گراهڪن کي جيڪي سنڌي ڪتاب ڏنا ويا، اُنهن مان ڪجهہ آهن: هئلميٽ، دکي اِنسان ۽ سچل سرمست.

اِنهيءَ ساڳئي سال ڄيٺمل ٻہ ٻيا بہ ڪتابي سلسلا جاري ڪيا. جن جا نالا آهن - ”سستو عمدو ساهت مالا“ ۽ ”برهم وديا مالا“ پهرئين ڪتابي سلسلي هيٺ اَصلوڪن لکيل ڪتابن سان گڏ، جدا جدا ٻولين جي ساهتيہ مان چونڊ شاهڪار رچنائون اُلٿو ڪري گراهڪن کي ڏنيون ويندڙيون هيون. ”برهم وديا مالا“ هيٺ وري گهڻو ڪري الڳ الڳ ڌرمن جي ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب، آتم درويشن، ٿياسافي، فلاسافيءَ جي عام پڙهندڙن کي سليس نموني معلومات ميسر ڪندڙ ننڍڙا ڪتاب شايع ڪيا ويندا هئا. اِنهن ڪتابي سلسلن هيٺ ڄيٺمل سنڌيءَ ۾ هڪ سئو کان بہ مٿي سنڌي ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيا. اُن زماني ۾ سنڌي ساهتيہ جي اِها هڪ لاثاني خدمت هئي. سنڌي ساهتيہ جا گهڻا پرڻ لاءِ راجرشي ڏيارام گدو مل شهاڻيءَ جو پٽ شري ڪيولرام، ڄيٺمل کي باقاعدي مالي مدد ڪندو رهيو. اِنهيءَ کان سواءِ ٻيا سنڌي دان وير پڻ هن ساهتيڪار جي سهائتا ڪندا رهندا هئا. اِنهن سلسلن جا گهڻا ڪتاب بلئو ٽسڪي پريس، ٻنڌو آشرم، حيدرآباد سنڌ ۽ پارت واسي پريس ۾ ڇپيل آهن.

”سنڌ هيرلڊ“ ۽ ”پرڪاش“

ڄيٺمل کي اَخبار نويسيءَ جو جيڪو چسڪو هڪ دفعو لڳي چڪو هئو، تنهن کيس آرام سان وهڻ نہ ڏنو. سنہ 1928ع ڌاري ڄيٺمل ڪراچيءَ ۾ وچي پريس کولڻ جو فيصلو ڪيو. سندس گهرواريءَ ڏيئرن

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

جي شاديءَ لاءِ ٿورا پئسا حيدرآباد جي ڪڪر ڪمپنيءَ ۾ بچائڻ شروع ڪيا هئا. بس، ڄيٺمل جي اڪ اُنهي بچت واريءَ رقم تي پيئي. زال کي جيئن تيئن ڪري مڃاياائين. اُتان تيرهن ڪن هزار مليس. حيدرآباد مان لڏو پٽي وڃي ڪراچيءَ پهتو. ڪتنب لاءِ رتن تلاءَ تي سمر هائوس مسواڙ تي ورتائين ۽ امپيريل بئنڪ مئڪلاڊ روڊ، ميري ويدر ٽاور جي پر ۾ "راجا پرنٽنگ پريس" نالي سان ڇاپخانو برپا ڪيائين. اڪيلي سر روزاني اَخبار ڪي منهن ڏيڻ مشڪل سمجهي، ڄيٺمل پنهنجي گهاٽي دوست لالچند جڳتياڻيءَ کي بہ ڪراچيءَ گهرائي ورتو. پوءِ سولجر بازار ۾ برنو روڊ تي هڪ بنگلو اَسي روپيا ماهوار مسواڙ تي ورتائين. پاڻ ڪتنب سوڊو مٿي پهرئين ماڙي سان گڏ. ان بنگلي ۾ هيٺئين طبقي ۾ رهڻ لڳو.

سنہ 1929ع ۾ ڄيٺمل ڪراچيءَ مان "سنڌ هيرلڊ" نالي سان انگريزيءَ ۾ هفتيوار اَخبار جاري ڪئي. اُن جي هلائڻ ۾ پوءِ گرديال ملڪ ۽ "هندستان" سنڌي اَخبار ۾ ڪم ڪندڙ شالتي شهاڻي بہ آچي سندس ٻانهن ٻيلي ٿيا. "سنڌ هيرلڊ" جو پهريون پرچو سمورو آرٽ پيپر تي ڇاپيو ويو ۽ سنڌ ۾ اِن جي تمام گهڻي آجيان ٿي. ڄيٺمل جيِ اخلاق جي اِنهيءَ مان پائيءَ پانت ساک ٿي ملي تہ هو پنهنجيءَ اَخبار ۾ ڪڏهن بہ شراب جي وڪري جا اِشتهار نہ ڇاپيندو هئو.

ڪراچيءَ مان ڪجهہ عرصو اڳ ۾، گوپالداس ليکراج "پرڪاش" نالي سان سنڌي اَخبار شروع ڪئي هئي. سال 1929 ۾ اِنهيءَ اخبار جو مهتمم بہ ڄيٺمل ٿيو ۽ لالچند کي ٻانهن ٻيلي بڻايائين. پر اِها اَخبار ٽي ڪن سال مس هلي سگهي.

سال 1931ع ۾ "سنڌ هيرلڊ" جو سنڌي ايڊيشن روزاني اخبار جي صورت ۾ بہ نڪرڻ لڳو جنهن جو سمپادڪ پڻ ڄيٺمل هئو.

ڄيٺمل جي پٽ رام، اُن زماني جون يادگيريون قلمبند ڪندي لکيو آهي تہ اِنهيءَ دور ۾ سندس پتا کي چڱوئي نقصان پيو. هو قرض کڻي پيو خرچ کي منهن ڏيندو هئو. پوءِ ڪجهہ عرصو منگهارام مهتاڻيءَ سنڌ هيرلڊ جي خرچ پکي ۽ وڪري جون واڳون سنڀاليون تہ هر مهيني ٽي هزار

ڪن روپيا فائدو ٿيڻ لڳو. ڄيٺمل ڪيِ اِنهيءَ اَخبار جي دوران گهڻا ئي لڪ لنگهڻا پيا. سنہ 1932 ع جي ڳالهہ آهي تہ هڪ انگريز پادريءَ فرنٽيئر پراولس ۾ انگريزن جيڪي ظلم ڪيا هئا، تن تي هڪ رپورٽ لکي. ڄيٺمل پنهنجي اَخبار ۾ اها رپورٽ ڇپي تہ سرڪار هڪدم سندس پريس ضبط ڪري ڇڏي. پوءِ بابي ڪشنچند عام ليلام ۾ اها پريس خريد ڪئي ۽ حيدرآباد ڪڍائي ويو. اِن طرح "سنڌ هيرلڊ" ڇڱو عرصو بند رهي.

سنڌ نئشنل ڪاليج ۾

سال 1933 ع ۾ ڄيٺمل سنڌ نئشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. جيتوڻيڪ هو فقط مئٽرڪ پاس هئو. تنهن هوندي پڻ، بمبئيءَ سرڪار ڄيٺمل جي علم ۽ اَدبي شيوائن کي ڏسي، کيس اُن عهدي تي تسليم ڪيو. جيڪي هن وٽ پڙهيا آهن، اُهي ڳالهہ ٿا ڪن تہ ڄيٺمل کي مقرر ڪيل ڪورس پورو ڪرائڻ جي ڪابہ ڇنتا ڪانہ هوندي هئي. بس، جڏهن صوفي ڪلام سمجهائڻ شروع ڪندو هئو تہ پنهنجي وسيع علم ۽ آتم گيان جي پلٽ پلٽان ڪري ڇڏيندو هئو. ڪلاس ۾ ويٺل شاگرد بہ هڪ منا تي گيان جي اُٿاهہ ساگر ۾ پيا ٽٻيون ڏيندا هئا.

قومي ۽ سماجي ڪيتر ۾

ڄيٺمل ست اٺ سال انهيءَ ڪاليج ۾ پاڙهيو. اِنهيءَ دوران بہ هن جو قلم ڪو بند ڪونہ ٿيو. بمبئي پريزيڊنسيءَ کان سنڌ کي الگ ڪرڻ جي سوال تي لڳاتار پنهنجيءَ لکٽيءَ ۽ تقرير رستي پنيرائي ڪندو رهيو. مزي جي ڳالهہ اِها تہ ٻيا گهڻا هندو اڳواڻ اِنهيءَ جي خلاف هئا. پر ڄيٺمل پنهنجيءَ راءِ تي آڏول بيٺو رهيو ۽ سنڌي مسلمانن جو ساٿ ڏنائين، جيڪي سنڌ جي عليحدگيءَ لاءِ سالن کان جدوجهد ڪري رهيا هئا. نيٺ اُپريل 1936 ع ۾ سنڌ جدا پر ڳڻو بڻيو.

اِن عرصي ۾ ڄيٺمل زميندارن جي ظلمن جي اوگهڙ ڪندي، "هاري حقدار" جو نعرو پڻ بلند ڪيو ۽ غريب ڪڙمين، پورهيتن جي

ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. ٻئي طرف، سنڌ ۾ ”سوديشي هلچل“ (Buy Indian) جي پرچار لاءِ بہ ڏينهن رات جدوجهد ڪندو رهيو. ڄيٺمل جي پٽ رام لکيو آهي تہ 1935 ۾ ”باءِ انڊين“ هلچل شروع ڪيائين. ڏسجي ٿو تہ جيڪا بہ ڳالهہ شروع ڪندو هو تنهن کي پنهنجي اَصليت هوندي هئي. لامبرٽ مارڪيٽ، شرٽاگتيءَ جي ويجهو ”باءِ انڊين“ دوڪان نڪتا ۽ اجا بہ اُنهيءَ کي لوڪ پريہ بڻائڻ لاءِ شام جو مسافر خاني جي پرسان ”باءِ انڊين“ ميلو بہ شروع ڪيائين ۽ ڪتان ڪتان جا صوفي فقير ڳائيندڙ ۽ بيا ڪنا ڪيائين. ڪافيون ۽ پڳتيون اَهڙيون تہ لڳيون ماڻهن جا هشام آچڻ لڳا. ”باءِ انڊين“ ٿيڻ جو شونق هڪ پاسي، پڳتي ۽ ڪافين جو سر ٻئي پاسي.

ڄيٺمل سنڌ جي ٿياسافيءَ جي پرچار ۽ ڦهلاءَ ڪرڻ ۾ بہ وسان نہ گهٽايو. اِن سوسائٽيءَ جون شاخون ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد شهرن ۾ گهڻو اڳ برپا ٿي چڪيون هيون. ڄيٺمل اُنهن جي ڪاروبارين ۾ مکيہ هئو. پروفيسر هريرام بڻائي، جيڪو حيدرآباد سنڌ ٿياسافيڪل لاج جو سيڪريٽري هئو تنهن لکيو آهي ”آءٌ ٿياسافيڪل لاج جو سيڪريٽري هوس ۽ لئبرريءَ جو اِنچارج. ڏسندو هوس تہ هر ڪو نئون ڪتاب آدو ڄيٺمل پڙهندو هئو. سومر صبوح جو ڪراچيءَ مان ايندو ۽ شڪروار جو ليڪچر ڏيئي، ڪراچي واپس ويندو هو. ڇنڇر، آرتوار تي نئين ڪتاب جي آڌار تي ڪراچيءَ ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ميمبرن اڳيان پاشڻ ڪندو هو ۽ باقي ڏينهن مان هفتي ۾ بہ دفعا حيدرآباد لاج ۾ پنهنجا ويچار ميمبرن اڳيان پيش ڪندو هئو. هن جي پاشڻ وقت حيدرآباد جي بيسنت لاج پورو پرجي ويندو هئو. جهڙو هوس سنڌي ٻوليءَ تي قبضو تهڙو هوس انگريزيءَ تي. پاشڻ نہ ڪندو هئو جڻ مکيہ مان لفظ ۽ معنيٰ جا هيرا موتي پيا ڇرندا هئا. هنجا گوناگون خيال ۽ ويچار من جون ڪڙڪيون کوليندڙ هئا. هر هڪ ليڪچر جي آخر ۾ سوالن جوابن جو سلسلو رهندو هئو. سندس جواب ترت ۽ تسلي بخش، آندر کي ڇهندڙ ۽ من ۾ پيهي ويندڙ هوندا هئا.“ (7)

چيتمل جي ڪار ۾ مشغولين جي ڪهاڻي اِها آهي تہ چاهي هو ڪاليج ۾ پروفيسريءَ جي عهدي تي هئو چاهي اُنهيءَ کان فارغ ٿيڻ بعد وري سماجي ڪار بہ کيتر ۾ گهڙيو هن لاءِ بئي حالتون سمان هيون. هر وقت هو جدا جدا مسئلن ۾ چنوتين سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رهندو هئو. سنڌ نئشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ پاڙهڻ دوران پڻ هو "سنڌڙي" هفتيوار اَخبار جو آنرري مهتمم ٿي، 33 - 34 ڌاري اِن مخزن کي هلائيندو رهيو. وشن جڳتياڻيءَ لکيو آهي، "جيتوڻيڪ پروفيسر چيتمل راجنيتيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ جي خلافت ۾ قطع تعلقات وارين هلچلن جو سخت ورود ڪيو ۽ اِنهيءَ ڪري سندس ڪيترن سنڌ جي برک قومي اڳواڻن سان اختلاف هئا، تڏهن بہ جيڪي بہ وقت بہ وقت سنڌ آندر قومي بهبوديءَ جون هلچلون هليون، تن ۾ هو زبردست بهرو وٺندو هو. جنهن بہ هلچل ۾ ڀاڱ وٺندو هو سو نہ ڪنهن رواجي نموني ۾، پر ڇٽڪ اُن ۾ ڏوڪي پوندو هو. هنجي آندر ۾ جذبات پڙڪو کائي اُٿندي هئي. سڄي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رٿن ڪري، پنهنجي تقريرن دوران ڇٽڪ ولوڙو وجهي ڇڏيندو هو. عام خلق توڙي خاص اڳواڻ ڏانهنس ڇڪجي ايندا هئا ۽ سندس ويچار ڏاڍي اُمنگ ۽ اُتساهہ سان ٻڌندا هئا ۽ چوگرد ڪانفرنسون لڳي وينديون هيون. ظلم جي ڪهاڻي ٻڌندو هو تہ هن جي خون ۾ لرزش پيدا ٿي ويندي هئي ۽ هن جي مٿي جا وار ڪڙا ٿي بيهندا هئا. پنگتي کيتر ۾ پينرن ۽ وڏ وائن سان جيڪي قهر ٿيندا هئا، ان جي هو جبري مخالفت ڪندو هو. چوڪرين جي اوچ تعليم جي باري ۾ هن خوب پاڻ پتوڙيو. سماجڪ اوڻاين کي ڪيئن روڪجي، تن لاءِ جيڪي تحرڪ هليا، تن ۾ هن مکيہ بهرو ورتو. قوم منڊليءَ واري هلچل ۾ چڱي سرجوشي ڪيائين ساميواد جو پرچار سنڌ ۾ پهريائين پهريائين پروفيسر چيتمل ڪيو.

.... "هاري حقدار" جو نعرو سنڌ اندر اول اول پروفيسر چيتمل هنيو ۽ هارين کي حقن وٺي ڏيڻ واري هلچل ۾، سنڌ آندر آوائلي رهنمائي پروفيسر چيتمل ڪئي. هندو مسلم ايڪتا جو پروفيسر چيتمل حامي هو ۽ ڪيترن نازڪ موقعن تي، جڏهن نفاق جي باهہ پڙڪو کائي اُٿندي هئي،

تڏهن پير غلام محمد، شري سنتداس منگهارام ۽ ڊاڪٽر چمنداس سان گڏجي وچي ناپر آڏيندو هو. زيرن زبرن واري مسئلي تي هن ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ سندس حمايتين سان خوب ڇڪري ڪاڏي، جنهن ۾ پروفيسر ناگراڻيءَ پڻ سندس همراهي ڪئي.“(8)

چينمل جي جدا جدا ڪمن جي جهلڪ اُنهن چوندڊ خطن مان ٻـ ملي ٿي، جيڪي هن غلام مرتضيٰ شاهہ ”سيد“ (جي ايم سيد) کي لکيا آهن. سال 1932 ۾ هن حيدرآباد مان هڪ خط ۾ سيد صاحب کي لکيو آهي. ”آءٌ هتي حيدرآباد گذريل جمعي کان وٺي ڪم کي لڳو پيو آهيان، جو 24 آگسٽ جنم اشٽميءَ تي هٽ ”سوديشي“ ميلو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي نينڊ ڏجي ٿي، جا ضرور قبوليندا ..... آءٌ شهرن جو حال ڏسي، منجهائئن ڪڪ ٿيو آهيان. سندن خود مطلب مغورتيءَ ۽ بيحيائيءَ کان منهنجي دل بيزار ٿيل آهي. ٻيو تہ اسين شهرن وارا ديوان ۽ سيٺيون ۽ اوهين ڳوٺن وارا ميان صاحبو زماني جا کائو پاٽ آهيون. اسين مڙيئي عام جو رايو پنهنجي پيرن هيٺ رکي رهيا آهيون ..... جيئن آءٌ چٽل هوس، تيئن توهين جي ساڳيو من رکندڙ هجو ها، تہ ڪر ڳوٺاڻي خدمت بنسبت ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪريو ها. منهنجو سمورو من هن وقت هاريءَ جي دکي حالت منجھہ گرفتار آهي. هاري معنيٰ غريب عام. هاڻ اِهو بہ خيال آيو اٿم تہ شايد حيدرآباد جو شهر، جو بہ ڳوٺن جو وڏو مرڪز آهي،تنهن کي چونہ اِنهيءَ ڪم جو هيڊ ڪوارٽر ڪجي. ٻيو سنگتين سان پهان، چوان پيو تہ ”باءِاِنڊين“ جي ڪم کي بہ ائين بيهارجي، جو ڳوٺن ۾ تحريڪ کي ڪٽي وچي سگهجي.“(9)

ڪراچيءَ مان ڏهين آڪٽوبر، 1942ع تي هن سيد کي لکيو آهي، ”پيارا دوست، توهان ڏسي ورتو آهي تہ سنڌ جي سياست ۾ کهڙي خرابي داخل ٿي چڪي آهي، جا ڏينهون ڏينهن ابتر ٿيندي وچي ٿي. آءٌ سنڌ جي گشت ڪرڻ بعد، اُن جي اُلميہ ۽ نازڪ حالتن جو تجزيو ڪندي، هن راءِ جو ٿيو آهيان تہ نين حالتن جي ڪري، معاملا وڌيڪ نازڪ ٿيندا ويندا. تنهن ڪري توهان کي عرض ڪجي ٿو تہ ٻيو ڪو طريقو ئي ڪونهي، سواءِ هن جي تہ ”سنڌ پيپلز پارٽي“ کي سياسي بنيادن تي وري

نئين سر زندهہ ڪجي. اسان جي دوستن جو گروهہ اِنهيءَ مسئلي تي چند سالن کان غور ڪندو رهيو آهي تہ "سنڌ پيپلس ائسوسيئيشن" ناهي وڃي، جنهن جو پيو نالو "راڄ مهاڄڻ ڪانفرنس" هوندو. جنهن جا مقصد: سنڌ جي خوشحالي، اَمن ۽ اتحاد هوندا.

پر سنڌ جي موجوده حالتن مطابق اِهو ڪافي نہ ٿيندو. وقت جي تقاضا آهي تہ ملڪ جي نازڪ حالتون، جي هڪ ٻئي کان پوءِ نمودار ٿينديون رهيون آهن، يا ٿيڻ واريون آهن، اُنهن کي پوريءَ تندهيءَ، فڪر ۽ جرئت سان منهن ڏنو وڃي - جهڙوڪ، مارشل لا، ٻوڏون، ڏڪر جو ڏپ. اِن کان سواءِ جنگ جا ڪارا ڪڪر اَهڙا تيار بيٺا آهن، جي ڪنهن بہ وقت وسي سگهن ٿا. اِن لاءِ سمورين حالتن جي تقاضا اِها آهي تہ آسان کي گڏجي ڪو قدم کڻڻ گهرجي... آءُ هيٺيون تجويزون اوها جي آڏو عرض رکان ٿو.

(1) سنڌ پيپلز پارٽي آئيني بنيادن تي ڪم ڪندي. اُن جو پروگرام سوشلسٽ هوندو. يعني سماج ۾ سيڪو پنهنجي وسعت آهر، ٻين کي ضرورت موجب مدد ڪري.

(2) سنڌ پيپلز پارٽي، اِنسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندي.

(3) سنڌ پيپلز پارٽي، سنڌ جي تعبير ۽ عام ماڻهن جي فائدي لاءِ پروگرام ناهي، ان مطابق ڪم ڪندي.

(4) هاري، مزور (پوءِ اُهي ڀلي مزوريءَ وارا هجن يا تعليم يافتہ). زمين ۽ ڪارخانن کي عوام جي فائدن لاءِ ڪتب آندو ويندو." (10)

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي تہ ڄيٺمل کي سنڌ جي بهبوديءَ لاءِ ڪيتري نہ گهڻي لگن لڳل هئي. هو هردم، هر ڪن - پل ۾ سنڌ جي ڀلائي لاءِ نہ فقط سوچيندو رهيو پر اُن لاءِ ڏينهن رات پاڻ پتوڙيندو بہ رهيو. هن سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي واڌاري لاءِ سن 1931 ۽ 1941 ۾ ڪانفرنسون گهرايون تہ سن 1943 ع ۾ جڏهن وڪرم سنبت جا ٻہ هزار سال پورا ٿيا، تڏهن "وڪرم سميلن" ۾ بہ مکيہ ڀرو ورتو. اِن سميلن جي هڪ ٺهراءَ موجب سنڌ ۾ "وڪرم يونيورسٽي" برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اُنهي

جو مکيہ مقصد هئو سنڌ سنسڪرت ڀاشا ۽ ڀارت جي شاندار سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي سنڌ وارن کي شناس ڪرائڻ. ملڪ جي ورهاڱي سببان اِها رٿ عمل ۾ اچي نہ سگهي. وڪرم سميلن ۽ وڪرم يونيورسٽيءَ برپا ڪرڻ وارن ڪمن ۾ منهنجا پتا جن پنڊت ڪشنچند جيٽلي بہ جيٺمل سان گڏ مکيہ ڪم ڪندڙن ۾ شامل هئا.

غلام مرتضيٰ شاهہ سيد سن 1940 ۾ پنهنجيءَ وزارت دوران ”سنڌ يونيورسٽي“ برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اُن لاءِ هن جيڪا ڪاميٽي مقرر ڪئي، تنهن ۾ جيٺمل پرسرام کي بہ ميمبر طور رکيو هئائين. 1941 ۾ سرڪار طرفان سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار ڪاميٽي ناهي ويئي، اُن ۾ بہ جيٺمل کي ميمبر طور مقرر ڪيو ويو.

غلام مرتضيٰ سيد، جيٺمل بابت لکيو آهي تہ ”هو (جيٺمل) منهنجو سياسي مددگار ۽ صلاحڪار، تصوف ۾ اُستاد، دوست ۽ ڀاءُ ٿي پئي رهيو. جيڪڏهن ڪنهن بہ هڪ اِنسان منهنجي زندگيءَ تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ڪيو، تہ اُهو ڀاءُ جيٺمل هو. ڪراچي لوڪل بورڊ جي گشت ۾ مون سان ساڻ هو. سنڌ ۾ ڪو آپريٽو تحريڪ جي زور وٺائڻ ۾ سندس هٿ هو. ڳوٺ سڏار هلچل سندس صلاح ۽ مشوري سان هلندي هئي. صوفي سماگم، صوفي راڳ جون مجلسون سندس موجودگيءَ سان ڀڪنديون رهنديون هيون. ڪانگريس سان اِختلاف ٿيڻ وقت هن منهنجي مدد ڪئي. (10_A)

ملڪ جو ورهاڱو ۽ لڏ پلاڻ

سن 1947ع ۾ 15 آگسٽ تي هندستان کي آزادي حاصل ٿي. اِنهيءَ سال ـ ڏيڍ اڳ ۾ ئي ساري هندستان ۾ هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ ويڇي ۽ نفاق جي باهہ ڀڙڪي چڪي هئي. اِن ڏانهن اِشارو ڪندي، جيٺمل 2 آگسٽ، 1946ع واري خط ۾ سيد کي لکيو آهي تہ ”وري نئين مشڪلات پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ اسان سڀني کي وري نئين سر آزمايو ويندو. اِن جو علاج صرف اِهو آهي تہ سنڌ مان اِنساني تحريڪ هلائي وڃي. گهڻو وقت اڳ، ڪرشنا مورتيءَ فرمايو هو ۽ اَج بہ چوي ٿو تہ انسان جا ٻہ دشمن آهن:

ڪٽر قوم پرستي ۽ دقيانوسي مذهب.“ (11)

سال 1947 ۾ پنجين جون ڏاري، ملڪ جي ورهاڱي جو اعلان ٿيو هو. اُن ڏانهن اشارو ڪندي، ڄيٺمل، غلام مرتضيٰ سيد کي لکيو آهي ته :

”سنڌڙي :

لـــڙ لـــهـــريـــن ۾ لـــڙهـــيـــو وڃـــان ٿـــي،
مـــئـــيءَ جـــي مـــدارت، ڪـــج ڪـــا مـــيـــهـــار!

ميهار :

مـــتـــان ٿـــئـــيـــن مـــلـــور، آءُ اوڏو ئـــي آهـــيـــان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، پر حد ٻنهي جي هـيـڪـڙي!

پيارا، وينا واٽون نهاريون ..... اچوڪيون خبرون ٻڌيون هوندئو پر منهنجي دل ڪانهه ٿي لڏي

اِس چشم مورني ني عجب اِسرار ديڪا ٿا!
ڪه بيچ ابر دي آفتاب ڪا انوار ديڪا ٿا.
(سچل)

سَن جي سُن منجهاڻ، ٻڌون ٿا ته سنڌ جو ڏهن سالن وارو آواز قلمبند ٿي چڪو آهي.

اسان جي ”روح رهاڻ“ وري ڇپجي چڪي آهي. موڪليو. (12)

(هن خط مان ظاهر آهي ته سن 1947ع ۾ ڄيٺمل وري مئي - جون ڏاري ”روح رهاڻ“ ماهوار مخزن شروع ڪئي هئي، جيڪا وچ ۾ ڪجهه سال بند ٿي ويئي هئي).

پاڪستان ٺهڻ وقت ڄيٺمل جي ڪهڙي حالت ٿي هئي، اِنهيءَ جو ورڻن ڪندي محترم جي ايم سيد لکيو آهي، ”اسان جي ڪرمن جي ڦل جڏهن هندستان کان هي ٽڪرو ملڪ جو جدا ڪري پاڪستان قائم ڪيو ته هر طرف هندو - مسلم فساد ٿيڻ لڳا ۽ رت جا ريلا وهڻ لڳا. هن صوفي مرد لاءِ اها درد ناڪ حالت سهڻ کان مٿي هئي. هندو لڏڻ لڳا، پر هي اٽل ٿي هتي ويهي رهيو. ڇي، وطن کي ڪيئن ڇڏيو. هڪدم ٻاهران آيل

مهاجرن جي مدد ۾ هتي جي هندن لاءِ آقليتن جي جماعت نهرايائين. منهنجي جاءِ تي ميتينگون ٿيڻ لڳيون. آخر مون سان شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب ۽ صاحبزادي ستار جان ۾ پين سان گڏجي، هو سنڌ جي سير تي نڪري، هندن کي سمجهائڻ هليو تہ وطن ڇڏي پڇي نہ وڃو. پر هن جي ڪنهن بہ نہ ٻڌي، اِنهيءَ ڳالهہ هٽي هن کي بيمار ڪري وڌو. سندس ڪٽنب اڳ ۾ ئي بمبئيءَ وڃي چڪو هو. لاچار جڏهن علاج جو بهانو ڏيئي، کيس بمبئيءَ ڪڍائي پئي ويا، تڏهن آءٌ کيس جهاز تي ملڻ ويس. چيومانس تہ "دادا اوهان پرن ڪيو هو تہ سنڌ ڪين ڇڏيندس، هاڻي ڇو ٿا وڃو؟" چيائين تہ "بيماريءَ ڪري ڪڻي وڃنم ٿا، سگهو ٺيڪ ٿيڻ بعد موٽي ايندس." پر موٽي ڪين آيو."

ڄيٺمل جي پٽ رام پنهنجن يادگيرين ۾ لکيو آهي تہ سندس پتا جو پڪو وشواس هو تہ سنڌ ۾ جتي هيترا صوفي درويش ٿي چڪا آهن، ۽ درگاهن تي هر سال هندن ۽ مسلمانن جا ميلا لڳن ٿا، اُتي مسلمان پائر هندن جو ساٿ ڏيندا. اِن ڪري هندن لاءِ سنڌ ڇڏڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿيندو. اِن لحاظ کان پڻ هن پاڪستان جي جشن ۾ شرڪت ڪئي. تاريخ 14 آگسٽ 1947ع تي، ڪراچيءَ ۾ جناح کي شاندار آجيان ڏيڻ جو پروگرام رٿيو ويو. اِن ڏينهن ان شهر ۾ ڏامر ڏوم سان جلوس ۾ جناح کي گهمائڻو هون. ڄيٺمل اِنهيءَ موقعي تي پاڪستان جي هن اڳواڻ جي آجيان ۾ "سنڌ هيرلڊ" جو شاندار نمبر شايع ڪيو. اِن جي ڇپائڻ جي جوابداري سموري هن رام تي رکي. اَخبار جو اهو نمبر بندر روڊ تي "قرباني" اخبار جي پريس ۾ پئي ڇپيو. رام، شام جو جيئن پريس مان ڪم ڪري ٻاهر نڪتو تہ بندر روڊ تي شاهي سرگس ڏٺائين.

نعرا ٻڌي رام جون وايون ئي ولڙيون ٿي ويون. سندس اوسان خطا ٿي ويا. پڇندو گهر آيو ۽ اکين ڏٺي سموري روداد پتا کي ورڻن ڪري ٻڌايائين. کيس عرض ڪيائين تہ اهڙيءَ حالت ۾ هندن کي سنڌ ڇڏڻ کان روڪڻ نہ گهرجي. ٻئي ڏينهن تي آچاريہ ڪرپالاڻيءَ بہ ميٺارام هاسٽل ۾ صبوح جو گڏ ٿيل هندن جي ميڙ ۾ اِن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ هندو سنڌ مان

لڏين بلڪل نہ ڪانگريس سرڪار سندن هر ڪا مدد ڪندي چنتا جي ڪاٻہ ضرورت نہ آهي. پر حالتون سنڌ ۾ پڻ ڏينهون ڏينهن ويون بگڙنديون. مجبور ٿي لکن جي تعداد ۾ سنڌ مان هندو نڪرڻ لڳا.

چيتمل جي پٽ رام، سن 1936 ع ۾ لالچند جي سڪيلڊي ڌيءَ ديويءَ سان لائون لڏيون هيون. ٻئي ڪاليج ۾ بہ گڏ پڙهيا هئا. جيئن تہ لالچند اڪيلو هئو ۽ ڌيءَ ۾ گهڻو موهہ هوس، اِنهيءَ ڪري رام شاديءَ بعد بہ گهڻو عرصو لالچند وٽ رهيو. چيتمل ۽ لالچند ٻئي ساڳي طبيعت جا هئا ۽ هندو ـ مسلم ايڪتا جا پڪا پرچارڪ هئا. اِن ڪري ٻنهي جو اِهو ئي ارادو هو تہ پاڪستان ٿيڻ بعد پڻ سنڌ ۾ ئي رهبو. اَباڻو چنو ڪين ڇڏبو. پر رام ترڪيءَ تيل لڳڻ ئي نہ ڏئي. سندس وري اهو پڪو اعتقاد بڻجي ويو تہ هھڙين حالتن ۾ هندو سنڌ ۾ سک جو ساهہ کڻي ڪين سگهندا. بس. پوءِ تہ پنهنجي پيءُ ۽ سهري جي روڪڻ جي باوجود، هو سيپٽمبر 1947ع ۾ پيڻ ۽ پيٽوئي نانڪ سان گڏ، پاڻيءَ جي جهاز رستي ڪراچيءَ کان اوکا بندر تي پهتو. اتان ٽرين ھواِندور ويا. پر رام کي اُتي چين نہ آيو. نيٺ ڏهين ڊسمبر، هو اچي بمبئيءَ پهتو جتي سندس ٻيا ڪجهہ مائٽ اڳ ۾ پهچي ويا هئا.

جنوريءَ 1948 ع ۾ ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين ڪن شهرن ۾ فرقيوار فساد ٿيا. ان کان پوءِ سنڌي هندن کي خاطري ٿي ويئي تہ هن ملڪ ۾ جان ۽ مال جي سلامتي ڪين حاصل ٿي نہ سگهندي. لڏ پلاڻ ڏينهون ڏينهن زور وٺندي ويئي. رام اڃا بمبئيءَ ۾ ئي هئو تہ ديوي پنهنجن ٻارن ۽ ٻين متن مائٽن سان اَچي بمبئي پهتي. لالچند ۽ چيتمل ٻئي سيڻ سنڌ مان نڪرڻ کان نهڪر واري ويٺا هئا. پر ٻارن جي وڇوڙي ۾ هو گهڻو وقت سنڌ ۾ رهي نہ سگهيا. چيتمل ڪراچيءَ ۾ بيمار ٿي پيو. اِن تي ڊاڪٽر ڀڳوانداس گربخشاڻي، ڊاڪٽر چمنداس جڳتياڻي ۽ ٻيا سنگتي ساٿي، مارچ 1948ع ۾ چيتمل کي ڏنائون تہ طبيعت سڌريئي تہ پوءِ پيلي واپس پنهنجيءَ جنم ڀونءِ تي ويجانءِ. هوڏانهن لالچند جو بہ موهہ ڌيءَ ۽ ٻارن ۾ گهڻو هئو. سو سندن وڇوڙي جي سٽ هن جو هنياءُ سهي نہ سگهيو.

جيئن تيئن ڪري ٻه - ٽي مهينا ڪراچيءَ ۾ گذر ڪيائين. هو ”مهراڻ“ رسالي جو ايڊيٽر هئو. آخر جنوريءَ کان جون تائين ڇهن مهينن جو مهراڻ ڪو پرچو شايع ڪري، جولاءِ 1948ع ڌاري هو به سنڌڙيءَ کي الوداع ڪري اَچي بمبئيءَ پيڙو ٿيو. اِن دوران هو پڻ تن توڙي من سان گهڻو ٿڪي چڪو هئو. اَهڙيءَ طرح، سياست ۾ فرقي پرستيءَ جو هن ملڪ ۾ اَهڙو ته اُلٽو چڪر هليو جنهن هندو- مسلم ايڪتا جي ڪٽر حمايتين ۽ صوفي درويشن جي دلين تي به گهرا زخم ڪري ڇڏيا. سالن کان سجايل عالمي ڀائيچاري جا سهڻا سپنا، هڪ ڪن پل ۾ چور چور ٿي ويا.

آخري سفر

ڄيٺمل جو تن ته اڳيئي ڪمزور ٿي چڪو هئو. اُن تي مٿان وري سندس دل ۽ دماغ کي سنڌ ڇڏڻ جو ڪاپاري ڌڪ لڳو. بس، هيءُ مڙس هڪ دفعو ڍَنو ته وري گهڻو عرصو جالي نه سگهيو. سنڌ مان ڄيٺمل ٻين ڪن ساٿين سان گڏ پاٽيءَ جي جهاز رستي نڪري، جڏهن بمبئيءَ بندرگاهه تي پهتو، تڏهن سندس ٻار مسجد روڊ وٽ هڪ ڌرمشالا ۾ رهيل هئا. ڄيٺمل پاڻ به اُن ڌرمشالا ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. يارن دوستن گهڻو ئي ڪيس منع ڪئي ۽ چيو ته آسان وٽ هلي رهو. پر هن ڳالهه نه مڃي. اُتي ڪجهه ڏينهن رهڻ بعد سندس حالت وڌيڪ بگڙي ويئي. ڪيس بمبئيءَ جي سينٽ جارجز هاسپيٽل ۾ علاج لاءِ داخل ڪيائون. پر بستري داخل هوندي پڻ سندس من کي چئن ڪٿي؟ هڪ ڏينهن ٻڌائين ته بمبئيءَ ۾ سنڌين جي وري وسائڻ واري مسئلي تي ويچار ڪرڻ لاءِ، سنڌي سماجڪ ڪارن جو ميڙ ڪاوسجي هال ۾ ٿيڻو آهي. سندس ننڊ ئي ڦٽي پيئي. ڀلا جنهن سڄي ڄمار سماج - شيوا ۾ گذاري، سو ڪيئن ٿو بنڌڻن ۾ جڪڙجي سگهي؟ ڊاڪٽرن جي منع ڪندي پڻ هو وڃي ميڙ ۾ پهتو. اُتي تقرير ڪندي، پنهنجون رٿون پيش ڪيائين. سندس صحت وڌيڪ ضربجي پيئي. ست ڏينهن لڳاتار علاج ٿيندو رهيو پر ڪو به فرق نه پيو. نيٺ 1948ع ۾ ڇهين جولاءِ تي اڌ رات جو اٽڪل ڏيڍ - ٻين بجي ڄيٺمل

ساسين سڪانو ٿيو. لالچند جڳتياڻيءَ اِها درد ڀري سڏ، هڪ ڪارڊ ۾ اُنهيءَ ڏينهن ئي غلام مرتضيٰ شاهه سيد کي هن ريت لکي موڪليا.

نزد بمبئي گيريج، بمبئي
6 جولاءِ 1948 ع

آدا سائين!

آسان جو پريتم جيٺمل پرسرام اَڄ صبح جو 2 بجي، راهه رباني وٺي رمندو رهيو.

پڇاڙيءَ وارا ست ڏينهن هتي جي سينٽ جارج هاسپيٽل ۾ رهيل هو. علاج گهڻيئي ڪيا ويا، پر ڪنهن ڪيءَ فرق ڪونه پيو.

لالچند آمر ڏنومل (14)

ملڪ جي ورهاڱي سببان نه فقط سنگتي ـــ ساٿي ۽ سنڌي ساهتيڪار هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا، پر سنڌي ساهتيه جا مهان اَڏيندڙ به 1948ع ۽ اُن جي آس پاس راهه ربانيءَ تي رمندا رهيا. سنه 1946ع ۾ نانڪرام ڌرمداس ميرچندانيءَ هن دنيا مان موڪلايو ته 11 فيبروري 1947ع تي هوتچند مولچند گربخشاڻي پر لوڪ پڌرايو. ڪائنس ڪجهه مهينا پوءِ اُن سال ۾ ئي 23 سيپٽمبر تي سنڌيءَ جو لاڏلو شاعر ڪشنچند ”بيوس“ به جدائيءَ جو داغ ڏيئي رمندو رهيو. لڏ پلاڻ بعد پارت ۾ سيني کان اڳ ۾ جيٺمل موڪلايو ته 1950ع ۾ وري پيرومل مهر چند ساسين سڪانو ٿيو. ڪائنس چار کن سال پوءِ 18 آپريل 1954ع تي سنڌيءَ جو مشهور نثر نويس لالچند جڳتياڻي به پر لوڪ ۾ وڃي، ساٿين پيرو ٿيو. اَڃا ڪيس ٻه سال ئي مس ٿيا هئا، ته 1956ع ۾ سوڀراج نرملداس سڄان ”فاني“ به وڃي سرڳ لوڪ وسايو. هوڏانهن سنڌ ۾ پڻ ڇهه ست بزرگ سنڌي مهان اَديب هڪ ٻئي پٺيان هي فاني جهان ڇڏي هليا ويا. اُن طرح آزاديءَ جي آس پاس واري دور ۾ سنڌي ساهتيه کي جڻ ڏهاڳ جو ڏنپ سهڻو پيو.

شخصيت

منهنجي پتا پنڊت ڪشنچند جيٽلي جن جي ڄيٺمل سان گهاٽي دوستي هئي. اُنهن سان گڏ مان پڻ ٻه ـــ ٽي دفعا بيسنٽ لاج، حيدرآباد ۾ ڄيٺمل جن وٽ ويو هوس. اُن وقت منهنجي عمر پندرهن ڪن سال هئي. اِنهيءَ ڪانسواءِ هومسٽيڊ هال جي باغ ۾ پڻ ٻه ٽي دفعا ڄيٺمل جون تقريرون ٻڌيون هئم، جن جي چٽي يادگيري آٿم. اِنهيءَ مان سندس شخصيت جو چٽ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ ڪي قدر اُڪريل آهي. هتي مان ڄيٺمل جي اُنهن سنگتين ساٿين جا ڪجھ رايا پيش ڪريان ٿو جيڪي ساڻس ڪيترا سال گڏ ڪم ڪندا رهيا ۽ سندس بلڪل ويجها هئا. اُنهن جي آڌار تي ڄيٺمل جي ڀومڪي شخصيت جي ڪلپنا آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿي.

رهڻي ڪهڻي ۽ ٻاهريون ويس

پروفيسر هريرام ٻنااڻي حيدرآباد ٿياسافيڪل لاج جو سيڪريٽري ۽ لئبرريءَ جو انچارج هئو. تنهن جو ڄيٺمل سان گهرو ناتو هئو. هن لکيو آهي، ”ڄيٺمل مائي بيسنٽ کي ”آمان“ ڪري ڪوٺيندو هو. جڻ سندس پٽ شش هو. جڏهن مائي بيسنٽ پاڻ کي مهاتما گانڌيءَ کان پري رکيو ته اَدو ڄيٺمل ٻ اِن تحريڪ کان الڳ رهيو. ماڻهن ۾ ان ڪري هن لاءِ ڪا غلط فهمي وڌي، پر حقيقت تہ اِها هئي تہ هو ديش ڀڳت هو. ڏسڻ ۾ ڏياوان، حشمت وارو، تقرير ۾ گرجڻ وارو. اِها ئي سنڌي سٽڻ شد ڪاڏيءَ جي، چولو صدري، مٿان شال (سياري ۾)، مٿو اُگهاڙو ۽ پيرن ۾ سليپر. سادو کائڻ، سادو هنڊائڻ ۽ اوچ خيال رکڻ وارو هيءُ آعليٰ اِنسان درويش دل هو. پاڻ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ هر مهيني ٻن سون روپين کان وڌيڪ ڪو نہ ڪمايائين. جيتوڻيڪ خدابادي عامل هو پر منجهس عاملن يا پائيبندن جي وچ ۾ ڪو ويچو ڪو نہ هو. ڪلي چوندو هو تہ هڪ خدابادي تہ ٻيو شيطان آبادي آهي ڇا؟“ (15)

تيرٿ بيسنٽ تہ ڄيٺمل جي روپ ۾ مشهور فلاسافر سقراط جو

روپ ڏنو آهي. هو لکي ٿو ”سندس بيهڪ قديم زماني جي فيلسوفن جهڙي هئي. جڏهن جواهري جئڪيٽ مٿان بوچڻ وجهي، پاجامو چپل پائي، اَڇ سنواريل فرينچ ڪٽ ڏاڙهي ۽ وکريل اُگهاڙي مٿي سان پليٽ فارم تي بيهي، ”مان ڪير آهيان، مان ڪٿان آيو آهيان ....؟“ جا سوال پڇي، ويدانتي ورڪا ڪندو هو ته سياويڪ اکين اڳيان سقراط تري ايندو هو. وچولو قد، ڪڻڪ رنگ، منگولي روش، سگهارو بت، ڪا لائي بناوت ناهي. سندس مٽيرو هئي. سقراط منائي ڪانه هئس. جيتوڻيڪ ناسون ذرا سوڙهيون هئس. جيئن سقراط جو انتقال دڪدائڪ ٿيو، تيئن ڄيٺمل به وطن کان وڇڙي، جلاوطنين جي پريشانيءَ تي ڳوڙها ڳاڙي، لال ڪا چال جهڙي وٺاڻ ۾ پراڻ ڏنا. ڪهڙي نه دک پري ڪهاڻي ۽ پڄاڻي. (16)

سيد حسام الدين راشدي، ڄيٺمل کي ياد ڪندي لکي ٿو ”هاءِ! هاءِ! مرحوم ڪاڪي ڄيٺمل پرسرام جو نالو ڇٽي ڪٽي بس ڪر. سنهي سنهي سفيد سونهاري، هميشه پيو کلندو. ڏسندو، ته ڊڪي اچي ياڪر پائيندو! ويهندو، ته پيو بهار بهار ٿيندو. شاهه جا ڏوهيڙا به پيو ڏيندو ۽ اُنهن جا راز ۽ رمزون به پيو سمجهائيندو. (17)

سچو ٿياسافسٽ

ڄيٺمل صحيح معنيٰ ۾ عالم ۽ سچو ٿياسافسٽ هئو. هن نه فقط صوفي ڪلام، الڳ الڳ ڌرمن جي اُصولن ۽ سنتن، ڀڳتين جي ٻاڻيءَ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو، پر اُن موجب روزاني زندگيءَ ۾ رهت ۽ عمل به ڪيائين. هريرام بناڻيءَ لکيو آهي، ”ٿياسافسٽ جي ڪانفرنس ڪڏهن بنارس ۾ ٿئي ته ڪڏهن آديار (ڏکڻ هندستان) ۾، ۽ انيڪ بار ساٿس اِنهن ۾ شريڪ ٿيو هوس. مائي اٿني بيسنٽ سان سڪ پريو سنبنڌ هوس. مٿيئم باٿو تسڪي جا ته پورا ڪتاب پڙهي پورا ڪيا هئائين، پر ٿياسافيءَ تي ڪو ورلو ڪتاب هوندو جو نظر مان نه ڪڍيو هونداٿين. مطلب ته هو هڪ سچو ٿياسافسٽ هو ۽ ٿياسافيءَ جو اصول ته ”سنتيه کان مٿي ڪو ڌرم ڪونهي“ اَپنايو هئائين ۽ هنئين سان هنڊايو هئائين. رهڻي ڪهڻيءَ ۾

سچو ۽ سادو هو.... هو ڪڏهن هندو، ڪڏهن صوفي، ڪڏهن ٿياسافسٽ، يا ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ئي وقت سڀ ڪجھ ۽ ڪجھ بہ نہ.... حقيقت تہ اِها آهي تہ هو هڪ سنڌي هو، آتم ساهتيڪار. سنڌيءَ جو مطلب اِهو ڪونهي تہ هو ڪو بين ڪي گهٽ سمجهندو هو. هرگز نہ. هو اِنسان ـ دوست هو غريبن، هارين پاران آواز اٿاريندڙ، آنياچار خلاف بغاوت ڪندڙ ٿياسافيءَ جي اُصول پٺاندڙ هو اَول ۽ آخر حق جو آواز ڪڙو ڪندڙ هو يعني تہ هن جي نظر ۾ "ستيہ ڪان مٿي ڪو ڌرم ڪونهي." (18)

وشن جڳتياڻي، جنهن چڱو وقت ڄيٺمل سان گڏ سنڌ ۾ ڪم ڪيو هئو، اُن لکيو آهي، "(ڄيٺمل) هڪ اَعليٰ رهت وارو اِنسان هو. پروفيسر ڄيٺمل صوفي هئو، ودوان هو، اخبار نويس هو، گرنٿڪار هو، ساهتيڪار هو، پروفيسر هو، پرچارڪ هو، اڳواڻ هو، خوش نصيبا اِهي مڙيئي وصفون منجهس هيون، جنهن ڪري هو هڪ آنوکي ۽ وچتر شخصيت ٻڌجي پيو هو. پر هو اِنهن مڙني ڪان مٿي اِنسان هو. سچائي ۽ صداقت سندس اعمالن منجهان ٽپ ٽپ ٿي چٽي پيئي بڪندي هئي .... جهڙو ئي واعظ ڪيائين، تهڙو ئي هو بي ڊپو ۽ پنهنجي اُصول لاءِ ڪابہ قرباني ڪندي ويرم ڪين ڪندو هو." (19)

غلام مرتضيٰ سيد، جنهن ويهارو ڪن سال ڄيٺمل جي سنگت ۾ گذاريا، تنهن لکيو آهي، "هو (ڄيٺمل) منهنجو سياسي مددگار ۽ صلاحڪار، تصوف ۾ اُستاد، دوست ۽ ياءُ ٿي پئي رهيو. جيڪڏهن ڪنهن بہ هڪ اِنسان منهنجي زندگيءَ تي گهٽي ۾ گهڻو اثر ڪيو تہ اُهو ياءُ ڄيٺمل هو. هو پڪو سنڌي هو ۽ جديد فلسفہ ـ قوميت جي اُصول مطابق، هر ڳالھ ڪي سنڌي ويس پهرائڻ جو قائل هو.. هو انهيءَ راز کي پروڙي ويو هو تہ جملي مذهبن جي ظاهري ڪثرت پنيان بنيادي وحدت سمايل هئي. سنڌي شاعرن ۽ درويشن جي ڪلام ۾ بہ اهڙي تعليم جو جوهر سمايل ڏٺو هئائين. چوندو هو تہ سنڌ ديش کي انهيءَ ڏس ۾ دنيا لاءِ خاص پيغام ڏيڻو آهي، جو سندس درويشن پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو هو. پاڻ سڄي ڄمار انهيءَ پيغام جو مشنري ٿي گذاريائين. سندس زبان مان روحل فقير جو

هيءُ بيت هميشه چوندي ٻڌايو هو ته ـ

”هڪ هندو ٻيا مسلمان، تيون وچ وڏائون وير،
اَنڌن اوندهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير!
روحل راهه پرين جي، جڏهين گهمي ڏئوسين گهيڙ،
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو تنهن ۾ ڦند نه ڦير.“

شاهه لطيف ۽ سچل کي سمجهڻ لاءِ هن منهنجي وڏي رهبري ڪئي. مون کي ياد آهي ته سن واري بنگلي ۾ هڪ ڏينهن صبوح جو ڏسان ته هي موج ۾ ويٺو آهي. پڇيومانس ته ”دادا ڇا ڏٺو اٿو؟“ چيائين ته ”صبوح جو درياءَ ۽ ٻيلي منجهان اُپرندي سج اِها حالت آندي آتم.“ اُن وقت هي بيت اُچاري رهيو هو ته:

نيراڻائي نيڻ، نيئي آڇج پرينءَ کي،
تن ستر ڪاڏا ڪيڻ، جن ڏٺو منهن محبوب جو.“ (20)

پير علي محمد راشدي پڻ ڄيٺمل جي اهڙين خاصيتن تي مفتون هو. هن لکيو آهي: ”ڄيٺمل جون ڪهڙيون ڪهاڻيون ڪجن؟ زبان دانيءَ سان گڏ بي اِنتها محبتي اِنسان هو سنڌ جي صوفيانه ڪلچر جو چرندڙ پرندڙ نمونو هو. اِنسان ـ دوست، پيد پاوَ کان پڳل هوندو هو. سنڌ گل، ته هي پؤنر، سنڌ باغ ته هي بلبل... ... هڪ ڏينهن اکين ۾ سرمو پائي آيو. مون ٽوڪيس: ”ڪاڪا، اڄ عشق کي عملي جامو پهرائڻ نڪتا آهيو.“ چيائين: ”بابل، سنڌڙيءَ جي مٽي اکين ۾ وڌي اٿسي. روهڙيءَ مان ڪنهن سڄڻ موڪلي آهي، جي اُتاهون جي ٺڪرن مان ڪڍيل آهي.“ (21)

پروفيسر ڄيٺمل جي تقرير جي خاصيتن جي ياد ڪندي، وشن جڳتياڻي لکيو آهي، ”پروفيسر ڄيٺمل، جو هون ئي فصاحت جو صاحب هو سو مڙني ڌرمن ۽ ساهتيه جي ڄاڻ ڏاريندي، جڏهن بيسنت هال يا ٻئي ڪنهن پليٽفارم تي بيهي وعظ ڪندو هو. ته حاضرين مخلوق حيرت ۾ حيران ٿيندي هئي. ته هيءَ واعظ ڪيئن بلبل جي آواز ۾ پلٽ پلٽان ڪري بيٺو آهي. سندس هڪ هڪ گفتي ۾ عجائب راز سمايل هوندو هو. تقرير ڪندو هو ته ڄڻ علميت جو ساگر اُٿلي پوندو هو. گيتا ۽ گرنٿ، قرآن ۽

انجيل، سچل ۽ شيليءَ مان ويندو هو حوالا ڏيندو. هڪ شاهہ جي ڳجهارت کٽي پوري ڪري تہ ٻي شيڪسپيئر جي پروليءَ ۾ آٽي، دلچسپيءَ جي درياهہ ۾ گهلي ويندو هو. پوءِ تہ هيون سندس زبان جون ٻوليون ۽ دل جون پروليون، جو ٻڌندڙئي وسميءَ ۾. " (22)

ڄيٺمل جي مکيہ خوبي اِها هئي جو جنهن ڳالهہ کي هو سچ ۽ صحيح سمجهندو هو تہ اُن تي اَڏول ٿي بيهندو هو پوءِ چاهي کيس ڪيترو بہ نقصان سهڻو ڇو نہ پوي. اِن جي ساک يليءَ ڀانت اِن مان ملي ٿي تہ هن وڏي واڪي مهاتما گانڌيءَ جي خلافت هلچل کي آفت ڪري سڏيو ۽ اُن جي سخت مخالفت ڪئي. اِنهيءَ ڪري هن کي جيل جي سزا ڀوڳي سنڌ ۾ موٽڻ تي جيڪو مان مرتبو مليو، اُهو پڇڙ تاري جيان شرارت ڪري وڃي پٽ پيو. ڪيترائي ڪانگريسي دوست مٿس ناراض ٿي پيا، ڪن مسلمانن کيس خون جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون، پر ڄيٺمل پنهنجيءَ راءِ تان رتيءَ ڀر بہ نہ هٽيو. هو سچل جي اِن قول تي عمل ڪندي چوندو هئو:

"سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ڀٽي نہ ڀٽي."

سماجڪ جيون ۾ پڻ هو هميشہ ايماندار ۽ بي رياءَ هو. سندس پٽ رام کي جڏهن اُن کاتي ۾ نوڪري ٿي ملي، جنهن ۾ پاڻ سرڪار طرفان مقرر ٿيل هئو تہ هن رام کي منع ڪئي تہ اِن کاتي ۾ نوڪري نہ ڪجانءِ، متان ماڻهو اِهو گمان ڪن تہ پيءُ جي اثر ۽ زور بار ڪري توکي اِهو ڪم مليو آهي. ڄيٺمل، ڪاليج ۾ پاڙهڻ دوران بمبئي يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪيوليشن اِمتحان ۾ سنڌيءَ جو ممتحن هئو. هڪ دفعي سندس عزيز پنهنجي ٻار جي مارڪن وڌائڻ لاءِ وٽس آس رکي آيو. ڄيٺمل کيس رکو جواب ڏيئي ڪڍي ڇڏيو. اُن بعد هن ٻيهر يونيورسٽي اِمتحان ۾ ممتحن ٿيڻ کان تي ناڪار ڪري ڇڏي. اِها هئي سندس چڙ تڙ خوبي.

ساهت جي کيتر ۾ پڻ ڄيٺمل هميشہ سخت ۽ بي رياءَ اُلو چڪ تي رهيو. اِنهيءَ جا سهڻا مثال آهن ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جي شاهہ جي رسالي جي تنقيد ۽ زيرن - زبرن جي سوال تي ڊاڪٽر دائود پوٽي تي

سخت جلهه. ٻئي طرف هو نوجوان ۽ اُسرندڙ ليکڪن کي پڻ دل کولي همٿائيندو هئو. تہ سندس پهرئين ترجمي ڪيل ناول ”گم ٿيل صندوقڙيءَ“ جي ڄيٺمل سنہ 1924 ۾ ”هندواسي“ ۾ سمالوچنا ڪري، کيس گهڻو همٿايو هئو. ان جي ساک منگهارام ملڪاڻيءَ ڏيندي لکيو آهي، اُن بعد تہ ڄيٺمل سندس ٻيون رچنائون پڻ پنهنجيءَ هفتيوار اخبار ۾ شايع ڪيون هيون. ڄيٺمل سنڌي ناٽڪن جي وڪاس لاءِ پڻ گهڻي ڪوشش ورتي. حيدرآباد ۾ سنہ 1923 ع ۾ ”رابيندر ناٿ ڊرئمٽڪ ڪلب“ برپا ڪندڙن ۾ ڄيٺمل پڻ هڪ هو. هن ڪن سنڌي ناٽڪن ۾ لالچند ۽ چوئٿرام وانگر خود پارٽ (ڪردار) بہ آدا ڪيا هئا.

ٻولي ۽ عبارت

ڄيٺمل گهڻي زندگي آخبار نويسيءَ ۾ گذاري اِن ڪري هو لالچند ڄڳتياڻيءَ وانگر سهڻن ۽ چيدن لفظن ۽ محاورن جي چونڊ ڪرڻ ۽ عبارت جي گهڙت ڪرڻ تي ڌيان ڏيئي نہ سگهندو هئو. اِن هوندي پڻ سندس ٻولي ۽ لکڻي جاندار ۽ اثر انگيز آهي. اُها سڌي سادي آهي، جيڪا هڪدم گهربل مطلب جو اظهار ڪرڻ جي قوت رکي ٿي. اِن باري ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي: ”سنڌي تحرير ۾ اَدو ڄيٺمل جيڪڏهن نشتر جهڙي تيز قلم جو مالڪ هو تہ سنڌي تقرير ۾ بہ زبردست زبان جو صاحب هو. سندس پهرين تقرير مونکي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو تہ سنڌي ٻولي ۾ بہ آهڙي فصاحت سان ڳالهائي سگهجي ٿي، گويا لفظن جو جهرڻو وات مان بنا روڪ ٽوڪ وهندو وڃي! اِهو موقعو هو جڏهن 1914 ع ۾، مان ڪاليجي شاگرد هوندي، هومسٽيڊ هال ۾ ”سنڌي ساهت سوسائٽيءَ“ جي مهورتي جلسي تي ويو هوس، جنهن جو باني‌ڪار لالچند آمر ڏنومل هو ۽ ڄيٺمل ٻانهن ـ ٻيلي هوس. لالچند صاحب لکڻ ۾ ڄيٺمل صاحب کان وڌيڪ قابل هو پر ڳالهائڻ ۾ آهڙو فصيح زبان نہ هو جهڙو ڄيٺمل. (23)

تيرٿ بسنت، جنهن لالچند سان ڇڱو وقت گڏ گذاريو ۽ سندس لکڻين جو مطالعو بہ ڪيو آهي، تنهن جي ڪٿ لالچند جي عبارت بابت

نرالي آهي. جيڪڏهن باريڪيءَ سان پرک ڪبي، ته تيرٿ بسنت جي راءِ ۾ چڱي قدر سچائي نظر ايندي. هو لکي ٿو ”ڄيٺمل جي لکڻي عين سندس طبعيت جو اِظهار هئي. سندس اُتساهه جو ٻل سندس ٻول مان پيو بکندو هو. سندس فڪري مونجهارا، مشڪلاتون به اِن مان عيان هئا. سندس تحرير تي نظر ڪرڻ سان ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪو جاننو مڙس ٿاٻڙ ٿوبڙ تي ڏگ ڏگ ٿو ڪري. زمين تي جهوڳن، جهوڪن سبب سڌو سنئون هلي نٿو سگهي. ڪٿي ڪي ڪسبيون، دبا، گهارا ٽپي ٿو ته ڪسي ڪس کان نڪري پاسو وٺي هلي ٿو. سندس واٽ اٽانگي آهي، پر ذاتي حوصلو ۽ سگهه اَهڙي اٿس، جو قدم تي قابو رهي، پنهنجو شان ڪسو نٿو ڪري. البت اِنهيءَ نموني نٺيون وکون کڻندي، اَٽڪي اَٽڪي هلندي، ٽپ ڏيئي پرگهل لتاڙيندي، سڌو سنواٽو هلڻ جي ڪلا گم ٿي ويئي اَٿس، سندس لکڻي پريل آهي ۽ لفظن جي ڪثرت ڪنن تي نڪاءَ ٿي ڪري. ڪي لفظ لال بتيءَ وانگر ٽا پون. ڪنهن مهل دهراءُ ٿو ڪري. اِن هوندي به سندس عبارت اَدبي آهي، جو اُن مان خيال جي جهلڪ، عملي جاڻ، قلبي صداقت، اَدبي ذوق ۽ سڀ کان وڌيڪ قيمتي سندس شخصيت نمايان آهي.“ (24)

سيد حسام الدين راشدي، ڄيٺمل جي لکيل ڪتاب ”شاهه جون آڪاڻيون“ تي ايترو ته موهت هئو جو هن لکيو آهي، ”جڏهن ”شاهه جون آڪاڻيون“ سنڌي نثر ۾ لکي پيش ڪيائين، تڏهن اسان جي اَدب ۾ اِنقلاب اچي ويو. ساڳي اُها شاهه واري زبان ـ مصريءَ ۽ ماکيءَ جهڙي مٺي، اهڙي نازڪ جهڙيون اسان جي مسڪين مارن جي معصوم نياڻين جون دليون، ايڏي نرم جهڙو ڪنهن ڳوٺاڻيءَ بختاور جي هٿن جو ڪڍيل مکڻ ۽ ايتري سباجهي جهڙيون اسان جي ملڪ جون پينرون ۽ وڏور ڏيئرن لاءِ اسان جي ملڪ جون مائرون. پڙهندي ائين پئي روح کي راحت رسندي، جيئن چڻ سانوڻ جي چانڊوڪين راتين ۾ ڏکڻ گهلي، هيٺئون پيو ٺاري“ (25)

آخر ۾ هتي مان لالچند جي اَڻ ڇپيل دستخط مان، ڄيٺمل جي عبارت بابت سندس راءِ مان ڪجهه ٽڪرا ڏيندس، جيڪي گهڻي اَهميت رکن ٿا. هو لکي ٿو ـ ”..... سنڌي نثر کي ڄيٺمل پرسرام پوري ريت ڪم ٿو

آڻي. ليکڻ هلائيندي، هي يار بيهي ئي نٿو. جنهن به موضوع تي لکي ٿو تنهن جي ڪيس پوري پوري ڇاڻ آهي ۽ لکي به ڦلڪ سان ٿو.

هيءَ هڪڙي حقيقت آهي تہ ڳوڙهي گيان جي اپٽار جيڪا اڳي صرف ڪنهن چوياريءَ ۾ مس ٿي ئي، تنهن جي چرچا، هن جي قلم ۽ ڪلام جي پرچار ڪان پوءِ سنڌ جي گهر گهر، گهٽيءَ ڪوچي ۾ ٿيڻ لڳي. اوم جي آکاڻي ۽ سچل سرمست، شاهہ جي آکاڻين جي سمجهاڻي ۽ پورب جوتي، عبارت جي لحاظ کان ڪٿي ڪٿي جيڪي سو ڪسا لڳن ٿا، پر لکڻي ڇينمل جي اهڙي سڌي آهي، جو جيڪي بہ پاڻ چاهي ٿو، سو سولو ئي سولو سمجهہ ۾ اچيو وڃي. سياسي سماجي مسئلن تي ڇيڙ ڇاڙ ڪندي، هي مهاشيہ ڪنهن جو لحاظ رکي ئي ڪونہ. ٿيو جو نرپئہ ۽ مت ـ پڪ، سو جيڪي لکي، سو اهڙي شد مد سان، جو اڳلي تي ڏاڪا ڀڏيو چڙهيو وڃي. چٽر ۽ هاسيءَ سان ور وڏيءَ کي هيسايو ڇڏي.

شهري جيوت ۾ جيڪي آلياچار ٿين ٿا، سماج ۾ جيڪو آنرت ورتي ٿو. تنهن جا پول، ڪڏهن پاڻ کي سونجهو سڏائي، ڪڏهن چمڙا پوش ٻڌجي، سنڌي نثر ۾ پريندي هن پڌرا ڪيا. اِنهي ڏس ۾ پوءِ قلم ٻين بہ کنيو پر سنڌي ساهتيہ ۾ فهميدي سٺ واري نثر جو آڙيڪاپ هيءُ ئي آهي. هند واسي ۽ پارت واسيءَ پرڪاش ۽ سنڌڙي، جي چارٽي ـ پاڪستان ديهي ڏاري، تنهن کان اڳ ئي پنهنجو وارو ڄمائي سماپت ٿي ويئون، تن جي دوارا هن لوڪن ۾ سياسي توڻي سماجي ڳالهين تي، ٿورڙي سجاڳي ڪانہ آندي.

ڇينمل ڪٽڪ بہ واهہ جو هوا انگريزي ۽ هندي، اُردو ۽ فارسيءَ جي ساهتيہ جا آياسي جهڙس سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس لڀندا. ڪنهن سياسي موضوع تي ڳالهايائين يا ڪا ڪتا ڪنيائين، تہ فصاحت ۽ بلاغت جا ڪر ٽٽي پوندا. پر ڪنهن سان سندس شل مت ڀيد نہ ٿئي! پوءِ اڳلو ڪهڙو بہ نہ ڪٽي. سندس سنبنڌي هوندو تہ اُنهي کي بہ هي ڇڏيندو نہ! پر جن سان پبلڪ ڳالهين ۾ ڪيترو بہ مت ڀيد ڇو نہ هجيس، تن سان خانگيءَ ريت هن جي پريت گهٽبي مور ڪانہ." (26)

("سنڌي ساهتيہ جو نچوڙ" دست خط تان)

حوالا

1. جڳتياڻي، لالچند آمر ڏنومل، "چيتمل پرسرام"، هند واسي، بمبئي، جولاءِ 1953
2. جڳتياڻي، وشن ايسرداس، "پروفيسر چيتمل پرسرام"، پورب جوتي، بمبئي، سنڌي ساهتيه سمتي، 1920 (ڇاپو 2)، ص 1
3. جڳتياڻي، لالچند پرسرام، هند واسي، بمبئي
4. گلراجاڻي، رام چيتمل، "پروفيسر چيتمل پرسرام - جنم شتابديءَ تي ڪجهه يادگيريون"، ڪلڪتو "رچنا" مخزن، سال 8، انڪ 30، 1946. ص 30
5. جڳتياڻي، وشن ايسرداس، "پروفيسر چيتمل پرسرام"، پورب جوتي، بمبئي، سنڌي ساهت سمتي، 1960 (ڇاپو 2)، ص 10 . 12.
6. جڳتياڻي، لالچند آمر ڏنومل، چيتمل پرسرام، هند واسي.
6. (A) گلراجاڻي، رام چيتمل، رچنا انڪ.
7. ٻناڻي، هريرام، "ٿياسافسٽ آدو چيتمل"، "رچنا" ساڳيو پرچو ص 31.
8. جڳتياڻي وشن ايسرداس "پورب جوتي" ساڳيو ص 14.13
9. سيد، جي . ايم. (مرتب)، اَڄ پڻ ڇڪيم ڇاڪ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي اَديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، 1977. "چيتمل جا خط" ص 82.26 .
10. سيد، جي . ايم. (مرتب) ساڳيو ڪتاب.
10. (A) سيد، جي . ايم، جنب گذاريم جن سين.
11. سيد، جي . ايم. (مرتب)، ساڳيو ڪتاب
12. ساڳيو حوالو
13. سيد، جي. ايم. "جنب گذاريم جن سين" (جلد 1)، حيدرآباد سنڌي اَدبي بورڊ، 1979 ص 285_295 (ڇاپو ٻيو)
14. سيد، جي . ايم. (مرتب). اَڄ پڻ ڇڪيم ڇاڪ. ص 83_84
15. ٻناڻي، هريرام _ رچنا پرچو ساڳيو. ص 39
16. بسنت، تيرٿ، "رچنا" ساڳيو پرچو. "چيتمل پرسرام گلراج" ص 21_29
17. راشدي، "حسام الدين، "هو ڏوتي، هو ڏينهن"، حيدرآباد سنڌ، سنڌي اَدبي بورڊ، 1977. ص 31

18. بتاڻي، هريرام ”رچنا“ ساڳيو پرچو. ص 38_40
19. جڳتياڻي، وشن ايسرداس پورب جوتي. ص 20_21
20. سيد، جي. ايم، جنب گذاريم جن سين. ص 285_295
21. راشدي، حسام الدين، هو ڏوتي، هو ڏينهن. ص 31
22. جڳتياڻي، وشن ايسرداس، پورب جوتي. ساڳيو ص 6
23. ملڪاڻي، منگهارام. ساهتڪارن جون سمرتيون، اُلهاس نگر 1989 . ص 58
24. بسنت. تيرٿ. ”رچنا“ پرچو. ص 27
25. راشدي، حسام الدين، هو ڏوتي، هو ڏينهن. ص 31
26. جڳتياڻي، لالچند اَمر ڏنو مل، ”سنڌي ساهت جو نچوڙ(قلمي نسخو).

(2)

ڄيٺمل جون سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتون

ڄيٺمل جي حياتي جو مختصر طور احوال لکندي، سندس ادبي لکڻين جو بہ ڪجهہ ذڪر ڪيو ويو آهي. جيئن تہ ڄيٺمل جيون جو گهڻو حصو اخبار نويسيءَ ۾ گذاريو اِن ڪري هن جون گهڻيون رچنائون اخبارن ۽ مخزنن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. سنڌي ساهت جي اوسر ۾ ڄيٺمل جي جيڪا خدمت آهي، هتي ٿوري ۾ انهيءَ جي ڪٿ ڪجي ٿي.

ويهين صديءَ جو مکيہ نثر نويس

ڄيٺمل پرسرام جي ادبي شيوائن جو ذڪر ڪندي، ڪن سنڌي ليکڪن کيس "اوائلي سنڌي نثر نويس" يا سنڌي ساهتيہ جي "پيڙهہ جو پٿر" سڏيو آهي. منهنجي ويچار ۾ سنڌي نثر جي اوسر کي ڌيان ۾ رکندي، ڄيٺمل کي اِهي صفتون ڏيڻ بلڪل غلط آهي. حقيقت ۾ هو موجوده صديءَ جي پهرئين اڌ واري دور جو مکيہ نثر نويس آهي. هتي اِنهيءَ ڳالهہ کي چٽو ڪرڻ غير واجب نہ ٿيندو.

سنہ 1843ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت جو پايو پيو، اُنهيءَ کان اڳ واري زماني ۾ سنڌي نثر نالي ماتر مس مليو آهي. اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ زباني روايتن ذريعي مروج ٿيل سنڌي لوڪ ڪٿائون، قصا ۽ ڪهاڻيون، ٽوٽڪا ۽ لطيفا گهڻا آڳاٽا آهن. اُهي نظم ۾ بہ آهن تہ نثر ۾ بہ آهن. پر لکيل صورت ۾ سنڌي نثر جون رچنائون، جيڪي هيستائين روشنيءَ ۾ آيون آهن، اُهي سترهين عيسوي صديءَ ۾ پڻ قرآن شريف جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ۽ بہ- ٽي ٻيون رچنائون معلوم ٿي سگهيون آهن.

حقيقت ۾ تہ سنڌي نثر ۾ ڪتابن لکڻ جو بنياد برطانيہ حڪومت جي سنڌ ۾ برپا ٿيڻ بعد ئي پيو. تحريري صورت ۾ سنڌي لوڪ ڪٿائون جيڪي نثر ۾ چيل آهن، اُهي سڀ کان اَول ڪئپٽن جارج اسٽيڪ جي لکيل سنڌي گرامر ۾ شايع ٿيل آهن. اِهو ڪتاب هن سنہ 1849ع ۾ بمبئي مان ڇپائي ظاهر ڪيو هئو.•

سنہ 1853 ع تعليم کاتي طرفان مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ سنڌي لاءِ عربي ـ فارسي اَکرن ۾ گهربل تبديل ڪري، سنڌي صورتخطيءَ کي هڪ معياري ۽ مقرر روپ ڏنو. اُن بعد اُن سڏاريل لکت ۾ تعليم کاتي، گذريل صديءَ جي آخر تائين ٿيهارو کن درسي ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيا. شڪارپور جي پوڪرداس ۽ سکر جي هريسنگھہ پڻ اُن زماني ۾ خانگي طور سنڌي نثر ۽ نظم ۾ چڱائي ڪتاب شايع ڪيا. اِن طرح سنڌي نثر جي پيڙهہ اٺويهين صديءَ جي ٻئي اَڌ ۾ وڌي ويئي. درسي ڪتابن ۽ سنڌي نثر جي ٻين ڪتابن لکي تيار ڪرڻ ۾ ننديرام، اُڌارام ٿانورداس (1833ـ 1883) ۽ ڪيولرام سلامتراءِ جي اَدبي خدمتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. اِنهن ٻن کان سواءِ ساڌو نولراءِ (1848ـ1893) ۽ ساڌو هيرانند (1863ـ1893) جي شيوائن کي بہ گهٽي اهميت آهي. حقيقت ۾ اِهي ۽ اُن زماني جا ٻيا نثر نويس ئي سنڌي نثر جي پيڙهہ ٻڌندڙ يا آوائلي دور جا سنڌي نثر نويس آهن. اِهو دور گذريل صديءَ جي آخر تائين هليو جنهن ۾ ٻيا بہ گهڻيئي اَديب ميدان ۾ آيا. اُنهن ۾ سنڌي نثر کي اوج ڏيندڙ چار ساهتيڪار مکيہ آهن: ڪوڙومل چندنمل کلناڻي (1844ـ1916) ميرزا قليچ بيگ (1853ـ1929)، راجرشي ڏيارام گدومل شهاڻي (1858ـ1927) ۽ پرمانند ميوا رام (1844ـ1938). اِنهن کي "سنڌي نثر جا چار ٿنيا" سڏيو ويو آهي. منجهائن پرمانند ميوارام جون اَعليٰ درجي جون سڀ رچنائون ويهين صديءَ ۾ لکيل آهن. اِهو دور گذريل صديءَ جي آخر تائين هليو جنهن ۾ ٻيا بہ گهڻيئي اَديب ميدان ۾ آيا. اُنهن ۾ سنڌي نثر کي اوج ڏيندڙ چار ساهتيڪار مکيہ آهن: ڪوڙو مل چند نمل کلناڻي

• مرليڌر جيتلي، آوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، دهلي ، 1988ع

(1844_1914) ميرزا قليچ بيگ (1853_1929)، راجرشي ڏيارام گدومل شهاڻي (1858_1927) ۽ پرمانند ميوارام (1844_1938). اِنهن کي "سنڌي نثر جا چار ٿنڀا" سڏيو ويو آهي. منجهانئن پرمانند ميوارام جون اَعليٰ درجي جون سڀ رچنائون ويهين صديءَ ۾ لکيل آهن.

سنڌي نثر جو ٻيو دور آهي ويهين صديءَ جي شروعات کان وٺي 1947ع تائين. جڏهن هن ملڪ کي آزادي حاصل ٿي. حقيقت ۾ ته ڄيٺمل اِنهيءَ ٻئي دور جي مکيه نثر نويسن مان هڪ آهي. هن دور جا ٻيا مکيه نثر نويس آهن. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي (1875_1950)، هوتچند مولچند گربخشاڻي (1883_1947) ۽ لالچند اَمر ڏنومل ڄڳتياڻي (1885_1954). اِنهن چئني پنهنجي دور جي سنڌي ساهتيه تي اَمٽ ڇاپ هنئين آهي. موضوع ٻوليءَ توڙي عبارت جي لحاظ کان، اِنهن چئني ساهتيڪارن جون شيوائون، سنڌي نثر کي وڌائڻ ـ ويجهائڻ، سڌارڻ. سنوارڻ جي ڏس ۾ نهايت اَهميت ڀريون آهن.

ڄيٺمل جون رچنائون

ڄيٺمل جي من جو لاڙو ننڍي هوندي کان ئي ڀڄن ـ ڪيرتن ۽ جدا جدا ڌرمن جي متن جو اَڀياس ڪرڻ طرف هئو. پر اِهو خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي ته هن پنهنجي اِسڪولي جيوت ۽ ماستريءَ واري زماني ۾ به ڪجهه لکيو يا نه؟ سندس آڳاٽي ۾ آڳاٽيون لکڻيون. جيڪي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل اسان تائين پهتيون آهن، اُهي ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي جون آهن. لالچند ڄڳتياڻي، جيڪو ڄيٺمل جو هم عمر هئو. تنهن جون لکڻيون ـ "هر مکيءَ جا" ۽ "چوٽ جو چنڊ"، ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي جون رچنائون آهن.• اِن ڪري ممڪن آهي ته ڄيٺمل جو به اُن زماني ۾ لکڻ طرف چاهه پيدا ٿيو هجي.

سنه 1914 جي شروعات ڌاري ئي ڄيٺمل، پنهنجي گهري ساٿيءَ

• "هر مکيءَ جا" 1914 کان اَول ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مسيلنيءَ ۾ ۽ "چوٽ جو چنڊ" سن 1904 ڌاري سرسوتي مخزن ۾ ڇپيا هئا.

۽ عزيز لالچند جي مدد سان ۾ ڪن سنگتين ساٿين جي سهڪار سان ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ نالي هڪ سنستا جو بنياد وڌو. اِن طرفان هر هڪ مهيني هڪ ننڍڙو معياري ڪتاب شايع ڪرڻ جي شروعات ڪئي ويئي. اِن سلسلي ۾ پهرئين سال ۾ ٽي جيٺمل پنهنجا ئي ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيا: هير رانجهو ۽ سمون گندري (2) مهاياري لڙائي (3) ياتي ڪلاچند. پهريون ڪتاب سنڌي لوڪ ڪٿائن تي آهي، ته ٻيو ڪتاب سياسي ۽ سماجي مسئلن سان واسطو رکي ٿو. ٽئين ڪتاب ۾ صوفي سنت ياتي ڪلاچند جي جيوني ۽ سندس ڪلام ڏنل آهن. اِهي ٽيئي وشيه اهڙا آهن، جن تي اڳتي هلي جيٺمل ٻيا به گهڻئي ڪتاب لکيا آهن. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اِهي ٽيئي جيٺمل جا پيارا موضوع هئا.

سنه 1917 ع ۾ جيٺمل ”هندواسي“ اَخبار شروع ڪئي. پوءِ ته سندس قلمي گهوڙو ڏينهون ڏينهن تيز رفتار سان ڊوڙڻ لڳو. هو هڪ ساهسي ۽ بي ڊپو ليکڪ هئو. کهڙو به ٽسينگ يا سرڪاري عملدار چو نه هجي، جيٺمل بلڪل رک ـ رکاءُ نه ڪندو هئو. بس، موقعو ملندي ئي هو ڪنهن جي به ٽڪ مان ور لاهڻ ۾ ويرم ئي نه ڪندو هئو. ڪاٺي کي ڪاٺو ڪوٺڻ ڪوئي ڪائنس سکي. سندس لکڻ جو اَهڙو نمونو عمر پر قائم رهيو. اِنهيءَ حالت ڪري ڪيس جيل جي سزا به ڀوڳڻي پيئي، ته ڪيترن سان دوستاڻو ناتو ته وڃائي وينو. ائين چئجي ته جيٺمل سنڌي اخبار نويسيءَ کي اِها واٽ ڏسي ته جيڪي محسوس ڪجي، اُهو ڪنهن به ڊپ ڊاءِ کانسواءِ ايمانداريءَ سان ظاهر ڪجي. سياست ۽ سماج تي نڪته چيني ڪرڻ وقت جيٺمل جي هميشه اِها عبارت رهي.

جيئن ته جيٺمل مکيه طور آخبارن ۽ مخزنن ۾ لکندو رهيو. جتي مقرر اندر رچنا لکي ڏيڻ ۽ شايع ڪرڻ. جو گهڻو ڌيان رکڻو پوندو آهي، اِنهيءَ ڪري هو پنهنجيءَ ٻوليءَ کي سينگارڻ، سنوارڻ ۽ ٽپي ـ ٽاهي گهڙت ڪرڻ طرف ڌيان ڏيئي نه سگهندو هئو. اِهو ئي سبب آهي جو سندس لکڻيءَ ۾ ڪن ڪن هنڌن تي هجيئن ۽ وياڪرڻ جون غلطيون رهجي ويون آهن. جيٺمل جي ٻولي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ استعمال ٿيندڙ عام فهم

سنڌي آهي، جنهن ۾ سياويڪتا ۽ رواني‌ءَ جا گڻ سمايل آهن.

ڪتابي صورت ۾ ڇپيل جون جيڪي رچنائون حاصل ٿي سگهيون آهن، اُنهن جو تعداد سٺ کن آهي. اُنهن کي مکيه طور هن ريت ورهائي سگهجي ٿو:

اصلوڪيون رچنائون : وشيه جي لحاظ کان اِهي هيٺ ڏنل قسمن جون آهن:

(الف) شاهه لطيف، سچل، سامي‌ءَ ۽ ٻين صوفي درويشن، سنتن ۽ ڀڳتن جي جيون ۽ ڪلام جو اَڀياس. (جيئن ته ـ شاهه جون آکاڻيون، سچل سرمست، ڀائي ڪلاچند).

(ب) ٿياسافي ۽ اُپنشدن جي فلاسافي (ڀڳوت گيتا، راج گيان، وغيره) ۽ جدا جدا ڌرمن جي واقفيت (جيئن ته سناتن ڌرم، اسلام، وغيره).

(ٻ) سياسي ۽ سماجي مسئلا (ساميواد، مهاڀاري لڙائي)

(پ) يادگيريون (ترنگ جو تيرٿ)

(ڀ) ڪهاڻيون (چمڙا پوش جون آکاڻيون)

(2) ترجما ۽ اختصار

(الف) ڌرمي نيتائن، اوتارن، فلاسافرن جا جيون چٽ ۽ سندن ويچار (امرسن، پورب جوتي، شري ڪرشن)

(ب) ٿياسافي‌ءَ جا مکيه سڌانت ۽ فلاسافي (اُپنشد گيان، اوم جي آکاڻي، آنند دربار، وغيره)

(ٻ) ڀارت ۽ يورپي ٻولين جي عمدن ڪتابن جا ترجما ۽ ننڍا ڪيل روپ. (هئلمٽ، فائوسٽ، موناوانا، ٻال هتيا، وغيره.)

اِنهن کانسواءِ ڇپيل انگريزي‌ءَ ۾ ٻه سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي صوفين، سنڌي ساهت ۽ سڀيتا بابت تنقيدي ڪتاب لکي، غير سنڌين اڳيان سنڌي ساهت کي پهچايو آهي. سندس رچيل ڪجهه نظم ٻه ملن ٿا: جن ۾ هن "گلراج" تخلص ڪتب آندو آهي، جيڪو گلراجاڻي‌ءَ جو ننڍو روپ آهي.

ڄيٺمل : هڪ مضمون نويس ۽ نقاد

ڄيٺمل جي اَصلوڪين رچنائن تي جڏهن نظر ڊوڙائجي ٿي، تڏهن هڪدم ظاهر ٿي پوي ٿو تہ هو مکيہ طور هڪ مضمون نويس ۽ آلوچڪ آهي. هن "چمڙا پوش جون آکاڻيون" لکي اَفسانن جي شاخ ۾ پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي. پر اُنهن ۾ هو ڪامياب ثابت نہ ٿيو آهي. سندس لکيل اِهي آکاڻيون حيدرآبادي هندو عاملن ۽ ڀائيبندن جي حقيقي جيون تي ٻڌل آهن، جن ۾ هن سماجڪ ڪرسمن جي اوگهڙ ڪئي آهي ۽ سماج کي سڌارڻ لاءِ ويچار ظاهر ڪيا آهن. اِن خيال کان اِهي حقيقت نگاريءَ واريون آکاڻيون آهن. پر اِنهن ۾ بہ ڄيٺمل جو مضمون نويس وارو ۽ اُپديش ڏيندڙ سماج ـ سڌارڪ وارو روپ گهڻو غالب پئجي ويو آهي. اِنهيءَ ڪري ڪهاڻي ـ ڪلا جي خيال کان اِهي سٺيون رچنائون بڻجي نہ سگهيون آهن.

منهنجي ويچار ۾ ڄيٺمل پرسرام سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ اوچي درجي جي مضمون نويس جي روپ ۾ اُڀري آيو آهي. اِن شاخ ۾ پڻ سندس گهڻا مضمون ويچار ـ پرڌان آهن، جن ۾ هو تت ـ گيان، ٿياسافيءَ ۽ الڳ الڳ ڌرمن جي اُصولن کي سليس سنڌي ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. اُن زماني ۾ جڏهن سنڌي نثر اَڃا پنجاھہ سٺ سالن جو مس ٿيو هئو، تڏهن ڄيٺمل ڳوڙهن ويچارن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪيترن هندن تي تز ۽ نوان اصطلاح ۽ لفظ گهڙي ڪتب آندا آهن. سنڌي نثر جي وڪاس ۾ اِها سندس وڏي خدمت ليکبي.

مضمونن جي ڪيتر ۾ بہ ڄيٺمل جو اعليٰ ۽ ڪامياب روپ اسان کي تنقيدي مضمونن ۾ ملي ٿو. هو پنهنجي دور جي اوچي سطح وارن نقادن مان هڪ آهي. ڄيٺمل جي تنقيد يا آلوچنا جي مکيہ خوبي آهي، اونهي اوک ڊوک ڪري، ڪنهن ويچار کي چٽيءَ طرح سوليءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ. مثال طور، شاھہ لطيف جي ڪلام کي سمجهائيندي، ڄيٺمل نہ فقط ٻين ٻولين جي شاعرن جا نظم ڪٺي خيالن جو نسبتي جائزو پيش ڪري ٿو. پر اِن سان گڏوگڏ شاعراڻي اُڏام ۽ فن جي لحاظ کان شعر جي خوبين جي، ٻين

شاعرن جي شعر سان ڀيٽ بہ ڪري ٿو. اِن ڏس ۾ سندس اَڀياس جو دائرو نهايت وسيع آهي. اِتي هو ڀارت جي ٻين ٻولين جي صوفين جو ڪلام پيش ڪري ٿو تہ انگريزيءَ جي شاعرن (شيڪسپيئر، شيلي، وغيره) جي ڪوتا مان بہ هم ـ معنيٰ مثال سامهون رکي ٿو. ٿوري ۾ چئجي تہ ڊرمن ۾ ساهتيہ جو مشابهتي مطالعو (Comparative Study) ڄيٺمل جي آلوچنا جي مکيہ خاصيت آهي. "شاهہ جي آڪاڻين جي سمجهاڻي" ۽ "سچل سرمست" ڄيٺمل جي آلوچنا جا عمدا مثال آهن.

ڄيٺمل جي تنقيد جو ٻيو سهڻو مثال آهي ـــ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي مرتب ڪيل "شاهہ جو رسالو" (ڀاڱو 1) تي بحث. گربخشاڻيءَ جو اِهو ڪتاب 1923 جي آخر ڌاري نڪتو. اِن تي ڄيٺمل هڪدم اِهو ايڊيشن نظر مان ڪڍي "پارتواسي" اخبار ۾ ادبي بحث ڇيڙي ڇڏيو. اِن اَخبار جو پاڻ سمپادڪ هئو. هن عام جنتا جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ تنقيد کي سنسني خيز نموني پيش ڪيو تہ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ شاهہ جي رسالي جو خون ڪيو آهي. هن گربخشاڻيءَ کي عالم ڪوٺيندي، مٿس ٽن خونن ڪرڻ جي تهمت لڳائي.

(1) **سنڌي ٻوليءَ خون:** (ڊاڪٽر گربخشاڻي تمام اوکا عربي ـ فارسي لفظ رسالي جي "مقدمہ" ۾ ڪتب آڻي، سنڌي ٻوليءَ جو خون ڪري ڇڏيو آهي.)

(2) **روحاني رازن جو خون:** (ڄيٺمل ڏيکاريو تہ ڪيترن بيتن جون معنائون ۽ اُنهن ۾ لڪل روحاني ڳالهيون، گربخشاڻيءَ غلط نموني سمجهايون آهن.)

(3) **رسالي جي هڪ هزار کن بيتن جو خون:** (گربخشاڻيءَ پنهنجي ايڊيشن ۾ ڪيترائي بيت ڌاريا ڄاڻائيرد ڪري ڇڏيا هئا. اُنهن کي خارج ڪرڻ لاءِ هن کي بہ وزنائتيون ثابتيون پيش نہ ڪيون هيون. هن فقط پنهنجي پسندگي ۽ ناپسنديدگي ڏيکاري هئي. اِن تان ڄيٺمل کي سخت منيان لڳي هئي.)

ڄيٺمل جو هڪدم وني گربخشاڻيءَ کي سڱن تي کنيو سو ڀيرومل مهرچند، لالچند جڳتياڻي ۽ ڪي ٻيا عالم گربخشاڻيءَ جي بچاءَ لاءِ بحث ۾ گهڙي پيا. ٻئي طرف وري ميرزا قليچ بيگ، ليلارام وطن مل

لالواڻيءَ ۾ ڪن ٻين ڄيٺمل جي جُلهہ ڪي نيڪ چاڙهيو. مطلب تہ عالمن جون ٻہ ڏريون ٿي پيون ۽ اُن زماني ۾ اَخبارن ۾ جيڪو اَدب بحث ڇڙي پيو، اُهو سنڌي تنقيد جو هڪ سهڻو مثال آهي. اِنهيءَ ادبي مواد مان اُن دور جي آدبي شناس جي بہ پليءَ پانت چاڻ ملي ٿي. پيرومل جيتوڻيڪ شروع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو طرف ورتو خاص ڪري اِنهيءَ لاءِ تہ متان هو دل ـ شڪستو ٿي، ٻين پاڳن کي شايع ڪرڻ جو خيال ٿي نہ لاهي ڇڏي. تنهن هوندي پڻ پوءِ سنہ 1938ع ڌاري "سنڌو" ۽ ٻين ڪن اَخبارن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي غلطين کي بہ ظاهر ڪري ڏيکاريائين. (اهو ڪتاب "گربخشاڻيءَ وارو شاهہ جو رسالو منهنجي نظر ۾" جي سري هيٺ ڇپجي پڌرو ٿيو جنهن جو نئون ڇاپو سال 2018ع ڪلچر ڊپارٽمينٽ پاران شايع ٿيو)

ڄيٺمل جي اِنهيءَ سخت آلوچنا جو اِهو نتيجو نڪتو جو پوءِ گربخشاڻيءَ قبول ڪيو تہ هن جيڪي بيت ڏاريو ڪلام لکي، شاهہ جي رسالي مان ڪڍي ڇڏيا آهن، اُهي هو آخر ۾ گڏ ڪري هڪ الڳ ڪتاب جي صورت ڏيندو. جيئن پڙهندڙ اُنهن جو بہ مطالعو ڪري سگهن. هن "شاهہ جو رسالو" (جلد ٻيو) جي منڍ ۾ لکيو آهي تہ "ڏاريو ڪلام جو شاهہ صاحب جي نج ڪلام کان ڇني ڌار ڪيو ويو آهي، سو پڻ اميد آهي تہ ضميمہ طور جدا ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو تہ پل تہ اُهو بہ سنڌي شعر جو هڪ خلاصو ڪتاب ليکجڻ ۾ اچي."

ڄيٺمل پنهنجا سڀ دليل پوءِ هڪ چونپڙيءَ جي روپ ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. اُهي پڙهڻ بعد مون ڏٺو تہ برابر سندس دليلن ۾ وزن آهي. گربخشاڻيءَ جيڪي بيت رد ڪيا هئا، اُنهن لاءِ هو تسلي بخش ثابتيون پيش نہ ڪري سگهيو هئو. اِهو اَدبي بحث سنڌي آلوچنا جو عمدو مثال آهي. اَفسوس تہ اِهو جدا جدا مخزنن ۾ قسطن ۾ ڇپيل آهي ۽ هن وقت ناياب آهي. جيڪڏهن اِهي سڀ پرچا گڏ ڪري، بحث کي ترتيب وار بيهاري شايع ڪجي، تہ اِهو شاهہ جي ڪلام کي سمجهڻ ۾ بہ گهڻي قدر مدد ڪندو.

ڄيٺمل جي آلوچنا جو ٻيو روپ آسان کي تڏهن ٿو ملي، جڏهن هن سنہ 1940ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي وٺ ڪئي. هو صاحب تعليم

ڪاتي جو ڊائريڪٽر هئو ۽ خواجہ زمان لواريءَ جو سنڌي ڪلام "آبيات سنڌي" نالي سان، ڪراچيءَ مان سنہ 1939ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو هئائين. اِهو ڪتاب بي. اي ۾ سنڌي پڙهندڙن شاگردن لاءِ درسي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو هئو. ڄيٺمل جو مکيہ اعتراض هئو تہ اُن ۾ عربي - فارسي لفظ، بيتن جي سمجهاڻيءَ ڏيندي استعمال ڪيا ويا آهن. ٻيو تہ ڊاڪٽر دائود پوٽي مهاڳ ۾ تعصب وچان ڪي اهڙيون ڳالهيون لکيون آهن، جيڪي هندو شاگردن توڙي پاڙهيندڙن جي جذبات کي گهڻو ڏکوئين ٿيون. اِها سموري تنقيد پوءِ ڊسمبر 1940ع ۾ برپا ڪيل "سنڌي ساهت سڀا" طرفان چوپڙيءَ جي صورت ۾ ڇپائي ظاهر ڪئي ويئي. اُن جو پريزيڊنٽ ڄيٺمل پاڻ ۽ سيڪريٽري موتيلال لچيرام ٻناڻي بڻيو. سڀ جا مقصد هئا.

(1) سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت (ادب) جي ترقي.

(2) نج ۽ سپاويڪ سنڌيءَ کي قائم رکڻ.

(3) سنڌي سڀيتا (تهذيب) جي کوجنا. • اِن سڀا طرفان پوءِ ٻيا بہ پترا ڇپايا ويا، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو روپ بدلائي عربي - فارسي ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي ويئي.

دائود پوٽي تعليمي ڪاتي جي ڊائريڪٽر هئڻ جي حيثيت ۾ سنہ 1940ع ۾ نوان درسي ڪتاب تيار ڪرائي ڇپايا. اُنهن ۾ ڪيترن سنڌي لفظن جون هجيئون، عربي مول لفظن واريون رکيون ويون. اِن سان گڏوگڏ ڊگها حرف علت لکڻ لاءِ اَعرابون، حرف صحيح تي لڳائجن يا "ي" ۽ "و" تي لڳائجن (جيئن تہ - ٻڪري - ٻڪرِي: قوت - قُوت: قوت ـــ مؤت). اِن مسئلي کي ڪٺي عالمن ۾ اِختلاف پيدا ٿي پيا. ڊاڪٽر دائود پوٽي اِنهن درسي ڪتابن ۾ اَصلوڪو عربي - فارسي ٻولين وارو اعرابن لڳائڻ جو سرشتو استعمال ڪيو هئو. اِنهيءَ تي ڄيٺمل ۽ ٻين سنڌي عالمن اَعتراض ورتو تہ اِن ريت سنڌي ٻوليءَ جو روپ ڄاڻي واڻي بدلائي، عربي فارسيءَ وارو

• سنڌي ساهت سڀا (پترو نمبر 1) - "سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن ٿو ڦيرايو وڃي!" حيدرآباد سنڌ، 20 ڊسمبر 1940.

ڪيو پيو وڃي. اَدبي تنقيد ۽ ڀاشا وگيان جي خيال کان پڻ، ڄيٺمل جو شروع ڪيل اِهو بحث گهڻي اَهميت رکي ٿو.

ٿوري ۾ چئجي ته اُهو زمانو اَهڙو هئو جنهن ۾ ڄيٺمل اَدبي مسئلن کي ڪٽي، اُنهن تي گهڻو بحث ڪيو ۽ هڪ اعليٰ درجي جي آلوچڪ جي روپ ۾ پاڻ کي ثابت ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڄيٺمل جون اِهي ڪوششون نهايت اَهم آهن.

ڄيٺمل جون ٻيون ادبي ڪوششون

سنڌي ساهت جي کيتر ۾ ڄيٺمل پرسرام جا ٻيا مکيه ڪم آهن:

(1) سهڪاري متي تي سنڌي ساهت سوسائٽي برپا ڪرڻ، جنهن ۾ لالچند ۽ ٻيا سندس ٻانهن ٻيلي هئا.

(2) ڪتابي سلسلا شروع ڪرڻ. هن 1922ع ۾ ٽي ڪتابي سلسلا شروع ڪيا ـ نئين سنڌي لئبرري، سستو عمدو ساهت مالا ۽ برهم وديا مالا. اِنهن جي ذريعي هن سنڌي عوام ۾ نه فقط فلاسافي ۽ ٿياسافيءَ جهڙن ڳوڙهن وشين تي ڪتابن پڙهڻ جو چاهه پيدا ڪيو، پر اُن سان گڏوگڏ ڪين جدا جدا ٻولين جي ساهتيه ۾ ملندڙ شاهڪار رچنائن طرف به ڌيان ڇڪايو. ڄيٺمل کي ترجمن ڪرڻ ۽ وڏن ڪتابن جو اُلٿو ڪري اِختصار تيار ڪرڻ جو به انوکو ڏانءُ هئو. اِن جي ذريعي هو اَصلوڪين رچنائن جو ساءُ، سنڌي پاٺڪن کي ڏيڻ ۾ گهڻو ڪامياب ٿيو.

(3) نوجوان ليکڪن کي لکڻ لاءِ اُتساهه ڏيڻ. ان ڏس ۾ هن منگهارام ملڪاڻيءَ، اَمر لال هنگوراڻيءَ، آسانند مامتورا ۽ ٻين کيترن کي همٿايو.

(4) ساهت سڀائون برپا ڪري، سميلن گهراڻي، عام سنڌين ۾ ساهتيه پڙهڻ لاءِ سجاڳي بيدار ڪرڻ.

(5) ساهتيه ۾ اخلاق ۽ اظهار جي ايمانداريءَ شناس پيدا ڪرڻ. هن پنهنجيءَ لکڻيءَ وسيلي ٻين ۾ اِها ڀوجهه پيدا ڪئي ته ليکڪ

جيڪي محسوس ڪري ٿو اُنهيءَ کي ڪنهن بہ ڊپ کان سواءِ هو بيباڪيءَ سان ظاهر ڪرڻ جي همت بہ پاڻ ۾ رکي.

(6) جيئمل اِنهيءَ مٽي جو هئو تہ سات، جيون جي ڀلائيءَ ۽ ترقيءَ جو ماڏيم آهي. اِنهيءَ ڪري اَديب کي گهرجي تہ پنهنجي قلم ذريعي هو مظلومن، هارين ـ نارين، جي حق ۾ آواز پيدا ڪري ۽ سماج مان ڪُريتين کي پاڙئون پٽي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري.

ڄيٺمل جي حياتيءَ جا اهم سال

1885 ـ (آڪٽوبر) ـ ڄيٺمل جو جنم

1902 ـ بمبئي يونيورسٽيءَ جو مئٽريڪيوليشن اِمتحان پاس ڪيائين. (نولراءِ هيرانند اڪيڊمي، حيدرآباد سنڌ ۾ ثانوي تعليم پرايائين).

1903 ـ نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ ماستري شروع ڪيائين.

1904 ـ ڏاري ڄيٺمل، ڀائي ڪلا چند جي زور ڀرڻ تي شادي ڪئي.

1905 ـ پهرئين ٻالڪ راڌيءَ جو جنم ٿيو.

1910 ـ ڄيٺمل ڪراچيءَ جي ”مدرسة الاسلام“ ۾ ماستر ٿيو. اِن سال ڪيس پٽ ڄائو جنهن جو نالو موهن رکيو هئائين.

1911 ـ نيو هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ هيڊ ماستريءَ جي عهدي تي هئو. اُتان ڄيٺمل استعيفا ڏني.

1912 ـ ڄيٺمل کي ڌيءَ ڄائي، جنهنجو نالو هري رکيو ويو.

1913 ـ ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ ڄيٺمل ٻه حصو ورتو. اِن دور ۾ ئي هو لوڪ مانيه تلڪ ۽ اينـي بيسنٽ جي آثر هيٺ سياست ۾ چستيءَ سان حصو وٺڻ لڳو.

1914 ـ ڄيٺمل پنهنجي ساٿيءَ لالچند جڳتياڻيءَ ۽ ٻين سان گڏ سهڪاري متي تي حيدرآباد سنڌ ۾ ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ برپا ڪئي. ڏيڍ سال کن پاڻ اِنهيءَ طرفان ماهوار ڪتابن جو ايڊيٽر هئو. پر پوءِ ڇپائيءَ ۽ مهتمم جو بار لالچند جڳتياڻيءَ کنيو. هن سال ڄيٺمل کي ٻيو پٽ ڄائو جنهن جو نالو رام رکيو ويو.

1916 - اَپريل ۾ لوڪ مانيہ تلڪ پونا ۾ ”اِنڊين هوم رول ليگ“ برپا ڪئي. سيپٽمبر ۾ اَئني بيسنٽ ”آل انڊيا هوم رول ليگ“ جو پايو ڪلڪتي ۾ وڌو.

1917 - ائني بيسنٽ حيدرآباد ۾ سنڌ نئشنل ڪاليج جو بنياد وڌو جنهن ۾ ڄيٺمل سندس ساٿي هئو. اِنهيءَ سال ۾ پهرين جولاءِ کان ڄيٺمل، حيدرآباد سنڌ مان روزاني سنڌي اخبار ”هند واسي“ نالي سان شروع ڪئي. اِنهيءَ جو مکيہ مقصد هئو سنڌ ۾ ائني بيسنٽ جي سياسي ويچار ڌارا ۽ ٿياسافيءَ جو ڦهلاءُ ڪرڻ. اِن ۾ آدبي ليک بہ شايع ٿيندا هئا. اِن سال سنڌ ۾ ”آل انڊيا هوم رول ليگ“ جي شاخ بہ جاري ڪئي ويئي.

1919 - پندرهين مارچ تي رولٽ ائڪٽ پاس ڪيو ويو. اِن جي خلاف ٽيهين مارچ تي دهليءَ ۾ سوامي شر ڌانند جي اڳواڻيءَ هيٺ تحريڪ شروع ڪئي وئي. ڇهين اَپريل تي مهاتما گانڌيءَ اِن ائڪٽ خلاف هلچل جو سڏ ڏنو. تيرهين اَپريل تي اَمرتسر ۾ جليان والا باغ ۾ برطانيہ فوجن، بيگناهہ ڀارتواسين جو قتل — عام ڪيو سورهين مئي تي ڄيٺمل کي ان واقعي خلاف هند واسيءَ ۾ سمپادڪي ليک لکڻ جي ڪري گرفتار ڪيو ويو.

1920 - ڄيٺمل جي گرفتاريءَ بعد جئرامداس، گهنشيام شوداساڻيءَ ۽ چوئٿرام گدواڻيءَ هند واسيءَ جون واڳون سنڀاليون هيون. هن سال ۾ هنن اخبار جو نالو بدلائي ”ڀارتواسي“ رکيو. هن سال جي آخر ڌاري ڄيٺمل کي جيل مان آزاد ڪيو ويو.

1921- ڄيٺمل ”ڀارتواسيءَ“ جون واڳون ورتيون ۽ سنہ 1925 تائين اِن کي باقاعدي هلائيندو رهيو. جنوريءَ کان وٺي ڄيٺمل ”روح رهاڻ“ نالي سان ماهوار مخزن بہ شروع ڪئي، جنهن جو مکيہ مقصد ٿياسافيءَ جو پرچار ڪرڻ هئو. سن 1944 تائين اِها مخزن ساندهہ شايع ٿيندي رهي، پوءِ بہ سال کن بند رهي. سن 1947 ۾ ڄيٺمل اِها وري ملڪ جي ورهاڱي سببان ڪيس بند ڪرڻي پيئي.

ڄيٺمل جي پٽ رام ۽ سندس گهر واريءَ (ديويءَ) بمبئيءَ مان آڪٽوبر 1954 ۾ ”روح رهاڻ“ ماهوار شروع ڪئي، پر اُن جا پنج - ڇهه پرچا مس شايع ٿيا.

1922 - ”نئين سنڌي لئبرري“ نالي سان ڄيٺمل سنڌيءَ ۾ معياري ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا. اِن سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي ”شاهه جون آڪاڻيون“ ڀاڱو پهريون هو. هن سال ۾ ڄيٺمل ”سستو عمدو ساهت مالا“ ۽ ”برهم وديا مالا“ نالي سان ٻه ٻيا ٻه ڪتابي سلسلا جاري ڪيا.

1923 - حيدرآباد ۾ رابيندر ناٿ ڊرئميٽڪ ڪلب برپا ڪئي ويئي. اِنهيءَ جو پايو وجهندڙن ۾ ڄيٺمل ٻه مکيه ڪم ڪندڙ هئو. هن ڪن ناٽڪن ۾ پارٽ به رول ادا ڪيو.

1924 - هن سال جنوريءَ ۾ ڄيٺمل، گربخشاڻي جي مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ (ڀاڱو پهريون) تي بحث شروع ڪيو.

1929 - ڄيٺمل ”سنڌ هيرلڊ“ نالي سان ڪراچيءَ مان هفتيوار اخبار شروع ڪئي. اِنهيءَ سان گڏ گوپالداس ليکراج جي جاري ڪيل ”پرڪاش“ سنڌي اخبار جو پڻ سمپادن ڪرڻ لڳو، جنهن ۾ لالچند جڳتياڻي گڏ هوس.

1931 - ڄيٺمل شڪارپور ۾ سنڌي ساهت ڪانفرنس گهرائي. هن سال کان وٺي ”سنڌ هيرلڊ“ جو سنڌي روزاني اخبار جي روپ ۾ به ايڊيشن ڪيڻ لڳو. اِها اخبار 1932 ۾ بند ٿي ويئي. ڇاڪاڻ ته سرڪار پرنٽنگ پريس ضبط ڪري، نيلام ڪئي.

1933 - هن سال ڄيٺمل، سنڌ نئشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. اِن ڪاليج ۾ هن 1941 تائين پاڙهيو. اِن دوران پڻ هو سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ مشغول رهيو. هارين - نارين جي بهبوديءَ لاءِ لڙڻ، بمبئيءَ کان سنڌ جدا ڪرڻ جي گهر ڪرڻ، سو ديشي هلچل ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ڪم سنڀالڻ. — سندس مکيه ڪم هئا. 33 - 1934 ڌاري ”سنڌڙي“ هفتيوار اخبار جو پڻ

آنرري سمپادڪ هئو.

1936 ـ ڄيٺمل جي پٽ رام جي شادي، لالچند جڳتياڻيءَ جي ڌيءَ ديويءَ سان ٿي.

1940 ـ ڄيٺمل سنڌي ٻوليءَ جو نيٺ روپ قائم ڪرڻ لاءِ آواز اٿاريو ۽ دائود پوٽي درسي ڪتابن ۾ اَعرابن جو جيڪو عربي ٻوليءَ وارو طريقو اپنايو هئو اُن جي خلاف هلچل هلائي. 9 ڊسمبر 1940 ۾ حيدرآباد ۾ "سنڌي ساهت سڀا" کولي ويئي، جنهن جو پريزيڊنٽ ڄيٺمل ۽ سيڪريٽري موتي لال لچيرام بڻايا هئا. اِن سڀا طرفان پترا ڇپائي ورهايا ويا. غلام مرتضيٰ سيد "سنڌ يونيورسٽي" برپا ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي هئي. اُن ۾ ڄيٺمل پرسرام ٻـ ميمبر هئو. اُن ڪاميٽيءَ جدا جدا يونيورسٽين جي سرشتي جو اَڀياس ڪرڻ لاءِ هن سال ڀارت جو دورو ڪيو هئو.

1941 ـ ڄيٺمل ڪراچيءَ ۾ سنڌي ساهت ڪانفرنس گهرائي، جنهنجو سڀاپتي ڪشنچند بيوس هئو. هن ڪانفرنس ۾ سنڌيءَ جو سياويڪ روپ قيرائي، اُن کي عربي جامو پهرائڻ جي سخت مخالفت ڪئي ويئي. جي. ايم. سيد، سنڌ سرڪار جي تعليمي وزير طور سرڪار طرفان "سنڌي اَدب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار ڪاميٽي" برپا ڪئي، جنهن ۾ هن ڄيٺمل کي ٻـ ميمبر طور کنيو.

1943 ـ شري سرسوتيءَ پريشد حيدرآباد طرفان وڪرم سمبت ٻـ هزار پورا ٿيڻ جي موقعي تي، حيدرآباد ۾ "وڪرم مها سميلن" ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جنهن ۾ ڄيٺمل ٻـ مکيہ ڪم ڪندڙ هئو.

1944 ـ مارچ 25 ڇيٽي چنڊ کان وٺي 2 اپريل تائين حيدرآباد ۾ وڪرم مها سميلن ڪيو ويو. اِن ۾ سنڌ ۾ "وڪرم يونيورسٽي" برپا ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. اِن يونيورسٽيءَ جو مکيہ مقصد هئو ڀارتيہ سنسڪرتيءَ ۽ سنسڪرت ڀاشا ۽ ساهتيہ جو سنڌ ۾ ڦهلاءُ ڪرڻ.

چيٿمل اِن يونيورسٽيءَ جو سمورو سرشتو جوڙي تيار ڪيو. اِن ۾ پنڊت ڪشنچند جيٽلي بہ چيٿمل سان مڪيہ ڪم ڪندڙن مان هڪ هئو.

1946 ـ ڊسمبر ڪراچيءَ ۾ هندي ساهتيہ سميلن ٿيو. اِن ۾ سنڌالاجيءَ جي اَيپاس لاءِ چيٿمل، ڪشنچند جيٽلي ۽ ٻين، هڪ اَڪاڊمي برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

1947 ـ چوڏهين آگسٽ تي، پاڪستان جي وجود ۾ اَچڻ تي چيٿمل ڪراچيءَ ۾ جناح جي آجيان ۾ ”سنڌ هيرلڊ“ جو خاص پرچو وڏي شد مد سان شايع ڪيو. اِن کان اڳ ۾ ئي سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ شروع ٿي ويئي هئي. اِن تي چيٿمل ٻين ڪن ساٿين سان گڏ سنڌ جو دورو ڪيو ۽ هندن کي سمجهايو تہ اُوهين پنهنجي جنم ڀونءِ ڇڏي نہ وڃو. اِن مقصد ۾ چيٿمل ڪامياب نہ ٿيو. ملڪي بگڙيل حالتن کي ڏسي هو اُداس ۽ بيمار ٿي پيو.

1948 ـ مارچ ۾ چيٿمل جا ساٿي ڪيس بيماريءَ جي حالت ۾ زوريءَ بمبئيءَ وٺي ويا. اُتي سندس علاج چالو رکيو ويو، پر ڦڪين ڪوبہ فرق نہ ڪيو.

1948 ـ ڇهين جولاءِ تي رات جو ڏيڍ ـ ٻي بجي ڌاري بمبئيءَ ۾ چيٿمل جو سرڳواس ٿيو.

شاھہ جون آکاڻيون

ياڳو پهريون

(1)

سهڻي ۽ ميهار

”ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو!“ نالو ئي جنهن جو سهڻي، تنهنجي صورت ڇا هوندي! هئي سا ڏيءُ ڪنيار جي، پر ڪنيار جي من ۾ ڪا حسن جي بي نظير خوبي هئي! جيئن ٿانوَ سهڻا ٿي ناهيائين، تيئن سهڻي بہ ڪا سهڻي گھاڙت تان گھڙيائين. ماءُ ڏيءُ ڪيئن ٿي سمجھي، پر امبيءَ ڦل ٿي پانيو. تنهن ڪيس پاليو تاتيو اهڙو نفيس ۽ نازڪ، جو سهڻيءَ جا لڇڻ بہ ڪنهن وڏ گھراڻيءَ خوبصورت جا ٿيا. ڪي چون ٿا تہ سهڻي، شاجهان بادشاه جي ڏينهن ۾ تلا ڪنيار جي گھر ۾، پنجاب ۾ ڄائي هئي، ڪي چون ٿا تہ سهڻي سنڌ ۾ شهدادپور جي پر ۾ ڄائي هئي، جتان تنهن وقت سنڌو درياه ٿي وهيو. ڪي چون ٿا تہ سهڻيءَ جي ڳوٺ پر، چناب ندي وهندي هئي، ڇو تہ پنجاب ۾ ڄائي هئي. ڪٿي بہ ڄائي، پر پلي ڄائي: سچل فقير جو هڪ لفظ ڦيري جيڪر چئجي:

”بيــون سـيـيـئـي مـاءُ پـيءُ ڄـايـون
پـر هـيءَ (عشـق) حسـن جـي ڄـائـي.“

سهڻي اجا ننڍي هئي تہ قرآن شريف پڙهي ويندي هئي. شڪل ۽ لڇڻن ۾ وڌندي ويئي. چون ٿا تہ بخارا جو هڪ سوداگر هو، نالو هوس مرزا علي بيگ. پيريءَ ۾ پٽ ڄائس، جنهن کي عرش جي نعمت ڪري ٿي سمجھائين. تربيت اهڙيءَ ترتيب سان ڏنائينس، جو جوان سهڻو ۽ قابل ٿيو. نالو هوس عزت بيگ. ڦيروءَ جي دل ۾ سفر جو شوق هو سو گھمندي گھمندي اچي سهڻيءَ جي ڳوٺ وٽ لٿو. نديءَ جي پر تي تنبو هڻي، لهي پيو. ڪي چون ٿا تہ اِهو عزت بيگ مٿينءَ پنجاب واري سهڻيءَ جي ڳالھ وارو آهي، پر اسان جي سنڌ جي سهڻيءَ جي آکاڻيءَ واري جوان جو نالو هو ساهڙ. شاه صاحب اکر ساهڙ ڪم آندو آهي. ساهڙ معنيٰ هاڻ عام ريت

”دوست“ آهي، سو چئي نٿو سگهجي تہ شاهہ صاحب سچ پچ نالو ساهڙ ڪري ڪم آندو آهي، ڪين دوست ڪري ڪم آندو آهي. قصو ڪوتاهہ هڪ سهڻي من موهڻي، تہ ٻيو ساهڙ مننار. ساهڙ موڪليو پنهنجي ماٺهوءَ کي تہ وڃي ڪي ٿورا ٿانو شهر مان وٺي اچ، پر سهڻا وٺي اچج، ڪم بہ ايندا سون. ماڻهوءَ پڇا ڪئي، معلوم ٿيس، تہ ڪنيار ٻيا بہ گهڻا آهن، پر تلا ڪنيار واهہ جا ٿانو ناهيندو آهي. هي ميان آيو تلا ڪنيار وٽ. ڏٺائين تہ برابر! ٿانون جي صورت سهڻي هئي، پر ٻي جا انساني صورت ۾ گل ضعفان موجود هئي، تنهن تي بہ نظر وڃي هن شخص جي پيئي. سهڻي پردي جي بنديل ڪا بلبل ڪا نہ هئي، پر آزاد هئي. سو ساهڙ جي ماڻهوءَ بہ ڏسي ورتي. ٿانو تہ ڳڏائين، پر هن جي صورت جي شڪل بہ اکين ۾ جهپي رکيائين. ساهڙ وٽ اچي حيرت ۾ بيهي رهيو. پڇيائينس تہ ڪر خبر ڪهڙي موَ ۾ آهين؟ چي سهڻا چا ٻڌايانءِ، صورت ڪا ڏٺي اٿم! جنهن ۾ ڪا گهٽتائي نہ هجي. چا ڪماليت جي خوبي! ڪنيار جي ٿانون سان گڏ مولي هيءَ بہ حسن حيرت جي صورت گهڙي رکي آهي. ساهڙ جي دل اتي ئي چرڻ لڳي. يلا قسمت جي راند تي هينئر شروع ٿي. هر يارُ پنهنجي ماڻهوءَ سان گڏجي، آيو ڪنيار جي گهر. ڪنيار سندس تعظيم ڪئي. ساهڙ چيس واهہ جا تنهنجا ٿانو آهن، ٻيا بہ کپنم. نالو ٿانون جو ٿي ڪيائين، پر اکيون ڪنهن ٻيءَ پريءَ روءِ تي هيس، جا سهڻي بہ ويٺي هئي. هِنَ جون اکيون هِنَ ۾، هُن جون اکيون هن ۾. ڪو اڳيون پيار هون. ڪنيار کي ڪل ڪانہ پيئي تہ هي سوداگر، سهڻيءَ تي حيران ٿي ويو آهي. هن ڀانيو تہ منهنجي ٿانون تي عاشق ٿيو آهي. خير چون ٿا تہ ائين ئي ساهڙ ۽ سهڻيءَ جي سنگت شروع ٿي. ساهڙ بہ ڪٽي نڪ ٻڌي ٿانو وٺڻ ئي، مڪر اهو پردل هنجي سهڻيءَ جي ڪنول نيڻن ڪنيي رکي هئي. آڪاٽي ٿي چوي تہ هن سوداگر جوان سڀ پيسا ڪپائي ڇڏيا، هڙ ۾ ڪجهہ بہ نہ بچيس. ڪنيار کي چيائين تہ نصيب هيئن ڏڪ هنيو اٿم. ڏوڪڙ کٽي ويا، وطن دور ٿيو هاڻ آءُ ٻيو ڪيڏانهن وڃان؟ مون کي کٽي تون پاڻ وٽ ويهار. آءُ تنهنجو ڪم ڪار ٻيو ڪندس. تنهنجون ڳايون مينهون بہ پيو چاريندس، تون

مونکي هنن سھڻن ٿاون ناھڻ جي ترتيب ڏجاڻڻا ڪنيار دل ۾ چيو ٺاھوڪو جوان، چڱن مائٽن جو ڇوڪر مفلس ٿي ويو آھي. مونکي بہ اڳ گھٽو ٺي ورسايو اٿس، سو جو مون وٽ رھيو تہ پاڻ چڱو. اھا خبر ڪانہ پيس تہ مون جي ھنجي زر، ٿانوَ وڪڻي پاڻ وٽ ڪئي، تہ ھن منھنجي املھہ ماڻڪ ڌيءَ جي دل ڪسي پاڻ وٽ رکي آھي ۽ انھيءَ محبت ۾ مست ٿي، تو مون وٽ ميھار بيھي. سھڻيءَ ۽ ساھڙ پنھنجو پريم بہ اھڙي طرح رکيو ھو جو عام کي ڪا ڪل ٺي ڪانہ جڙي ھي ڏاڍا خوش. ميھار ويندو ھو مينھون چارڻ. سھڻي آزاد نينگر خوب گھمي ڦري، ڪڏھين نديءَ جي پر ۾، ڪڏھين ساون ميدانن ۾، ڪڏھين جھنگلن ۽ ٻيلن ۾. ميھار چيو سھڻي کي آءُ تنھنجو، سھڻي چيو ميھار کي آءُ تنھنجي. قدرت ۽ قادر ٻنھي، ھنن ٻن دلين جو ناتو ٻڌو ۽ ھنن جو نڪاح بہ پيو. پر ڪنيار کي خبر ڪانہ رھي. ميھار رھندو ڪنيار جي گھر ۾ ھو پر "دست بہ ڪار، دل بہ يار." نيٺ ڏينھن گذريا. ڪستوريءَ جي خوشبوءِ ڪيئن ڳجھي رھي؟ تيئن عشق جي خوشبوءِ ڪڏھين نہ ڳجھي رھي. اھڃاڻ سرتين ۽ ساٿين کي پوڻ لڳا تہ جوان ميھار ۽ سھڻيءَ جي ڪا پريت آھي. ٻڌي مائٽن جو بہ ڪو سڪ ڦٽي پيو. پر ھڪ سھڻي ٻيو ميھار ۽ ٽيون ميھار جون مينھون. چوٿون "محبتي ميھار جون دل اندر دونھيون". مائٽن کي ڪا بہ ڪل ڪانہ رھي تہ سھڻي ميھار تي مست آھي ۽ ميھار سھڻيءَ تي مست. مينھون قسم قسم جون، ڪاريون، ڪنڍيون، ڪڪيون، ڪڏھين ٻيلن جا چاھڪ چرن، ڪڏھين پاڻيءَ جا تار ترن ۽ ميھار جي سڏ تي جيئن جيئن ٻيبيون ڪر ڪڻن، تيئن تيئن سھڻيءَ جي من ۾ ٻيبيون محبت جون موجون اٿن. ڏاڍو وندر جو وقت گذاريائون. سھڻيءَ جي مينھن سان محبت ڏاڍي ٿي. پيئي چوندي ھئي :

ميـنـھـون اِن ميـھـار جـون الا سـپ بـچـن.
وَڃـون جـي ڪـيـرن ۾ سـدائـيـن سـنـھـن.

ڪر = ڪنڌ، چاھڪ = گاھ ڪيرن = ڪلن.

مينھون ھن ميھار جون الا سپ جين.
كاريون،كنديون، ككيون، وارا كيو وھن
جُوءِ جا جانارن جي، ٻيلا ٻھہ ٻھہ ڪن.

چاھڪ چري، تار تري، آيون متي آر.
كوڙين كر كٽنديون، سٽي سڏ ڏرار،
مينھون ساڻ ميھار، پرچي پار لنگھنديون.

چاھڪ چري، تار تري، آيون متي ڳن
كوڙين كر كٽنديون، ساھڙ جي سمن
مينھون ساڻ آمن، پرچي پار لنگھنديون.

چاھڪ چري، تار تري، آيون متي كوھ
سٽي سڏ ساھڙ جو، راضي ٿيندا روح
مينھون ساڻ صبوح، پرچي پار لنگھنديون.

جيئن ٿيون مينھون ساھڙ جا سڏ ٻڌن، تيئن ٿيون كنڌ كٽن. ٻيلن ۾ اندر كٽي نھار تہ ٻيلا پيا سندن چمكندڙ كلن سان ٻھ ٻھ ڪن ۽ سُونھن.

اھا ميھار جي محبت جي ميخ كيئن سھڻيءَ كي لڳي؟

"چُكيءَ تنھن چري ڪئي جو ڏنس ان ڏھي
سھڻيءَ كي، سيد چوي، وڏو قرب ڪھي."

ويچارن پانيو تہ وقت ھيئن ئي لنگھندو، پر اھو عشق ڪھڙو جو ڏسي نہ وڇوڙو! اھو وڇوڙو سندن لِلاٽ ۾ لکيو ھو :

وارا = ڦيرا، وھن = ويامن، جوءِ = جاءِ، ٻہ ٻہ = چمڪن، سمن = سڏ =انجام، امن = سلامتي، آر =آرو اھو ھنڌ جتي اچي ڪائين ٿيون، ٻي معنيٰ اٿس دريا جو ور ۽ پڙ دريا جو ڪن، ڏرار = ڏٽار، چڪي = انچلي، سرڪي، ذري

لکيو جو نراڙ ۾ سو انگ ڪياڙيءَ نہ ٿئي!
گهر گهر ۾ گلا جي وهي، پاڙي پنڌ پچار!

ڳوٺ ۾ گلا پکڙڻ لڳي ۽ اهو ڪنبو ڪنيار جي دل ۾ چيڙ لڳو. تنهن چا ڪيو جو ميهار کي ڪڍي ڦٽو ڪيائين ۽ اچي سهڻي تي مٽيو: ”ڇي ههڙي تهڙي، مونکي ڪل ڪانہ پيئي تہ نانگ کي ٿو کير پياريان. تون ور کو تہ پنهنجي ڪٽنب مان ڪر. ڪوهہ ڏاڙهي جي ڦند ۾ وڃي ڦاٿي آهين.

ڪنيار چوڻ لڳو سهڻيءَ کي، تہ جو اسان جي آکهہ جو ڏم آهي، چوري! تنهن سان توکي پرڻائيندس. سهڻي گهٽوئي چيس تہ منهنجو ناتو ميهار سان اڳ ۾ ٿي ٻڌل آهي، آءٌ ڪيئن ڏم سان پرڻبس! پر ڪنيار ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. سهيليون چوڻ لڳيس تہ موڙهل، تو ”پري پرائي پرک سان وڃي اڙايئہ انگ“. هاڻ ڇڏ ساهڙ جي پچار، ڏم سان ٻڌ نڪاح. پر سهڻي ساهڙ کي ڇڏي، ڏم سان ڪيئن پرڻبي! ساهڙ سان اڳ ۾ ٿي ڳنڍ ٻڌل هيس. بيو تہ ڪيڏانهن ساهڙ ڪيڏانهن ڏم، جنهن جو نالو ئي ڏم! تڏهين ٿي سهڻي جواب ڏئي :

”ڏم ڪتني ڏينهن، وينو جي ولين
قول پچنديس ڪيئن، جو ٻڌم پيلاين سان.“

مون پريت جو انجام اڳ ۾ ٿي ساهڙ سان ٻڌو سو آءٌ ڏم کي ڪيڏانهن ڪريان.

”ڪوڙهيو ڏم ڪوڙو، مون ميهار من ۾“

سهڻي ويچاريءَ جو ميهار ڏکجي ويو سا ماندي هئي، دل ۾ آرام ڪونہ رهيس، ائين ٿي پيئي چوي تہ ڪٿي ملان ميهار کي. ميهار نديءَ جي ٻيءَ پر وڃي رهيو هو. هيءَ سهڻي نديءَ تي ٻيهيو اکيون دريا ۾ پايو رهندي هئي، ڇي آءٌ ڪيئن دريا جي پار وڃي ميهار کي ملان!

ڪياڙيءَ نہ ٿئي = جو اڳيان لکيل آهي سو ڪو پٽيان ٿيندو؟ يعني اوس ٿيندو.
وليلن= بڪ بڪ ڪرين. پيلاين= ساهڙ مينهون پيلي ۾ چاريندو هو. تنهن ڪري نالو پيس پيلائي.

"ڪامان، پچان، پچران، پرڪان ۽ پران"
ڪامان، پچان، پچران، لچان ۽ لوچان
تن ۾ تونس پرينءَ جي، پيان نہ ڏاپان.

ڪامان، پچان، نہ مران، سڙان ساري رات
سَجيون سنديون سڄڻين، ايرن آڏي رات.

شاهہ تو چوي "جنهن کي سڪ ساهڙ جي، تنهن پورن مٿي پور"،
سو سهڻيءَ جي من ۾ پورن مٿي پور پئي پيا! ڪڏهين ڏس تہ پاڻيءَ تي بيٺي
نهاري، ڪڏهين ڏس تہ ميهار جي وڇن ۽ مينهن کي پيئي سنڀاري، وڇن
کي ڳرانڊڙي پايو پيئي ساڻن ڳالهيون ڪري ۽ ميهار کي ياد ڪري:
"ڳچيءَ پايو ٻانهن وينئي روءِ وڇن سان"
محبتي ميهار جي ڦرن چوريا چاڪ
انهيءَ جي اوطاق وچڙ واجب مون پيو".

سندس چت ۾ ميهار جون يادگيريون پيون چٽڪن ۽ چرڪ
پريو پئي چوي:
"ڪٿي تيو ميهار، ڪٿي تو گهنڊ گُري
ڪٿي دونهي دوست جي، ڪٿي پريون پار."

ساهيڙيون پيون دل کي ريجهينس، پيون زور ڪري پينگهي ۾
وهارينس، پر هيءَ "پينگها پسيو روءِ، وچيو وٿاڻن ۾."
وٿاڻن ۾ ميهار ملندو هوس، پينگهن کي هيءَ ڇا ڪري! ويچاري
سهڻي متوالي ٿي پيئي، اهڙا ڪي مِرڪ پيتا هئائين، جو:
"ميهاران مِرڪ، پيتائين پريم ڪي
تنهن منڊ متوالي ڪي، سندي صاف سُرڪ."

تونس= ٽپ. سجيون= اشارا، يادگيريون. چاڪ= ڦٽ.

سوهن کي وڃن سان ڳراٽڙيون پايو جڏهين ساهيڙيون ڏسنديون هيون تہ روئي پيئي، تڏهين اوچتو مٿس کلون ڪنديون هيون ۽ مهڻا ڏينديون هيس ۽ وڃن کي ڇڪي پري ڪنديون هيس. پر سهڻي وڃن کي ڇڏي ڇوتي!

"وڃـن جـي وَڃـار جـو ونـگـو تـئـي م وار
ساهڙ مون سينگـار، مـاٽـهـن لـيـکـي مـهـٽـو."

آخر ڪنپار کي صلاح ملي تہ ٻيو ڪو علاج ڪونہ اٿيئي، جيسين هنجو ڏم سان نڪاح نہ وجهندين. تيسين هيءَ نينگر ساهڙ ساهڙ ڪندي پيئي ڏرندي، هڪ واري نڪاح پيس تہ پوءِ ٻڌجي ويهي رهندي. ڪنپار بيوقوف! اهو ڪونہ خيال ڪيائين تہ هن نينگر جو قول جو ساهڙ سان هو سا ڪيئن ڏم کي ونندي. تنهن زوريءَ سهڻيءَ جي شادي ڪرائي. چون ٿا سهڻي گهٽو ئي ڦٿڪي لڇي ۽ ٻري پر هنجو نڪاح ڏم سان زبردستيءَ ڪري ٻڌائون. ائين پڻ ٿو چوڻ ۾ اچي تہ سهڻي جنهن جو پيڙو اڳ ۾ ئي ساهڙ سان ٻڌل هو. تنهنجي ستر ۾ ايڏي طاقت هئي، جو ڏم هنکان ڪوبہ شادي جو حق ڪونہ ڇڪي سگهيو. ڏٺائين تہ هيءَ بلڪل زبردست نينگر آهي، سهڻيءَ چيس تہ آءٌ تنهنجي زال ڪيئن رهي سگهنديس؟

منهنجو يتار آهي ميهار. آءٌ توسان ڪيئن وهان؟ ڏم ڏنو هيءَ ڇوڪر ڪا رواجي ڇوڪر ڪانہ آهي، پر تڏهين بہ طعنا هڻڻ لڳس تہ توکي شرم نٿو اچي:-

"ڏهـ ڏهـ پـيـرا ڏيـنـهـن ۾، ڏئـي ڏوراپـا ڏم"

پر سهڻي چوي:

"عـقـل مـت شـرم، تـيـئـي نـيـنـهـن نـهـوڙيـا"

ڏم چويس تہ ڇڏ ميهار کي، الائي ڪير هو ڏاريو هو ويو هليو تہ سهڻي چويس تہ اها بہ ڪا ٿيٽي آهي، منهنجو جسم هِت تو اڳيان آهي، پر

گري= وجي؛ گهند جو آواز ٻڌيو پئي چوي، تہ ميهار ڪٿي. مُنڌ= ڇوڪري. سرڪ = سرڪي؛ مرڪ = لپ، ڊُڪ وچار= وڇون چاريندڙ.

من منهنجو هُتي آهي.

"ڏمر ڏهاڻي ڪيترو ٿو پر ۾ پليس
تان تان جيءَ جليس، ملي جان نہ ميهار کي."
"چرن چوري آهيان، سک ٿي سمهان ڪيئن،
ساريان ساهڙ چار کي، ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن."

مطلب تہ سهڻي ويچاري موڳي اوڳي، ساهڙ ڏاران آڏوتي. "ساهڙ ڏاران سهڻي هئي تان جهڪي زال."

ڏمر ڏنو تہ هيءَ تہ منهنجي هٿ نہ اچي، تنهن بہ آخر ڇڏي ڏنس، هيءَ رهندي ڏمر جي گهر هئي، پر نڪاح رڳو نالي جو پيو هيس، اصل ۾ هيءَ هئي ميهار جي، ۽ ميهار هنجو. ميهار ويچارو بہ نيڪالي وٺي نڪتو هو. تنهن کي بہ آرام ڪونہ هو. سو ڪو ويو ڪونہ هليو. نديءَ جي ٻيءَ پر دونهي دکائي ويهي رهيو. سهڻيءَ کي من ۾ ميهار، تہ ميهار جي من ۾ سهڻي: "ٻچن جي ميهار، ٻچي سي ميهار" عشق گهڻيئي پکيئڙا اڏائي ڇاڻي، سو هڪ پکي آڻي ٻڌايس تہ سهڻيءَ جي زوري شادي ٿي ويئي آهي، پر سهڻي پاڪدامن ويٺي آهي ۽ پيئي ساهڙ کي سنياري. سچي پريت گهٽي ئي اپاءَ ڄاڻي! سهڻي ۽ ميهار جي وچ ۾ درياهہ هو پر درياهہ محبتن کي ڇا ڪندا؟ درياهہ جا ڇولا ۽ ڪُن محبتن کي ڇا ڪندا؟ شاهہ ٿو چوي تہ جي عشق جي ترهي ٿا ترن، تہ "ندي تن نِيرُ ٿئي."

"جنکي عشق جي اُساتَ، سي واهڙ پائين وِڪڙي"

سو ميهار کي معلوم ٿيو تہ سهڻي بهادر عورت آهي.

"سندو ڏمر ڏهڪار، هڏهين ڪونهي هن کي" تنهن نياپا موڪليا. سهڻيءَ پڻ جواب موڪليس تہ تون ئي منهنجو ٻيتار آهين، هٿ آءٌ زوريءَ جوءِ ٿي آهيان، هاڻ ڪو بلو ڪر تہ گڏجون. ميهار چوائي موڪليس تہ آءٌ آڌيءَ رات جو تو وٽ ايندس. سهڻي ڏاڍي خوش ٿي، ميهار کي هيئين نياپو موڪليائين:

نير = لوهہ. واهڙ = ندي، واهہ پاڻي. وڪڙي = هڪ وک

”ڏني تيم ڏينهن، ڪو چاڻان ڪھڙا پرين
نيڻ پرجي نينهن، پلتيا پاريون ڪن.“
”ڏني ڏينهن تيام، ڪو چاڻان ڪھڙا پرين
وَلِن جئن وريام، گوندر غم پرين جا.“

سهڻي ڏم کان جدا رهندي هئي. ميهار آيو سهڻيءَ وٽ. ڏاڍي پريت سان مليا ۽ خوشيءَ ۾ کليا.

”ڏکن پٺيان سک گهٽيئي ايندا،
پري جام جنت جو جاني جي ڏيندا،
وسري سپ ويندا، وچوڙا ورھ جا.“
(گلراج)

سهڻي ميهار پاڻ ۾ اهو رستو ٻڌو تہ ميهار هميشہ سهڻيءَ وٽ ايندو ۽ خبر ڪنهن کي ڪانہ جڙندي پر پوءِ جي خبر جڙي تہ بہ ڇا آهي! ميهار سهڻيءَ جو پيتار هو نہ ڏاريو هو! قصو ڪوتاهہ ڪجهہ وقت ائين گذريو. پر اڃا بہ ڪي سهڻيءَ ۽ ميهار جي نصيب ۾ ٻيا بہ وڇوڙا هئا! ڪنهن سمي ميهار کي سهڻيءَ وٽ ايندي ڪا ضرب آئي ۽ ٽنگ ۾ ڦٽ ٿي پيس، سهڻيءَ وٽ اچي ڪين سگهيو. سهڻيءَ جي بہ اک ڦرڻ لڳي. چيائين تہ منهنجي ميهار پيتار کي ڇا ٿيو! ٻئي ڏينهن ڪنهن پکيئڙي اچي خبر ڪيس تہ ميهار جو هي حال آهي، سو هاڻي ميهار تو وٽ اچي ڪين سگهندو! سهڻيءَ جواب ڏنو تہ تڏهين سهڻي ميهار وٽ ايندي. سهڻي ڇا ڪيو جو هڪڙو پڪو، سٺو مضبوط دلو هٿ ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين. درياهہ جي ڪپ جا رهندڙ تري چڱو ڄاڻن. سو سهڻي بہ ڪجهہ مڙيئي انهي فن مان واقف هئي. ڇا ڪيائين جو جڏهن رات ٿي ۽ ”جيهر لوڪ جهپ ڪري ذرو جاڳ نہ هو“ تيهر هيءَ بہ اُٿي گهڙو هٿ ۾ ڪنيائين. آئي درياهہ

پاريون = لهرون.

تي. ڪاري ٻات لڳي پئي هئي. اهڙي جهڙي جيڪر ڏيجاري ڇڏي پر سهڻيءَ چيو تہ دوست جِي ڏُونهي هُت آهي، آءُ تہ ويندس ضرور.

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري چيلهہ ٻڌي چوڻو
منهنجو من ميهار کي پار وڃي پوڻو."

رب کي ياد ڪري چيائين "رات جنين جو رنگ، الا سي اڪارئين."

هي خاوند پروسو ئي تون آهين. ميهار وٽ تہ ضرور وينديس گهڙي پيئي، اڳيرو ٿي تہ پريان ميهار جي دونهي ڏٺائين، دل بلڪل پريس سو ويئي ڪُن ڪپيندي، پاڻيءَ تي ترندي.

"هوءَ جا پري ٻاهہ مَنَهہ مهارن جي
آڳهہ تنهن اهاءِ، وڃي ڪن ڪپيندي."

وڃي ميهار کي ملي، ميهار گد گد ٿي ويو. سهڻي پوءِ هر رات جو ائين ايندي هئي ۽ صبح کان گهڙو اڳ ۾ اچي سمهي رهندي هئي. ائين بہ ڪجهہ وقت گذريو. سهڻيءَ جون ڪي ساهيڙيون هيون، جي ساٽس سچيون هيون. تن کي منجهہ ڏنو هئائين. اهي ساٽس ڳالهيون ڪنديون هيون ۽ پڇنديون هيس تہ سهڻي ٻڌاءِ تہ سهين تہ تو انهي ساهڙ جام ۾ ڇا ڏٺو آهي؟ اڪثري جڏهين هو ساٽس اهڙيون ڳالهيون ڪنديون هيون، تڏهين سهڻي بہ کين واهہ جا اُتر ڏيندي هئي:

گِهر وينيون گهٽا ڪريو، سرتيون سڱ سنوان
صورت جا ساهڙ جي، سا جي ڏٺي آن
هوند نہ پليو مان، گهڙو سب گهڙا ڪٽي.

جيڏيون ڏٺيان جي، صورت ساهڙ جام جي
سک ئي ستيون کين کي، ڪانڌن پاسي کي
منهانئي اڳي، گِهڙو سپ گهڙا ڪٽي.

ڪانڌ = ڪنت، مڙس. گهر نٽان = گهرن کان.

ڏني جن هيڪار، صورت ساهڙ ڄام جي
سک تي ستيون ڪين ڪي، پِري ساڻ پتار
گهڙيون گهرنئان ڏار، ڪاهي پيئيون ڪُن ۾.

ساهڙ منهنجو سرتيون، جي ڏسو سيئي
سمهو ڪين سک تي، ور پاسو ڏيئي
منهان اڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.

جيڪي ڏنو مان، سو جي ڏنو جيڏئين
گهر ورلي سان، هوند گهٽن گهوري ڇڏيا.

چياڻونس سهڻي، پاڻي تکو تو وهي ۽ تون ڊڄين به ڪين تي؟ تن کي تي جواب ڏئي:

"وهه تک واهڙ تک، جت نينهن تک نرالي
جنکي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي."

ته اديون جي واهڙ جي تک تکي آهي، ته منهنجي نينهن جي به ڪا تک آهي نه! جن کي عشق لڳل آهي، سي بلڪل خاص خيالي آهن. تن کي تڪليفن جو جهنگ ڇا ڪندو.

"سڪندين کي، سيد چوي، ڪين جهليندو جهنگ"
اي سرتيون، "گهڙيا سي چڙهيا، ايهين اٿيئي
مٿي مهراڻ ۾، پؤ ٽپو ڏيئي".

ڪجهه وقت خير جو گذريو پر پوءِ ڪنهن وقت درياهه به اچي چتو ٿيو طوفان به اچي لڳا. درياهه ۾ موج چڙهي، سيءُ به اچي اوچتا شروع ٿيا. مطلب ته مند ئي ڪا ڦري پيئي. اڳي درياهه ٿورو سولو هو پر هينئر ته خوب گجگوڙون ڪرڻ لڳو. سهڻي اهڙي وقت ڪيئن ميهار کي ملڻ وڃي! ميهار هو ڇڳو پيلو ڪونه. نه ته جيڪر پلڪ نه تڪليف سهڻيءَ کي ڏئي ها. ميهار

ٻيءَ پر بيمار. سهڻي هي درياهه ڏسي ۽ خوف ڏسي مات ڪري وهندي! ڪهڙي نه درياهه جي ان وقت موج هئي. ڏسي دل ڏهڪيو وڃي. سو ڪيئن سهڻي نفيس ۽ نازڪ گلبدن عورت اندر گهڙندي، هڪڙا ڪُن. ٻيا واڳهو، ٽيان طوفان: ”ڪرڳل ڪوچ ڪُن گهڻا، جت دڙڪو منجهه درياهه“

ان وقت درياهه جي دهشت، دور ۽ ڏوم ڪير سهي سگهي! ”جت هيبت هلاچو“. ”سهي ڪين سمونڊ جا ماندي دل دڙڪا“. ڪنن جا ڪڙڪا ٻيا ٻڌجن.

دهشت ڏوم درياهه ۾، جت سٽاٽا سيسار
بيحد ٻاگو بحر ۾، هيبت ناڪ هزار

دهشت دوم درياهه ۾، جت جايون جانارن
نڪو سنڌو سِير جو مپ نه ملاحن
درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو ورن
سچا پيڙا پار ۾، هليا هيٺ وڃن.
پرزو پيدا نه ٿئي، تختو منجهان تن.
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن.

اهڙا دور ”لڙ لهريون لس ليٽ“ جا ڏسي به ڪين سهڻي ڊني!
”دهشت دوم درياهه جت تڪيون تنواروں
منهنجون مان ميهار ڪي، پهچن پڪارون
ساهڙ سنيارون، لهرن لوڏي نه مران!.“

دلي تي چڙهي هلي ويندي هئي. ڪنڌيءَ ئي ميهار جي دونهينءَ جي آگ جو چمڪو هن لاءِ رهبر هو. دلي کي چوندي هئي:
”ڪنڌيءَ پاس ڪلا، دونها دوست ميهار جا
پسي دور درياهه جو، دهلج ڪيم دلا
مچڻ ڪا گلا، ساهڙ سين جي ڪري.“

ڪرڳل، ڪوچ= آواز هل. هلاچو= گوڙ. سٽاٽا= وڏا، مضبوط خوفناڪ. سيسار= پاڻيءَ جا جانور. مپ=ماپ. درندا= ڦاڙيندڙ جانور.

دلو ۾ پاڻ، ڇو تہ خاص ڪري ان وقت تہ نہ ڪو ملاح هو، نہ ڪا مڪڙي هئي،

نہ ملاح نہ مڪڙي نہ ڪي ٻڏئين نوڙ
پاڻي پنيءَ ٻوڙ سهڻيءَ ليکي سير جو.

سهڻي جي سڪ اڳيان پاڻي اونهو سير جو ڇڻ تہ پِني تائين مس تي آيو!

پاڻيءَ پنيءَ هيٺ، سهڻيءَ ليکي سير جو
پيڙيو ٻڏي بيٺ، وڃي ڪن ڪپيندي.

پسي دور درياهہ جو، وچان ڪين ولي
ڪاريءَ رات قريب ڏي، منجهان حب هلي
نہ ڪنهن جهول جهلي، هئي سمن پوري سسئي.

ڪارا ڪُن، ڪاري تک، ڪاريهر ڪڙڪا،
مئي متي مهراڻ ۾، اڇن دبارا دڙڪا
ويندي ساهڙ سامهان، ڏنس جهول جهرڪا
ڪڙڪن جا ڪڙڪا، سونهان ٿيس سير ۾.

سهڻيءَ جي دل ۾ انهيءَ خوف جي وقت ۾ بہ ميهار جا آواز ۽ ڪڙڪا پيا ياد پوندا هئا تہ بہ دل جهلي ويندي هئي ۽ اهي ڪڙڪا سندس سونهان ٿيندا.

هڪ ڏينهن سهڻيءَ ساهيڙيءَ سان هينئين رهاڻ ڪئي:

ساهيڙي: منهنجو تہ هينئون ٿو ڪنبيو وڃي، تون ڪيئن ههڙا دور تي سهي سگهين؟ هي هيبت هلاچا ٻڌي منهن جي تہ جان ڏريو وڃي.

تنوارون= آواز ڇڪون. مان= من. سمن= سڏ، انجام. بيٺ= ڇيلهہ. سنيارون= ساهڙ لفظ اڳيان لهہ لفظ ڪتل ٿو ڏسجي. ولي = وري، قريب= دوست

سهڻي: ”پرينءَ پر پريت مان، تو ساهڙ سڌ ڪري،
جي نہ گهڙان، موتي وڃان، تہ ڪا سا سري“
ساهيڙي: ڪاريءَ رات ڪنن ۾، ڪهڙو اٿيئي ڪم؟
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي واريون.
سهڻي: پڇي پاڙي واريون، ڪو ڪريندو ڏم؟
هي هيڏو ۽ چم، گهوريان محب ميهار تان
سهڻي اتي دل جي چو مان تي ساهيڙيءَ کي راڳ سڻائي:

راڳ

”ويني ڪين وساري، محبت وڏي ماري،
ديواني، يارو مستاني، دلبر جاني تو جياري،
جنهن کي سڪ ساهڙ جي، سا گهايل گهر نہ گهاري“.
سڻو اي سرتيون:
”چوَنَم جي هيڪار، مَر وَنءُ موتي سهڻي
دونهينءَ باسي دوست جي گهاريان سڀ چمار“

پر سندس چوڻ تي ورپو تي موتي اچان، نہ تہ هوند موٽان بہ جيڪر
ڪونہ. اديون:
ساهڙ متان صدقو ڏهين ڏم ڏيان،
ماٽڪ متان هيڪڙي امل اٿ ڏيان.

ساهيڙي: اڙي سهڻي! ڪهڙي محبت جي هڙ توکي ساهڙ ڏني آهي؟
سهڻي: جا هڙ اندر جيءَ، سا هڙَ ساهڙ ڏني ساهہ کي،
سا هڙ ڇڙي نہ ساهہ جي، سا هڙ ساهڙ سينئن،
ساهڙ ميڙ سميع، تہ سا هڙ ڇڙي ساهہ جي.

ڪاريهر = نانگ، خوفناڪ. دبارا = پيٽا. جهرڪا=لهرين جا ڌڪا. ڪڙڪن=گهندبن

ساهيڙي: ادي همڙا اڙانگا آر درياھ جون لهرون ڪئن تي ترين؟

سهڻي: "من اندر ميهار جا، هينئڙي اچن هول
جيلانهن ٻڏيس ٻول، تي اڙانگا آر تران."

سهڻي ساهيڙين سان گڏجي ٻوليون ڪندي هئي. آخر خبر ڏم کي پوري پئجي ويئي. تنهن ٻيڙي ڏم هڪڙي رمز ويڙهائي. خبر پيس ته هيءَ درياھ ۾ گهڙندي آهي پڪي دلي تي، سو ڏم ۽ ٻين اتڪل ڪري پڪو دلو ڪڍي چڏيو ۽ انجي بدلي ڪري ڪچو دلو وڏائون. سهڻي کي خبر ڪانه رهي. مجاڻ ته انهيءَ ڏينهن درياھ جو ڇوهہ به بلڪل زور هو، رات به ڪاري اٿيهينءَ جي هئي. سيءَ جي سٽ اڻ سهندڙ هئي: "سيءُ سيارو پاڻي پارو، جت جر جهڳ ۽ جهول" انهيءَ رات تي ساهيڙي چويس "متان گهڙين سهڻي، اج درياھ ۾ دم." سهڻيءَ جواب ڏنس، ته ڪاري رات، ڪنن جو خيال ڪرڻ، اهو ڪانيارن ڪم!

ساهيڙي: پياري سهڻي، اهو گهڙو ڀجي ڇڏ، متان ڪنهن ڏينهن
وچ دريا ۾ ٻڏي پوين؟

سهڻي: مِنهن جنهين جي مون. ڏٺو منهن ميهار جو
آهيم سا سنئون، سو ڪيئن گهڙو گهوريان؟

جيڏيون ڇڏيو مونکي: "مونکي ڪا مَ جهلي، سيڪا پاڻ پلي، آءُ ويندي نينهن اچلي."

ساهيڙي: اڙي سهڻي مري ويندينءَ.

سهڻي: مونکي سڪ ساهڙ جي، مرُ محبت منجهہ مران وچان
ڪئن وران ڪنڌيءَ، منهنجو ڪارٽي.

اهڙي سهڻيءَ جي سڪ هئي! سچ تو شاھ چوي:
"نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سڪ
عدد ناهي عشق، پڇاڻي پاڻ لهي."

سيئن=ساڻ، ميڙ= گڏاءِ، سميع=ٻڌندڙ خدا جو نالو. هول=جذبا، اڌما، يادگيريون.

سڪ تنهنجي سپرين، جئن تران تئن تار
تونهين رهيو روح ۾، تون ئي اکيان ٻهار.

سڪ تنهنجي سپرين، ڪپي ٿي ڪوري
سگهان نہ چوري، ڏاڍو نير نينهن جو.

سڪ تنهنجي سپرين، اندر آهي اجهل
ٻرڪيو ٻاهر نڪري، ڪؤري ڪانئي ڪل.
ري سيراهيءَ سل، مونکي ڏنا سڄڻين.

سڪ تنهنجي سپرين، اندر تي اجهاڳ
منجهہ پريائين ماڳ، پلٽيوپاريون ڪري

مطلب تہ سهڻيءَ جي سڪ جو عميق بي حد ڪو اونهو هئو.
سو سهڻي ڪاريءَ رات جو ڪين ڏني، ساهيڙي پڪاري ويئي هلي. جڏهين وقت سهڻيءَ جي نڪرڻ جو آيو، تيڏي مهل سهڻي دلو کڻي ڏسي تہ مارا هي تہ ٻوهہ ٿيو، دلو تہ ڪچو آهي، درياهہ جو دور بہ الاهي آهي. تڙ جنهن تان هلندي هئي، سو تڙ ئي نہ پيو ڏسڻ ۾ اچي! سهڻي تڏهين بہ ڪچو گهڙو کڻي درياءَ تي آئي.
”ڪاري رات ڪچو گهڙو، اوٺتيهينءَ اونداهي
چنڊ نالو ناهہ ڪو درياهہ دڙ لائي
اي ڪم الاهي، نہ تہ ڪنن ۾ ڪير گهڙي.“

ڏٺائين تہ مارا سمجهيائين ڪچو گهڙو سو تہ پڄي پوندو! پر نينهن جي انجام کي ڪيئن روڪي!
”ڪاري رات ڪچو گهڙو مٿان وسي مينهن
شال م پڄي نينهن، گهڙان، گهوريو جندڙو.“

جڳهہ= گجي. ڪارٽي= دوست، سڄڻ. پڇاٽي=پڇاڙي، مر = پل
سل= تنگ، ٻاريون= لهرون. دڙ= آواز هل. ولان= وران، موتان. گهڙي= انجام جو وقت.

چيائين تہ ميمار وٽ وڃڻ جي گھڙي اچي گذرڻ تي بيٺي آهي، پر گھڙان ڪٿن!

"گھڙان نہ گھڙو ڀڄي، ولان تہ ٽٽي نينهن.
پر! "گھڙو ڀڳو تہ گھوريو، ڀڄي تان مَر گھڙي
محبتي ميمار سين، اتم جيءَ جڙي "

انهيءَ رات درياھ اھڙو تہ خوفناڪ هو جو اڳي سهڻي تڙ ڪان گهڙندي هئي، اڄ رات تڙُ ڏسڻ ۾ ئي نہ اچي. سهڻيءَ کي خيال ٿيو تہ هاڻ گهڙان ڪٿان؟ هتي تہ تڙ ئي ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي. آخر دل کي چيائين:

"تڙ تڪڻ تار گهڙڻ، اي ڪانيارن ڪم"

اڙي اهو بہ ڪانيارن جو ڪم آهي جو تار گهڙڻ لاءِ تڙ ڀيون جاچين. اهي تہ فقط ڪنڌيءَ تي بيٺيون رهنديون.

ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن
ڪنهِي سانگو ساھ جو ڪي گھوريس ڪيو گھڙن
ساهڙ سندو تن، سر سهائي گهڙن جي.

چيائين تہ جي هيءَ جند منهنجي ويئي تہ ڇا ٿيو!

"سر در قدم يار فدا شد، چہ بجا شد!"

اي رب هاڻي توتي اٿيئي! سو ڇا ڪيائين، جو اهو ڪچو گھڙو ڪڇي اندر گهڙي پيئي، پر سهڻي جان پاڻي ۾ گهڙي تہ هڪدم لهر ڇوهہ ۾ ڪٽي ويس، خبر ڪانہ جڙيس تہ ڪاڏي ٿي وڃان. انهيءَ ڏينهن طوفان درياھ جي جانورن کي بہ ڇيڙي ڦتو ڪيو هو سي چوگرد ويڙهي ويس.

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري الله تهار
جنگهہ جرڪي وات ۾، سسي کي سيسار
ڇُوڙا ڀيڙا ڇڪ ۾، لڙ ۾ لڙهيس وار."

لوهٽيون= مڇيون هڪ قسم جون. ٿيلهيون= مڇيءَ جو قسم.

لکين ڇهتيس لوهڻيون، تيلهيون ترنئون ڏار.
مڙيا مڇ هزار، ياڳا تيندي سهڻي.

شاعر جوش جي زبان ۾ هزارين مڇ ڇيو ويچي، مطلب ڇا ته سهڻي ويچاري اچي مصيبت ۾ پيئي. ميهار جي من ۾ يادگيري ڪري، ڇو سان پاڻ ڪيڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر ويچاري نفيس نينگر، تنهنجي ٻانهن ۾ ٻل ڪيترو جو هيءَ ست سهي سگهي! ڏنائين ته هڪڙا آهن جرڪا ۽ سيسار ٻيو گهڙو ڪچو سو ٻه پرڻ لڳو. ڏنائين ته هاڻ تو تڪر ٽئي. گهڻو زور ڏنائين ته چڙهي هلان اتي وٺي دانهون ڪيائين ته ڪٿي من ميهار پرينءَ پر ٻڌي.

”ويچاريءَ وڏيون ڪيون، دانهون منجهه درياهه ٻڙُ ٻانهن ڇڏيو ويس سيپئي واهه“

ميهار کي سڏ ڪيائين:

”موت محب پانهون، تاڳن تڪِي آهيان!“

چوڻ لڳي ”سچا ساهڙ مونکي تون، ونهيان واهر مونکي تون!“

هيڏانهن سهڻيءَ جو هيءُ حال هو، هوڏانهن ميهار جو ڪهڙو حال هو؟ ميهار ڏٺو ته مارا اڄ ته درياهه مست ٿيو بيٺو آهي، اڄ منهنجي سهڻي هن طوفان ۾ ڪيئن ايندي! ويچارو لاچار هو. ٽنگ ۾ ڦٽ جو سور، نه ته ڪو هو هئن ويهي رهي! خبر هيس ته سهڻي انجام جي پوري آهي، سو جي هيءَ درياهه ۾ اڄ گهڙندي ته درياهه ٻوڙي ڇڏيندس. ويچارو ميهار ماندو هو سو پيو واهڙ يعني درياهه کي چوي:

”واهڙ وهين مر شال، سڪي ٻيلاٽيون ٽئين!“

اڙي درياهه. سڪي ٺٺو وڃين ته آءٌ توتان لنگهي وڃان يا سهڻي لنگهي اچي. پر درياهه هي ٻڌي ڇو ٿو!

اڙي درياهه ”جنهن تو سپ جمار، آسائتيون ٻوڙيون“ ميهار جو من درياهه جي اندر ۾ هو اکيون ايڏانهن هيس، ڪن به ايڏانهن هيس. هر هر

ٻر = ٻل. ٻيلاٽيون = پيٽاريون

پيو پانٽي تہ سھڻيءَ جا تو سڏ ٻڌان، پر چولين جي گوڙ ۾ شور ۾ ڪٿن چٽو ٻڌي؟ سھڻيءَ جو پيلو جڏھن اچي پڄڻ تي بيٺو، تنھن مھل سھڻيءَ واڪو بہ وڏو ڪيو:

"ھن منھنجي حال جو ميھر ٿيئي مُعلم
رک بيلي جو پرم، جو اوتڙ اجھوڙ ۾!"

اوڏي مھل ميھار جي ڪن ۾ اھو آواز وڃي پيو. سمجھيائين تہ سھڻي آھي، پر زخميل چا ڪري! سو وٺي ميھار واڪا ڪيا تہ آھي ڪو ملاح، آھي ڪا مڪڙي، اڙي يارو ڪو آھي جو اچي واھر ڪري؟

اُيو تڙ ميھار، ملاحن سڏ ڪري
آءُ پڻ وجھان ھتڙا، اوھين پڻ وجھو چار

ميھار ملاحن کي، اُيو آچي اَچ
آءُ پڻ وجھان ھتڙا، ائين پڻ وجھو رچ.

ميھار ملاحن کي، ايو ڪري سڏ
ادا انھيءَ پار جا، ميڙي اچو مڏ.

پر اھي آواز ٻڌي ڪير ٿو! مھاڻا چوڻ لڳس تہ ميھار اچ ھن ظلمات جي رات جو درياھ جو ظلم ڪير جھلي سگھندو؟

ميھار ويچارو نھايت ماندو، سو سھڻي جا سڏ ڪين سھيءَ سگھيو، چا ڪيائين جو ٽنگ جي ڦٽ ھوندي وٺي ڏنائين پاڻي ۾ ٽپ.

جن کي پرينءَ سندا پُور، تن کي ڪندا چا ھي سور. (گلراج)

ميھار جيڏانھن پيو آواز ٻڌي سھڻيءَ جا، اوڏانھن پيو ٻانھون ھڻي! آخر سھڻيءَ بہ اچي وچ سير ۾ پھتي تہ ميھار اچي سامھون ٿيس.

"اورار نہ پرار، ويچاري وَھہ وچ ۾"

پيلو= دلو. اجھور=وڏو ڪن. ائين=اوھين. رچ= ٿانو. مڏ= مڏي، سامان سڙو. ظلمات= ڪارنھن. اچ= درياھ يا چِچ يعني ڏنڊون مڇيءَ جون (يا اچي چانديءَ!)

”هِــن پــار نـــ هُــن پــار، ويـــچــاري وَهـــ وچ ۾“

سهڻيءَ جو گهڙو هاڻ تہ پڇي ٺڪر ٺڪر ٿي پيو.

”لـهـريـن مـنـجهـہ لـطـيـف چـوي، پـرزا ٿـيـو پـئـي
سپـڪ هُـو سـهـي، پـر ڪـرم ڪـڻـي ڪـچـو ڪـيـو!“

جيڏي مهل سهڻيءَ جو گهڙو پڇي پيو تيڏي مهل سهڻيءَ بہ ميهار کي ڏٺو ۽ ميهار سهڻي کي ڏٺو. نهايت سڪ مان هڪ ٻئي ڏي وڌيا. ميهار ڪوشش ڪئي سهڻيءَ کي جهلڻ جي ۽ بچائڻ جي، سهڻي ويچاري بلڪل ماندي ٿي رهي هئي، ٿڪجي ٽٽجي پيئي هئي. ميهار جو ڦٽ بہ ڦاٽڻ لڳو هو پر سهڻي ۽ ميهار جيڏي مهل هڪ ٻئي ۾ مليا ۽ ميهار ڪيس ٻانهن ۾ جهليو اوڏي مهل ٻئي بيهوش ٿي ويا. ڇا ٿڪ، ۽ سور ڪري، ڇا محبت جي موَ ۾، وچ سير ۾. آکاڻيءَ وارو ٿو چوي تہ ٻئي سرن درياهہ ٿي ويا.

شاهہ لطيف انهيءَ وقت جيڪا پنهنجي بيان ۾ ٻوليءَ جي موج ڪئي آهي، سا واهہ جي آهي! چي

”گــهــڙو ڀڳــو مــنــڌ مــئــي، وســيــلا ويــا
تنهن ڪـان پـوءِ سُـئـا، سـهـڻـيءَ سـڏ مـيـهـار جـا!“

چوي ٿو تہ پوءِ ساهڙ، سهڻي ۽ سائر سڀ هڪ ٿي ويا.

”ســاهــڙ ســا ســهــڻــي، ســائــر پــڻ ســوئــي
آهـي نـجـوئـي، ڳـجـهـہ ڳـجـهـانـدر ڳـالـهـڙي“

مغرب جي شعر ۾ پڻ اهڙي قسم جي هڪ ڳالهہ آهي. هِتي سهڻي ميهار هُتي هيرو ۽ مينڊر! شاعر ٿو چوي

“Hero Meandere is, Meandere Hero is”

”هيرو ۽ مينڊر هڪ آهي“.

خير، شاهہ هن سُر سهڻيءَ واري ۾ نهايت عمدي ڪهاڻي، عمدي بيان ۾ وڌي آهي. پر ڪهاڻيءَ سان مطلب اهڙو ڪونہ اٿس جهڙو اندرينءَ

سپڪ = پڪو. سائر = درياهہ

رهاڻ سان مطلب اٿس. انهيءَ ڳجهه ڳُجهاندر ڳالهڙيءَ جي اپٽار خوب ڪئي اٿس. مون هن ڪتاب ۾ فقط آڪاٽي ڏني آهي. مگر انهيءَ آڪاٽي جي سوکم سمجهاڻي، جتي سندس اونهان بيان ۾ روح جا احوال عجيب آهن، سا ٻئي ڀاڱي ۾ ڏنل آهي. شاهه سهڻيءَ کي طالب ٿو سمجهي، ميهار کي مرشد ٿو ڀانئي. ٻنهي جي وچ ۾ هي سنسار جو درياهه آهي، جو سهڻيءَ کي پار پوڻو آهي، جنهن کي شيڪسپيئر ٿو ڪوٺي:

"The wild and wandering flood."

انهيءَ سنسار جي آزمائشن مان سهڻي لنگهي، تڏهين ميهار مليس. پر خير، انهيءَ ڳالهه جو باريڪ بيان هت نٿو ڏجي.

(2)

حسن ۽ حسين

نبي ڪريمﷺ جن جي وفات بعد خلافت تي جهيڙو متو. اهو قصو ڪُهنو آهي. خليفي حضرت عثمان کان پوءِ چوڻ ۾ ٿو اچي ته حضرت علي، پيغمبر صاحب جو نائي، پيغمبر صاحب جي پياري ڌيءُ بيبي فاطمہ جو گهوٽ، عربي سلطنت جو ڌڻي ٿيو. مصر ۽ ڪوفي جي ماڻهن سندن مڪي مدد ڪئي، پر شام جي حاڪم معاويہ هن جي مدد نہ ڪئي، الٽو هن سان ضد رکيو ۽ خوب ڦهري جهيڙو لڳايو ۽ هن کي خليفو ڪري مڃڻ کان ناڪار ڪئي. گهڻيون جنگيون لڳيون. تن ۾ حضرت عليءَ اهڙي تہ بهادري ڏيکاري، جو کيس خدا جو شير چوڻ ۾ ايندو آهي. ڪيتريون ئي جنگيون کٽيائين. حضرت عليءَ جي شهادت کان پوءِ امام حسن سندس پٽ خليفو چونڊيو ويو. بيبي فاطمہ مان کيس بہ پٽ هئا، هڪڙو حسن ٻيو حسين. ٻئي ڀائر جهڙا هئا صورت جا سهڻا، تهڙا هئا دل جا سهڻا ۽ من موهڻا. ٻئي صاحبدل انسان هئا. سندن ٿوريءَ عمر جي ڪهاڻي اهڙي تہ دل سوز آهي ۽ شاهہ لطيف وري اهڙن جذبي وارن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي جو پڙهڻ سان دل اٿليو پوي، هي جو چوڻ ۾ ايندو آهي تہ سر ڪيڏارو شاهہ صاحب جو هڪ نهايت عمدو سر آهي، تنهن ۾ شڪ ڪونهي. انهيءَ سُر ۾ شاهہ صاحب ٻوليءَ جي درد جي، دل اٿل ۽ من اڇل جي تہ حد ڪري ڇڏي آهي. صوفي حضرت عليءَ کي بہ پنهنجو اڳواڻ ڪري سمجهندا آهن: ”آڳهہ جن علي“ البت هو ڪنهن بہ تعصب کان پري آهن ۽ هر ڪنهن سائينءَ جي طالب کي مڃين ٿا، پر ڪيترا مصنف صوفين جو تصوف حضرت عليءَ منجهان ڇڪيندا آهن. ڪيئن بہ هجي، پر حضرت عليءَ جي تڪليفن ۽ هنجي ٻن پٽن حسن ۽ حسين جي

شهيديءَ جو اثر ڪروڙن مسلمانن تي آهي. شاهه صاحب جي بيان ۾ وري خوبي اها آهي، جو هن قصي ۾ پنهنجي روح رهاڻ به واهه جي ڪئي اٿس ۽ سموري درد جي ڪهاڻيءَ کي آخر ۾ اهڙو سهڻو روحاني رنگ ڏنو اٿس، جو دل کي نهايت وڻندڙ ٿو لڳي. حسن جڏهن تخت تي ويٺو، تڏهين معاويه پٽس جو جهونو دشمن حيات هو. تنهن وري به پاڻ پتوڙيو ۽ دمشق مان لشڪر وٺي حسن سان لڙڻ نڪتو. چوڻ ۾ ٿو اچي ته حسن ڪومل سڀاءَ ۽ فقير دل انسان هو. تنهن معاويه سان صلح ڪيو، جو معاويه قبول ڪيو. معاويه کان پوءِ حسن جي هٿ اچڻ واڳون اچڻيون هيون.

پر ڳالهه اتي ڪانه پوري ٿي. معاويه کي پٽ هو، جنهن جو نالو يزيد هو. اهو يزيد ڪهڙو هو! "ذرو ناهه يزيد کي عشق جو آثار" هن جي جي دل ۾ دشمنيءَ جو مچ ٻرڻ لڳو. ڇو ته سمجهيائين ته بابي معاويه جي مرڻ کان پوءِ هيءَ حسن زور ٿيندو ۽ آءٌ ضعيف رهندس، تنهن اندران ئي اندران، حسن کي زهر کارائي مارايو. يزيد پوءِ ته سلطنت جو ڌڻي پاڻ کي سڏائڻ لڳو. مڪي، مديني ۽ ٻئبلان جي هڪ ڀاڱي کان سواءِ ٻيا سڀ هن کي مڃڻ لڳا. هي وقت اسلام ۾ بلڪل دکدائڪ ٿيو. يزيد جي ظلمن، خاص ڪري عليءَ شير جي اولاد سان دشمنيءَ ڪري، نهايت جوش مُلڪ ۾ پيدا ٿيو. حسن جي مرڻ کان پوءِ حسين وارث هو. يزيد کي اهو ئي خيال رهيو ته ڪٿي باقي حسين کي ماري پورو ڪريان. حُسين حَسين ۽ دلير مرد هو.

"جوهر ۽ جڙاءَ سين ڪامل سر ڪنگول"

"چوڏهينءَ ماهه چنڊ جيئن پڙ ۾ پيشانياس"

سندس منهن ۾ مٺي هئي ۽ سندس ڏند "موتي ڳتيا!" سمجهيائين ته يزيد ناپاڪ سان لڙڻ منهنجو فرض آهي. گهڻو ئي يزيد زور پئجي ويو هو، پر هي حسين حق تي بيٺو ۽ چيائين ته فڪر نه آهي ڪجهه به ٿئي، يزيد کي سامهون ٿيندس.

ڪوفي جي ماڻهن مڪي شريف ۾ حسين کي ڳجها نياپا موڪليا ته اسين توسان شامل آهيون. تون هلي آءُ. الله وچ ۾ آهي، اسين توکي مدد ڪنداسين.

كوفين كاغذ لكيو وچ وجهي الله
اسين تابع تنهنجا، تون اسان جو شاهه
هيكر هيڏي آءُ، تخت تابيني تنهنجي.

حسين نياپا ٻڌي خوش ٿيو. كوفين اڳي پڻ علي شير كي مدد كئي هئي، پر پوءِ وري ڦري وڃي يزيد سا ٿيا هئا. هاڻ وري حضرت حسين كي چوائي موكليائون تہ اسين توساڻ آهيون.

حسين پنهنجي كٽنب ۽ لشكر سوڌو مديني مان دلدل گهوڙي تي نكتو تہ كوفي ۾ پهچي، يزيد سان لڙائي كريان. "دلدل گهوڙو شاهه جو مٿس لال پلاڻي"

زمير مدينئان نكري، ڏيرا ڏنائون
كاڻيءَ، پاڻيءَ، گاهه كي، ماڻهو مكائون
چڙهندي چيائون، تہ ٿيندي ويڙهه وڏاندري"

مير مدينئان نكري، رڙهيا مٿي رند
گهوڙا تن گهوٽن جا پُريا مٿي پنڌ
جتي رهيا راتڙي، سي سونهارا هنڌ.

هن طرف حسين پنهنجي چڙهائي كئي هئي تہ هوڏانهن يزيد بہ پنهنجي تياري كئي هئي، خبر پيس تہ كوفين هيئن نياپا حسين كي موكليا آهن. سو ڇا كيائين جو پنهنجي سپهہ سالار عبدالله كي دمشق مان ڏياري موكليائين كوفي ڏانهن. هن ايندي شرط كوفين جي اڳئين حاكم كي لاهي ڦتو كيو. كوفي جا ماڻهو هئا چلولا، سي وري حسين كان ڦري ويا ۽ يزيد سان ٺهي ويا ۽ حسين جي برخلاف كيس مدد كرڻ لڳا. عبدالله جوڌي حر كي هزار گهوڙي سوارن جو لشكر ڏنو ۽ چيائين تہ تون وڃي حسين جي چڙهائي بند كر ۽ چئينس ت كوفي جا ماڻهو توكان ڦري ويا آهن ۽ هاڻي تون نہ اچ، موٽي وڃ.

كنگول = كلنگي. تابيني = تابع
ڏيرا ڏيڻ= منزل كرڻ. رند= رستي. پِڙ=ميدان جنگ. وروٺهن=جوڌو.

”ڪوفين ڦهر ڪيو ٿيا جماعتي يزيد سين
پليتن ڪي پڙ ۾، وَرنهُ ور پيو.“

حسين هي نياپو ٻڌي ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويو. پر تڏهن بہ چيائين تہ آءُ ويندس سامهون. ”پوءِ موٽڻ مهڻو.“ حسين جي لشڪر جي حالت نازڪ هئي، ڇو تہ هو ڪوفين جي آسري تي نڪتو هو. پر ڪوفي بہ ويس ڦري اچي ڪربلا وٽ پهتو. ڪوفين جا اهڙا حال جو:

”ڪوفي ڪربلا ۾ پاڻي نہ پياريں.“
ان نہ پاڻي ان کي، نڪو ونڙن مينهن
هئا سناٽيءَ جنگ ۾، نو راتيون ڏهہ ڏينهن.

حالت بلڪل ڏک جهڙي هئي، همڙا دلير مرد. پر قسمت هيئن ساڻن ڏوهہ ڪيو. اوڏي مهل حسين پنهنجي ڀاءُ حسن کي ساريو تہ جي هي ڪلي جي وقت حسن ها تہ:

ڪلي وير ڪٽڪ ۾ هي جي حسن هو
تہ پيڙو پنهنجي ڀاءُ سين، هوند پتنگن جيئن پيو

حسن ناہ حسين وٽ، ٻيلي تہ ٻانهون
ساٿيهہ شهزادن جو آهي اڳاهون
يزيد جلاهون تيلان ڪري تڪڙيون.

حسين وٽ نہ وڏو لشڪر هو نہ ڪو ٻيو زور هوس. وطن دور هيس. ڪوفي هيئن ڪافر ٿي ويا هئا. تڏهن ٿي يزيد متس ڪاهون ڪيون.
حُر جوڌو يزيد جي لشڪر جو جو ساڻس لڙڻ آيو. تنهن جڏهين هي حال ڏٺو تڏهين دل ڀڄي پيس. دل ۾ اڳ ۾ ئي حسين لاءِ محبت هيس، سمجهيائين تہ انصاف بہ حسين طرف آهي، حق بہ هن جو آهي! هن جي اعليٰ شڪل ۽ روش ڏسي اندر ۾ ڪيس جذبو پيدا ٿيو:

ڪلي = جنگ. ساٿيهہ = وطن. جلاهون = ڪاهون.

"چڙهي آئيو جنگ تي، هلي هُن پاران
ايندين چيائين امام کي گهوريس آن مٿان."

"حر هلي آيو مانجهي مردانو
آهي عاشق آڳ جو پتنگ پروانو
مان راضي ٿئي، رسول رب جو نبي ٿو نانو،
هي سر سمانو گهوٽ مٿان ٿي گهوريان."

حسين جي قدمن ۾ ڪري پيو، ۽ چيائينس ته آءُ موڪليو ويو توسان لڙڻ لاءِ آهيان، پر هيءُ سرُ ۽ هيءُ ڪجهه لشڪر توسان همراه آهي. حر جي لشڪر مان ڪي ساڻس گڏجي حسين وٽ آيا ۽ ڪي يزيد جي طرف ٿيا. حسين جنگ جو سنباهه ڪيو. گهوڙن جون تياريون ٿيون، صفون ٻڌجي ويون، حسين کي ڪن چيو ته مارجي ويندا سون، پر جوان ۽ دلير مرد "اجل سامهان اوچي ڳاٽ اچن" اهڙا مرد ترار ۽ نيزي کان پاڻ پاسي ڪين ڪن.

"ڪوپا ڪلي ڪوڏيا، راوت ڪين رهن
سائِنِ سر فدا ڪيا، اڳيان امامن."

خوب حسين لشڪر ۾ همٿ وڌي، جوڌا سنيريا لڙڻ خاطر. جنگ جا توتارا وڳا، ڪابه پرواهه حسين جي جوڌن ڪانه ڪئي. چيائون هي سر تنهنجي خدمت ۾ حاضر آهي:

"بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڳ ڪلول ڪن
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪاريو هڻن
ڪرن، ڪنڌ نچن، رڻ گجيو راڙو ٿيو."

راوت= جوڌا، سردار. ڪڙڳ= تلوار. رڻ= ميدان.

خوب تلوارون، ڪلول ڪرڻ لڳيون، بي پرواهہ تي جوڌن سر ڏنا. جنگ جو ميدان گجڻ لڳو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. جوڌا حسين جا ڪاهي پيا يزيد جي لشڪر ۾.

ڪامل ڪربلا ۾ اهلبيت آئيا
مري مصرين سين، تن ڪافر ڪنبايا
سچ ڪ بيبيءَ جايا، ڀھڙا سورهيہ سپرين.

ڪامل ڪربلا ۾، آيا سيد شير
ماري مصرين سين ڍؤنڍ ڪيائون ڍير
دهليا اُتِ دلير، پسي حملو حسين جو.

ڪامل ڪربلا ۾، ائيا جنگ جوان
ڌرتي ڏيي، لرزي، ترتليا آسمان.

مطلب تہ جنگ جي طوفان ۽ ڌڌڪي ۾ ائين پئي ڀانيو تہ ڌرتي تي ڏيي، آسمان ٿو ترٽلي. هنن وير جوڌن "تڪا هنيا تير." ڪجهہ وقت تہ يزيد جي لشڪر کي واڱرو ڪري ڦٽو ڪيائون. پر يزيد جو لشڪر هو نهايت گهڻو. حسين کي ڌڪ لڳا. "گهوٽ بہ لڳا گهاءَ!" ۽ رت بہ وهڻ لڳس:

"ڏاڙهي رَتِياسِ، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جيئن"

شاعر ٿو چوي تہ"هئي ائين تقدير اصل امامن سين!" رب جي اها مرضي هئي. جوان حسين سُورهيا ائين مردن جي ميدان ۾ سر ڏنو. واهہ ڙي سُورهيا واهہ تنهنجي سُورهيہ ماءُ، پيغمبر جي دلير ڌيءُ. واهہ تنهنجي نؤورني ڪنوارا! خبر آٽي ڏنائون تہ حسين هيئن شهيد ٿي ويو. چانوٽي جي پنيان حسين جو ڪٽنب هو ۽ ٻين جون بہ وهون هيون. معلوم ٿين تہ مرد مرندا پيا وڃن. "جهلنديون اچن، جهوليون جهونجهارن جون" بهادرن جا ڪنڌ لهندا وڃن! البت ڪي هيون جن رودن ڪيا .

اهلبيت= نبيءَ جي گهر جا سيد، سادات.

پايو پڪ پهار جا، انجون وهون واڪا جئن
پنين، پار ڪين، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

اهي رواجي وهون هيون، پر شيرن جون عورتون پار ڪين ڪين، پنين ڪين، اهي ڪين چون تہ ڪو اسانجا مڙس موٽي اچن. ڇا اهي چون؟

ڀڳو آءُ نہ چوان، ماريو سو وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.

جي منهنجو گهوٽ ڪو ميدان ۾ ڀڄي! ڪير چوي تہ ميدان مان ڀڳو! نہ نہ، پر جي اها خبر پويم تہ ماريو تہ اها ڳالهہ آءُ بہ وسهان. جي منهنجي ڪانڌ کي منهن ۾ سڌا ڌڪ لڳن، تہ آءُ اهو دک سهي وڃان، پر جي پٺ ڏئي ڀڄي ۽ ڌڪ پٺ ۾ لڳنس تہ آءُ پڻ لڄ مران. اهڙيون تہ هيون دليرن جون عورتون!
اي منهنجا مڙس، تون ڀل وڃي ميدان ۾ لڙ ڀل مري پوين، ڀل آءُ رئان، پر تون موٽي نہ اچج.

”مر مرين، آءُ روئنءِ، موٽي آءُ مَ ڪانڌ،
ڳچن وڏا پانڌ، جيڻ ٿورا ڏينهڙا

مر مرين، آءُ روئنءِ، موٽي ڪانڌ مَ آءُ
مچڻ تو پُٺان، ڪچا ڪنم جيڏيون“

اي گهوٽ، جي تو سامهون ٿي سو نہ ڏنو تہ پوءِ جيڏين جا طعنا ڪير سهي سگهندو! سو حسين ۽ سندس جوان جوڌا سر ڏيئي سرها ٿيا.

” گهوٽن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهن،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.“

وهون= زالون.

شاعر چوي ٿو تہ ايڏي تہ مصيبت حسين سٺي، ايڏي تہ تڪليف هن پنهنجي سر تي ڪنئي، ۽ هنجي دليري اهڙي تہ هئي، جو هن جي سختي ڏسي ڇا ٿيو!

"پسي سختي مير حسين جي،
رنو نبين زارون زار
مَلڪَ فَلڪَ، ڌرتي ڌٻي،
آئي عرش مٿي اوچنگار"

بيبي فاطمہ کي اچي خبر ڪيائون تہ تنهنجي پٽ هِيئن سُورهيہ تي سر ڏنو. بيبي فاطمہ چوڻ لڳي:

"فرزند عليءَ جا دادلا، چيو بيبي فاطمہ
خون ڇڪينديس ڪين ڇڏينديس،
جاني آن جو ڏينهن قيامت
فرزند عليءَ جا دادلا مون تان ڪوڙ نپايا"

اهڙو ڪو دک درد ۽ روڄ جو اهو واقعو ٿيو جو هيترا سؤ سال گذري ويا آهن، تہ بہ لکين ڪروڙين مسلمان اهو ڏينهن محرم جو ياد ٿا ڪن!

"مڪي مديني ماڻهين رنو مٿي راهہ"

حسن مير حسين کي رنو ٿن تولن
گهر ماڻهئين، جهنگ مرونئن ۽ اين ۾ مَلڪن."
پکين پاڻ پڇاڙيو تہ لڏيو هوت وڃن.

گهرن ۾ ماڻهن، جهنگلن ۾ مرن ۽ اُين ۾ فرشتن رنو پکين پاڻ پڇاڙيو! واهہ شاهہ تنهنجي ٻولي! ڇا تہ درد ڪو تنهنجي دل ۾ هو!

"پينر انهيءَ ڳالهہ جي، ظاهر ڪيان ذري
لڳي ماڪ مرن کي، ڏونگر پون ڏري
وڻ ٻڻ وڃن ٻري، اوير ايري ڪانہ ڪا."
(سسئي)

شاهہ صاحب پڻ اهومهينو يادگيريءَ جو رکندو هو.

”ڏنو محرم ماهہ سَنڪو شهزادن ٿيو“

چون ٿا تہ اهو مهينو بلڪل گوشي نشينيءَ ۾ گذاريندو هو. ڪارا ڪپڙا پڻ ڪندو هو.

”مير مدينئان نڪري، آيا نہ موٽي
ڪارا رکج ڪپڙا، ادا نيروٽِي
آءَ تن لوني، جي مير مسافر رانئيا.“

شاهہ صاحب صوفي قلندر فقير هو. هن ڪيترن مسلماني رواجن کي پنهنجي سچي معنيٰ ڏيئي، ان موجب رهت رهي. انهي سر ڪيڏاري ۾ مٿيان بيان برابر ڏئي ٿو پر هن معنيٰ ڪا اندر روحاني سمجهي آهي، جيئن سچل شاعر مست، منصور کي ياد ڪيو ٿو جوش ۾ اچي، تيئن شاهہ لطيف حسن حسين ۽ عليءَ کي خوب ياد ڪيو آهي. هن يار انهيءَ واقعي کي هڪ پاڪ واقعو سمجهيو آهي، هو سمجهي ٿو تہ حسن ۽ حسين سچا شهيد هئا، مرد موليٰ جا هئا. اي عاشق تون بہ هاڻي هن دنيا ۾ مرد موليٰ جو ٿي رهُہ!

شاهہ ٿو چوي تہ انهي حسن حسين جهڙي واقعي کي مصيبت نہ سمجهڻ گهرجي، ڇو جو ”ڄاڻي هڪ الله، اڻ وڻنديون جو ڪري“ هي سڀ سائينءَ جي حڪم موجب هو، تنهنڪري ”تنهن واحد کي واهہ جو حڪم ههڙائي ڪري“.

اها جيڪا حسن ۽ حسين علي شير جي اولاد سختي شهادت جي ڏٺي، سا هنن لاءِ رب جي رحمت هئي.

”سختي شهادت جي، سُڻُ شاديءَ جو ڏينهن“
سختي شهادت جي، مَلهارُ مڙوئي“

ٻاهريان اجاڻو ماڻهو چوندا، تہ سو وري ڪيئن! ههڙيون مصيبتون،

سنڪو = انتظار.

ھھڙا درد ۽ ڏکَ اِھي سڀ ٿيا مھر جو مينھن! اسين تہ سمجھي نٿا سگھون.
تن کي ٿو شاھہ چوي:

”سـخـتـي شـھـادت جـي، نسـورو ئـي نـاز
کـي رند پـروڙيـن راز، قَضـيـو کـربـلا جـو“

اڙي يارو ھي ھڪڙو ڳجھہ آھي ۽ ڪربلا جھڙي ھن قضئَي ۾ بہ ڪو راز رکيل آھي، سو ڪي رند فقير سمجھن. ٻئي جي جاءِ نہ آھي! ڪھڙو راز آھي؟

”ڪسـڻ جـو قـرار اصـل امـامـن کـي!“

ھي جيڪي ڏٽيءَ جا ڳولائو آھن، تن کي ھميشہ سر ترِيءَ تي کڻي بيھڻو آھي، جو تہ اھو قاعدو ڳُھنو آھي ھميشہ کان ائين ٿيو آھي، ڪرسٽ کي صليب تي، منصور کي سوريءَ تي چاڙھيائين! شمس تجريز جي کَلِڙِي لاھرايائين، شاھہ عنايت جو سرُ ڪپايائين، اھي مثال صوفي جَھجَھا ٿا ڏين. شاھہ ٿو چوي تہ ائين ڇوٿو ٿئي:

دوسـت ڳُـھـائـي دادلا، ٿـو مـحـب مـارائـي
خـاص خـلـيـلـن کـي، ٿـو سـخـتـيـون سـھـائـي
الـلـه صـمـد بـي نـيـاز سـا کـري جـا چـاھـي
انھيءَ منجھہ آھي، ڪا اونھي ڳالھہ اسرار جي.

جيئن شيڪسپيئر ٿو چري “Whom best I love, I cross.” ,”جنھن کي ڪريان پيار، تنھن کي ڏيان آزار“ اھڙن بھادرن جو ھميشہ ڪم آھي حق تي وڙھڻ.

”تنھن سُورھيہ کي شاباس، جو متي پِڙ پرزا ٿـئـي“

شاھہ صاحب ھن سر ۾ ھيئيون نھايت عمدو گفتو چيو آھي، ھن جو مطلب آھي ڏيکارڻ جو تہ ھيءَ لڙائي رڳي آءٌ ٻاھرين ڪونہ ٿو چوان، پر ھيءَ ڪا ٻي بہ لڙائي اندر جي آھي. چوي ٿو تہ جنگ جي ميدان ۾ گھڙي ۽

خليل = پيارو دوست

ڪِلي وقت جو زره ڍڪي ٿو سو ٻه جوڙو نه آهي!

”ڪلي وير ڪتڪ ۾، پاکر جوپائي
اچا اُن کي جيئڻ جو، آسانگو آهي
سورهيه سو چائي، جو رڳوئي رڻ گهڙي“

چوي ٿو ته جي زره ٿو پائي ته چئبو ته ان کي اچا ٻه جيئڻ جو آسانگو آهي، سُورهيه سوئي چوائي جو رڳو چڙوئي ميدان گهڙي. هيءَ لڙائي شاهه صاحب اندر سان ٿو لڳائي. يزيد ٻيڙو من يا نفس آهي، انهيءَ سان هميشه لڙائي ڪرڻ گهرجي. ٻاهرين لڙائيءَ کي ”جهاد اصغر“ معنيٰ ننڍي لڙائي ٿو ڪوني، پر اندرينءَ نفس جي جنگ کي ”جهادِ اڪبر“ يعنيٰ وڏي لڙائي ٿو سڏجي. انهيءَ وڏي لڙائيءَ ۾ گهڻا ڏک سهڻا آهن، ٻاهر جون گلائون، مصيبتون ۽ اندر جا ڪشالا ڪيڏا آهن. چوي ٿو ”سُورهيا! مرين سوڀَ کي، ته دِل جا وهم وسار.“ ته چئبو ته هي ”دل“ جي لڙائي آهي! ائين نه آهي ته رڳو هن لڙائي ۾ درد ۽ ڏک آهن، پر هن ڏُک جي اندر هڪ اهڙو سُک آهي، جنهن جي اهي ڏک ڪجهه ڪين آهن، اهوئي ”راز“ آهي.

”جيلانهن لڳن نيڻ، تيلانهن سوريائي سيج ٿِي“
(سرڪلياڻ)

اهي ڪي اهڙا نيڻ آهن، جي ڦٽن جي چِڪڻَ وقت فرحت ڏين ٿا، جو هو دلير، ”رُڪَ پيالو“ پيڻ ڪان ڪين ٿا ڏجن! اوڏي مهل مرشد پاڻ ٿو ڦٽن تي مَلَمُ رکي ۽ پاڻ ٿو پنهنجن هٿن سان آرام ڏئي.

”ڦـٽـن تـان رت ڦـڙا عـلـيءَ ٽـي اگـهـيـاس“

۽ سڀ جيڪي اوڻايون يا گهٽتايون اٿس، سي خالق انهي ڏک سهڻ ڪري معاف ٿو ڪريس.

”مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.“

پوءِ اهڙن بهادرن کي، جي هن آزمائش مان ٿا نڪرن، ان کي پاڪ حورون ٿيون هار پارائين.

پاکر= زره. چائي= چوائي.

”حورون هار پڌن، سهرا شهيدن کي“
اهڙا گهوٽ ماڻهن ليکي سو دکي ۽ گهٽ آهن ۽ ائين پيو پائنجي
تہ هو سوريءَ چڙهيا پر هو سچ پچ پنهنجي گهر ويا.
جنت سندن جوءِ، فَائِقَ هليا فردوس ڏي.
فاني ٿيا في الله ۾، هوءِ سين ٿيا هوءِ!
هوءِ سين ٿيا هوءِ! ويتو پرولي پيچ.

سهرا=هار. جنت= بهشت.

(3)

مومل راڻو

سوڍا راجپوت اڄ تائين سنڌ ۾ آهن. ڪنهن وقت سوڍن جو راڄ هوندو هو تہ يا راجپوتا گڏيا پيا آهن، تہ بہ راجپوت ديس آهي. انهيءَ ديس ۾ راڻو راجا هو ڍٽ شهر سندس گادي هو. تنهنڪري شاهہ ڪيس ڍاٽي بہ ٿو ڪوٺي، وزير ۽ امير وٽس گهڻا هئا. پاڻ جوان هو ۽ سنگتي بہ جوان هئس.

مومل بہ ڪنهن راجا جي ڌيءُ هئي. مومل واهہ جي حسين هئي، سندس ساهيڙيون بہ سهڻيون هيون، راجائي گهرن جون ڄايون هيون، ٻانهيون بہ وٽن جهجهيون هيون. انهن ۾ بہ ڪمتي ڪانہ هئي. جهڙيون هيون سونهن ۾ سر، تهڙيون هيون عقل ۽ اٽڪل ۾ پڙ.

”ٻاروچاڻيون ٻانهيون ڪهڙي چال چلن؟
مٿن پوتا پٽ جا، گهگها ساڻ گلن.“

ٻاين يعني راڻين ۾ مومل سيني ۾ سرس هئي. ٻانهين ۾ وري ناتر سيني ۾ برک هئي. راڻيون بہ سوڍي ذات جون هيون. ڪهڙي سندن شڪل هئي! بمثل گلن جي هيون، مٿان ويس بہ اهڙا ئي هئا!

”جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،
پسيو سونهن سيد چوي نينهن اڇن نيس“

مومل هڪ حسن جو چمن ڪٺي ٿاهيو هو جنهن چمن ۾ گلبدن سهڻيون گهڻيون هيون.

گـلـبـدن جـيـون گُـجَـريـون ارم اوڍيـائـون
چوٽا تيل قليل مان واسينگ ويڙهيائون.

مومل پاڻ سين ڄڻ گل گلاب هئي. ڇا سندن شڪل، ڇا سندس ويس، ڇا وري منجهن خوشبوءِ ڇا سندن بت تي سندر زيور!

”جهڙا پانن پَنَ، تهڙيون شالون متن سائيون
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تن
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن
سونهن رپي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن
ڪيائين لعل لطيف چئي، وڏا ويس ورن.“

مومل پنهنجن ساهيڙين ۽ ٻانهين مان انهي چمن منجهہ پنهنجي رنگ محل ۾ رهندي هئي. ڪيس گجر يعني سهٽي بہ چوندا هئا ۽ سندس گام کي ”گجر سندو گام“ تو چئجي. مومل کي اکين ۾ ڪا عشق جي ڇڪ هئي، جنهن ماڻهن کي موهي تي قتو ڪيو.

”مـومـل ڪـي مـجـاز جـا اکـيـن ۾ الـمـاس“
جنهن کي ڏسڻ سان گهڻا حاڪم جوان شهزادا چريا تي پيا.

”مـومـل ڪـي مـجـاز جـا اکـيـن ۾ انـبـور
هـٽـي حـاڪـمـن ڪـي پَـتِ نـهـاري پـوُر.“

مومل جو مڪان مٿانهون هڪ ٽڪريءَ تي هو. نالو رکيو هئائينس ”ڪاڪ“. ڪاڪ جي حسن جو هُل هر هنڌ هو.

حسن جي منجهس حيرت هئي. باغات بہ واه جي هئي. مطلب ڦُل سهٽا ۽ تنهن چمن ۾ وري مومل جهڙيون حورون تي رهيون.

”آما ليـمـا، ڦل ڦـاروهـان، جـت ڪـتـڻـهـار ڪِـلـن“

نيس= خيال. جيون= جهڙيون. گجريون=سهٽيون. ارم= سهٽو ڪپڙو. اوڍيائون= پهريائون. واسينگ=نانگ، وار. ڪامڻ= سهٽي زال. ورن= رنگ. الماس= ماڻڪ، هيرا.

جتي پيو چا هو؟

"آکون ڊاکون، سرکنڊ شاخون، جت چوکا چندن ڪؤنر "

انهيءَ رنگ محل واري مڪان کي ڪاڪ ڪڪوري به چيو ويو رنگ هنجو ڳاڙهو هو.

"ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪوريا، جت چندن چوڌاري "

مومل جي حسن جي هاڪ سڻي سوين سودائي ٿيا! جتان ڪتان سوڍا ۽ ٻيا، سڳ ڇڪڻ آيا. پر مومل چوي آءُ تي شادي ڪريان! سندس ناتر ٻانهي جادوءَ جو علم ڄاڻيندي هئي. جنهن علم کي علم مقناطيس، مسميريزم وغير ٿا چئون. مومل کي چيائين ته هڪڙو رستو اٿئي مگ ڇڪيندڙن جي آزار کان ڇٽڻ جو. آءُ تِي جادوءَ جي کيل سان اهڙو رنگ ڪريان، جو تو وٽ ڪير اندر اچي ڪين سگهندو! سو ناتر اهڙو ته ڪٺي کيل ڪيو جو جيڪو به مومل جي مڪان تي اچي ته ٻاهر ڏسي ته مارا درياهه لڳا پيا آهن، جهنگل پڻ آهن، جن ۾ جانورن جا آواز پيا ٻڌجن. اول ته ڪو ڇاتي رکي جند جوکي ۾ وجهي، تڏهين اندر ڪاڪ ۾ پير رکي.

"مومل جي ماڙيءَ کي طرح طرح جا تال"

ناتر هڪڙو گول رستو به ٺاهيو هو جنهن ۾ اهڙا ته ڦيرا گهيرا هئا، جو ڪو اندر آيو ته ٻاهر لنگهي نه سگهي. منجهي مري ۽ ٻاڪاري پاڻ ختم ڪري. انهي ڪاڪ جي خبر چؤڏس پئجي وئي، ڪيترا جوان ۽ جوڌا حسين دلبر آيا، پر طلسمي درياهه جي ڏُومَرِ ۽ دهشت ڏسي موٽي ويا.

"ويجها ويا ڪاڪ کي، پسي وڻ ورڻيا"

ڪيترا جهنگل جي مرن جا آواز ٻڌي هليا ويا، ڪيترا رستن جي ورن ۽ وڪڙن ۾ اٽڪي مري ويا.

"هت ڪيترائي خان ڪپي ويا"

ڪيترائي سوڍا شڪار ڪندڙ مڙس ايندا هئا، ناتر جو جادو ڪين کپائي ڇڏيندو هو:

"سوڍا شڪاري ناتر گهٽا نمائيا"

"هتان آيو ڪونڪو هتان لک وڃن"

انبور= تير. آکون= اکروٽ. ڪنڊهار= گل. ڪوَنر= ڪنول گل.

ڪنهن سمي راڻي کي خبر ملي تہ ههڙي هڪ مومل ههڙي ڪاڪ ۾ ٿي رهي. راڻو پاڻ نهايت سهڻو هو.

"روءِ راڻي جي ناه هو، سوڍو سيني سونهن"

سندن ٿي پيا بہ سنگتي هئا. پڏائون تہ ڪئن نہ ڪئين گهوٽ گهائجي ويا. ڪئن نہ لکين خان کپي ويا آهن. انهن جوکي جي ڳالهين پاڻ هنن بانڪن بهادرن جي چت کي چوريو هنن جي دل کي اٿاريو. چيائون:

"هلو هلون ڪاڪ تڙ، جتي نينهن اُچل"

ڏاڍي سڪ ٿين تہ هلي ڪاڪ جون ڪنئاريون ۽ ڪاڪ جا ڪوَنر گل ڏسون.

"ڪنواريون، ڪوَنر، ڪاه تہ پسون ڪاڪ جا"

راڻي کي هڪ پنهنجو اٺ هوندو هو جو بلڪل تکو هو اٺ کي شاهہ لطيف ڪئين نالا ڏنا آهن. چانگو ليڙو ميو پٽارو ڪرهو ۽ پيا. راڻي جو مَيوَ عجيب هو. ڪي چون ٿا تہ 80 ميل ڪندو هو ڪي ٿا چون تہ 100 ميل روز ڪندو هو. پيا بہ وڏائي اپ ٿا ڦاڙين. قصو ڪوتاهہ هي چارئي يار ڪاڪ ڏانهن ڪاهيندا ويا.

"چڙهيا چارئي يار سوڍا شڪاري"

"ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي، جت مومل موچاري"

جڏهن ويجهو ويا، تڏهن ڏسن تہ مارا مڪان تہ سهڻو پريان برابر آهي، جت چندن چوڏاري آهن، ڪوَنر گل خوب آهن، اڳيان درياهہ جون لهرون پيون لڳن، جهنگل جا آواز پيا اچن، هاڻي اهو درياهہ لنگهون سو ڪئن لنگهون! چئن ئي يارن وڏو عقل هلايو. آخر راڻي کي خيال ٿيو تہ بيلي مونکي تہ خبر ئي ڪانہ ٿي پوي تہ هي اسرار آيو ڪٿان؟ اسان تہ ڪڏهين ڪونہ ٻڌو تہ ايڏو ڪو درياهہ ٿو پير ۾ وهي، برابر ڪاڪ وٽ ڍنڍون هيون، سهڻا باغ هئا، پر هي درياهہ تہ اسان ڪونہ ٻڌو. خبر نہ آهي تہ هي درياهہ ۽ هيترا جهنگل آيا ڪٿان! اتي راڻي کي تہ اچي من ۾ ڳالهہ ڪڙڪي، چي ڏسون تہ هي آهي ڇا؟ ڪيسي ۾ هٿ وڌائين، سوپاريون پييون هيس. ڇا ڪيائين جو هڪ سوپاريون ڪڍيائين.

نينهن = عشق. روءِ = شڪل. ڪنئاريون = ڇوڪريون.

"فـڪـر سـان ڦـٽـي ڪـٽـي، سـوڍي سـوپـاري"

قدرت ڪمڙي! جيئن زور سان سوپاري هنيائين، تيئن سوپاري وچي نڪاءُ ڪيو ۽ ٽڙ ٽڙ ڪندي لهي اچي هيٺ پئي. اتي راڻي کي خبر پئي ته هن مومل کو طلسم ڪيو رچيو ٿو ڏسجي! هي درياهه ته ڪونه آهي. هي ته ڪو جادوءَ جو ڏيک آهي، جيئن پريان رُڃَ ۾ پاڻي پيو ڏسبو آهي، تيئن هي به ڪو وهم آهي!

هيءَ سوپاري جا لهي آئي، سو هيءَ ته ڪا شيشي جهڙي سخت شيءِ آهي، جتان سوپاري لٿي آهي. دل جهلي چار يار اڳيرو ويا. ڏسن ته هي ته رڳو مقناطيس ۽ طلسم جو اثر آهي ۽ هي ڪي شيشا آهن. جن تي درياهه جو نقش آهي. اهڙي طرح جڏهن ڪنجي جي غيب جي ڪين ملي تڏهين سمجهي ويا ته هي جهنگل جا آواز ڪوڙا آهن! ڏاڍا خوش ٿيا. خوب ڪاهيندا اندر لنگهي آيا. ورن وڪڙن وارو رستو جو اندر هو. تنهن کي به هي بيدار مغز جوان سمجهي ويا.هي شڪاري عجيب چٽبا!

"مـوتـيـا نـه مـاري، ڪـوَنـر لـتـاڙي ڪـاڪ جـا"

اهڙا راڻا چو نه مومل پسندا!

"راڻي جي راجپوت، مومـل صـحـي پسـنـدا"

"ڪاهي آيا ڪاڪ تي، پسـنـدا مـومـل"

اندر لنگهي آيا، ته ڏسن ته هڪ عجيب صورت واري سهڻي بيٺي آهي، تنهن سان نوَ سهيليون بيون به آهن. هنن ڀانيو ته هيءَ ڪا مومل آهي. پر اها مومل ڪانه هئي. هيءَ ناتر ڀانهي هئي! ڀانهن ۾ ڀانهين پيئي هيس، ناتر به نهايت عجيب هئي، گهور ڪري هنن ڏانهن نهاريائين! ڪيس عجب به لڳو ته هي ڪهڙا جوان، جي ڪاڪ لتاڙي آيا آهن. هي ته منهنجا به استاد چٽبا. هوڏانهن هو سوڍا، ڪاڪ جي سونهن ڏسي ۽ ناتر جي اکين جي گهور پسي واٽڙا ٿي ويا:

"ڪـاهـي آيـا ڪـاڪ تـي، ڏنـائـون نـاتـر،
گهوٽن وسريا گهر، گهُور پهريائين گهائيئا"

پڇيائونس:

"تون جا ٻائي ٻانهينءَ واري، کهڙو تنهنجو نام؟
هي گام نالو کهڙو هي گهر سندا ڪِن؟"
ناتر بہ سوڍن جي صورت ڏسي ۽ هنن جي ڏاهپ ڏسي موهت ٿي.
تنهن گهور کي ذرا گهٽ ڪري جواب ڏنو:
"ائين جتي اُبتا، سو گُجر سندو گام
کهڙواٽان ڪام، هت لکين خان کپي ويا".

ناتر هنن کي چوڻ لڳي تہ سوڍا، اوهين پلجي نہ وڃو آءَ ٻائي
ڪانہ آهيان:
"آءَ ٻـــانـــهـــي، ٻـــايـــون ٻـــيـــون"
پر جوانو اوهين ٻڌايو تہ هتي ڇو آيا آهيو؟ اوهين ڊنا بہ ڪين
آهيو!
"پيا نہ ڏسين پٽ ۾ ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪپار"
اوهان ٻڌو نہ آهي تہ هي ڪهڙو گام آهي!

"هي گام مڙوئي گوجرو، جت رانوڙيون رهن
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ خون ڪلندي ڪن
سمهون وڃ مَ تن، اڳيان راڻا تو رڻ وهي."

اي راڻا سوڍا، توکي آءَ صلاح ٿي ڏيان تہ اندر نہ وڃ. هي رانوڙ
راڻيون ڪا ستري ڏر نہ آهن. هو ڪلندي خون ڪيو وجهن. گهڻيئي هتان
گهات ٿي ويا. اي راڻا، توکي صلاح ٿي ڏيان تہ اندر نہ وڃ. پر راڻي تي ناتر
جو اثر ڪين ٿيو ڇو تہ ناتر جو اثر انهن تي هو جي سندس جادوءَ جي
مڪان مان لنگهي نہ ٿي سگهيا. انهي مڪان کي لڊاڻو ٿي چيائون:
"تنکي ناتر ڪندي ڪو جي لڊاڻيان لنگهي ويا"
ناتر بہ راڻي جي شڪل ڏسي مٿس موهت ٿي پيئي. ناتر اڳتون
هلي، پنيان راڻو ۽ راڻي جا سنگتي هليا. آيا اندر حسن جي حيرت هئي،

ائين= اوهين. ابنا= بيٺا. اٽانَ= اٽوَ. ڪپار= مٿا. رانوڙيون= رانوڙ گهراڻي جون.

گلبدن جهڙيون سهڻيون هيون، ڪارا جن جا وار. واسينگ وانگي تي لٽڪيا، اکيون جن جون مشعلن جهڙيون هيون، جن جي نڪ جون نوڪون.

"پل پل ڪُمن ڪنگالان" (هير رانجهو)

سوڍيون راجپوتڻيون ڇا وڻيون ڪن؟ "رپي رانديون ڪن" روپ جا رانديڪا هئا. تن سان وڻي ڪيڏيائون. اگر جي خوشبوءِ ۾ ڪستوريءَ جي سڳند پئي آئي. عطر جي اُتي اوت هئي. راڻو ۽ راڻي جا سنگتي هي برهه جي باغ جون چنبيليون ڏسي مست تي ويا، منجهن مومل تہ شمع روءِ هئي. سيني ۾ سرس. راڻي جي نظر جنهن وقت مومل تي پيئي. تنهن وقت راڻي جو روح مومل جي اکين ۾ وڃي ڪتو. هوڏانهن مومل جو بہ حال ساڳيو هو! خبرون اڳيئي پيون هيس تہ راڻو راجا مون سان ملڻ لاءِ سنپريو آهي، ناتر سڀ ڳالهہ کان واقف ڪندي هيس، ويتر جو هڙا راڻي ڪشالا ڪڍيا ۽ طلسم جي مڪان مان بہ نڪري آيو. تنهن ڳالهہ تہ مومل کي منجهائي ڇڏيو تہ هي راڻو ڪهڙو نہ عاقل داناهہ هوندو! وري شڪل ڇا هئي راڻي جي. "چوڏهينءَ ماهہ چنڊ جڻن" جنهن مان "ڪستوريءَ خوشبوءِ" پئي آئي. مطلب تہ هن مومل گجر بہ گهڻا مستيءَ ۾ آڻي ڦٽا ڪيا هئا. پر هيڪر تہ پاڻ بہ اٽڪي ويئي:

"گجر گهڻا گهائيا، پاڻ لڳس گهاءُ،
ميندري ملان، لڳس ڪانُ ڪپار ۾"

مومل راڻي جي رنگ ۾، راڻو مومل جي رنگ ۾! پر راڻو راجا هو. تنهن لاءِ اتي ويهي رهڻ مشڪل هو.

مومل چويس تون راڻا منهنجو ۽ آءٌ راڻا تنهنجي. هاڻ محبوب وڃڻ وري ڇا جا؟ پر راڻي کي اڄا مومل وٽ ڪِين رهڻو هو. نڪي اڄا پنهنجي شادي ظاهر ڪرڻي هيس. تنهن ڇيو مومل کي تہ آءٌ پنهنجي ڀڻاري ڪرهي تي چڙهي، نت پرت پيو تو وٽ ايندس. عام جو ڳوڻان نڪرندس، آڌيءَ رات تو وٽ اچي تو پيڙو ٿيندس ۽ پرهہ ڦٽيءَ چانگي تي چڙهي ملڪ روانو ٿيندس. راڻو پوءِ پنهنجن سنگتين کي وٺي آيو پنهنجي

ميندري = راڻي. ملان = وٽان. ڪان = تير. نت پرت = هميشہ

راڄ ۾. هو رات جو پنهنجي ميي تي چڙهي، ڪيس چندن چاريندو، آڪون ڏاڪون ڪارائيندو. آڌيءَ ڌاري اچي رنگ محل ۾ مومل جي اڪين ۾ مجاز جا الماس پسندو هو. راڻو ۽ مومل ڪجھ وقت تائين ائين ئي رهيا. پر عشق جي واٽ اصل ڪان سوکي نہ آهي. عشق ۾ هميشہ وڇوڙو اچي ٿو.

مومل کي هڪ ڀيڻ هئي، جنهن جو نالو هو سومل. هن کي اها ڳالھ آئڙي ڪين تہ ڪو مومل ويهي راڻو ماڻي. سومل هئي ساڙي جي سڙيل، تنهن هڪ ڏينهن وڏي اٽڪل ويڙهائي! ڇا ڪيائين جو جڏهن مومل وڃي سمهي، ۽ ننڊ اچي ويس، تڏهن مرد جهڙا ڪپڙا پائي، مٿي تي پٽڪو ٻڌيءَ پاڻ اچي ڀيڻ سان ڀاڪر پائي سمهي رهي.

آڌيءَ رات راڻو هميشہ وانگر رنگ محل ۾ آيو تہ ڏسي تہ منهنجي مومل سان هڪ ڌاريو آدمي ستو پيو آهي! راڻو راجپوت هو. جذبي جي وس اچڻ وارو ڪين هو. تنهن ڪري پاڻ تي قبضو رکي دل جهلي نہ تہ ٻيو ڪو جيڪر ترار ڪڍي رت وهائڻ کان ڪين ٽري. ٻيو تہ سچو عشق جتي آهي اتي معشوق ڏانهن ڪاوڙ ۽ غصو نہ آهي! راڻي کي بہ دک اونهو ٿيو پر تڏهين بہ پاڻ پلي وڌائين. ترار ڪڍي ڪٽ ير رکي هليو ويو! مومل ڪجھ وقت بعد سجاڳ ٿي. راڻي جي هوَئن واري خوشبوءِ ڪانہ آيس. چتائي ڏٺس تہ سومل ڀيڻ ساڻس ستي پئي آهي ۽ ويس مرداڻو اٿس ير ۾ راڻي جي ترار رکي آهي! ڏسي سائي ڀنگ ٿي وئي، دلڙي ويچاريءَ جي ٻڏي وئي. سموري ڳالھ سمجهي ورتائين. سومل بہ اکيون پٽيون. چيائينس ڙي سومل، مومل سان رڻ ڪيئہ! گهٽو ئي رنائين، گهٽو ئي رڙيائين. سمجهيائين تہ راڻي جي دل تي ڪٽ پيو هوندو، پر راڻي جي عشق جو تحمل ڏنائين تہ هڙي حال هوندي مون تي ترار ڪين وهايائين. انهي ڳالھ آڻي باقي مومل پاڻي ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن لنگهيو بہ ڏينهن لنگهيا. راڻو ڪين آيو! پيلا ايندو وري ڪيئن؟ پوءِ تہ هن ويچاريءَ مومل جي رودن ڪيا آهن، تنجون آهون، تن جا ٿڌا ساھ جيڪر سينو ڌاري ڇڏين. شاھ صاحب واھ جو اهي بيان ڪيا آهن. مومل ساري رات اکيون پٽي پيئي واجهائيندي هئي، گهٽيئي قاصد ڪيس موڪليائين. ڳالھ پڻ کولي چوائي مڪائينس. اکيون در ۾ پايو ويٺي هوندي هئي تہ من ڪو قاصد اچي، من ڪو راڻو وري

پر نکٽ سپ نئي ويندا هئا. ڪتيون پنهنجا ڪر موڙي لهڻ جي ڪنديون هيون. شمع جي وٽ سوري مومل ٽڪجي پوندي هئي. تان جو پرهه اچي باڪون ڪيندي هئي، پر راڻو ڪٿي، جو اچي!

شمع ٻاريندي شب، پرهه باڪون ڪيون،
موٽ مران تي ميندرا، راڻا ڪارڻ رب
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايان ڪاڪ جا.

ايي اياريام نِڪٽ سپ نئي ويا،
هڪ ميو پيو ميندرو سڄي رات ساريام
ڳوڙها ڳاڙيام، سورج شاخون ڪيون.

ڪتين ڪر موڙيا، تيڙو اُڀا ٿيئي
ڪهه سا ٿي راتڙي، جا پرين ري پيئي
مون ڪي ڏنءُ ڏيئي، وڃي ڍوليو ڍٽ قراريو.

راڻو رات نه آيو ويل ٽري ويئي
وٽ سوريندي ولها، ويو تيل ٻري
موٽ مسافر سپرين، چانگي تي چڙهي
راڻي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

راڻو رات رسي ويو ماريس تنهن مذڪور
جانب جدائيءَ جا، پل پل پون پور
وهڻ مون وهه ٿيو وڃان ٿي وهلور
اندر آگيون لاتيون، سوڍا تنهنجي سور
طعنا ڏنم تور آءُ ته پرچون پاڻ.

نِڪٽ = تارا. شب = رات. ڪانگ اڏائڻ = واجهه وجهڻ. پيغام موڪلڻ. اُڀي = بيهي.
اياريام= سج منهنجي مٿان ايريو. تيڙو = تارا آسمان ۾، برج جوزا. ڏنءُ = ساڙو.

اي منهنجا راڻا، چڙهي چانگي تي آءُ، مون ڪوڙين ڪانگ تو لاءِ اڏايا آهن. مومل جو وهاڳ ۽ ويراڳ پسي سندس سرتيون ساهيڙيون، ڪيس آٿت ڏيڻ آيون. چوڻ لڳس تہ مومل! جي راڻي جا اِهي پار آهن، تہ ڇڏي ڏينس تڏهين مومل چوين، اڙي سرتيون، اوهان کي ڪهڙي ڪل؟

ڍاٽــي گــهــٽـا اچــن، مــون ســوڍي ونــگــيــو
ڪــا جــا لائــي مــيــنــڌري لالــي ڪــي لڳــن
راڻـــو اڪـــڙيـــن، وســـاريـــان نـــہ وســـري

سرتيون چوڻ لڳيس، اڙي مومل ڀلا ڪجهہ آرام تہ ڪر ڪجهہ ننڊ تہ ڪر، تڏهين تي مومل چوي:

سوڍي ستي لُوءِ ڪاجا مونسين ڳالهہ ڪي
سا جي پڌر پوءِ، تہ سرتيون سمهي ڪانہ ڪا.

تڏهين ٿيون سرتيون چونس، اي مومل! ڇا تہ تنهنجو رنگ هوندو هو، تنهنجا ڪپول (ڳل) لعل هوندا هئا، ڇا تنهنجي مهما هوندي هئي. اڄ تون شڪل ڏس تہ توکي ڇا ٿيو آهي؟ تڏهين تي مومل چوي:

”سـوڍي ڏاران سـرتـيـون، ٿـيـو پـتـيـن ۾ پـيـنـگ
ابـــاتـــجـــي اڄ ويـــو راڻـــا تـــو رِيءَ رنـــگ
هـيـئـيـن سـان هـاجـو ٿـيـو پـيـو اوسـيـڙي انـگ
مـون تـوهِـي سـيـن سـڱـہ پـچـايـو پـچـان پـهـي“

ويچاري مومل سڪي ڪنڊا ٿي پئي. ورلاپ ڪندي هئي. آخر اهڙو سڪو سور لڳس جو اکين آب ڇڏي ڏنو.

”ڪنهن جنهن پور پچايون، جيئن اکيون آب نہ ڪن
راڻـــي جـــي رهـــاڻ ري، وڏوريـــون وتـــن
سي مُنيون ڪـئـن مجـن. سـوڍي سوريءَ چاڙهـيـون“

سيج تي گل پوندا هُئا سي بہ سڪي ويندا هُئا:

”ڪالهہ ڦلاريا گلڙا، سي پسي اڄ سڪا سيج“

اباتجي = لهي، جهڪو ٿي. پور= خيال. وڏوريون = ڪاوڙيون. ڪهہ = متي

جيئن راڻي جو رنگ لهي ويو، تيئن محل جو رنگ بہ گهٽ ٿيندو ويو:

پيئي ڪِهہ ڪتن تي، ٿيا پلنگ پراڻا
جايون گل، حبات وڻ، تو ريءَ ڪوماڻا“
ڪاڪ ڪڙهي، وڻ جليا، جلي مومل جي جان.

آخر مومل کي خبر پئي تہ راڻي جو رخ ڦريو ته ڏسجي ۽ راڻي کي ذرا معلوم ٿيو آهي تہ مومل جو ڏوهہ ڪونہ هو. ڏوهہ سومل جو هو. جڏهين مومل کي اها ڳالهہ پئي تہ راڻي جو من پنو آهي، تڏهين مومل هڪ خاص قاصد هٿان کيس ڪتابت لکي ڏنو تہ وڃي دلبر کي پهچاءِ. ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائج، پيرن تي هٿ رکج، چئجانس تہ راڻا! مومل تو ليءِ ماندي آهي، خط ۾ ڪمڙا نہ سوز پريل پساهہ وڏا هونداين!

”مومل ويني، مينڌرا سدائين ساري“

تون ڪڏهين ايندين تہ سموريون ڳالهيون ڳجهہ جون توسان ڪري جيءَ کي آرام ڏيان سپرين. ”سهسين سج لهي ويا، راتيون وهاڻيون“ اي راڻا، ”گهر مڙيوئي گهوريان هوند پنهنجو حال، راڻي ڏاران راڄ ۾ مون نہ گهر جي مال“، پريتم، مونکي سر تيون ڏاڍا ڏونگها ٿيون ڏين. ڪو پيرو ڪج پتار نماڻيءَ جي نجهري.

”تون ڏاتي ڍٽ ڌڻي، تون راڻو تون راءُ
مومل محتاجيون ڪري، عاجزيون اڳياءُ“
”پائي ترازيءَ تو ريان، تہ ملڪ نہ تنهنجو مٽ
لاهي ڪسر ڪٽ، اچي ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾“

اي راڻا، ”مٺيءَ مومل جا ولها، لال“ موٽ ورائي لانگ“

”راڻا تنهنجي راهہ تي ڏهاڙي ڏيڪان
راڻي جي رهاڻ جون روح اندر ريڪان
محبت جون ميخان، توسين لال لپيٽيون.“

راڻا، سوڍا ڀيا بہ گهڻا، پر تنهنجي مثل ڪوبہ نہ آهي، ”نسوريائي نينهن جي ڪشي تو ڪمان“ تنهن تير تہ مون کي تولئہ ماندو ڪري وڌو

ڏونگها= ڏوراپا. نجهري= جهوپڙي، گهر. ڪسر ڪٽ= دل جي ڪٽ. قناتون= تنبو خيما. ريڪان= نشان.

آهي. هاڻي راڻا رسڻ ڇڏ، وار ڪرهو ڪاڪ تي. اچي حبيب، حب هيئين سين گڏ، نہ وڃن سور سنڌيون. منهنجو ڏوهہ دل جو ڪونہ هو. مون کان غفلت ٿي ويئي جو سمهي رهيس ۽ سومل مونسان رڻ ڪري رکيو. پر هاڻ کھڙيون بہ منهنجون پلون ۽ چڪون هيون تہ بہ مونکي معاف ڪر. اي پريتم، مون کان مديون ٿيون ڇو تہ آءٌ مندي آهيان ۽ ڪميڻن ڪنان، "ٿين مورائين مُنيون" دوست چڱن جو ڪم آهي هميشہ چڱايون ڪرڻ. منهنجو نہ بيو اٿيئي، "وارث نہ ولهو نہ سڱ نہ سياڪو، تو پڄاڻا سپرين آيم اولاڪو"، "تو پڄاڻا سپرين منهنجي هينئڙي اچن هول، اتو پڄاڻا سپرين منهنجو آتڻ اجهاڻو." هاڻي دوست "لاهي غير گمان، اگڻ آءٌ اڪنڊئين"

"اڳڻ آءٌ اڪنڊئين، پرچي پيارا
پلڪ پراهون نہ ٿي، جيءَ جا جيارا."

خط قاصد کڻي آيو راڻي وٽ. راڻي جي دل ۾ اڳ ئي پٽڙي ٿيڻ لڳي هئي، وري بہ محبت جون ميخون شروع ٿيون هيس. ڪل پيس تہ ڏوهہ سومل جو رڳو اهو هو جو غفلت ڪيائين، نہ تہ اندر ۾ تہ مونسان "پيرو ٻڌل" آهيس. تنهن سڪ مان سومل ڪي ڪتابت جو جواب موڪليو. قاصد رقعو کڻي سومل وٽ آيو اچي سومل وٽ حاضر ٿيو. چيائين.

"راڻي ريبارو، توڏي، مڪو تڪڙو
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو"

سومل ٻڌي گدگد ٿي ويئي، ڪٽن تان ڪِهہ اڪري ويئي، پلنگ وري روشن ٿي پيا، گل وري ساوا ٿيڻ لڳا. سومل جي منهن ۾ وري رنگ اچي ويو. عطر ۽ عنبير، مشڪ ۽ ڪٿوري وري خوشبوءِ ڪيڻ لڳا. سومل ڪي ماٺ ئي نہ اچي. پيئي چوي تہ هاڻي سموريءَ جاءِ ڪي، سمورين پٽين ڪي چندن جي مٽيءِ سان ٿي لنبايان.

"چندن سين چڪ ڪيو سومل لنبي ماڳ"

وري شمي ناهي رکيائين، ڏين ۾ قليل جا تيل پئجي ويا. پيئي هر هر چوي "سگهو موٽج سپرين، ڪرهل ڪي ڪاهي" پيئي چوي:

سنڌيون= گهاءَ، ڏکن جا نشان. مورائين= اصل کان. اولاڪو= انتظار. هول= ڏپ. آتڻ= جتي ائٽ ڪتبو آهي، جتي ويهبو آهي، اڪنڊئين= سڪ وارين.

"ليڙي جو لطيف چوي، ٽنگ سوارو تاڻ،
اچي مشڪ ماڻ، تہ سوڍا سڪياٽي ٿيان."

مومل کي مطلب تہ سوداءُ ٿي ويو. سئيون سنيون پُڙيون هڪ ٻئي ۾ ملائي پيئي رکي تہ راڻو ڍاٽي ايندو تہ ڏاڍا مٺا ۽ سوادي پاٽي پيارينديسانس:

"پاٽي پڙين گاڏئون، ڍاٽي لاءِ ڍري
پيئي چوي تہ مينڌرو ٿيندڙو مهمان"

ڏاڍا ويس ۽ ورن ڪيائين.

"ڪيائين لعل لطيف چئي، وڏا ويس ورن
منجهہ مرڪيس من. سوڍي سين سڱ ٿيو!"

مطلب تہ سڀ ڪجهہ وسري ويس:

"ڪانهي ٻي ورونهن، ٿيو مڙيوئي مينڌرو"

راڻي سان گڏ چانگي کي بہ پيئي ياد ڪري چوي:

"ڪارايان کيروليون، آءُ چاريان چانگي کي"

نيٺ سائين ٻاجهارو آهي، اڪنڊين جا احوال ٻڌندڙ آهي، سچو عشق. برهہ ۽ وڇوڙي بعد وري بہ وصال ٿو آڻي. سو هن ويچاريءَ مومل جا عرض اگهيا ۽ صبح جو سوارو راڻو آيو ڪاڪ ۾ ۽ اچي مومل سان مليو. پوءِ هت انهيءَ وصال جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪبيون!

هن آکاڻيءَ ۾ ڪي وري نوان رنگ صوفياڻي راز جا پيل آهن. خاص ڪري "ڪاڪ" ۽ "لڏاڻي" جو مثال شاهہ چڱيءَ ريت ٿو ڪم آڻي. مومل سهڻي جيو آتما آهي، اها آتما جنهن چڱو ترقي ڪئي آهي. جا حسن جي منزل تي آئي آهي، جنهن وٽ عقل ۽ علم بہ زور آهي، جنهن وٽ حسن جا تہ چمن آهن. ناتر هن جي ٻانهي علم ۽ وگيان جو روپ آهي. ناتر هيءَ مايا آهي. ڪئن راڻو مرشد. ناتر جي "مايا" روپي طلسم کي ٽوڙي مومل آتما سان ٿو ملي ۽ ڪئن وري سومل روپي "اگيان" يا غفلت وري مومل کي تي وڇوڙو ڏئي، پوءِ ڪئن مومل سچي عشق کي تي پائي، سو ٻئي ڪتاب ۾.

پيرو ٻڌڻ= شادي ڪرڻ. ريبارو= سنيهو. ڇِڪ ڪيو= مٿي پسائي. ليڙو=اٺ. سوارو= سويل ئي.

(4)

راءِ ڏياچ

راءِ ڏياچ جنهن کي راءِ کنگھار بہ چوندا هئا، سو گرنار جو راجا هو. هو "گرنار جو گل" هو. راجا جي ماءُ جو نالو روري هو.

"مرڪي مرُ ماتا، روري راءِ ڏياچ جي."

راجا جي راڻيءَ جو نالو هو سورٺ، جنهن کي "مايون دايون ٻايون" گهٽيئي هيون. راجا وٽ "مال متاع جي ڪمي هئي ڪانہ" "پلنگ پٽرڙيون پالڪيون نوَ لک ناٽي نيل."

هن وٽ محل، مندر، ماڙيون هيون، "امل جت ٻرن" راجا جهڙو ڏاتار ٻيو ڪونہ ٿيو حاتم طائي سخاوت ۾ هن کان سرس ڪين هو.

"سوين سوالي سَمگهيا دانا ڏيئي دان"

هٿ مڙس جو ڪڏهين بہ خالي نہ هو. راجا نہ رڳو ڏاتار هو پر راجائي بدن ۾ فقيري روح هو. اهڙي جهڙي ساڌوءَ جي ور چڙهڻ وارو ڪين هو، پر رندن ۽ عارفن جو ڳولائو هو. ڇئجي تہ پنهنجي جيوت ۾ راز روحانيءَ جو طالب هو. اهڙا سائين لوڪ راجا جنڪ وانگر دنيا ۾ رهي، دنيا کان دور ٿا رهن. محلن ۾ رهندي بہ نت دل جي ڪتيا ۾ ٿا گهارين. "دل بہ يار، دست بہ ڪار."

ڪنهن ڏينهن هن راجا جي جهوناڳڙھ جي شهر ۾ عجيب "عطائي"آيو. ويس جوڳيءَ جو هوس، شڪل شاهاڻي هيس، سهڻو وڻندڙ جوان هو سگر اکين جي تيج ۽ موڪري برھ جو خاوند هو. هڪ ساز هٿ ۾ هوس، جنهن کي "چنگ" ٿي چيائون. چنگ کي جوڳيءَ جهوڙا ۽

مرڪي= فخر ڪري. نيل=بيحد ناڻو. سمگهيا= خوش ڪيا. اَمل= املھ هيرا.

عطا= بخشش. عطائي= بخشش وارو. جهوڙا= ڦندڻ، گل ڦل. جهانئين=گهنگهرا. رهاڻيون= موجون، خوشيون.

جهانئيون ٻڌي ڇڏيون هيون. هي جوڳي

"پرڏيهان پنڌ ڪري، هلي آيو هت."

جوڳيءَ جي چنگ ۾ ڪو راڳ جو راز رکيل هو اهو "واڄو وِلاتي" اهڙو راز وارو ساز هو جنهن مان آواز اهڙو نڪرندو هو جو ٻڌي

"مرون جي جهنگل جا ڪن رهاڻيون رنگ"

ڪرشن جي مرلي ٻـ جانورن، پکين ۽ ماڻهن کي موهت ڪري ڇڏيندي هئي، آرفيوس يونان واري جي بين ٻڌي شيڪسپيئر ٿو چوي تـ "وڻ ۽ جبلن جون برف واريون چوٽيون سر جهڪائينديون هيون، ٻوٽا ۽ گلڙا آلاپ تي اٿندا هئا" تيئن ڪرشن لاءِ ڪوي ٿو چوي:

"جب هري مرلي ناد پرڪاشيو

جنگم جَڙ ٿاور، چر ڪينهي."

"بيجل" جي ٻولي ٻڌي جهنگل جا مرون بـ شوخي ڇڏي "رهاڻيون رنگ" ڪندا هئا. اهڙو تـ هو بيجل راڳائي! سو مڱڻهار ڏاڍا پنڌ ڪري، مشڪلاتون دفع ڪري "وڇان ويرين" نڪري، گرنار جي قلعي وٽ اچي، راءِ ڏياچ ڏاتار جي ڏيڍيءَ وٽ پهتو.

"محلين آيو مڱڻو پريان پري پير

ڏيڍيءَ تي ڏاتار جي، سِري لڌائين سير.

در وٽ درٻاري بيٺا هئا. چڙهيدار پڻ ڪڙا هئا. اڳي بـ تـ ڪيترا ڳائيندڙ "ڪيرتيا" آيا هئا، جن مان ڪيترا مٽيا وارا هئا.

ڪوڙين ڪيرتيا آئيا مانجهي مٽيادار

جن ڳڙهان ڀهر ڳائيو سهجان سپ چمار.

پرڪاشيو= روشن ڪيو. ڪوليو. جنگم=هلندڙ شيون. جر= ٻاٽي. ٿاور= بيٺل شيون.چر ڪينهي= چرڻ لڳا.

سري= هلي. سير= رستو.ڪيرتيا= ڪيرت يا ساراهه ڪندڙ. مانجهي= بهادر. مانجهه= راڳڻي جو نالو. تنهنڪري شايد مانجهي=راڳائي. ڳڙهان= شهر ڪان. سهجان= فرحت سان. پر سهجان= خوشي سان.وير= وقت.

انهن ۾ ايڏي ڏيا نہ هئي جو دربان ۾ چڙهيدارن جي موڪل بنا اندر لنگهي سگهن. پر هي عجيب عطائي تہ اهڙو هو جو سيني تي ڇايا وجهي چڙيائين. ڏاڍي ميناج سان چيائين:

”دربانيِ در کول، آءُ پرديسي مڱڻو“

دربانيءَ جي ڇا مجال جو اهڙي منٺڙي آواز تي در نہ کولي ”ڪٿان چڙهيدارن چڙيو هئي ڪيڏي وير؟“ اها وير بہ پيچ پنيءَ جي هئي، سو چارڻ بہ انهي وقت چنگ کي چوريو.

”ڪي جو بيجل بوليو پنيءَ ويهي پان
گهوريان لک لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان“

چارڻ اچي ڏيڍيءَ اندر سهڙيو. راجا مٿي ماڙيءَ تي هو. اتي ”ماڙي وٽ ملوڪ جي چارڻ چوريو چنگ“

”ماڙيءَ هيٺ ملوڪ جي ڪا ڪيائين ڪُوڪ
راجا جي رنگ محل ۾ هنڌ هنڌ پيئي هُوڪ“

بيجل جاجڪ هيٺ بيٺو هو ۽ راجا مٿي ماڙيءَ ۾ هو.

”راجا رنگ محل ۾، جاجڪ سرزمين
جا هنيائين هٿن سين، سا سئي بالا بين.“

جاجڪ هٿ بين تي هلايو ۽ بين جو آواز مٿي وينل راجا جي ڪن تي پيو. اهڙو ڪو مڌر آواز ”سالڪ ساز سرود سين ڪي جو ڪمايو“ جو ”سٽي رون رون راز جي“ اتي ڪڙو تيو گهوٽ.

راجا جي روح تي انهي سر اهڙو اثر هلايو جو راجا ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ هيٺ نهاريائين تہ ڏٺائين تہ سهڻو عطائي زمين تي بيٺو آهي. هڪدم خوشيءَ سان سڏ ڪيائينس هليو آءُ يار. تڏهين ٿو راجا چويس ”اونچو تون عرش تي آءُ پورو مٿي پؤن“ راجا حڪم ڪيو تہ هن مڱڻي، جنهن منهنجي

پان= فقير. ڪُوڪ = آواز. هُوڪ = ٿرٿلو. سئي = بڏي. بالا = مٿي وينل. پورو = پؤلو گهمندڙ

دل ۾ درد جا درياهہ کولي ڇڏيا آهن. تنهن کي منهنجي رنگ محل جي بنهہ اندر وٺي اچو. حڪم جا ٻندا هيٺ لهي آيا ۽ اچي ٻيجل کي ڇيائون.

"آءُ مـــتـــاهـــون مڱـــڻـــا، چـــڙهـــي در داتـــار
تـوکـي گـهـوٽ گـهـرايـو، خـلـوت لاءِ ڪـنـگـهـار"

اتي اندر "رنگ محل" ۾ ٻئي ڪنهن کي رخصت ڪانهئي.

"جت اچن نـہ اڙدابيگـيـون، ات ڪـوٺـايـو امـيـن"

اچي سهڻو چارڻ راجا راءِ ڏياچ کي مليو. شايد ڪا راجا جي مغز جي تاڙي کلي پئي، ڪر اڳئين جنم جي ناتي جو روشن نشان ٿيس. سو ٻيجل کي سڏي پاڻ وٽ وهاريائين. ڇيائينس اي چارڻ اهڙو برهہ جو آواز ڪٿان ٿو ڪڍين جو اسانجون دلڙيون لٽيو وڃين؟ اڙي مڱڻا، تون پلي آئين.

"مـر تـہ آئـيـن مڱـڻـا، چڱـو ڪـيـو تـو ڪـم
خوش ٿي ڇـور خـوشـيءَ سـيـن لاهـي غـم وهـم"

اي چارڻ ٻڌاءِ تـہ سهين تـہ تنهنجي چنگ ۾ ڇا آهي، جنهن منهنجو من اٿاري ڦٽو ڪيو آهي؟

"چارڻ تنهـنـجي چـنـگ جـو عـجـب آهـيـم ايءُ
هـڻـي ايـو هـٿـن سـيـن جـيـئـرو رکـيـو جـيءُ."

اي يار، تون تـہ پلي آئين "آءُ نچ، آئين جيءُ" هاڻ وري "مهربان ڇوري چنگ ڇئج ڪي"

پوءِ تـہ راجا راڳائيءَ سان ڳالهيون ڪيون. راڳائي بہ ڪو اسراري هو. تنهن راجا کي چيو اي راجا، اچا تـہ مون توکي فقط ڪو ٻاهريون سر ٻڌايو اچا تـہ منهنجي سر آلاپ ۾ ڪي رهاڻيون آهن. آءُ توکي اهو اسراري آلاپ تـہ ٻڌايان، پر ٻڌ مون کي ڏيندين ڇا؟ راجا پلا سخي سردار، تنهن دل

اڙدابيگيون = وڏيون.

بهاريءَ سان ٻيجل کي چيو تہ ٻڌ منهنجا ٻيجل:

”مون وٽ مال متاع جي ڪمي آهہ ڪان
تو دس ڏيان مڱڻا، روح رُچندا دان“

راجا حڪم ڪيو:

”تازِي ڏيوس تڪڙا جوهر پائي زين“
”پلنگ پٽرٽيون پالڪيون، نولک ناٽي نيل“

خوب خزانا کلي ويا، گهوڙا تہ اچي ويا. پر راجا وٽ هڪڙو سهڻو هاٿي هو، سو بہ وٺي آيا. راجا چيو راڻائيءَ کي تہ ڪڻ جيڪي بہ کپئي. تڏهين ٻيجل اکيون کڻي عشق جون چيو راءِ ڏياچ کي، ”سڻ ري راءِ ڏياچ، تو ڀانيو هو تہ ڪو آءُ اهڙو ٻيئو آهيان، جو ناٽي لاءِ ٿو تند هڻان، پر اي راجا!“

”پاٽي پٽ ڪٽا، مون تا مور نہ مڱيا
تازي طويلن ۾، گهوڙا گهر گهٽا
هاٿيءَ ڪارڻ هيڪڙي، آءُ ڪا تند هڻان“

اي راجا هي چارڻ ”مال نہ گهري مڱڻو“

”داتا وٺان نہ دان، وڄ ڦيرائي فيل“
”جا مڱ منهنجي من، سا توکي معلوم سيڪا“
”يلا ييري ير پالهو پاند پينار جو“

اي راجا، دل ۾ تہ سجهيئي ٿو تہ آءُ ڪهڙي مڱ لاءِ تو وٽ آيو آهيان، پر ڪن ڏينمر تہ ٻڌايان.راجا جون اکيون کلڻ لڳيون ۽ پرون پوڻ لڳس تہ هي مڱڻو تہ ڪو مونکان بہ وڏيءَ دل وارو آهي. پر ڇا لاءِ آيو آهي! تنهن ڪن ڏنس ۽ مڱڻي بہ ڪجهہ ڪن ۾ ٻڌايس. راجا وٽ ان وقت دربار

دس= وٽ. کي. روح رچندا= دل وٹندا. تازي= سنا گهوڙا. فيل= هاٿي. مڱ= جيڪي مڱجي يعني گهرجي. پٽ= پيالو ڪرمنڊل، ڪشتو پنڻ جو ٿانءُ.

بہ اچي لڳي هئي. پردي اندر راڻيون، دايون، مايون، ٻانهيون هيون، تن ويٺي رنگ ڏٺو. ٻاهر وزير امير امرا عاقل داناءَ ويٺا هئا. تن ب پئي هي حيرت ڏٺي، تہ هي ڪهڙو مڱڻو آيو آهي! سي منجهي پيا تہ ڪهڙيون راز جون ڳالهيون تو ٻيجل راءِ ڏياچ سان ڪري.

”مِيَن سين مڱڻي ڪي، ڪا جا ڳالهہ ڳجهي
سا ٻاين داين ٻانهين سوچي تان نہ سجهي
پيا وير وساس ۾، عاقل ويا اُجهي
ڪوڙين جي ڪريم ري ويئي مت منجهي
هڪ ٻيجل تي ٻجهي، ٻي خبر ڪنگهار ڪي.“

اها ڳالهہ ڳجهي ڪنگهار يعني راءِ ڏياچ سمجهي ورتي. ٻين ڪي ڪا ڪل نہ رهي. تڏهين راجا راءِ ڏياچ ٻيجل جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چيائين اي ٻيجل، ”تنهنجو قدم پدم نہ پاڙيان“. اي يار هاڻ پل صفا ڪليو چؤ تہ مڙُ سڀ ٻڌن تہ توکي ڪپي ڇا؟ تڏهين ٻيجل ٻوليو:

”مال نہ گهري مڱڻو جاجڪ گهري جيءُ
وڌ وهلو تيءُ، ساعت صبر نہ سهان“.

اي راجا، مون کي تنهنجو مال نہ کپي ”آءُ سر سوالي مڱڻو“ آءُ ويرين جي وچان، پرديسان پنڌ ڪري جو تو وٽ آيس، سو سر جون صدائون ڪرڻ لاءِ، نہ ڪنهن ٻئي مال لاءِ. هاڻ ٻڌ اي سورٺ راڻي جا پيتار:

”جي وهائيءَ ويرم ٿئي تہ مون هينئر ئي هلاءِ،
سونهارا سورٺ ور ڳالهہ هنئين سين لاءِ،
سو مڱڻهار ملهاءِ، جو وچان ويرين آيو.“
”جو گهران سو گهوري ڏي مڱڻهار ملهاءِ
مال نہ وني مڱڻو، تو ماڻڪ موٽائي.“

مين= ميان عزت جو لفظ آهي هت جمع ۾ معني راجا. ٻاين= راڻين، گهر ڌياڻين. وساس= حيرت. ڪوڙين= گهڻن. وهلو=تکو.

داتا، ٻيا ٻه راجائون گهڻا آهن، آءٌ انهن وٽ ڪونه ويس، تنهنجي مون کي خبر آهي ته تون اهڙو سخي آهين جو ڪڏهين به ”نه“ ڪين ڪندو آهين.

”تو در آيس، جيئن تون نانهن نه سڪيو“

ٻيجل جا هي لفظ ٻڌي سورٺ راڻي واتڙي ٿي ويئي. امير وزير منجهي ويا.

”دايون در مانديون ٿيون، پائن ٻاڏايو“

سورٺ ٻيجل کي چوڻ لڳي ته اي ٻيجل، منهنجي ور جو سر ڪيئن ٿو ڪٽين! ٻيلي ٻيو جيڪي کپئي سو ڪڻ، پر سهاڳڻ کي ڏهاڳڻ ڪئن ٿو ڪرين؟ پر ٻيجل چوي ته آءٌ وٺندس ته سر، نه ته ٻيو ڪجهه به ڪين ۽ سر کان سواءِ موٽندس به ڪين.

”متي ري مس ڪٽان، پير ڪٽي پاهون“

سر کان سواءِ ٻيو مون ڪين کپي:

سر مڱي، سر گهري، سر ري ٿئي نه صلاح
غريبئون نه گذري، تو ماري مير ملاح
نايو نوابن جا سوريو ڪيي ساهه
خالق سنجهه صباح، ڪونه ڇڏيندو ڪٿهين“

هوڏانهن سورٺ، راڻين، وزيرن جو اهو دردمند حال، ته هوڏانهن راءِ ڏياچ ته ڪنهن ٻئي ”حال“ ۾ داخل هو. تنهن جي دل ۾ ذري جو به ڊپ ڪونه اٿيو. چوڻ لڳو ٻيجل کي ته تون هڪڙو سر ٿو گهرين، پر:

”متي اتي منهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار
ته واريو واريو وڍيان، سسيءَ کي سو وار“

اي دوست ٻيجل، هي سر آهي ڪهڙي شيءِ، جو آءٌ توکي ڏيڻ کان انڪار ڪريان؟ هن هڏيءَ چم جي بدن جي ڏيڻ ۾ ڪا وڏي قرباني ڪانه آهي.

”جو هي هڏو چم، تنهن سر ڏئي شرم“

ئي = تڏهين. نانهن = نه ٻائن = راڻين. پاهون = پنيان.

جئن اڳي بہ چيو آهيس:

"سسيون سَو هجن، تہ لاهي هوند ڏيان
پر ڏڙمتي سر هيڪڙو، جو ڏيندي لڄ مران"

اي جاجڪ، هي لڳ لحم وارو پيڄرو تنهن ۾ ڪا قيمتي شيءِ ڪانہ اچي موڙهي آهي جو آءُ توکي ڏيڻ کان انڪار ڪريان. "جاجڪ تو جهار ڏهہ پيرا ڏياچ ڏئي" پر هي سر ڪمڙي نہ تڄ شيءِ آهي:

جنهن ۾ مال نہ مريءَ جيترو تنهن تون طمعدار
جي اڇيئي ڪم ڪپار، تہ ويهہ پيرا وڍي ڏيانءِ

اي مڱڻا تون رڳو سرتو گهرين، پر انهي کان متي گهرين نہ اهو ڏيانءِ.

"سر نہ آهي سٽ ۾، پر بيو ڪي مڱج دان"

اي راڳائي، تنهنجي تند ۾ اهڙو ڪو حساب آهي، جو مونکي انهي تند جو آلاپ ئي بس آهي، انهي تند جي برابر منهنجا سوَ سر بہ ڪين آهن. هي تہ منهنجو سر سڪٿو آهي، هن ۾ ڪجهہ ڪونہ اچي اڙيو آهي.

"تند برابر توريان، جي سوَ سرن پائي
تان اٿل اوڏانهين تئي، جيڏانهن بيجل برائي
هي سڪٿو هڏ آهي، سر ۾ سڄڻ ناهہ ڪي"

اهڙي درياهہ دلي، بي خودي راجا جي ڏسي بيجل ڏاڍو خوش ٿيو.

"پسي پات پُر تيو سندو جادَم جود"

چياڻينس اي راجا، جي تنهنجي اها حالت آهي نہ راڳ جي راز ٻڌائڻ لاءِ آءُ بہ تيار آهيان. تڏهين بيجل پارس واڄو ولاتِي هٿ ۾ کنيو جو واڄو برهہ جو ڪينرو هو. هن جي هٿ لڳڻ سان ڪينرو ڪنجهڻ لڳو.

"ڪنجهي ڪيرت ڪينرو واڄو ولاتِي

حال= مستي. ڪوڙين= ڪئين. جهار= نمسڪار. ڪاري مري= ذري،مرچ جهڙي ننڍي. اٿل= بار. بُرائي= بولائي، وڄائي. پات= مڱڻو. پُر= خوش. جادم= سخي. جود= طاقت. پارس= استاد. ڪينرو= ساز. ڪنجهڻ= وڄڻ. پسائي = پوري

هـنـئـي تـنـد حضـور ۾ پـار پـيـراتـي
سـڻـنـدي سـلـطـان کـي ظـاهـر ٿـيـو ذاتـي“

اهڙي تہ ڪا تند پارس هنئي جو سلطان کي ظاهر ٿيو سڀ ”ذاتي“
مطلق هستيءَ کان هو واقف ٿيو ۽ پوءِ چا ڪيائين:
”ڪيندي ڪاتي، وڌائين ڪرٽ ڪپار ۾“
هڪدم راجا جي سسي وڃي پري پيئي! ۽
”رت سرڪي لنگهيو مهندان سورٺ سٽ
ڌڙ ڌڪي پيو ڪٽ تي، مٿو مٿان پٽ“

سورٺ جي اڳيان راجا جو رت وهي نڪتو ڌڙ وڃي ڪٽ تي پيو ۽
مٿو وڃي پٽ تي پيو. چوگرد رودن مچي ويو! اهڙو ئي سائين آهي جو دم ۾
راجائون ۽ تاج ختم ڪيو وڃي.
”جنهن تو سڀ جمار هنيا، ڇٽ پٽن سين“
پـايـون دايـون ٻـانـهـيـون پـٽـيـو ڪـڍن پـار
پـئـي رهـيـا پـٽ ۾ سـورٺ جـا سـيـنـگـار
راڻـيـن ۾ راڙو ٿـيـو پـٽـن پـيـئـي پـچـار
ڀـڃـڙا راءِ ڪـنـگـهـار، ڪـيـن ٿـيـنـدا ڪـڏهـيـن!“

سورٺ خاص ڪري ورلاپ ڪرڻ لڳي تہ هاءِ مون سان ٻيجل
مڱڻهار ڦهر ڪيو!
”سـورٺ سـرتـيـن کـي چـوي، مـنـيـس مڱـڻـهـار
ڪيو ڦهر ڦهار جنهـن راڻـيـون سـڀ روئـاريـون“
ساري گرنار ۾ غلغلو مچي ويو. جاجڪ کو واجو وڄايو جو ”شهر
سڄو سر سان تندن تپايو.“ ماڻهن ۾ هل مچي ويا. تہ اهڙو ڪو عطائي آيو
جنهن سر ڏياچ جو ورتو:

ڪرٽ= وڍ، ترار. لنگهيو= نڪتو. مهندان= اڳيان. راڙو = رودن

”ٿيو غلغلو گرنار ۾، تہ ڪو عطائي آيو
سالڪ ساز سرود سان ڪي جو ڪمايو
پيجل پولايو تہ سوالي آهيان.“
هل مچي ويو، ماڻهو مڙي ويا، ويچاري سورٺ تہ محل ۾ ماندي ٿي وئي.
جاني ڪيڙ۽ جدا، سورٺ اوساري
هي جو آيو مڱڻو سو متارا ماري“
گرنار جو گهوٽ گذر ڪري ويو، گرنار جي چمن سان گرناري گل ڇڄي ويو:
”گل ڇنو گرنار جو، پَٽڻ ٿيون پٽين
سهسين سورٺ جهڙيون، اپيون اوسارين“

آخر سورٺ راءِ ڏياچ جو وڇوڙو سهي نہ سگهي ۽ ساڻس گڏ ساڳيءَ چکيا تي چڙهي اگنيءَ ۾ سڙي ويئي. هن سر ۾ شاهہ يوگ، منتر ۽ شبد جون ڳالهيون ڪيون آهن، جي ٻئي ڀاڱي ۾ سمجهايل آهن.

اوساري = پار ڪيڏي. متارا = وڏا ماڻهو. پٽڻ = گهٽيون

(5)

ليلا چنيسر

چنيسر راجا هو پر "سناٽو سردار" هو. "چؤڏس چنيسر چامر جو ڏيهان ڏيهہ ڏهڪار" هو. سندس راجائيءَ جو پيڪو بين ڏيهن تي بہ جهجهو هو. راجا جهڙو هو صورت جو سهڻو، تهڙو هو گڻن ۾ اتم. سندس راڻي هئي، جنهنجو نالو هو ليلان. ليلان مثل لعلان جي هئي. مٿس چنيسر مجنوءَ وانگر مشتاق هو. ليلان مٿي محلات ۾ راجا ساڻ رهندي هئي.

"اصل هئا ليلان جا مٿي ماڙيءَ ماڳ"

راڻيءَ جو راجا وٽ وڏو مان هو، ڏاڍي شان مان ۽ تومان سان هلندي هئي:

"وڏيري هئاس، چنيسر جي راڄ ۾
دهلين دمامين نقرين پل پل ۾ پچياس"

هندورن ۾ پيئي لڏندي هئي ۽ ڪپڙا وري ڪهڙا هئس: "جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٿس ويس،" "سون قلن جو ڪنجرو" هوس.

هڪ ٻي بہ سهڻي زال ڪؤنروءَ نالي هئي، جا بہ وڏ گهراڻي جي هئي. انهيءَ مائيءَ ڪؤنروءَ جي راجا سان اچي پريت ٿي، هوءَ راجا تي موهت ٿي پيئي. پر راجا سيلوان شخص هو ۽ هن جي سموري دل ليلان سان هئي.

ڪؤنروءَ ڏٺو تہ هونئن رستو ڪونہ آهي، تنهن هڪڙي عجيب ڪيڏ پڪيڙي. ڪؤنروءَ کي هڪ املهہ هار هو. تنهن تي چِٽ بہ ڏاڍا وٽندڙ هئا. ڪؤنروءَ اچي ليلان سان پريت رکي. اهو نوَ لکو هار پائي، چنديون چنبل وجهي راڻيءَ وٽ ايندي هئي.

"مٽئي مٿي موهجي، چٽ چريو ٿيو
مٽئي مٿي جي هئا، تن چٽن ڦيريس چتِ"

نقرين = دهلن سان. ڪنجرو = چولو.

ڪؤنروءَ ڏنو تہ راڻي هاڻي هار لاءِ حيران آهي. راڻي ويچاري موهہ وَس چا ڪري آخر دل نہ رهيس، ڪؤنروءَ کي چيائين تہ اهو هار مونکي نہ ڏين، جيڪي چَئِين سو ڏيانءِ؟ ڪؤنروءَ پئي نٽايو پئي نٽايو. آخر هڪ ڏينهن راڻيءَ کي چيائين "تُون راڻي، پنهنجي دل جو راز تي ڏيانءِ. هار لاءِ ناڻو تہ آءٌ بہ ڪين وٺنديس، دل منهنجي تنهنجي چنيسر جي دامن ۾ اڙي آهي. جي مونکي پنهنجي گهوٽ سان ملائين تہ هار تنهنجو!" ليلان هونئن جنهن جو چنيسر سان ههڙو پيار هو تنهن تي هار جو پيار غالب پئجي ويو ۽ اهو خيال ڪين ٿيس تہ منهنجي ڪم سان ڪهڙو نتيجو نڪرندو. ڪؤنروءَ کي چيائين تہ پوءَ اهو ڀلا ڪيئن؟ ڪؤنروءَ اٽڪل ٻڌايس. چيائينس تہ رات جو جيڏي مهل تون اندر محل جي ڪمري ۾ ويندي آهي، تنهن کان اڳ راجا اچي اڳ ۾ ئي سمهي رهندو آهي. هاڻ تو کٽي رات جو نہ وڃ ۽ پنهنجي بدلي مون کي موڪلج، ڏيئو گل ڪري ڇڏج. آءٌ وڃي راجا جي بستري تي سمهي رهنديس، راجا جاڳندو، ڏيئو گل هوندو! هار ڪڻ تون، آءٌ سويل پرهہ جو اٿي ايندس. خبر راجا کي پوندي ڪين، هار بہ ملندءِ، گهوٽ تہ اڳيئي تنهنجو آهي.

ليلان جا هار جي پيار ۾ غلطان ٿي ويئي هئي، تنهن ويهي ڪيو دل ۾ ويچار. ڀانيائين راجا کي خبر ڪانہ پوندي: "چي هار ڪٽينديس هوڏ ۾، نيبهہ ٿيندم نت". پوءِ بہ راجا کي کٽي سڏ پئي تہ راجا آهي ئي منهنجو سو ڪو مون کان ٻاهر ويندو ڇا؟ آءٌ وري:

"کلي چڙهنديس کٽ تي، ريجهائينديس راءُ"

۽ چونديسانس:

"ڪؤنروءَ جهڙيون ڪيتريون دايون دَر مهندا"

راڻيءَ وٺي هار ڪؤنروءَ کان ڪيو هٿ ۽ پوءِ راجا وٽ رات جو ڪنهن وقت ڪؤنروءَ کي موڪليائين. هار ڏسي گد گد ٿي وئي.

"کلي هار هٿ ڪري، ٿِي سرهي سانجهيءَ وير

پر خبر نہ پئي نهير، ڪا پرهہ تينـدي پڌري“

ڪؤنروءَ تہ ويئي راجا وٽ. راجا کي خبر ڪانہ رهي، پر آخر معلوم ٿيس تہ هي ليلان نہ آهي. پرهہ جو راجا آئيو ۽ ڳالهہ پڌري ٿي پئي. ڪؤنروءَ راجا جي پيرن ۾ ڪري پئي. تہ راڻا هي ڪم مون تنهنجي سڪ ۾ ڪيو آهي. راجا پڇيس تہ ليلان هي ڪم ڪرڻ ڪيئن ڏنو؟ چيائينس نوَ لکو هار مون کان ورتائين. راجا چيو ليلان مونکي هڪ تڇ هار تي ويهي مٽيو آهي! راجا جي دل تي ڪٽ پئجي ويو ۽ ليلان دل تان ڪري پيس. ليلان کي چڏي، ڪؤنروءَ کي ڪٽي راڻي ڪيو جو چيائين تہ جنهن املهہ هار ڇڏيو تنهن جي پريت پَڪِي هوندي!

ليلان کي اها خبر جڏهين پئي تہ هي حال ٿيو آهي، راجا مونکي هاڻي منهن بہ ڪين ڏيندو. تڏهين ليلان جون اکيون کليون. دل تہ هيس راجا سان، پر چريءَ سوچيو هار بہ ملندم گهوٽ بہ ڪين ويندم! تڪبر بہ هيس تہ راجا آهي ئي منهنجو. تنهن چوائي موڪليو تہ اي گهوٽ ڪيئن تو مون کي ڇڏين؟

چنيسر چوايس تہ ”هاڻي انگ وري ويو تو مون کي مٽئي تي مٽيو هاڻي پرتينءَ رام ڪي.

”ويــو انــگ وري! آيــس ڏنءُ ڏهــاڳ جــو.“

ليلان ماندي، اندر ٻاهر ماندي! پيئي لڇي تہ مون کي ڪهڙي ڪلهہ هھڙو ٿيندو حال!

افسوس!

”مٽئي مٽي جي هـئـا تـن چـٽـن ڦـيـرايـم چـت“

مون پانيو

”هـار ڪـتـيـنـديـس هـوڏ ۾، نـيـبـہ ٿـيـنـدم نـت“

پر:

”ڪؤنروءَ جو ڪـرت، مـونـهـان مـتـانـهـون ٿـيـو“

ليلان وار چوڙي پٽ ۾ پئجي رهي، ڏ کائي ڏ پيئي، پر زار زار پئي رڙي،

مهندا = اڳيان. لهير = تنهن وقت.

آيون ساهيڙيون ۽ پاڙي واريون! سي اچن ڏسن تہ ليلان جو ڪهڙو حال ٿيو آهي! ڪي تہ آيون ڪيس مهڻا ڏين ڪن تہ اولانيا ڏيئي اندر ساڙيس:

"مٽئي اُتي موهجي موڙهي ڪيئہ مرڪ
چٽي چنيسر چام سين، وڏو تو فرق
وري ويو ورق، آيئہ ڏنءُ ڏهاڳ جو."

اڳي تہ ليلان سان مٺيون ٻوليون ٻوليندي هيون! اهي نياڻيون طعنن واريون اهڙيون ٻُريون آهن، جو شاهہ ٿو چوي:

"منهن تي مٺيون چئيون، پرپٺ گلائون ڪن!"
اچي لڳيون ويچاريءَ ليلان کي. ڏٺائون تہ بيوس آهي ۽ پَٽِ پئجي وئي آهي، سو چٽي ويس، پيئون چونس:
"هاڻ جهڙا ڪنيئہ پير، تهڙا موتي آيئہ منهن ۾
اچيو اچيو اگلي، چٽي ليلان کي لوڪ
اندر اوپالن سين، ساڙي ڪيائونس سوڪ
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو ويچاريءَ نڪري."

ليلان ويچاري اهڙي تہ لڄ ۾ پئجي ويئي جو چوڻ لڳي:
"لڄ منهنجي لوڪ ۾ واريءَ جيئن وئي
جيئن اتو پئي پاڻيءَ ۾، پگهر جي پيئي"

پر ڪي تہ ساهيڙيون سچيون هيس، تن اچي دل ورتيس. هنن کي ڏک بہ ڏاڍو ٿيو جو تہ ليلان ۾ محبت جا پندار هئا. هڪ ٿي ساهيڙي چويس:
"هئينءَ تہ گهڻو هوشيار ڪل بہ هَيئہ ڪانڌَ جي"

ڪرت = ڪم. مونهان = مون ڪان. اولانيا = طعنا.

شايد "تو پانيو موچاري تيان ڳچيءَ پائي هار"

تڏهين ٿي ليلان ٽڏو ساهہ ڪٽي چويس:
"ڏاهي هيس ڏيهہ ۾، سرتين منجهہ سُڄاڻ. "
ڪا جا پيم ڪاڻ، جئن منهن مٿانهون نہ ڪٺان"

وري ٿي ليلان چوي:
"الـلـه ڏاهـي م ٿِـيـان ڏاهـيـون ڏک ڏسـن"
تڏهين ٿي تجربي واري ساهيڙي چويس "اڙي پياري ليلان توکي ڪل ڪانہ پيئي تہ هي مٽيو هي هار ڪهڙي بري شيءِ آهي؟"
"مٽيو ناه مٽيؤن، جو تون پيئين هار هر ڪينءَ،
اصل آهي اڳهين، سنديون ڪوڙ ڪٽيون،
ان گهوڙن هٽي گهٽيون، دوسنئان دور ڪيون. "
اڙي ليلان!
"ڪوڙين ڪيا ڪيترائي انهيءَ خرخوار"

پوءِ ٿي ليلان چوي تہ منهنجي پياري سرتي:
"جيڪر پانيان ائين تہ ڪا دل مٽيندو داسڙو
تہ سور لڳندي سينءَ، هوند هٽين هار نہ جهليان. "
پينر، هي نياڳو هار آءٌ ڪيڏانهن ڪنديس!
مٽيون وجهان مچ ۾ هاوِيءَ هٽان هار
پري جي پتار تہ ميريائي مان لهان!"

ليلان ڪينروءَ کي چوائي موڪليو تہ اي ڪنيروءَ مونکي نہ هئي خبر تہ ڪهڙو ٿي ڪريان ڪم.
"جان مون پوءِ پروڙ تہ اي وڏوريو واپار
هاڻ ڪڻ هي پنهنجو هار واري ڏي مون ولهو"
پر ڪؤنروءَ کي چنيسر جهڙو گهوٽ ملي ويو هو ساڻي ٻڌي!
ساهيڙين تڏهين ليلان کي صلاح ڏني تہ هاڻ پيو رستو ڪو

اگلي = عيبدار. اوپالن = طعنن. ٻوڪ = تازگيءَ يا چلولو ڳالهائڻ.

اٿيئي، وجي چنيسر جي چائنٽ وٽ ۽ آزي نيزاري ڪر، وجي واجهاءِ، ڇا ٻه طعنا ڏيئي، طنڪا هٽي، دل نہ هارج:

”جئن ڪارون آٽي ڪانڌ ڪي، روئي ريجهائيج
ليلان ليلائيج، اٿئي ماڳ منٺ جو.“

پر جي ڏِسين چنيسر جو من نٿو پڇي، تہ بہ پيئي ليلائيج.
”جي ليلائي نہ لهين تان پڻ ليلائيج
آسرو م لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو“

ليلان ويچاري صلاح ٻڌي آئي چنيسر جي در تي، اچي ٻاڪاريائين، ڪهڙيون نہ درد سوز جون دانهون ڪيائين! ڇا چوڻ لڳي:
”اوڳڻ ڪري اپار تو در آيس داسڙا
جئن تون رسڻ سندي روح ۾
تئن مون پيٺي ناه پتار
سائينءَ لڳ ستار، ميٺ مدايون منهنجون.“

داسڙا، اي منهنجا دوست!
ڀولا ڀيل مَ مون، ڪانڌ ڪميٽي آهيان
سڪ تنهنجي سپرين، پيري وڌيس پؤن
مون در تونهين تون، تودَرِ وهون ڪيتريون“

ڏاڍو ليلايائين!

”تو ڪوني، تو ٻوهي، تو ڏوڪي ڪيس ڏار،
پيئي رهيا پٽ ۾ سوپيءَ جا سينگار.“

چوڻ لڳي: ڪانڌ تو وٽ مون جهڙيون گهٽيون، پر مون لاءِ تون

داسڙو = داس ذات جو (چنيسر). هاوي = جهنم، يا ڪڌ. پري = ملي. وڏوريو = دڪدائڪ

هڪ ٿي آهين.

"ڪـوڙيـن تـنـهـنـجـون ڪـامـٽـيـون
تـون ڪـوڙيـن سـنـدو ڪـانـڌ.
مـونـڪـي چـڏ ۾ داسـڙا، تـہ وجـان وِٽـوانـد
مـون ڳـچـيءَ ۾ پـانـد. تـو چـنـيـسـر هـٿ ۾"

آخر چنيسر جي دل بہ اتي ڀني ڪجھ چيائين، وري ڪٽي ماٺ ڪيائين. تڏهين ليلان پيراندي وٽ وڃي ٻيٺيس ۽ چيائينس:

"ڍولـيـا ڪـچـاڙيـا، ٻـولايـو ٻـوڏ چـئـيـن
آءُ تـو پـيـرانـديـان ڪـر مـوڙيـو وَر اتـيـان."

نيٺ چنيسر جو من پڇي پيو. نظر ڪيائين تہ کھڙو نہ ليلان جو حال ٿيو آهي! اکين مان آب پيو وهيس، چپ سڪي ويا آهنس، ڳل لال ڪپول ڦڪا ٿي ويا آهن. وار ڏوتا ٿي ڪونہ اٿس. اکيون ڏرا ڏيئي آيون اٿس.

تڏهين چنيسر جنهن جو چت اصل بہ ليلان سان هو سو پڇي پيو. دل نہ جهلي سگهيو. امنگ مان اٿي ليلان کي ڳراٽڙي پاتائين. ليلان ويچاريءَ جا نيٺ پورهيا سجايا ٿيا.

"لـتـا ڏک سـک ٿـيـا، لـيـلان گـڏي گـهـوٽ"
ٿـي عشـق انـدر جـي اوت وچـڙيـا مـلـيـا پـاڻ ۾."
(گلراج)

هن ليلان چنيسر جي آکاٽيءَ ۾ شاھہ روحاني پنڌ جي نئين ڳالھ ڪئي آهي، تہ ڪئن ليلان يعنيٰ چڱي منزل تي پهتل طالب بہ جي غفلت ٿو ڪري تہ وري بہ وڃيو هيٺ پوي. اها سمجهاڻي ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

ڪامٽيون = موهيندڙ زالوجن. وٽواند = اجائي.

(6)

جام تماچي ۽ نوري نماڻي

هڪ سمي سنڌ جا راجا سما هئا. تن سمن ۾ هڪ راجا ٿيو جنهن جو نالو هو جام تماچي. هي راءِ سخاوت جو صاحب هو ملڪ جو والي هو سندس شعاع شمس جهڙو هو متس "چٽ چمڪاءُ". سندس ملڪ ۾ ڪينجهر جو ڳوٺ هو جتي ڍنڍ به وڏيري هئي. انهيءَ ڪينجهر جي چوگرد وٽڪار ۽ نظارو خوب هو. هينان درياهه متيرو هئي ڍنڍ. قسمين قسمين جا پکي، ڍنڍ تي هوندا هئا ۽ گل قل به هوندا هئا. "ڪذهن ڪؤنر ترن، " "هيٺ جرُ، " متي ميجر، پاسي ۾ وڙراهه" گلن قلن جي خوشبوءِ ڪري "ڪينجهر ڪستوري ٿئي. " تن ڪونرن سان گڏ.

"پن پبڻ، ڪُمَ، ڪومٽيون، متي جر جهرڪن. "

اهو ڪينجهر ڪو شهر وڏو ڪونه هو اتي گهٽو ڪري مهاڻا رهندا هئا، جي درياهه تي مڇيون ماريندا هئا ۽ ۽ جام تماچيءَ کي ڍل ڀريندا هئا. واهه جو مهاڻن ۽ مهاڻين جا بيان ٿو شاهه لطيف ڏئي غريب مسڪين ماڻهو "هيٺا جن جا هڏ" ڪاڏو ڇا هون، مال ڪهڙو هون؟

"ڪـاج جـنـجـو ڪـکـيـون، مـال جـن جـا مـڏ"

"جـارا ۽ تـارا، مـالُ جـنـجـيـون مـڪـڙيـون"

"ڪـکـيءَ هـاڻـيـون ڪـاريـون، ڇـڇـيءَ هـاڻـا ڇـج"

سندن زالون مهاڻيون، تن جو به غريب حال هو ڪن ۾ گند ۾ پيريون پيون هونديون هيون. هنن جو ڏنڌو هو مڇيءَ سان، هنن جون رسمون اڳي به

جهرڪن = لهرن جا لوڏا. وڙ راهه = وٽن سان ڇانيل رستا. ڪؤنر = ڪنول گل.
مڏ = مڇي جو ڪوڙ. ڪوريون = جن جا مڙس به ڪنا هئا. ٻنڌئين = ڪاٺ جا بندَ

اهڙيون هيون، جهڙيون هينئر اٿن! گندگيءَ ۾ ٽپيل هيون.

"پـانـد جـن جـي پـانـد سـيـن لڳـو ٿـئـي لـڄ"
"ڪـاريـون، ڪـوجـهـيـون، ڪـوَريـون،
مـور نـہ مـوچـاريـون
وٺـي ويـنـيـون واڻ تـي،
ڪـڪـيءَ جـون ڪـاريـون"
"جـاريـون، ڪـاريـون، ڇـپـريـون،
جن جي محبت مڇيءَ ساڻ"

درياهہ ۾ جي ڪاٺ جا بُند پيا هوندا هئا، تن جي مٿان ويٺيون هونديون هيون ۽ سندن ٻار پاڻيءَ ۾ خوب ترڳندا هئا.

"رهن وهن سِر ٻانڌئين، جنجي محبت مڇيءَ ساڻ
لڌڙن جئن، لطيف چئي، پاڻيءَ وجهن پاڻ"

پر قدرت قادر جي، انهن مهاڻن ۾ هڪڙي نينگر هئي، سا تہ ڪا عجيب صورت هئي، اونداهي ۾ مثل شمع هئي. چا سندس شڪل، چا سندس شبيهہ، چا روش چا روَش، هلت چلت اهڙي جهڙي راجائي ٻار جي، اهو ڪنول گل، ڪئن ڪکين ۽ ڇڇين جي وچم پيدا ٿيو! چا تہ هنجي اکين ۾ نور جو تجلو هو. نالو ڏنائونس "نوري" هن نوريءَ ۾ ڪيتريون ئي خاصيتون هيون، پر هڪ خاصيت سين ۾ سرس هيس. نهايت نماڻي هئي. پيا چوندا هيس "نوري، پر هيءَ چوندي هئي، "آءٌ گندڙي غريب".

"هـن مـهـاڻـيءَ جـي مـن ۾ نـہ گـيـرب نـہ گـاءُ"
سيني کي وڻندي هئي، سيني کي پيار ڪندي هئي. اهڙيءَ نينگر تان سڀ پيا ٻلهار ويندا هئا.

گندري = مهاڻي. تناهہ = اڪيلو. آرڪٽين = نشانين.

هڪ ڏينهن چام تماچي، پنهنجي موج ۾ هن ڪينجهر جي تڙ تي اچي نڪتو پر هو اڪيلو.

"چـام تـمـاچـي آئـيـو مـٿـي تـڙ تـنـاهـ"

هيءَ نوري بہ ڪا اڪيلي تڙ تي ويٺي هئي. ڇا ٿيو؟

"اچـي پـيـس اوچـتـي نـوريءَ تـي نـگـاهـ"

نوري پنهنجي ميجيءَ جي ڪم ۾ مشغول هئي.

مـئـي مـڃـيءَ ۾ هـتـڙا، ويـٺـي ڪـري ورن."

سندس سونهن جا ورن خوب وٽندڙ هئا. راءُ اچي پريان بيٺو. تنهنجون اکيون وڃي هن نينگر تي لڳيون ۽ بلڪل ڪپي ويس. حيرت لڳس تہ مهاڻن جي ملڪ ۾ ڪٿان آيو آهي چمن جو گل گلابي!

هي تہ "هتين پيرين آرڪٽين مور نہ مهاڻي"!

نوريءَ جي شڪل تماچيءَ جي من ۾ ڪپي ويئي.

"راءُ اڳـهـيـن رکـي مـهـاڻـي مـن ۾"

هوڏانهن نينگر کي بہ معلوم ٿي ويو تہ شهزادو بيٺو آهي! پريم جي ٻولي ڳجهارت جي آهي، سو شاهہ ٿو چوي: "تماچيءَ جي تَن، ڳالهيون ڳجهيون." هن جي دل ۾ بہ ڪا عشق جي اٿل ٿي، مٿي ڪٽي نظر ڪيائين! ڇا تہ هن جي نظر ۾ ناز هو ڪهڙو تہ وري انهي ناز سان گڏ ديد ۾ نياز هو!

"نـوريءَ جـي نـيـاز جـوعـجـيـب اجـهـل هـوءِ"

راجا ويچارو جنهن جي دل بيوس ٿي رهي هئي، سو هنن نيڻن جو شڪار ٿي پيو. واهہ نوري تنهنجا نيڻ!.

"نـيـڻـن سـيـن نـاز ڪـري، ريـجـهـايـائـيـن راءُ"

پوءِ تہ سائين، "دليان دا مالڪ مولي!" ڄام تماچي بہ چنڊ جي مثل هو پر نوريءَ جي "جهوليءَ چنڊ جهلي پيو" راجا مڙني مهاڻن کي سڏايو. مهاڻا مڙيئي اچي ڪٺا ٿيا. راجا تي سندس سموري رعيت جو پيار هو سي سڀ اچي سلامي ٿيا. تماچيءَ هنن کي چيو تہ آءُ اوهان وٽ عرضدار آهيان، اوهانجي نوريءَ جي ٻانهن ٿو گهران. مهاڻا ويچارا واتڙا ٿي ويا! راجا چين تہ

نوريءَ جي بہ اها خواهش آهي. نوري بہ عشق ۾ تعجب ۾ داخل هئي. سا چوڻ لڳي ڪتي آءُ، ڪٿي هي! دل تہ برابر پريم جي اڇل ۾ هيس، پر سمجهہ ڪانہ وچائي ڇڏي هئائين. سو چوڻ لڳي تماچيءَ کي، "اي راجا، دل تہ منهنجي پڪڙي وڌي اٿيئي، پر ڪيڏانهن تون راجا، ڪيڏانهن آءُ مهاڻي!"

"تون تماچي تڙ ڌڻي، آءُ گندڙي غريب"

تنهنجيون هيتريون راڻيون سميون، سومريون، آءُ ڪئن هنن ۾ سونهندس، متان ڪنهن وقت، پوءِ مون غريب ماڱر کي راڻين جي روءِ ڏسين متي ڇڏين.

تون سمو آءُ گندڙي، مون ۾ عيبن جوءِ
پسي راڻين روءِ، متان ماڱر متئين.

تون سمو آءُ گندڙي، مون ۾ عيب اپار،
پسي لئہ لغار، متان ماڱر متئين.

تون سمو آءُ گندڙي، مون ۾ عيبن ڪوڙ
پسي ڪکيءَ ڪوڙ متان ماڱر متئين.

تون سمو آءُ گندڙي، مون ۾ عيبن ويهہ،
پسي ميئڪي ڏيہَ، متان ماڱر متئين

تون سمو آءُ گندڙي، مون ۾ عيبن لک
هن منهنجي حال جي سپ توکي پرک
ڪارڻ رب الک، متان ماڱر متئين.

جوءِ = جاءِ. ماڱر = مهاڻي. لئہ = ڪکيءَ. لغار = بانس. ڪوڙ = ڪوڙين، ڪروڙين. ميئڪي = مهاڻي جي. مورڇل = مور جي کنين جو ويڄڻو.

تون سمو آءُ گندڙي، عيب منهنجي ذات
تون سونهاري صفات، متان ماڳر متئين.

نوريءَ جا هيءَ دل منجهان پڪار ڪئي ۽ حال جي اور ڪئي، تنهن تہ آڳي باقي راڻي جي دل کي پاڻي ڪري ڇڏيو. راجا جي اکين ۾ عشق جهل ئي نہ ڏني. تنهن نوريءَ کي ڇاتيءَ سان لائي ڀڳرانڙي پائيس.

"تمڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻيو
جهڙي سونهن سنديئاس
مورچل متانس، ايو تماچي هٿي."

چوگرد خبر پئجي وئي تہ ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ جي شادي ٿيڻي آهي. اعلان چوگرد ڦري ويو. راجا جو شهر بہ پر ۾ هو. تنهن شهر ۾ خبرون پئجي وييون. جتان ڪتان عالم اچي ڪينجهر ۾ ڪنو ٿيو. راجا بہ وڃي ڪينجهر منجهہ شاهي گشت واري بنگلي ۾ رهيو. ڪينجهر جي ڪنڌين تي تنبو ڪپي ويا "ڪوڙين قناتون لڳيون مهاڻن متان." مهاڻا ۽ مهاڻيون خوشيءَ ۾ نہ پيا ماپن.

"ٿيا تماچي ڄام سين مهاڻا محرم
ننڍيءَ وڏيءَ گندڙيءَ متي ماڙيءَ ڏم!"

پلا مهاڻين پانيو تہ اسين ٿيون، تماچيءَ جون ساليون. سي بنا ڏپ پيييون اچن. عالم آشڪار ٿيو تہ تماچيءَ جي شادي فلاڻي تاريخ تي ٿيڻي آهي. نوريءَ جي هلت چلت صورت سيرت اڳ ۾ ئي عمدي هئي، پر هلڻ تہ تهان ئي کلڻ لڳي. اڳي بہ گندن کان گهٽو پري هوندي هئي، هاڻ تہ بلڪل صفا ۽ سندر.

"سا پرپاري، جا گهر سمي جي سپجي"

اڳي پڻ لڇڻ سٺا هيس، هاڻي تہ ڀڪڻ لڳي. سميون راجا جون

محرم = حال، واقف، ويجها. پرپاري = هلت هلي.

راڻيون، تن کي بہ معلوم ٿيو تہ راجا نوريءَ مهاڻيءَ سان تہ شادي ڪري، هنن کي عبرت وٺي ويئي، هنن جي تنديءَ ۾ ڪنبو لڳو سي سنيريون، ڪينجهر وڃڻ ڪاڻ. ڏاڍا ويس ورن ڪيائون، ڏاڍو پاڻ سينگارياڻون، سمجهيائون تہ هلي ٿيون راجا کي ريجهايون، ڇا هوندو هن مهاڻيءَ ۾؟ اسان کي ڏسي راجا انهي ماڳر کي متي ڇڏيندو!

سي اُوچي ڳاٽ ڪينجهر ۾:

"سميون ڪري سينگار، راءِ ريجهائڻ آئيون"

اچن جو ڪينجهر ۾ درياهہ جي ڪنڌيءَ تي ڇا ڏسن! هٿ ۾ ڄار جي آهي ڄار، چوگرد اٽس جهبيريون، پيو هنن سان رانديون رهي ۽ شڪار ڪري.

"ڄار هٿ ۾ ڄار، جهلي جهبيرين وچ ۾"

ڄام تماچي تڙ تي بيٺو هو. هڪ پاسي کان سميون راڻيون ڏاڍا هار سينگار ڪري آيون، عمديون سوغاتون وٺن هيون، هوڏانهن ٻئي پاسي کان نوري آئي، نہ هار نہ سينگار، بلڪل سادي، پر بلڪل صفا. ڪابہ نعمت وٽس ڪانہ هئي، هڪ ڪنول گل جي پاڙ وارو پيڻ هٿ ۾ هوس، ۽ فقط اهو اچي سمي وٽ سوغات رکيائين. سميون اوچي ڳاٽ هيون، نوري نماڻي هئي. راجا ڇا ڪيو!

"حاضر هيون هڪيون، سميون سيئي،
نوازي نوري، ڳاڏيءَ چڙهي گندڙي!"

نهايت پريم ۽ ادب سان نوريءَ کي هٿ سان وٺي ڳاڏيءَ تي چاڙهيائين!

ڪوءِ سميون، ٻنُ سومريون، جي اچن اُوچي ڳاٽ
ورسي ڪينجهر ڄائيون، جن تماچيءَ جي ٽاٽ
راڻي ملان رات مانڪ متي پرائيو.

جهبيريون = مهاڻيون. جهلي = نچي. ملان = وٽان.

راڻين کي هئي تندي، نوريءَ کي هئي غريبي، پر راجا کان ماڻڪ نوريءَ کي مليو!

تماچيءَ چيو نوريءَ کي، هي برابر راڻيون آهن، پر تون:

"جيئن سڳو وچ سرندي، تيئن راڻين ۾ راڻي!"
هي منهنجون راڻيون، تون منهنجي پٽ راڻي،
"سمي سڃاڻي، ٻيڙو ٻڌوس ٻانهن ۾!"

ٻيڙو ٻڌڻ هو شاديءَ جو نيشان. راجا نوريءَ کي وٺي آيو محلات ۾ ۽ اچي پنهنجي گل راڻي ڪري ويهاريائينس. راڻين جي حجت ڀڳي ۽ پوءِ اهي پاڻ:

"ابڻيون ادب سين پلنگ پيراندي‌ءَ جي!"

سڄي ڪينجهر ۾ خوشي ٿي. مهاڻا ٿيا تماچيءَ جا ساهرا، سي گد گد پيا ٿين. چار ڪين سمورو ڪينجهر امداد ڪيو. ڪٺ تي چڙهي ويٺو سڀ مهاڻا، مهاڻيون غريب غربا، فقراءَ اچي سندس چوگرد ويٺا. ڏيگ خزانن جا کلي ويا. هيرن جو جنسي هٿ کڻي وڌائين. پاسي کان نوريءَ کي وهاريائين، پوءِ جا سائين سخاوت ڪيائين، تنهنجو بيان امر ڳوڙي اسان جي لال لطيف هئن ڏنو آهي:

"هيري هٿ وڌائين، هيري هٿ ڪنياڻين.
ويهي سائين وچ ۾."
"نوازش نوريءَ جي، آهي تماچي تائين
گندگيءَ گوشو ڪيو، عطر اوت اوتائين
انڌا منڊا آئيا، سخا سڌ وڌائين
پسو جُود جوان جو، ڪو هنڌ ڪونه مٽيائين
قيمت ڪمينين، جهڙي وٽ وٺيائين

ابڻيون = ڀيڻيون. گوشو ڪيو = پڇي ويئي.. جُود = سخاوت.

موتي مڇيءَ هٿَ تي، ڪوڏن جئن ڪڍيائين
ماڻڪ مياڻن ۾، چلرن جئن چٽيائين
ڏيئي سون سوال ۾، رپي راند ڪيائين
پاڻيٺ آڻي پاڻ سين، لعلون سپ لٽيائين
فيروزا فقيرن تان، گهوري سپ گهوريائين
اتي عبداللطيف ڪي، اڇلي عمل ڏنائين. ”

مهاڻن ۾ اهڙو تہ ڦيرو وجهي ڏنائين جو هنن جون عادتون ڦري ويون. هو پاڻ کي ڄام جا سالا ۽ ساهرا سمجهڻ لڳا. تن جا لڇڻ بہ ڦري ويا:

”پڪا پڪاريون، ڄام تماچي آئيو
گوندر لاهيو گندڙيون، آتڻ اجاريو“
”پڪن پوءِ پچار، اڄ تماچي آئيو
مرڪن ملاحن جا، متي پانڌين پار
وڏي ڄام ڄمار، جنهن مهاڻيون موڪيون. “

واهہ سائين واهہ! واهہ مهاڻن جو مان! شال رب ستار سڀني جون مرادون پوريون ڪري.

سمجهاڻي

شاهہ صاحب آکاڻي تہ واهہ جي ڪئي آهي، پر سندس مراد ڪهڙي آهي؟ هت آکاڻيءَ جي سمجهاڻي ڏجي ٿي، انهيءَ مراد سان تہ پڙهندڙن کي چٽو معلوم ٿئي، تہ آکاڻين جي اندر ڪا روح رهاڻ ٿو ڪري. ڪينجهر مشهور آهي هيءُ سنسار جتي مهاڻا ۽ مهاڻيون آهيون اسين دنيا جا ٻار. اسان جون ڪهڙيون نہ عادتون آهن: ڪنين،ڪکين، ڇڇين، مڇين جهڙيون.

پاڻيٺ = موتي. پڪاريون = ڌوئون، صفا ڪريون. نفس قابو = نفس جي دام قاتل.

"پاند جن جي پانـد سيـن لڳـو تـئي لـڄ."

البت رڳو نفس ـــ قابو انسان ڪونـه ٿا دنيا ۾ رهن. ٻيا بـه سمي جي گهر جهڙا چڱين عادتن وارا ۽ "سميون" وغير رهن ٿيون. اهي سميون آهن، قدري چڱا مڙس جن جا ويس ورن چڱا آهن. پر انهن بـه اجا اندر جو ماڻڪ، روح جو راز هٿ نـه ڪيو آهي. اُهي ماڻهو ڏرمي سمجهڻ ۾ اچن ٿا. پر اجا هُو ٻاهرئين ٽڪساٽ ۾ قابو آهن ڪڏهين هن دنيا جي ٻارن ۾ ڪو نوريءَ جهڙو عجيب ٻار پيدا ٿو ٿئي، جنهن جا روش ۽ روَش بنهه علحدا ٿا ٿين، جن ۾ حق جي نور جو تجلو ٿو ٻري. اهڙا سچا ساڌو ۽ سنت آهن "نوريءَ" مثل. جن جي لڇڻن جو اثر عام تي چڱو ٿو ٿئي، جن کي جڏهين سائينءَ جو رنگ ٿو لڳي، تڏهين هو سڀ مهاڻن وارا عيب پاڻ مان ڪڍيو ڇڏن يعني نفس جي ڪن ۽ گند کي ترڪ ٿا ڪن.

"نـــ وڍي نـــ وڪـٽـي، نـــ مـاري نـــ ڏاري
ڪـارو وڏائـيـن ڪـوهــ ۾، نـرتـون نـهـاري
سا پـرپـاري جـا گـهـر سـمـي جي سَـپـڄَـي"

اهڙا روح نفس جو ڪارو نابود ٿا ڪن ۽ "آتم راجا" سمي جي ريت ٿا وٺن ۽ هو سدائين نماڻا ٿا رهن ۽ بلڪل سانت ۾ ٿا گذارين.

"نـــ وڍي نـــ وڪـٽـي، نـــ ڪـٽـي ۾ ڪـاري
اهـنـج سـهـنـج سـاهـمـيـون ڏريـان نـه ڏاري
سا پرپـاري، جـا گـهـر سـمـي جي سَـپـڄَـي"

دنيا جا ماڻهو ڪام ڪروڌ جو واپار ٿا ڪن، هنن جون واپار جون ساهميون آهن. جن جا ڀڙچا آهن؟ اهنج ۽ سهنج! ڪڏهين ڏک ڪڏهين سک. پر هي ساڌو پرش اهي آهن جن اهي ساهميون ڪڍي ڦٽيون ڪيون آهن، هو ڏک سک ۾ ساڳيا ٿا رهن.

"ڏک ســک دونــو ســم ڪــر جــانــو!"

نِرتون = نرت سان. ڏريان = ڏريا، اصل ڪان

اهڙا ساڌو سنت ايندا آهن دنيا جي لهر کي ڦيرڻ. ڪڏهين ڪڏهين ننڍا ننڍا سنت ايندا آهن، جي اول اچي رستو ٺاهيندا آهن ڪنهن وڏي اچڻ جو. اهڙن وڏن کي مها رشي، اوتار يا رسول ٿو چئجي. اهڙو هڪ اوتاري پرش "تماچي" آهي، جنهن جي اچڻ ڪري ملڪ مهاڻن ۾ ڦيرو پئجيو وڃي. هو سچن ۽ ڪوڙن ساڌن جي پرک ٿو ڪري. زماني جا ٻاوا ۽ ٻانيڻ جي پاڻ کي هنجون "سميون ۽ سومريون" سمجهي ويٺا آهن ۽ ائين ظاهر ٿا ڪن، انهن جي آزمائش ٿي ٿئي. پر هو تماچي اندر جي ڄاڻڻ وارو آهي. هن کي ٻاهريون اڊمبر ۽ سينگار ڪونه ٿو گهرجي. هن کي ڪپي دل جي صفائي ۽ سادگي. هو چوي ٿو تہ آءُ مال تي راضي ڪين آهيان، پر دل تي راضي آهيان.

"پتر، قول، قل، پاڻي، جو مون آڇي پڪتيءَ ساڻ
تنهنجي اچل پڪتي، آءُ دل سان قبول ڪريان ٿو پاڻ"
"گيتا"

فقط هڪڙو پبڻ سادو نوريءَ پيش ڪيو. سو راڻين جي نعمتن کان وڌيڪ قبول پيو. سچي نشاني صوفيءَ ۽ ساڌوءَ جي آهي غريبي ۽ نهنائي. جي عارف، رند، عاشق هميشہ اها ڏاتيءَ جي در تا دعا گهرن تہ "تون سمو آءُ گندڙي" اهڙن مسڪينن تي هن جي مهر ٿئي ٿي، جيئن ڪبير ڪوريءَ تي، روداس چمار تي، نامي ڍيڍ تي! نوري مهاڻي بہ اهڙو روح آهي، جنهن تماچي "آتم" کي هٿ ڪيو آهي ۽ غريبيءَ سان ڪٺيو اٿس ۽ هو صاحب هنن جا اڳيان مال مڏ، مڪڙا، ڪارا، ڇارا سڀ معاف ٿو ڪري.

"مڏ مياڻيون مڪڙا مڙيئي معاف ٿيس"

ستگورو سڀاجهو هنن جي ٻانهن ۾ عشق جي شاديءَ جو ٻيڙو ٿو ٻڏي ۽ هنن تند مزاج سمين کي ڪين ٿو قبولي.

سڀ سميون، سڀ سومريون، سيني ڳچيءَ هس
پسڻ ڪارڻ پريءَ جي وڏا ڪياؤن وس
ڍول تني جي گس، هيٺانهيون هلن جي.

اچل = جا ڏڏي نہ سگهي.

سپ سميون، سپ سومريون، سيني ڳچيءَ هار
پسڻ ڪارڻ پريـنءَ جـي، وڃـايـائـون وار
ڏول تـنـي جـي ڏار، هـيـنـانـهـيـون هـلـن جـي.

سپ سميون، سپ سومريون، سيني ڳچيءَ توڪ
پسڻ ڪارڻ پريـنءَ جي پـاتـا لـيـاڪـا لـوڪ
ڏول تني جي جهوڪ، هـيـنـانـهـيـون هـلـن جـي.

اهڙي عجيب نوري هڪڙي ئي ساري سنسار کي فيض تي پهچائي.

هن انسان جي اندر ۾ عجيب چيز آهي، اها آتم جوت سيني جي اندر ۾ موجود آهي. پر ڪو انهيءَ املهه ماڻڪ کي کوجي پائي.

"ڪلي تان خوشبوءِ تئي، خلقت تـئي نـهـال"

(گـلـراج)

اهڙي سنت جي جهول ۾ آتم جو چنڊ ئو جهلي پوي، اهڙي نوريءَ کي تخت بخت، حاصل ٿئي ٿو. نوريءَ کي نمن ٻايون ۽ راڻيون دايون هن جا پيير چمن!

شاهه چوي ٿو تہ اهڙو نوريءَ وارو نور تو ۾ موجود آهي، تون ٻاهريون غلاظتون ڇڏ، ڇو تہ هن روح کي اصل "اهل جاماڻي" آڻي، يعني تہ انسان ذات ۾ نور آهي، هن کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ گهرجي. شاهه سر ڪاموڏ ۾ سوليءَ، ساديءَ آڪاڻيءَ ۾ اندر ڪي وڏيون ٽبيون ڏنيون آهن، جن جو هت بيان نہ ڪري سگهبو. مثلا چوي ٿو تہ هي تماچي آهي. آتما، جا غيب واري آهي. "لم يلد ولم يولد" هن قرآن شريف جي آيت جي معنيٰ بہ پاڻ ٿو ڏئي.

"نہ ڪنهن ڄائو ڄام کي، نـڪـو ڄـام ڄيـاءُ"

چوي ٿو تہ نہ سمجهہ تہ آءُ هي فقط ٻاهريون ڳالهيون ٿو ڪريان، آءُ

توڪ = مٽيءَ مال.

انهي ڄام جون ٽو ٻوليون ٻوليان، جو نڪي پاڻ ڄائو آهي، نڪي ڪنهن ڄڻيو آهي!

”خالق ڇؤ م خام تون مَ ڪي ڇؤ مخلوق“

منهنجي هن ڪتاب ۾ رڳو هن آڪاڻيءَ جي توري سمجهاڻي ڏيڻ جي مراد اها هئي تہ پڙهندڙ آڪاڻي پڙهندي اهو خيال ڪڏهين نہ وساري تہ هنن آڪاڻين جي اندر شاهہ جي ڪا معنيٰ رکيل آهي. هنن معنائن جي اندر وڏيون معنائون آهن. مثلا هن سر ڪاموڏ ۾ هيٺين پرولي آهي:

”تڙ تماچي ڄام جو تماچي تڙ راءُ
تماچيءَ جي تڪئي، تون تماچي ڪاءُ
تہ تو تماچياءُ، تماچي تڙ لهين.“

انهيءَ جي هڪڙي معنيٰ هيءَ آهي تہ هي ملڪ سمورو آتما جو آهي، آتما هن جو راڄا آهي، آتما جي آڌار تي تون آتما تي، موج ڪر، تہ پوءِ تون آتما جنهن کي ڳولين ٿو تنهن آتما جو پاڻ ۾ تڙ لهندين. شاهہ جي شعر ۾ اُونهن ۾ اونها ويچار آهن. هن ڪتاب ۾ آڪاڻين ۾ فقط مون ڇاڇر ۾ ڇير ڪئي آهي، پر موتي حاصل ڪرڻ لاءِ شاهہ ۾ اندر وڃڻ گهرجي. مون ٻئي ڪتاب ۾ آڪاڻين جي سمجهاڻي هن نموني ڪجهہ قدر شاهہ جي ٻوليءَ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڄائو = ڄڻيو. وياءُ = اولاد

شاهہ جون آکاڻيون

(ياڱو بيون)

مهاڳ

”شاهه جون آکاڻيون، ڀاڱو پهريون“ نئين سنڌي لئبرريءَ جو پهريون ڪتاب آهي. مونکي خوشي آهي ته لئبرريءَ جو آرنڀ شاهه صاحب جي ڪتاب سان ٿيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي ته شاهه لطيف جي نالي تان سنڌ قربان آهي، جو لطيف سنڌ جي ساهتي خزاني جو بي نظير روشن هيرو آهي. شاهه جي آکاڻين جون ڪتاب جدا ڇپائڻ جي مراد اِها آهي ته شاهه جي رسالي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. اول شاهه جي بوليءَ ۾ مڙهيل آکاڻين جي رستي بوليءَ جي واقفيت ٿئي، ته پوءِ سندس خيال ۾ تبي هٽي سگهجي. هي ”شاهه جون آکاڻيون ڀاڱو ٻيو“ ٻه ساڳيءَ مراد سان پڌرو ڪجي ٿو. هن ڪتاب ۾ عمر مارئي، سسئيءَ پنهون ۽ هير رانجهوءَ جون آکاڻيون درج ٿيل آهن. سسئيءَ جي ڳالهه لطيفي رسالي جي پنجن سرن ۾ سمايل آهي، اٽڪل ٻه سؤ صفحا رسالي جا سسئيءَ تي آهن، يعني ته رسالي جي پنجين پتيءَ کان وڌيڪ ته سسئيءَ تي ڇيل آهي. ”عمر مارئي“ سر شاهه لطيف جو هڪ بلڪل سهڻو ۽ نصيحت آميز سر آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اڳين ڳوناٽي جيوت واهه جي چٽيل آهي. ”هير رانجهو“ جون ٿا ته شاهه لطيف ڪونه ڇيو هو پر جنهن صورت ۾ هي سهڻو سر سرائڪيءَ ۾ ڇيل رسالي ۾ موجود آهي، تنهن صورت ۾ هت ڏنو ويو آهي. انهن آکاڻين جي ٻن ڀاڱن جون اندريون سمجهاڻيون اونهي جاچ سان پريل آهن، جنهن جي اپٽار پڻ مون جدا ڪتاب ۾ شاهه جي بوليءَ ۾ مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جو ڪتابن ”شاهه جي آکاڻين جي سمجهاڻي“ جي نالي سان پڌرو ڪيو ويو آهي. اميد اٿم ته اڃا اٽڪل چار ٻيا ڪتاب شاهه لطيف تي پڌرا ڪندس.

منهنجي پريتم مسٽر مولچند منگهومل واسواڻيءَ نهايت محنت سان هن ڪتاب جا پروف ڏنا آهن ۽ ڪيترا معنيٰ جا نوٽ هنيا آهن ۽ مرزا قليچ بيگ صاحب پڻ ڪيترن لفظن جون معنائون ڏيئي واهر ڪئي آهي، جنهن لاءِ آءٌ ٻنهي صاحبن جو بلڪل شڪر گذار آهيان.

جيٺمل پرسرام

حيدرآباد سنڌ.

جنوري 1923ع

(1)

عمر مارئي

ماروءَ ملير

سنڌ منجهه ٿر جو مُلڪ مشهور آهي. اچ پڻ ٿر جي ماڻهن جي رهڻ ڪرڻ جو نمونو نهايت سادو آهي، جو ويهين صديءَ جي زماني جي ذلت اچا انهي پاڳي ۾ ڪاڏ گهڙي آهي. عمر ڪوٽ کان پري ننگر پارڪر وغير شهرن جا بيان وندر وارا ٻڌبا آهن. انهي ٿر ۾ ملير جو پڻ ڳوٺ هو. آڪاڻي انهيءَ وقت جي آهي، جڏهن عمر بن حمير ٿَرَ جو بادشاهه هو. عمر سومرن جي گهراڻي مان هو جن سومرن جو راج سنڌ تي گهٽا ورهيه هليو. شاهه لطيف جي هن مارئيءَ جي سهڻي سر ۾ اڳين سنڌين جي هلت چلت جا واهه جا بيان ٿو ڏئي. اچ پڻ ڳوٺن ۾ ڪيتريون عمديون، ريتيون، رواج ۽ رهتون آهن. شاهه جا بيان پڙهيو دل کي فرحت اچيو وڃي. انهي ملير جي ڳوٺ ۾ مارو ذات جا ڳوناٽا رهندا هئا.

"ٿـر ٿـر انـدر ٿـاڪ مـاروئـڙن جـا."

وٿن کي وڏا واپار ڪونه هوندا هئا، نڪي ڪي ٻيا لذتن جا سامان هوندا هئا. ڌوٿي ماڻهو هئا، جي جهنگل جي هڪ قسم جي اَن (ڏٿ) تي گذران ڪندا هئا.

"آٽـيـن ۽ چـاڙهـيـن ڏٿ ڏهـاڻـي سـومـرا."

ٿاڪ = جاءِ

ٽبڪ ٽبڪڙا = ٽبڻا، ٽبڻون. چڪندڙا زور سان، خوشيءَ سان، پگهر ڳاڙيندا. کهه = مٽي، لٽ. بڪليون = پريون، گاڏيون. سر = تائين. قراريا = خوش يا آرامي ٿيا. سبر = ڀل وارا. ست = طاقت سان.

وڻن جايون بہ ڪي اوچيون ۽ پڪيون ڪونہ هونديون هيون، ”ڪارا ڪبر ڏيهہ ۾، ٻيا واريءَ منجهہ وڻاڻ“. پر ننڍيون جهوپڙيون هونديون هين. ”پِڻن پر پونگا“ هئن. جن جُهوپن ۾ هي جهانگيئڙا جهنگ جا ماڻهو رهندا هئا. انهن پکن ۾ هنن کي خوب موج ايندي هئي. سڄو ڏينهن پنهنجن ٻنين ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ شام جو پگهر جو پورهيو ڪري موٽندا هئا:

مـتـن تـبـڪ تـبـڪـرا چـڪـنـدڙا اچـن
ڪڙيـون ڪـهـہ بـڪـليـون، پـگـهـر سـر پـيـرن.

پورهيو هنن جي منهن ۾ صحت آڻيندڙ هو ۽ سندن شڪليون پيون ٻهڪنديون هيون. هميشہ سگها ۽ سٻر گذاريندا هئا ۽ ٿوري ۾ ئي خوش هوندا هئا:

”ٿـوري ڦـوت قـراريـا، هِـن سـٻـر سـت.“

ڳانيون مينهون ۽ اٺ پنهنجا هوندا هئن، جن جا کير مکڻ پاڻ بہ خوب کائيندا هئا ۽ آئي وئي کي پڻ خوشيءَ سان کارائيندا هئا. پنهنجن ننڍن باغن جا ميوا ۽ پنهنجن مانارن جون ماکيون وڻن جهجهيون هونديون هيون:

”ولـيـون وڻ ڦـلاريـا، لُـلُـر نڱـيـو لـس
آڻـيـو وجـهـن آهـريـن، سـنـدا ٿُـوهـن ٽـس
مـيـوا مـڃـر مـاکـيـون، سـيـڪـا چـکـن چـس.

سـتـا ڪـيـو سيـد چـئـي، سـائـون سـڪـائـيـن
منجهان لنب، لطيف چئي، چـانـور ڪـيـو چـاڙهـيـن.

وڻن ڪنهن بہ قسم جي سختي ڪانہ هوندي هئي، نڪو ڏڪار

لس = گهاٽا، هڪ ٻئي مٿان هڪ ٻئي پٺيان. لڱيو = نڪتو. ٽس = ڍڳ، ڍير. چس = سواد، لذت. ستا = موڙيون، ويڙهيون. لنب = جهنگلي گاهہ جو ڏٿ وانگر ڪاڄندو آهي. ڪورين = ڪترين. سسن = گهٽين. ڪوئنري = نرم ان. ڪرڙ = ساديون فراشيون. ڪاهيون = ان جا ٻورا. پال = ڪٽي جهڙو اُن جو ڪپڙو مٿان ڍڪ لاءِ. پڪا پڪ = ڪرڙ جو پڪل ميوو پڪل ڏوترا.

وٽن هو:

"تن ونهين ويڙهيچن ۾ سدائين سڪار."

ٻاهرين ملڪن جي ڪپڙن جي ڪين گهرج ڪانه هوندي هئي، سندن وهون ۾ ڏيئون، سسن ۾ ٻڪرن جي ان منجهان ۾ ڪپاهه منجهان ڪپڙا ٺاهيندڙيون هيون.

"اوءِ ٽا ڪورين ڪونئري سرتيون مٿان سسن"

اڄ پڻ ٿر جا کٿا ۽ لوبون مشهور آهن. پر تن ڏينهن ۾ يعني ڪي سو ورهيه اڳي به اهي وٽن جام هوندا هئا. جيئن شاهه چوي ٿو:

"جت ڪرڙ کٿا ۽ ڪاهيون، پال پڪا ۽ پڪ."

هنن جون زالون پائينديون هيون لوبون ۽ هنن جا مرد پائيندا هئا کٿا. هنن کي سڏبو ئي هو "کٿيڙا"، ۽ هنن جي زالن کي چئبو هو "کٿيڙيون". لاک مان رنگ لاهي کٿي لوين کي ڏيندڙيون هيون، پوءِ ته ائين پيبيون پائينديون هيون ته ڏاڍيون ڪي سهڻيون شالون پاتيون اٿئون!

"جُهه لاک رتائون لوئيون، ته شالنئان سُهن!"

سندن ڇوڪريون مارو ذات جون ماروئڙيون، شڪل جون به گهڻو ڪري سهڻيون هيون. وٽن پردو ڪو نه هو. جو گهرن ۾ اندر قابو ويٺيون هجن. هنن ماڻهن ۾ ان وقت سادگيءَ سان گڏ ستر ۽ سيل جو وڏو قدر هو تنهنڪري نينگرين ۾ مريادا ۽ نيتيءَ جو انگ هو. خوب محنت ۽ پورهيا ڪنديون هيون ۽ پنهنجن مردن ۽ مائٽن کي مدد ڪنديون هيون، البت رانديون به ڪنديون هيون. پلا وٽن ميوا ۽ ماکيون، ڪير ڏڌ، پڪا ۽ پيرون، گولارا ۽ گگريون، ڏونرا ۽ پسيون هيون مٿق سو خوب وندريون ويٺيون هونديون هيون. انهن راندين روندين ۽ وندرن کي مارئي ڪيئن نه ٿي ياد ڪري! ان جو شاهه صاحب نهايت عمديءَ زبان ۾ ٿو بيان ڪري:

ڏيهه ڏاڏاڻي پکڙين، آءَ ويڙهيچن ڏي وينـدي
سگر ساهيڙين سان، ساٽيهه منجهه سٽينـدي
انـا مـيـنـهـن مـلـيـر ۾، ڏاڳا ڏيـر ڏئـنـدي

رتائون = رڱيائون. گولاڙا ۽ گگڙيون = ٿر جون وليون ۽ ٻوڙا ۽ انهن جو ڦر. پکڙين = جهوپڙين. ويڙهيچن = ماروئڙن. ساٽيه = وطن.

عمر، انهي ڏيھہ جا، ڪوڏير قوت ڪندي
گوليون گولاٽن جون، جهپي ساڻ جهٽيندي
ڪو ڪڙڪو ڏيرن ۾، ڦوڪيو ڦڪ پريندي
عيدن برادن تي ڪيھہ مانڏاٽا ڪِيَندي
پُسي ڪائي پيٽ ۾، ڏونرا ڏن آءُ ڏيندي.

ڪوهن تي پاٽي پرڻ ويندڀون هيون، جي ڪوھہ ماروئڙن پنهنجن برن ٽرن ۾ کنيا هئا. انهن ڪوهن تي ڪي ڇوڪريون وجي پاٽي پريندڀون هيون ۽ ويٺيون اتي ڳالهيون پڻ ڪنديون هيون. ڪو مسافر آيو تہ ان کي بہ خوشيءَ سان پاٽي پياريندڀون هيون، پر جي ڪير ۽ لسيءَ جي گهرج مسافر کي هوندي هئي تہ اُهي بہ پياريندڀون هيس.

بير ڪنيائون پر ۾، پياريـن پهون
سنجن ساٽيڪن تي، وڏي وير وهون
پايو جر جنبن ۾، ڪوڏان ڪن ڪهون.

اهڙي طرح سادگي ۽ محنت ۾ هنن ماروئڙن جو وقت پيو گذرندو هو. جڏهين وري منداٽتا مينهن پوندا هئا، تڏهين تہ هنن ماروئڙن ۽ مَارُوئڙين لاءِ مولي جي مهر سان خوب موجون ٿينديون هيون. انهيءَ مند ماروئڙا وڏيون خوشيون ڪندا هئا. پوءِ برپٽ سڀ پاٽي ٿي ويندا هئا. خوب گاھہ ساوا ڄمندا هئا، ماروئڙا ۽ ماروئڙيون پنهنجا مال ونيو پيا چاريندا هئا. گيھہ ۽ مکڻ بہ ان مند ۾ گهڻا، گل ڦل بہ جهجها، مطلب تہ ڏاڍو سک جو وقت هي ماٺهو گذاريندا هئا:

_ سگر = سگريون. اُنا = وسيا. ڏہر = ڪپڙا. ڪوڏير = گاھہ جون پاڙون جي ڪائڻ ۾ ايندڀون آهن. گوليون = گول ڦريا ميوا. ڪوڪڙ = سڪل پيرون. عيدن برادن = وڏن ڏينهن تي. ڪيھہ ۽ مانڏاٽا = گاھہ جا قسم جن مان ڏٿ نڪرندو آهي. ڪيندي = ڪائيندي. ڏن = تحفو. نذرانو. بير = ڪوھہ. پهون = مال، ڏڻ. سنجن = پاٽي ڪين. ساٽيڪا =ڪوھہ. وڏي وير = سويل صبح جو. وهون = زالون. جر = پاٽي. جنبن = وارن، زلفن. ڪوٽان = ڪوڏمان. ڪهون = ڪماٽيون، ڳالهيون

”هن مند مارو سنرا، ويڙئين وَڳ وارين.“
”چارين ات چاهہ منجهان، پاسي ڦوڳن ٽر.“
هن مند مارو سنرا، ڪائر ۾ خوشحال
سائون، سيارچ، مڪٽي، جيڏيون آٽين حال.“
هن مند مارو سنرا، ڏنگر ڏار رهن
پاٽي پوُج پٽن ۾، پڪي پاند پين،
ڪاٺونبا ڪاچن، مينهن وسندا موٽ تون.“

مارئي

اهڙي سادي ۽ سھڻي زماني ۾ ملير جي ملڪ ۾ هڪ نينگر ڄائي، جنهنجو نالو ٺي رکيائون مارئي. ڇو جو سيني سهڻين ماروئڙين ۾ هيءَ مارئي ملوڪ هئي! ماٽس رواجي مارو هئا. مارئي اڄ ننڍي سيان وڏي نينگر ساهيڙين سان ملير ۾ خوب خوشيون ماٽيون ۽ وندرن ۽ راندين ۾ خوب خوشيءَ جو وقت گذريو. شڪل جي حسين، زبان جي مٺي ۽ چٽر، دل جي ڪومل هئي ۽ ملير جي مڙني ماڻهن سان، زالن ۽ ٻارن سان نينهن ۽ محبت هيس. پر هن نينگر جي نصيب ۾ ڪو ونجوڳ جو وراڪو هو! پڻس وٽ هڪ جوان ڪم ڪندو هو. تنهن جوان جي دل هن مارئيءَ تي ٽي. سو چوي تہ آءٌ هن نينگر سان شادي ڪريان. جوان جو نالو هو ڦوڳ. پلا جنهن جو نالو ٺي ڦوڳ، تنهن کي مارئي ڪيئن قبوليندي! پيو تہ مارئيءَ جي دل هئي ملير جي سھڻي جوان ”کيت سين“ سان. انهي نالي مان پائنجي ٿو تہ مارئي راجپوت ڪٽنب جي هئي، جو ”سين تر ملڪ آهي ٺي راجپوتن جو ۽ اڃان بہ راجپوت منجهس گهڻا آهن ۽ سنگ“ راجپوتن جي

سنرا = خوش. ويڙئين = ويڙهين يا چاري يا گاهہ جي جاين تي. وڳ = مال. ڦوڳ = گاهہ جو قسم. ڪائر = مڪان جو نالو. سائون، سيارچ، مڪٽي = گاج جا قسم جن مان ڏٿ نڪرندو آهي. پوج = مٽو گهٽو. ڪاٺوڪبا = ڪٽو ليڙا، جهنگلي ڪاڏي جو ميوو.

نالن پٺيان ٽيندا هئا. ۽ راجپوتانا سان گڏيو پيو آهي. ڪيت سين هڪ نهايت لائق جوان هو. جنهن جي پريم مارئيءَ جي دل ڪنيي ورتي هئي.

قتل قوبگ

قوبگ جنهن جو من ۽ دل بہ ڪي قوبگ سان پريل هئا، سو هيءُ ڪيت سين ۽ مارئيءَ جي محبت سهي ڪين سگهيو. مارئي جي پيءُ کي چيائين تہ مارئي مونکي نٿو ڏين، پر پڇتائيندين. مارئيءَ جي پيءُ قوبگ کي چيو منهنجي مارئي پنهنجو گهوٽ پاڻيهي چونديو آهي، آءُ ڪيئن توکي ٻانهن ڏيان. قتل قوبگ ڪاوڙجي نڪتو. تن ڏينهن ۾ ملير جي پرسان ملڪ عمر حمير جو هو جت عمر ڪوٽ ۾ عمر راجا هو. هو هڪ زبردست راجا هو. هي سومرو پنهنجي نالي سان هو. جوش ۽ چوهہ وارو مڙس هو. طبعيت جو ظالم ڪين هو پر تہ بہ زماني جي علتن کان آجو ڪين هو. عمر جي درٻار ۾ قوبگ آيو ۽ عمر کي اچي چيائين تہ اي عمر راجا، ملير جي ملڪ ۾ جا هڪ نينگر ساماڻي آهي، تنهنجي مٿ سونهن ۾ ڪابہ چوڪر ڪانہ آهي. نالو اٿس مارئي، سيني چوڪرين ۾ بي نظير اٿيئي. اي راجا، اها چوڪر لائق آهيئي تنهنجي. عمر اهي ڳالهيون ٻڌڻ سان مَوَ ۾ اچي ويو. تن ڏينهن ۾ راجائن، خاص ڪري راجپوتن ۾ هڪڙو نمونو پرڻجڻ جو اهو بہ هوندو هو جو زوريءَ نينگر پڄائي ڪڻي ويندا هئا. البت جيڪي منجهن سيلوان هئا، سي ڪنيا جي خواهش کان سواءِ زبردستي ڪين ڪندا هئا. هي سومرا راجائون بہ اصل ۾ راجپوت هئا. هن عمر ۾ بہ ڇا ڪيو جو قوبگ کي پاڻ سان وٺي ملير ڏانهن نڪتو. قوبگ ڪيس ٻڌائي ڇڏيو هو تہ ڪيئن مارئي هٿ ڪنداسين! سانجهيءَ جو وقت ٿيندو هو تہ ڳوٺ ملير جون چوڪريون، مارئيءَ جون ساهيڙيون، مارئيءَ سان گڏ کوهہ تي پڇاڙيءَ جو پاڻي پرڻ ايندريون هيون. مارئي ۽ سندس ساهيڙيون اچي کوهہ تي ”کوڏان کهون“ ڪنديون هيون. کوهہ جي پر ۾ وڻن جو بہ جهڳٽو هوندو هو. قصو ڪوتاهہ هڪ ڏينهن مارئي ۽ ساهڙينس هميشہ وانگر پاڻي پئي پريو ۽

ڪومرد ماڻهو بہ ويجهو ڪونہ هو. پر مجاڻ ڪو عمر سومرو اٺ تي آيو هو سو جهپ ماريو وٺن جي هيٺان ويٺو هو ۽ وجهہ وٺڻ لاءِ سيڙپيل هو. ڪنهن وقت جڏهين ساهيڙيون ڳالهين ۾ محو ٿي وييون هيون، تنهن وقت عمر پنهنجو وجهہ ورتو. ڏٺائين تہ ٻيو ماڻهو ڇيڙو بہ ڪونہ آهي، وري مارئيءَ جي جا شڪل ڏٺي هٺائين، تنهن مڙس کي متوالو ڪري وڌو. هن نڪا ڪئي هم، نڪا تم. اِهيئين ڇوهہ مان اوچتو اچي مارئيءَ کي هٿ کان ڇڪي، ڪمر کان ڪٽي وجي پنهنجي اٺ تي وهاريائين ۽ هڪدم ٽپ ڏئي اٺ کي اڙي هٽي. زوم منجهان ڀڄائي هليو ويو. مارئي ويچاري واتڙي ٿي ويئي تہ هي ڇا ٿيو! ساهيڙيون بہ اتي عبرت ۾ ڄمي رهيون تہ هيءَ ڪهڙي زبردستي، پن جنهن وقت اٺ تي مارئيءَ دانهون ڪيون تہ منيس، "هاڃا ڪيو حمير باالله نئي ٿو بند ۾" تنهن وقت سندس سکين ۾ بہ ٻاڪر ڪتو مچي ويو. رڙيون ۽ دانهون ڪيائون، ڪيڪون واڪا ڪيائون، پر جيتري ۾ ڪو اوهي واهي ٿئي، تيتري ۾ عمر ڳچ پنڌ ڪڍي ويو. ماروئڙا ويچارا هيءَ خبر ۽ واڪا ٻڌي آخر آيا، ٻڌائون ڏٺائون تہ مارئي ملير کان کڄي ويئي. مارو ذات جا ماڻهو اخلاق جي ڳالهين ۾ اهڙا سخت هوندا هئا، جو هنن لاءِ هيءُ واقعو ڳريءَ ۾ ڳري مصيبت جو هو. اول هنن ۾ ڪجهہ شڪ بہ پيو. ڦوڳ ڦتل منجهن ڪنهن ريت هل اٿاريو تہ مارئيءَ جي اڳم ئي ڪا عمر سان رٽ رٽيل هئي، سو مارئي پاڻيهي ساڻس ڀڄي ويئي آهي. هن ڳالهہ ويچارن ماڻتن ۽ ماروئڙن ۾ نهايت مايوسي ۽ درد پيدا ڪيو ۽ چوڻ لڳا:

مر سُـپـنُـي مـارئـي، مـئـي مر جـائـي
جنهين اچـي عـمـر ڪـوٽ مر لـوئـي لـجـائـي

پر تڏهين دل ۾ سمجهياڻون پئي تہ مارئي، جنهن جهڙي سيلوان سَتِي ڪا ورلي ٿي، تنهن ڪيئن اهو ڪم ڪيو هوندو! هنن سمجهيو تہ عمر سومري هيءُ زور پنهنجو هلايو آهي. مارئيءَ جي هڪ پڪيءَ

سپئي = پيدا ٿي، نپني، پالجي وڏي ٿي.

ساهيڙيءَ چين تہ ائين قيام ڪين هوندو جو مارئي ڄاڻي واڻي اهو ڪم ڪيو هوندو:

جنهن ستيءَ ست نہ ڇڏيو سا مارئي مر ڄائي
اِنهي عمر ڪوٽ ۾ لڄ نہ لڄائي

هوڏانهن مارئيءَ کي ڪاهيندو عمر سومرو عمر ڪوٽ جي شهر ۾ اچي پهتو۽ مارئيءَ کي پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو. مارئي ويچاري سچي واٽ جيءَ ۾ جهڄندي آئي. پيئي زارون زار روئي، پر بيوس هئي، زبردست جي وس هئي. مِني بہ ماٺ مُٺي بہ ماٺ ڪانسواءِ حال تہ چارو ڪونہ هوس.

مارئيءَ جي آزمائش

عمر مغرور ۽ سبر سومرو هو پر ويل ڪونہ هو. هن سمجهيو تہ آءٌ راجا ماڻهو مون جي هيءَ غريب جي ڇوڪري آندي ۽ پاڻ وٽ ويهاري تہ پس پيش ماڻنس پڻ خوش ٿيندا ۽ هيءَ غريب ڇوڪر مسڪين ڳوٺاڻن جي ڏيءُ اول ڪٽي ڇرڪندي، ڦرڪندي، بلڪ روئندي رڙندي، پر پوءِ جنهن وقت منهنجي محلات ۾ آئي ۽ پٽ پٽيهر ۽ مال متاع ڏنائين، تنهن وقت دل هرڪجي ويندس ۽ منهنجي ٿي وهندي. پر عمر ڪٽ پوري ڪانہ ڪئي هئي. مارو مارئيءَ جا مائٽ غريب هئا تہ بہ "ڳُٽن جا ڳهير" هئا، ۽ نهايت ڳنوان هئا ۽ هيءَ مارئي بلڪل غير رواجي نينگر هئي! عمر آڻي ڪيس محلات ۾ مٿي ماڙيءَ تي ويهاريو. جنهن ڪوٺيءَ ۾ اچي ويهاريائينس، تنهن ڪوٺيءَ ۾ ڇا جلوو هو ڇا روشني هئي، ڇا سونهن هئي. پر هيءَ مارئي ويچاري جنهن وقت ڪان اٺ تي ڪجي آئي هئي، تنهن وقت ڪان ماندي رهي. هن اکيون کڻي ڪين نهاريو تہ ڪهڙو محلات آهي ۽ ڪهڙو راجا جو ديدبو آهي. عمر چيس اي مارئي، آءٌ تنهنجي سڪ جي چڪ ۾ ٻڌجي، توتي موهت ٿي، تنهنجي نالي تي، اکن ڇڪن تي، توکي هتي وٺي آيو آهيان. ويتر هينئر تنهنجي صورت ڏٺي اٿم سو آءٌ توتي

مست تي پيو آهيان، اي مارئي جيتوڻيڪ آءُ تولاءِ ماندو آهيان تہ بہ منهنجي خواهش نہ آهي تہ ڪا آءُ توتي زبردستي هلايان، پر تون ڏس، آءُ راجا عمر ڪوٽ جو، مون وٽ مال متاع جي ڪمي آهي ڪانہ، تون ڇڏ غم ڪي، مون وٽ تي ويهہ. مارئيءَ کي ڇيائين تہ ڏس هي محلات خاص تولاءِ آهي، هي باغ باغيچا سڀ تولاءِ آهن. هاڻ تون مونسان ويهہ. هاڻ مارئي، ڇڏ تون روئڻ ۽ راڙو ۽ تون هاڻ مون وٽ منهنجي تي ويهہ.

مارئيءَ جڏهين ڏنو تہ هي عمر راڻو مونکي وٺي زبردستيءَ سان آيو آهي، پر تڏهين بہ جلهہ ڪرڻ وارو ڪونہ آهي، تنهنڪري مارئي جيتوڻيڪ غم ۾ پر هئي، تہ ڪجهہ ڊپ گهٽ ٿيس. ڊپ ڪو هيو ڪونہ هوس، ائين هيءَ نينگر بهادر هئي، پر ڊپ رڳو پنهنجي سيل جو هوس تہ آءُ اڪيلي بيوس. ڪٿي ”پرورين رهائين!“ مارئي جيئن ماڙيءَ ۾ آئي، تيئن ڪٽ تي بہ پير ڪين رکيائين، پٽ ۾ ئي ويهي رهي. عمر چيس تہ ڪٽ تي تہ يلا ويهہ. تڏهين ٿي مارئي چويس: ڙي عمر راجا، منهنجي مٽن مائٽن جا پڪا آهن پٽن تي، آءُ ڪيئن تنهنجي ڪٽ تي وهان. منهنجو مڱڻو ٿيو ڪيت سان، آءُ ڪٽ تي وهنديس نہ ان سان وهنديس باقي ٻئي ڪنهن جي ڪٽ تي مونکي وهڻو ئي ڪونہ آهي:

”جـتـي آب اڳـونـدريـا، پـاڻـي مـتـي پـٽ
آءُ ڪيئن ان ري، سـومـرا، ڪـلـي چـڙهـان ڪـٽ“

عمر جنهن جي دِل ۾ ڪام جي مستي هئي، تنهن پانيو تہ هيءَ نينگر رڳو ٻاهرين زبان تي هلائي، سو ساڻس هلڪو تي چرچا ڪرڻ لڳو ۽ هنکي چوڻ لڳو ”اي مارئي، ڇڏ هاڻي اهي باتيون، هاڻ اڄ، اچي مون وٽ ويهہ.“ مارئيءَ انهيءَ تي چرڪ ماريو ۽ اوچتو هن جي اکين مان آب وهڻ لڳو هن سمجهيو تہ عمر جي من ۾ ڪو شيطان آهي، هو هاڻ منهنجو ستر ٿو مون کان ڇڏائڻ گهري، سو هن جي دل مان درد جي دانهن نڪري وئي ۽

پن = پٽ، پردو امن.
اڳوندريا = گهٽا. ڪر = ڪٽنب. مت = صلاح.

هو عمر کي چوڻ لڳي:

"جئين لوڻ لڳن لائيين، چيري چيري چم
مون ڪڙ اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعوي دم، تان تان پرت پنوهار سين"

اڙي عمر، هي ڪمڙ تو ڪڏا وچن مون کي چوين! هڪڙو تہ منهنجي جان ۾ ڦٽ تي پيا آهن، ٻيو تنهنجا لفظ اِنهن ڦٽن کي چيري چيري منجهن لوڻ ٿا وجهن، اڙي عمر، مٽان ڪا اهڙي ڳالهہ ڪئي اٿيئي:

"سيل پيچڻ جي سومرا، مونکي مت م آڇج مير،
گهٽين تورين ڏينهڙين، وينديس هُت حمير،
مُڇِڙِ منجهہ ملير، ڪيڏ مٽانهون نہ ڪٽان."

ماروئيءَ جا هي دل منجهان ڪمڪاءَ جا لفظ ٻڌي سومري عمر جي مستي گهٽ ٿي، اهڙو ڪين هو جو شيطاني جلهہ ڪري ها. هن نينگر جا لفظ ٻڌي واٽڙو ٿيو تہ ڪٿ هيءَ ڳوٺاڻي نينگر، ڪٿ هن جو همڙو عجيب خيال، سوچا ڪيائين جو مارئيءَ کي ڇڏي هليو ويو. محلات جي ماڙيءَ کي ڪلف ڏيئي ڇڏيائين ۽ هيٺ پهرو رکيائين ۽ هي يار ويو هليو محلات جي ٻئي پاڱي ۾. مارئيءَ شڪرانو ڏٺيءَ جو بجاءِ آندو. عمر هن کي ماني موڪلي، پر بنا کائڻ پيئڻ جي مارئي پئجي رهي.

عمر کي ساري رات ننڊ ڪين آئي، جو مارئيءَ سان سچ پچ نينهن لڳي ويو هوس. هوڏانهن مارئيءَ کي بہ ننڊ ڪانہ آئي، جو هنجي سموري محبت کيت سين سان هئي. سڄي رات روڄ ۾ گذاريائين. صبح ٿيو تہ عمر ماڙيءَ تي مارئيءَ وٽ آيو. مارئيءَ جي شڪل ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيس. ڏٺائين تہ منهن ئي سُڪي ويو اٿس. پر ۾ اچي چيائينس تہ اي مارئي، مونکي معاف ڪج جو مون توسان ڪلهہ رات اُگريون ڳالهيون ڪيون. ٻڌ مارئي، منهنجي جيءَ ۾ تنهنجي محبت جون ميخون لڳي ويون آهن، مونکي توڏانهن ڪا بہ بري نيت ڪانہ آهي، آءُ توکي سچيءَ دل سان چوان ٿو تہ

مڇڙ = مٽان

تون منهنجي پرٽيل راڻي ٿي ويهه، هي سڀ راڄ ڀاڳ، هي سڀ پٽيهر تنهنجا آهن. تون لاهه اِها ڪتي، پاءِ تون پٽ پٽيهر، ڏسج تہ توکي اهي ڪيئن ٿا سونهن. تڏهين ٿي مارئي عمر کي جواب ڏئي:

پــتــولا پــنــوهــاريــون، مــور نـــ مــتــي ڪــن
جي لاک رتـائون لـوئـيـون تـہ شـالُـئان سُـنـهـن
ان ايـلاچـنـئـون اگـري، بـخـمـل بـافـتـن
سـڪـر پـانـيـان سـومـرا، ڪـتـي ڪـان ڪـهـنـبـن
جـا ڏِنـيـم ڏاڏاڻـن، سـا لاهـيـنـدي لـج مـران

ارمـــق هـــڏ نـــ اوڍيـــان، پـــر پـــٽ

بـــانـــدڻـــا ٻـــنِ ڏيـــان، ارغـــچ ۽ عَـــبِـــيـــر

تنهن تي عمر چيس تہ پلا جي پٽ پٽيهر نٿي پهرين تہ من اڇا ڪپڙا اٿي ڪرين، هي ميرا تي ويا اٿيئي. تڏهين ٿي مارئي چويس:

”عمر اڇا ڪپڙا، ڪاڻـياريون ڪـيـئن ڪـن
جـنـهـيـن جـا تـرن ۾، ورَ تـا ويـڻ سـهـن،
هوءَ جي حق پچن، سي ڪيئن ستيون سومرا.“

عمر، تون مون کي پنهنجي مڱيندي کان ڌار ڪري هت وٺي آيو آهين، سو آءٌ ڪاڻياري ٿيس، هُت منهنجي ور کي طعنا پيا لڳن تہ تنهنجي مڱ هيئن پڄائي ويا، سو آءٌ ڪيئن ويهي ميرا ڪپڙا لاهي اڇا اوڍيان! تڏهين عمر چوڻ لڳيس تہ اي مارئي، ڏس تنهنجي پنيان مارو ڪي آيا بہ آهن؟ جيڪڏهن توسان ڪو ايترو ڪيت سين جو پيار هجي ها تہ هن کان

پتولا = پٽ پٽيهر. پنوهاريون = پنوهارن جو زالون. ايلاچنئون = ريشم جي ڪپڙي کان. اگري = وڌيڪ. سکر = بهتر. ارمق = ريشم جو ڪپڙو. باندڻا = رڱيل چنيون. ارغچ = عمدو ڪپڙو. عبير = عبير رنگ جو ڪپڙو. ويڻ = طعنا، مهڻا.

اڳ تو وٽ اچي ڪڙو ٿئي ها، تنهنڪري:

”جي مُلِ نہ آيا مارئي، تنهين رڙ م رو“

مارئي ويچاري کهڙو جواب ڏي! هن کي کهڙي خبر تہ ڦتل ڦوڳ ڪوڪوڙا هل سندس نسبت ڪٽي هلايا آهن! سا ٿي جواب ڏئيس:

”عمر آئين اوچتو پڪي ۾ پيهي
سَبَر پسي سومرو، ڏڪي ويا ڏيهي
نچاڻا ڪيهي، ڪندو پر پنوهارئين“

عمر تون اوچتو ملير جي پکن ۾ گهڙي آئين، توکي زبردست ڏسي مارو ڏڪِي ويا تہ الائي هي کهڙي ڪريت پنوهارين سان ڪندو! عمر توکي ڏسي آءُ بہ ڏجي ٿي ويچان:

”عمر آئين اوچتو، کهڙيءَ حاج حمير
تو ڏٺي مون پوءِ ٿئي، سنڪو منجهہ سرير
تنهن تي عمر وري مارئيءَ کي پرچائڻ لڳو تہ جڏهين تو لٹ ماروئڙن ماٺهو ڪونہ موڪليو آهي، تڏهين هاڻ مون وٽ ويهي رهہ هي هيرا، جواهر ۽ سون رُپو سڀ تنهنجي ملڪيت آهي. تڏهين ٿي مارئي جواب ڏئيس:

سون برابر سڳڙا، مارو سندا مون
پتولا پنوهار ڪي، عمر آڇ م مون
ورلوئيءَ جي لُون، ڏاڏاڻين ڏنم جا
ور لوئيءَ سين لڏيون لوئيءَ ۾ لائون

مون ماروءَ سين لڏيون لوئيءَ ۾ لائون
سون برابر سڳڙا، مون بانهن بڌائون.

مل = اڳيان، وٽ. سنڪو = ڳڻتي، ڊپ. لؤن = ڏاڳو تند

اي عمر راجا مونکي پاڻهن ۾ منهنجي پياري ماروءَ کيت سين سڳڙا ٻڌا، سو آءٌ توسان ڪيئن هاڻي شادي ڪريان!

"ايءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي!
اڇي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪين ڪُريت
پکن جي پريت، مارُيءَ سين نہ مٽيان."

اي سومرا، تنهنجا سونا ڪنگڻ مونکي قبول ڪونہ آهن. اسين مارُوئڙيون ڪچ جا ڪوڙا چوڙا پايون، اُهي اسان لاءِ سنهندڙ ۽ وڻندڙ آهن. ٻين کي اهي پائيندي پل لڄ ٿئي، پر اسان لاءِ اهو مرڪ آهن:

جن ڪراين ڪچ جا، وَرُ ساهيڙيون سي
پکن ساڻ نہ پاڙيان، هنڌ هتي جا هي

ڪراين ڪچ جا، چوڙا ڪوڙا جِنِ
سو مرڪ مارُوئڙن، جٺان لوڪ لڄ ٿئي.

آخر عمر جڏهين ڏٺو تہ هيءَ نينگر هٿ اچڻ جي نہ آهي ۽ هن تي زور هلائڻ بہ نہ گهرجي، تڏهين عمر چيس تہ اي مارئي، منهنجي سڪ توسان سچي اٿيئي. هاڻ ٻارهن مهينا تون هن محلات ۾ رهہ تنهن وچ ۾ جيڪڏهن تنهنجن ماٽن مان توکي ڪو ڇڏائي ويو تہ پوءِ نهيو. نہ تہ ٻارهن مهينن کانپوءِ تون مون سان شادي ڪج. چون ٿا تہ مارئيءَ اها ڳالهہ قبول ڪئي. عمر وٽس پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ايندو پيو هو پر ڪابہ زبردستي نہ هلايائين.

مارئي جو رودن

هيءَ ويچاري مارئي پاڻکي قيد ۾ سمجهڻ لڳي. مارُوئڙن وٽان ڪوبہ سنيهو ڪونہ آيو. ڪوبہ اوٺي پيغامي اٺ تي چڙهي ڪونہ

ڪريت = بي رسمي، بد رسمي. ڪچ جا = ڪانچ يا شيشي جا زيور. مرڪ = ڪر جي ڳالهہ، دستور. جٺان = جنهن ڪان.

آيو.مارئيءَ کي انهيءَ ڳالهہ ڳوڙهي دک ۾ وجهي ڇڏيو تہ شايد منهنجي ستر ۾ منهنجي مائٽن ۾ ڪيت سين کي ڪو شڪ پيو ٿو ڏسجي، نہ تہ جيڪر هيئن مون کي ڪين ڇڏين. هڪڙو تہ آءَ قيد ۾ پيئي آهيان، ٻيو مونکي ماروءَ دلداري ڪانہ موڪلي:

جي ڪر لڏائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو
ماروئڙن آئون، جيڪس ويس وسري!

مارئي انهي دک ۾ محلات کي سخت قيد ڀانئڻ لڳي ۽ سمجهڻ لڳي تہ مون تي زنجيرون، هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ پيڪڙا پئجي ويا آهن:

”ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا، زيريون ۾ زنجير
پيڪڙا پيرن ۾، ڪونين اندر ڪير.“

پوءِ درد جون دانهون ٻہ ڪرڻ لڳي:

قسمت قيدي قوي، ناہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
لکئي آڻي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هي

قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
مارن کي ملندياس، ڪونيون ڇڏي ڪڏهين؟

جيئن ويا ڏينهن نبرندا، تيئن تيئن ويئي مارئي ماندي ٿيندي تہ مون وٽ اباڻن ۽ محبوبن جو ڪو بہ سنيهو ڪونہ آيو:

نڪو اير نہ پير، نڪو اوني آئيو
مون وٽ آئيو ڪو نڪو پائرنئون پري پير،
ڪتابتون ڪير، آڻي ڏيندم انجون.

نہ خبر نہ خواب، نڪو اوني آئيو.
هُتي جو هِت ڪنهين، ڏنو ڪونہ جواب.

ڪر = ڪل = سنڀال. آئون = آءَ. جيڪس = شايد. زيريون = زير ڪڙيون. پيڪڙا = پير ڪڙيون. ڪير = ڪيريون، ڪلا. قوي = سخت. لوح = قسمت جي پٽِي يا فَرِحي.

نهايت اندر ۾ ايذاءُ تيس تہ آءُ ويني پريتم لاءِ واهيون واهيان ۽ ڳوڙها ڳاڙيان، پر هنن وٽان ڪوبہ اکر ڪونہ آيو. هڪ ڏينهن بلڪل برهہ ۾ اچي واڪو ڪري الله کي عرض ڪيائين:

الله اونـــي آڻـــئيـــن، جـــي نـــيـــاپـــا نِـيـــن
آءُ انـهـن جي آهـيـان، تـوڙي مـون نـہ مـڃيـن
مـس مـنـهـنـجـي هـٿ ۾ ڪـاغـذ ڪي آڻـيـن
لـڙڪ نـہ لـکـڻ ڏيـن، ڪـريـو پـون قـلـم تـي!

ڪـيـم مـهـاڙ مـلـيـر ڏي، مـٿي ڪـوٽ چـڙهـي
نـت نـمـاري ڏيـهـہ ڏي، ڳـوڙهـا پـيـم ڳـڙي
نِڳي ڳُـوڪ قـلـب مـان، مـنـجـهـان روح رڙي
ويـڙهـيـڇـن وري، ڪـر نـہ لـڌي ڪـڌهـيـن.

چا تہ هن مارئيءَ جي من ۾ وطن جي حُب هئي، شاهہ صاحب هن مارئيءَ جي سر ۾ بلڪل وطن جي محبت جا باب کوليا آهن.

"وطـن ريءَ ويـهـي، جـي مـون گـهـاريـا ڏيـنـهـڙا
مـــارو ڏيـــنـــدم مـــيـــهـــڻـــا، ڏاڏاڻـــا ڏيـــهـــي
پـکـن ۾ پـيـهـي، مـحـلـن جـي مَـر لاهـيـان."

اڙي اهو ڏينهن ڪهڙو ايندو جو آءُ وطن ويندس ۽ پنهنجي پکن ۽ جهوپڙين ۾ وڃي هنن ڪوٽن ۽ محلاتن جي مل لاهيندس: "واجهائي وطن کي ساري ڏيان ساهہ"

"سندي جا ساٿيهہ، کِهہَ ڪٿوري پانيان"

ٿورن ڏينهن بعد عمر مارئيءَ کي وري ڏسڻ آيو، پر ڇا اچي ڏسي تہ مارئي بلڪل سڪي ويئي آهي. مارئي جا وار جي ههڙا موهيندڙ هئا، سي

آير پيير = اڇڻ وارو ۽ پيري ڪرڻ وارو، سنيال ڪرڻ وارو. ڪتابتون = چنيون، خط

بلڪل ميرا ٿي ويا آهن!

مينڊيا ڏوءِ نہ مارئي، پيس پنوهاريون چِتِ
راڄ رئاڙي هنجون هاري، هيءَ هُتيجي هِت
آهِس پائر پار جو، ڪجڻ ۽ ڪپت
وِينگس ويڙهيچن رِي، مس سڙِ ڪامت

مينڊيا ڏوءِ نہ مارئي، آهس مَنِ ملير
ڪِڏي تہ ڪاڻ لهي، هتان هيءَ حمير
ڪائر پين ڪير، جي امانت ات وڃي.

مينڊيا ڏوءِ نہ مارئي، ٿيس ڪڙلون ڳاهہ
ڪين ڪٽنديس ڪوٽ ۾، پانئر ري پاهہ
سرتيون ڏيان ساهہ جيڪر ملان مارئين

محلين ماندي مارئي، ڏنيم منهن مَلوَر
اٽيا سٽيا نہ ڪري، سونهن وڃايس سور
پيس لوهہ لطيف چئي، لٿيس ڪوڏ ڪپور
چت جن جا چُور سي مڪي مرڪ نہ ڪنديون.

ڇا مارئيءَ جي سونهن هئي، پر هينئر ڪهڙو حال ٿيس! لال ڪپل ڳل، سي سڪي ويس. عمر چيس تہ اي مارئي! تنهنجو ڪهڙو حال ٿيو آهي! ڪهڙي نہ تنهنجي بدن جي سونهن هئي! ڪهڙي درد تنهنجي سونهن کي سڪائي ڇڏيو آهي؟

اي سومرا، هڪڙي تہ منهنجي سونهن انهيءَ ڪري وئي آهي جو

مينڊيا = وار. چت = چت ۾، ياد. پائر. پائنر = ٿر ۾ هڪ مڪان. ڪجڻ ۽ ڪپت = خفو ۽ رنج. وينگس = سهٽي چوڪري. ڪڙلون = پيٽ جو. ڳاهہ = (ڳهڻ مان) بيماري، ڦت.
اٽيا = اٽيا وار. لوهہ = لوهہ جا زنجير. ڪوڏ = خوشي. ڪپور = ڪافور. سرهاڻيون.
ڏونگها = طعنا، مهٽا عيب. ڇيڙهہ = گندگي، مٽي. ڇيون = سنهڙيون جون. ساڏويون = چار جي قسم جا وڻ.

تو مونکي هن بند ۾ ڪري هنيو آهي ۽ هوڏانهن منهنجي ڳوٺ ۾ منهنجا ماروئڙا ۽ ماروئڙيون مونکي ڏونگھا ڏوراپا پيهيون ڏين، تہ مارئي پاٺهي دل ڪري عمر سان پڇي ويئي:

"سونهن وڇايم سومرا، مارو مس مڃين
ڏونگھا ڏاڏي پوٽئين، ڪن ڏنا ڪي ڏين."

اڙي افسوس! منهنجون ساهيڙيون ماروئڙيون هيئن ٿيون مون کي ڏوهي سمجھن:

"مون سين ماروئڙيون، ڪهڙي ريت رسنديون
چونديءَ ۾ چيڙهہ پيو پيئن رت جيون
نيڻن ننڊ وهہ ٿي، ساري ساڏويون
هِتي جي هيون، تہ سڏيون پون سيل جون"

اهي ڳالهيون ڪندي مارئيءَ جي اکين مان آب اجهل وهڻ لڳو: "اکيون نڪ آريج ري ٿمايم ٿيئي." عمر تڏهين چوڻ لڳس "اي مارئي، يلا منهن تہ کٽي ڏوءُ، تنهنجو منهن ميرو ٿي ويو آهي" تڏهين ٿي مارئي چويس:

سونهن وڃايم سومرا، سکر جهڙي سونهن
دل ۾ دُکي دونهن، منهنجو منهن ميرو ڪيو

سونهن وڃايم سومرا، عمر ٿيس اَسير.

سونهن وڃايم سومرا، ڪونئين اڃي ڪالھہ
کين پسنديس پال، حسن مون هِت ويو.

اي سومرا، منهنجي دل ۾ جو دک جو دونهون آهي، تنهن منهنجو منهن ميرو ڪري ڇڏيو آهي، مون اندر ناهہ آرام:

اريج = ريگستان. سکر جهڙي = عمدي قسم جي. اسير = قيدي پال = پلايون، مهربانيون، مروتون. ڏوراٿن = محلاتن، بنگلن. ولهہ = ڪليل هوا، سردي، ٿڌ.

"منهن منهنجو سومرا، مر ميروئي هوءِ
متان مارو چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراڻن ۾"

عمر تنهن تي چيس پلا مارئي، هھڙا سيءَ پيا پون، تون ڪو اوچڻ تہ متان وجھ جو سيءَ لهي وڃيئي. الائي ڪيئن رڳو پنهنجي ڪتي تي متان وجهين ۽ نہ ڪجھ ٻيو! سيءُ ۾ من هيءَ سوڙ ڪٽي وجهين. تڏهين تي مارئي چوي تہ منهنجو ور ڏکن جا سيءَ پيو سهي، آءُ ڪيئن تنهنجون سوڙيون وجهان؟

آءُ ڪيئن سوڙئين سُمهان، مون وَر گهاري ولهہ
ڪتيڙيءَ تان ڪل، عمر ڪج م اهڙي.

آءُ ڪيئن سوَڙئين سمهان، مون وَر گهاري سيج
وَر اباڻن سين اچ، ڪِهہ شربت تنهنجو سومرا.

عمر ڪي مارئيءَ جو ستر ۽ عمدو پريم ڏسي حيرت لڳي، سو ڪائنس پڇي ٿو تہ ڙي مارئي، تو ماروءَ ۾ ڏٺو ڇا آهي؟ غريب ڳوناٺا، جن جا ميرا منهن، جن ۾ ڪجھ بہ نہ آهي سونهن. تون هي حيرت جا خزانا ۽ موجون ڇڏي ويئي پاڻ انهن لاءِ ڳارين! تڏهين ئي مارئي عمر کي چوي:
"ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو، ڪتيڙو ئي خوب
ميروئي محبوب، اسان مارو من ۾."

اي عمر، منهنجو ڪيت سين توکي ٿو ميرو ڏسڻ ۾ اچي، پر منهنجو تہ محبوب آهي. اسين ماروئڙيون دل لڳائي، پوءِ ڪونہ بيوفا ٿينديون آهيون. ائين نہ سمجھ تہ ڪو مون ٿلهيءَ سٽيءَ سان نينهن ماروءَ جي دل سان سبيو آهي، منهنجو نينهن سنهيءَ سٽيءَ سان سنهو سبيل آهي:
سنهيءَ سٽيءَ سبيو مون ماروءَ سين ساھ
ويني ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاھ

ماھ = ماس. قالب = بدن. ڪڻ = سيبو. ٽوپو. حِلم = صبر. تحمل.

هِنئون منهنجو هُت ٿيو هِت مٿي ۽ ماهه
پکن منجهه پساهه قالب آهي ڪوٽ ۾.

سنهيءَ سئيءَ سبيو مون ماروءَ سين من
هٽي ڪَرِ حِلم جا، تَه وڏائون ٿَنُ.

اي عمر مونکي پنهنجو جهنگل سؤ دفعا ٿو تنهنجي عمر ڪوٽ کان وڻي. مونکي پنهنجا ڇيڙ ۽ پسيون تنهنجي پُلاون کان وڌيڪ پسند آهن، مونکي پنهنجي لوئي تنهنجي پٽ پٽيهرن کان وڌيڪ ٿي وڻي. اسين مارو ڪمڙا بہ غريب آهيون، تنهنجي نظر ۾ ڪمڙا ننگا آهيون، تہ بہ اسين پنهنجي غريبيءَ کي وڏي ملڪيت ٿا ڀانيون:

ننگا آهيون نڪتا، اسين مارو لوڪ
ٿرڪي ڀانيون ٿوڪ، جو ڏک ڏاتيڙن جي.

ڪوءِ آسون عمرڪوٽ جون، وَرُ جهنگل ۾ جهوپي
جو اباڻن اڏيو ڳٽن سين ڳوپي
ويندس ويڙهيچن ڏي، لوهه ڀجي لوپي
ڇيڙ آءٌ ڇُوپي، سڪ لاهيندس سومرا.

آءٌ ڪيئن ڇڏيان سومرا، تن پنوهارن پچار
جڙ جنهين جي جان ۾، لڳي ريءَ لهار
ميخون محبت سنديون، هينئڙي منجهه هزار

نڪتا = نڪتا، نياڳا. ٿوڪ = چڱي شيءِ. جهوپي = جهوپڙي ۾. ڳوپي = مضبوط ڪري. لُوپي = موڙي. پيالا = نڪر جا پيالا يا چمنيون. وٽو = پتل يا ڪٽ جو ڪٽورو. سنگهرين = زنجيرن ۾.

پـڪـا ۾ پـنـوهـار ڏنـي مـون ڏيـنـهـن ٿـيـا.

عمر آنـدي مـارئـي، مـنـجـهـان جـهـنـگ جـهـتـي
هـيءَ پـيـاڪ پـيـالـن جـي، واقـف نـاهـہ وٿـي
جا ملڪ مـاروءَ چـار، سا ڪـيـئـن هِـت ڪـتـي
جهوپا جـهـانـگـيـئـڙن جا، مـاڙيءَ ڪـيـن مـٿـي
سومرا سٿي، تنهـن سـتـيءَ وجـه م سـنـگـهـريـن.

عمر ڪيترائي دليل هلايا، پر ڪٿو ڪونہ پاڻ وجي وري محلات ۾ رهيو ۽ مارئي ماڙيءَ منجهہ ساڳيءَ حالت ۾ رهي پيئي واجهائي تہ ڪٿي ڪو ڳوٺ جو پيغام اچي. ماڙيءَ تي دريءَ منجهان اکيون وجهيو ويٺي نهاريندي هئي تہ من ڪو نياپو سنيهو اوٺي آڻي.

اوٺيءَ جو پيغام

انهيءَ وقت ماروئڙن کي بہ خبرون رسي ويون هيون ۽ پڪ ٿي هين تہ مارئي پاڻيهي عمر سان ڪانہ ويئي آهي، پر زوريءَ کڄي ويئي آهي ۽ هينئر پڻ ستر ۾ ويٺي گوندر منجهہ گذاري. ماروئڙن کي بلڪل گهڻو ڏک ٿيو ۽ مارئي جي دلدار کيت سين جو بہ سک ڦٽي پيو تہ ڪٿي آءُ مارئي کي عمر جي بند مان ڇڏيايان. تنهن حال في الحال اٺ تي چاڙهي هڪ پيغاميءَ کي موڪليو نہ قاصد. تون وڃي پيغام مارئيءَ کي پهچاءِ تہ مارئي، تون دک منجهہ تہ گهار تنهنجو مڙيوئي ڪو اسين ٻلو ڪنداسون. ڪنهن نموني اهو پيغام مارئيءَ کي اچي پهتو:

اتـــان اوٺـــي آئـــيـــو، خـــبـــر ايءِ ڪـــري
وســـارج م وَر ڪـــي، پـــئـــج م مـــنـــڌ مـــري
ويـنـديـنءَ اُت وري، ڪـو ڏيـنـهـن آهـئـيـن ڪـوٽ ۾.

ڪري = پوري، سچي. ڪامڻ = سهٽي نينگر. آڌ = آد ڪان، اصل ڪان.

ڪو ڏينهن آهئين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ ۾ لاهه
ڪامڻ آنهنجي، ڪرجي، ايءَ آڏ وڏائي آهه

مارئيءَ پيغاميءَ کان پڇيو ته ڪر خبر اي پانڌي، پلي آئين، نِچ آئين! اي منهنجي وطن جو نياپو آڻيندڙ آءَ توتان گهوري وڃان!

"آءُ ته اڪئين اگهان، جي پائر ڍِنئي پير"

ادا، مونکي سڻاءِ ته منهنجون سرتيون ڪيئن هيون، منهنجو مارو ڪيئن هو، منهنجا ماروئڙا ڪيئن ها ۽ منهنجي ملير ڪيئن هئي؟ اڙي پانڌي، منهنجي چت ۾ جيئن تيون ساهيڙين جون يادگيريون پون، تيئن تا منهنجي بدن ۾ قيد جا ڪمڪاءَ پون ۽ پوءِ مونکي سپ زنجير ۽ بند تا معلوم ٿين:

"ساڏوهيون ۽ سرتيون، هينئين منجهه هرن،
هڪ لڳين لوه چرن، ٻي وجهل ويڙهيچن جي."

اي پانڌي پيغامي، مون کي سپ ڪجهه وسريو ويو اٿيئي، مونکي ڪاڻ پيئڻ به ياد ڪونهي. هاڻي تون وڃ، وڃي منهنجي ڳوٺيءَ محبوب کي نياپو ڏي ته مارئي اوهان بنا ماندي آهي. اي اوٺي، وڃ ۽ وڃي منهنجي ڳوٺين کي وني آءُ ۽ اچي مونکي هن قيد مان ڇڏاءِ:

اوٺي ڳوٺي آڻئين، ڪو هُتيجو هٿ هير
ته ڪنا جي ڪوٽن جا، ٿين سرها سير
آءُ ته اڪئين اگهان، جي پائر ڍِنئي پير
الله لڳ لطيف چوي، لاءِ مر تون آوير
ڪوٺئين گهاري ڪير،
محلين منجهي مون هينئون.

وجهل = (وجهلڻ مان) = ڪپت يا ڳٽتي. هير = هينئر. سير = رستا گهٽيون.

پانڌي پرينءَ پنوهار کي، چيم تيئن چئيج
سندا سنگت ڏينهڙا، وَر م وساريج
کوئين کني آهيان، سگهي سار لهيج.

پانڌي پرينءَ پنوهار سين، روئي ڪج رهاڻ
جيئن ٿر وڃون وٺيون، تيئن آءُ سورن ساڻ
ڪجا ڪا وراڻ، ڏکن ڏيل ڏهيون ڪيو.

پانڌي پرينءَ پنوهارن جا، جان تون وڃين وَس
ساري ڏيج سرتئين، سلامن سهس
آءُ اوهانجي آهيان، گولي مٿي گس
ويتي ڪريان وس، ايڏي اچڻ جا.

پانڌي چئج پرينءَ کي، زور هٽي جانا
پيڪڙا پيرن ۾، ڪرائين ڪانا
آن ري امانا، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

پانڌي پرينءَ پنوهار جا، نياپا ني کي
ساري ڏيج سرتئين، ياد پونئي جيکي
وليون وڻ ڦلاريا، ڪرڙ پڪا ڪيکي
سگر کيئن سرتيون، سيين جيئن سيکي
زيريون پڇي جيکي، ملان ماروئڙن کي.

پانڌيءَ اهي سڀ پيغام پاڻُ سان کنيا، مارئيءَ کي دلداريون ڏنيون ۽ ملير ڏانهن رمندو رهيو.

ڪجاهہ = ڪجانءِ. وراڻڌ = موٽ. ڏهيون = تندون، چنل ڏاڳا. وس = وسندڙ ملڪ، ملير. امانا = مان ڪانسواءِ، بي مانا. گهنگهر = دک ۾. کيئن = ڪائين. زيريون = زنجيريون.

وطن جي حُب

مارئي بہ مهاڙ ملير ڏي ڪري بيٺي هوندي هئي، پيئي من جا ڪانگ اڏائيندي هئي، پيئي ڪک پن کان پرينءَ جا پيغام پڇندي هئي. مينهوڳيءَ جا ڏينهن آيا تہ پاڻ وڏيڪ وجهلڻ لڳي. ڏسندي هئي تہ ڪڪر ٿا ملير ڏي وڃن تہ ڪڪرن سان ٻوليون ٻوليندي هئي، ڪنوڻ ڪنوندي هئي تہ پڻ ملير کي ياد ڪندي هئي. ملير کي دعائون بہ ڪندي هئي، پر جيئن مينهن ملير تي وسندو هو، تيئن هن جي اکين مان بہ يادگيريءَ ۾ آب وهندو هو:

انـن مـيـنـهـن گـهـٽـا، تـيـن تـوڪ مـلـيـر ۾
اکـيـون آب پـريـو انـهـيءَ ڪُـوڙِ ڪـٽـان
مـارن شـال مـڙان، ڪـونـيـون چـڏي ڪـڏهـيـن.

جـيـڪـي انـا مـيـنـهـن، مـونـهـان پـوءِ مـلـيـر ۾
ڪـالـهـہ سـچـو ئـي ڏيـنـهـن،
منهنجي اکڙين اُڪِيريو.

اڙي، هي وڄون منهنجي ملير تي وُٺيون، جتي منهنجو مارو آهي!
شال ڪو پانڌي وري اچي تہ ڪائنس خبرون وٺان:
" آيو ڪير ڏيهان، جنهن ڪر پڇان خبرون؟
وڄـون ان وران، رات مـاروءَ تـي وٺـيـون!"

مطلب تہ وڄڙين سان ڏاڍا ٻول ٻوليا اٿس:
تـنـهـن ڪـنـوڙ تـي ڪـنـواءِ، جـا ڏس ڏاڏاٽـن جـي
سـاريـو سـانـبـيـڙن ڪـي، رويـو رات وهـانءِ.

انن = وسن. توڪ = چڱيون شيون. ڪُوڙِ = طرف پاسو ڪنڊ. وران = طرف کان، وٽان. ڪنواءِ = ڪنوي ڏس = طرف. سانبيڙن = سنڀاليندڙ مائٽ، وارث.وهان هيئن = وهامي.

جت پنگا پٽون، پيٽيون
تنهن کنوڻ ٿيون کنوَن
پائر سپ پسايو، وسي وڄڙين
ماروءَ ري مر مرن، الله آسائتيون.

جت پنگا، پيٽيون، تنهن کنوڻ ٿي کنواءِ
سا وڄ پسيو ونڊران،
مون رئندي رات وهاءِ
سِپليٽن سهاءِ، مارو جو مليرجو.

پهري کيا پٽن ۾، وڄڙين واڌاڻا
سور انجا سومرا، مونکي اندر اُڌاڻا
اُني وئڙا اُکري، عمر اباڻا
ٻکر ٻاٻاڻا، پسان شال پر کنهين.

وڄڙين ويس کيا، مٿي آئي مند
اکيون اباڻن ڏي، بس نہ کرين ٻُند
هيئن نہ ٿيس هُند، جي کر لڏائون کڏهين.

ٿورا ڏينهن گذريا تہ عمر کي بہ معلوم ٿيو تہ کو مڙيوئي نياپو سنيهو مارئيءَ کي پهتو آهي، سو وٽس وري آيو. ڏسي مارئي تہ ساڳيءَ حالت ۾ آهي، نہ کلي نہ کائي، پر پئي گوندر منجهہ گذاري. عمر ڏٺو تہ پٽ تي پيئي آهي ۽ وار ٻہ اڳي وانگر ميرا اٿس. اڳي جا کٽي لوئي کلهن تي هيس، سابہ هينئر ليڙون ٿي ويئي اٿس. تنهن هوندي تہ ساڳي لوئي ڍکي ويٺي آهي ۽ هو جي محلات جون پٽن جون پوٽيون ۽ چادرون آهن. تنکي هٿ بہ نہ ٿِي لائي، گهٽي ۾ گهٽو سئي کنيو ويٺي سيبا ڏي. لوئي تہ ليڙون ٿي ويئي هيس،

پيٽيون = جايون، هنڌ، حدون. سيليٽن = سيل وارين. سهاءِ = سهائي، نمي. واڌاڻا = واڌايون، مبارڪون. اڌاڻا = اٿيا. ٻند = ٻوند. هند = هوند

پر ڪنجري، اندريون چولو بہ جو ڦاٽي ويو هوس، سو بہ سئيءَ سان ويٺي سبي ٽونگ پري، جي ٽونگ بہ ڪيترائي ٽي ويا هئا. پيئي چوي مالڪ ننگ رکجانءِ، لوئيءَ جي لَڄَ رکجانءِ

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٽيام
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪانہ ڪيام
جا ڍٽ ڍڪيام، تنهنجو پرور پن رهائين

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ
واسي وار نہ ويڙهيان، مر چڳون رهن چيڙ
ماروءَ جي مهاڙ ري، مونکي اندر نا اڪير
هڙو هال حمير، وني شال ويڙهہ وجان.

سهسين سيبا ڪنجري، ليڙن سين لوئي
مر نہ لاهيان منهن جي، پي ڏيڙن تان ڏوئي
جا ماروءَ ڏنيم سر تي، سا لاهيان ڪئن لوئي
عمر اگهوئي، مون من ماروئڙن ري.

سهسين سبيا ڪنجري، لوئي سين ليڙن
هڙو حال وني ڪري، وجان منجهہ ٽرن
مارو مان چون، تہ هتي اسانهين آسري

سِبي سيبا ڏئي، پوريءَ نينهن نہ ڪڇيو
ڪتيءَ وَٽيون ڪٽيون، ستي سيوي سي
مچڻ چونم ڪي، تہ لڄايئہ ٽر ڄائيون.

مارئي جيئن پنهنجي مؤ ۾ ويٺي اهي بيت ڏنا. تيئن عُمر ويٺي

ڪنجري = چولو. سيبا = ٽوپا. ڪتي = ڪتڻ جوڪم. ڍٽ = ٽر ۾ مڪان جو نالو. ٽر، پٽ. واسي = خوشبوءِ وجهي. مر = مل، متي. پي = پڙ. ڏيڙ = گودڙيون، رليون. مان = من.

پريان ٻڌا، تن عمر جي من تي نهايت اثر ڪيو. سندس دل پرجي آئي. سمجهيائين تہ هيءَ نينگر ڪا نسل واري سچي ستي آهي، سو دل ۾ پهريون دفعو خيال اٿس تہ ٻيلي هھڙي سيلوان ستيءَ کي بند ڪرڻ ۾ ڪو وڏو گناهہ ٿو ڪريان. سو اچي مارئيءَ وٽ سامهون ويٺو ۽ ڪائنس پڇيائين تہ مارئي، ٻڌو اٿم تہ تو وٽ ڪنهن اوٺيءَ توکي تنهنجن ماروئڙن جو ڪو پيغام پهچايو آهي. مارئيءَ چيس هائو عمر، مون وٽ اوٺي آيو ۽ اچي مونکي سنيها ڏنائين:

اڄ پڻ آنديون اوٺيين، ڪتابتون ڪي
ڳالهيون ڳوناڻن جون، سڻ تون عمر سي
موڪل مونکي، ساٿيهہ جي سيد چوي.

اُتان اوٺي آيو ڪهي مون وٽ ڪالهہ
لڱن تان لطيف چئي، لوئي لا م لال.

عمر پرينءَ جا پيغام آيا آهن تہ مارئي، ستر رکج، لوئيءَ جي لڄ رکج. پڻ ساهيڙين وٽان سنيها آيا اٿم:

"سي ساهيڙيون سارين تو سيل جنهين جو سچ
ماروءَ ري م مڇ، شيهو پائنج سون ڪي."

اي عمر، انهيءَ ڪري ويٺي هن لوئي پنهنجيءَ کي سيبا ڏيان ۽ مالڪ کي سوال ڪريان تہ هن پاروڙيءَ جو شل پرم رهجي اچي:

"پرم پاروڙيءَ رهي، جنهن ۾ اچي اُن
تہ پڻ ويني ونڌيان، توٽي پونس تن.
سرتين ساڻ سمن، آهيم ائين مينهڙين."

مڇڻ = متان. پوريءَ = پورڙيءَ يا سادي زال. ڪڇيو = لڪو ڏيو. ونيون = ڪنارون. سيوي = پوڄي.

عمر جي چڳ مڙسي

عمر جڏهين هي ڳالهيون مارئيءَ جون ٻڌيون، تڏهين سندس دل پرجي آئي ۽ بلڪل ڪنهن حيرت ۾ پيو تہ موليٰ ڪهڙي نہ هيءَ ڳوٺاڻي ستي سيلوان تو خلقي آهي، جنهن جي ست ۽ صبر مون کي حيران ڪري وڌو آهي. عمر ٿوتڏهين مارئي کي چوي تہ اي مارئي، مونکي وڏو عجب آهي تہ تو پنهنجي وطن ۾ چا ڏٺو آهي، توکي وطن وسري ئي نٿو. مارئيءَ ڏٺو تہ هن عمر جي دل هان پني آهي ان ڪري پاڻ اٿلو ئي وڌو جذبو سندس اندر ۾ پيدا ٿيو ۽ عمر کي چوڻ لڳي:

اي عمر، ڪهڙيون ٿو مونکان منهنجي وطن جي حب جون ڳالهيون پڇين. وطن جي حب منهنجي دل ۾ ديرو ڪيو آهي. آءُ توکي ائين ٿي چوان تہ اي عمر، مونکي پنهنجي ملير ۾ مارن وٽ پهچاءِ. پر پيلي جي ملير جيئري نہ پهچائين تہ پلائي ڪري منهنجو مڙهہ من ملير موڪلين:

"مران جي هن هنڌ، تہ نجاهہ ميت ملير ڏي"
واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهہ
بت منهنجو بند ۾، قيد م ڪريجا
پرڏيهان پرينءَ ري، ڏار مَ ڏاريجاهہ
ٿڌي مٿي ٿر جي، ولهيءَ وسائجا
پويون ٿئي پساهہ، تہ نجا مڙهہ ملير ڏي

واجهائي وطن کي، ساري ساهہ ڏيان
هي سر ساٺيهہ سامهون، منهنجو نج ميان
مقاميائي ماروئين، وجي ٿر ٿيان
ميائي جيان، جي وجي مڙهہ ملير ڏي

پاروڙي = اُن جو ڪپڙو ڪتي. ونڊيان = سبان. تن ٿونگ سمن انجام.
ڏريجاهہ = رکج. پورج. نجاهہ = موڪلج. مڙهہ = لاش. ولهي = سچي، مسڪين. گور= قبر.
ڳنڊير = گاهہ جو قسم جنهن ۾ ڳنڊيون گهٽيون ٿينديون آهن.

واجهائي وطن کي آءٌ جَي هِتِ مُياس،
گور منهنجو سومرا ڪج پنوهارن پاسُ،
مُيائي جِياسِ جي وِجَي مڙهہ مليرَ ڏي.

عمر هي درد جا آواز ٻڌي پاڻي تي ويو. پر آخرين هڪڙو ڀيرو مارئيءَ کي چيائين تہ اي مارئي آءٌ پڻ تنهنجي پريم جي دام ۾ ڦاسي ويو آهيان. اڙي مارئي، ڇو نہ مون سان قرب رکين، ڇونہ تون هي پٽ پٽيهر پائي منهنجي پٽ راڻي تي ويهين، تہ هوند آءٌ تنهنجو پريتم ٿي رهان! مارئي جنهن جي دل ۾ پڪي پريم جي چوٽ لڳل هئي، تنهن جو هينئڙو بہ ڦٽڻ لڳوءِ وڏي درد منجهان عمر کي چوڻ لڳي:

جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير
تيئن مون من مارُوئڙن سين.
سي ماروئڙا ٿَرِ ٿيا، ڳٽن جا گهير
تنهين ريءَ حمير، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

سي ٿاريلا ٿرن ۾، جي مان گهٽ گهري
وطن وس وسنديم هينئڙي نت هري
اندر چت چري، ورهہ ويڙهيچن جو.

ٿورا منجهہ ٿرن، مون سين ماروءَ جي ڪيا
عمر ان ڳٽن، آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان؟

ٿورا نہ ٿورا، مون ٿي ماروئڙا جا
پلائيءَ پيرا، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا؟

هڏ نہ پڙان هيڪڙي ٿوري ٿر جاين
مونکي ماروئڙن، ميري ڪري نہ مٽيو.

ڳٽن = ڳٽن. ڳهير = پريل. مان = منهنجو. گهٽ = دل، اندر. وس = مينهن

هڙي وطن جي حب ۾ هڙي محبوباڻي پريت ڏسي ڪير نہ حليم ٿيندو! عمر جي دل ۾ نرمائي پيدا ٿي ۽ هنجي دل ۾ مارئيءَ لاءِ سچو عشق آئيو جنهن ۾ ڪابہ خودي ڪانہ هئي ۽ مارئيءَ کي چيائين، اي مارئي! هاڻ منهنجي چڪ توتي ڪانہ آهي، تون ڀل ڳوٺ پنهنجي ماروئڙن وٽ وڃ مارئي، مونکي معاف ڪج. مون کي خبر ڪانہ هئي تہ تنهنجي دل ۾ ڪا ايڏي وفائي آهي. تنهنجي پريم کي شاباس هجي. مارئي، ٻڌاءِ تنهنجي دل ۾ ڪهڙي حب آهي جو تون ملير ملير ڪيو بي خود ٿيو وڃين. انهيءَ يادگيريءَ ۾ تنهنجي لوئي ليڙون ٿي ويئي، تنهنجو ڪنجرو ڦاٽي ويو پر تو نئون نہ پاتو. ڇا تو اِنهن پسين ۾ ڏونرن ۾ ڏٺو آهي؟ مارئي، مونکي بہ تہ اهو ڏس ڏس. مارئي عمر جا هي مٺا ۽ سهڻا لفظ ٻڌي نهايت سرهي ٿي. سندس دل شڪر سان ڀرپور ٿي ويئي ۽ ڏاڍيءَ سِڪ مان عمر کي پنهنجي وطن جي پيار جو پتو ڏنائين، چي عمر ٻڌ: ”منهنجو من واڳيو ويڙهيچن.“

”منهنجو من ۾ واڳيو ويڙهيچن“
پاهي پاڪي پٽري، پرينءَ سان پيان
پير نہ ڇڏيان پرينءَ جو جانسين ٿي جيان
ڪيرون ڪتيڙن کي، وڃي ڏيهہ ڏيان.

ان نہ متيان پٽ، آءٌ جا ڪرڙ ڪپور نہ متيان
پيرون چونڊيندس پرينءَ سين،
ڪانبو ڪانبي وٽ.

ڪوءِ سي طعام تين جا، ورسا ڏونرن ڏوئي
جهانگي جو جهنگن جو، سيڻ ڪميٽي تہ سوئي.

ٻڌ عمر بادشاهہ تون پاڻ داناءُ آهين، آءٌ ڳوٺاڻي آهيان، مونکي عقل ۽ مت ٿوري آهي، باقي مون تہ وطن جي حب ائين سمجهي آهي.

واڳيو= نوڙيءَ سان ٻڌو. پاهي = لسي، جهڻ. پاڪي = ڇٽِي. ڪيرون = واڌايون، مبارڪون. ڪانبو = جهولي.

وصال

عمر هي ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيو. مارئيءَ کي چيائين تہ تون منهنجي هاڻ ڀيڻ لڳين، آءٌ توکي هميشہ لاءِ ياد ڪندس. ڀيڻ، تون بہ عمر کي ياد ڪجانءِ. سو عمر ڇا ڪيو جو ڏاڍي ادب سان تياريون ڪيائين ۽ حفاظت ۾ شان سان مارئي کي ملير ڏياري موڪليائين ۽ ماروئڙن جون ڍلون بہ ملير ڏي معاف ڪري ڇڏيائين. مائٽنس کي جڏهين خبر پيئي تہ هيئن اسانجي مارو‎ئڙي موٽي آئي آهي ۽ ڪيئن پنهنجي سيل ۾ ست سان مارو‎ئڙن جو نالو بہ مٿي ڪيائين ۽ پڻ ملير ۾ اسان جون ڍلون بہ معاف ڪرايائين، سي ڏاڍا خوش ٿيا. مارئيءَ کي تہ سارو ملير ڀائيندو هو، سو هي ويچارا مارو‎ئڙا مڙيئي خوش ٿيا.

”لـٿـو لـوئـڙيـا ريـن، گـونـدر جـو غـلاف
مـيـڙا لاٿـا مـاروئـيـن، سـڀ اوڊيـائـون صـاف
مـلـير مڙوئـي مـعـاف، عـمـر اِن انـعـام ڪـيـو“

ڏاڍا خوشين جا مينهن گهر گهر ۾ وسي ويا!
”وٺـا مـيـنـهـن مـلـيـر ۾، سـڀ ڏيـهـہ سـوايـو
ٻـاجُـهـر ڀـڪـي ٻـاجـهـہ ٿـي، لـٿـو ڏولائـو.“

جهڙي هنن مارو‎ئڙن تي رب ڪريم مهر ڪئي، شال آخر سيني سان اهڙي مهر ٿئي.

”انـدر جـا انـدوهـہ، لـٿـا ڏک سـک ٿـيـا.“

لوئڙيارين = لويون پهريندڙ. گوندر= ڏک. غلاف = پوش، ڍڪ. سوايو = بهتر.

(3)

سسئِي ۽ پنهون

سنڌ جي برن ۽ ٿرن ۾، ڳوٺن ۽ شهرن ۾، ٻنين ۽ جهنگلن ۾، ڳوناٺن ۽ شهر وارن ۾، غريبن ۽ شاهوڪارن ۾، ننڍن ۽ وڏن ۾ سسئي پنهون جو نالو عام آهي. ننڍڙا ٻار مڪتبن ۾، سروندائي بزارين ۾، ڪافير ۽ ڳائٺا اوطاقن ۽ اوتارن ۾، اوني اٺن تي، ۽ هاري ٻنين ۾ سسئي ۽ پنهونءَ کي ياد ڪيو منيون لاتيون ٿا لَنون. واٽ ويندي ڏس تہ ڪن تي هٿ ڏيو پيا ڳوناٺا ڳائين:

او... جاني، پلو

سسئيءَ کي سورن جي، وڻ وڻ هيٺ ورونهن
واءَ وڃايس ڪپڙا، سڪ وڃايس سونهن
پلوڙي ميان... موتج چام پنهون،
تنهجي لڪن لوڏي آهيان.

شاهہ صاحب هن سسئيءَ جي سر ۾ بلڪل عشق جي اڪير ظاهر ڪئي آهي. سڄي شاهہ جي رسالي جي پنجين پتي سسئيءَ پنهون جي سڪ ۽ سور جي بيان ۾ آهي. پريا پنج سر هن بابت آهن. سسئيءَ آبري، ديسي، معذوري ڪوهياري ۽ حسيني، مڙيئي سسئيءَ پنهون جي وڇوڙي جا آهن. شاهہ صاحب آڪاٽي اڳين سسئيءَ پنهونءَ جي ٻالپڻ وغيره جي ڪانہ ڏني آهي.

پر گهڻو ڪري پنجن ئي سرن ۾ سندن وڇوڙو ڳايو آهي، جو ڪلام بلڪل گهائيندڙ آهي، ۽ بلڪل پڪي شاعراڻي ٻوليءَ ۾ آهي. جبل

ورونهن = وندر، خوشي.

۾ جهنگل جا بيان بلڪل زور وارا آهن. مون ڪوشش ڪري ٽڪر ٽڪر ڪري ڳنڍيا آهن. تہ پڙهڻ ۾ سولائي ٿيئي. البت هن سر ۾ اندرين روح رهاڻ بہ عجب واري ٿيل آهي. پر اهي ٽڪر مون آڪاٽيءَ ۾ ڪين مڙهيا آهن. اهي ٻئي ڪتاب ۾ سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏيندس.

سسئيءَ جو جنم

چون ٿا تہ سنڌ ۾ جڏهن راجا دلو راءِ جو راڄ هو، تڏهن هڪڙو براهمڻ هو جنهن جو نالو هو نائون. نائون ٻانيڻ ۽ سندس زال جي ڏاڍي دل هئي تہ ڪو اسان کي اولاد ٿئي. رکي رکي نائون ٻانيڻ جي زال کي حمل ٿيو. گرياڻيءَ کي ڏاڍي خوشي ٿي، سو اڳ ۾ ئي پينگهو ٺهرائي رکيائين، تہ ٻار چمندو تہ هندوري ۾ لوڏيندي سانس. ڏهين مهيني ٻار پيدا ٿيو جائي نياڻي، پر ماءُ ٻلهار پئي وڃي، چي ڀلي جائي سڪيلڏي شال سپاڳي سدوري ٿئيم. ٻانيڻ نائون کي پٽ کپندو هو. پر خير، تڏهن بہ خوش ٿيو تہ نيٺ بہ تہ سنتان ٿي. نائون ٻانيڻ ويلا پوري ورتي. ٻانيڻ جا خيال بلڪل پڪا هندڪا هئا، ۽ نجومت ۾ ويساهہ هوس. پاڻ بہ ڄڃي ڪيڏي ڄاڻندو هو سو ويهي گرهہ ويچاريائين. گرهن جو حساب ڪندي ڇا ڏسي تہ مار! ٻانيڻ جي هٿن مان ئي ڪجهہ ڪِري پيو ٻئي هٿ ڪٽي نصيب کي هنيائين! ڏس تہ مار هن نينگر جو نصيب تہ ڪو عجيب و غريب آهي. پر وڏو انڌير اهو لڳو پيو آهي جو هن نينگر جي شادي هڪ مسلمان سان ٿيڻي آهي. ٻانيائين تہ متان گرهہ ويچاريندي ڀليو هجان، سو آيو وڏي نجوميءَ وٽ ۽ ڇيائينس تہ پنڊت جي، ويلا تہ پوري ورتي اٿم. هاڻ اوهين ويچاري ڏسو تہ ڪهڙو ڪرم جو حساب ٿو نائونءَ کي ڏيڻو پوي؟ پنڊت وري جاچي ڏنو. انهيءَ بہ ايئن چيو تہ نائونءَ، ڳالهہ سچي آهي. هن نينگر جي نصيب ۾ سندس لاڻون مسلمان سان لکيل آهن. هن جي ٻانهن ۾ ٻيڙو مسلمان ٻڌندو. ٻانيڻ ويچاري جو هينئونَ هارجي ويو سو ڪنڌ هيٺ ڪندو آيو گهر. زالس پائيو هو تہ اڄ ڇنيءَ جو ڏينهن آهي. اڄ منهنجي گهر

۾ چانورن جا ديگڙا چڙهندا ۽ ڪنڍون ڪير خوب پيئبا. پر ڏڻائين تہ نائون ايندي ئي اونڌو منجو پائي اچي منهن ۾ ڪريو آهي. پڇائين تہ پتار ڪريو خبر، ڇا آهي! نائون اوچنگارون ڏئي چيو اڙي ٻائي ڪهڙيون تي ڳالهيون پڇين؟ ڏيءَ تہ سڪي ڄائي، پر ننڌوري جي نصيب ۾ هي داغ لڳل آهي. ٻانيڻ نائون جي پراڻي مٽي ۾ اهو ئي خيال نهايت هيبت جو هو تہ مون براهمڻ جي ڏيءُ وچي مسلمان سان پرڻجي! زال ڪي چيائين، اهڙو ٽڪو جي پاڻ سان ڪڻنداسون تہ ٻئي جهان وڃائينداسون، ۽ نرڪ ۾ ويندداسون. هاڻ ڇني ٻني ٿهي، ڪو ٻلو ڪر تہ هن نينگريءَ ڪان آجا ٿيون. مُنهنجي تہ مرضي آهي تہ پيتيءَ ۾ بند ڪري ڪٽي لوڙهي ڦٽو ڪريونس تہ وڃي ڪنهن نہ ڪنهن جي ور چڙهندي، نہ تہ بہ ڪتيس قسمت. مُورک ٻانيڻ ڪي اها ڪل ڪانہ پئي تہ جي هُونءَ گرهن ۽ نجومت جي اڳڪٿي ثابت نہ ٿي تہ هيئن ٿيندي! پر ڌرمي موورڪتائيءَ جا سنسڪار اهڙا ڳوڙها آهن، جو ٻانيڻ پنهنجي جند جي ٽڪري ڪي، پنهنجي آنڊي ڪي، موت جي منهن ۾ موڪلڻ ڪان ڪِينَ گٽو! ويچاري نائونءَ جي زال جو مڙس ڪي هيءَ ڳالهہ ڪندي ٻڌي، تنهن جون تہ وايون ئي واٽڙيون ٿي ويون ۽ مڙس ڪي چوڻ لڳي تہ هڪڙو ٻار مس مس پرميشور ڏنو اٿئون، تنهنکي ڪيئن آءُ پنهنجي جان ڪان جدا ڪريان! ههڙي ڇهن ڏينهن جي اپوم ڪي ڪيئن ٿو تون پاڻيءَ ۾ لوڙهڻ گهرين! ويچاريءَ جي اڪين مان آب ئي نہ بند ٿئي. پر ڌرم جو پرم اهڙي نِدورِي چيز آهي جيڪا نرم دل ڪي ڪنور ڪيو ڇڏي! سچو ڌرم دل ڪي نرم ۽ رحيم ٿو ڪري، پر ڪوڙو پرم بيهودا خيال ٿو قائم ڪري، ٻانيڻ نائون بچڙو ماڻهو ڪونہ هو پر پرم جو ٻڪ هو سو ان جي اڳيان سندس زال جو وس ڪِينَ هلي سگهيو. لاچار مسڪين ماءُ ڪي پنهنجي ٽڻن تان ٻار ڇناڻو پيو. نائونءَ چيس تہ پيتيءَ ۾ تون بند ڪرينس تہ آءُ درياهہ ۾ وجهي اچانس. ماءُ ويچاريءَ ڇا ڪيو جو ٻار جي ڪپڙن ۾ ڪي مٽيان بہ وجهي ڇڏيائين، ۽ مڙس ڪي چيائين تہ آءُ ڪيئن پنهنجن هٿن سان پنهنجي ٻار ڪي پيتيءَ ۾ بند ڪنديس. قصو ڪوتاهُ نائون پنهنجي هٿن سان پيتيءَ لوڙهي وڌي پاڻيءَ ۾. قادر جي قدرت سان پيتي لڙهندي لڙهندي اچي پنيور

جي شهر وٽ نڪتي! اهو ڀنڀور جو شهر چون ٿا تہ جهمپير ۽ جنگشاهيءَ جي وچ ۾ هو. اهو شهر چڱيرو هو. هن طرف نائون ٻانيڻ پنهنجو ٻار ڄاول ٻوڙيو تہ هن طرف ڀنڀور ۾ هڪ زال ۽ مڙس هئا، جي بہ ٻار لاءِ ڏاڍا ماندا هئا. ڪجھ وقت شادي ڪئي ٿيو هون. پر موليٰ کين اولاد ڪونہ ڏنو هو. محمد ڪتي ۽ سندس زال ٻئي ويچارا ٻار لاءِ آتا هئا. ڪتين کي چوندا هئا پرت، سو هي پرت ۽ سندس پرتياڻي، هڪ ڏينهن تڙ تي بيٺا هئا، ۽ ڪپڙا پئي ڪي ڌوتائون. پرت نظر ڪري تہ ڏسي تہ هڪ پيتي آهي، لڙهندي پئي اچي ۽ چولن جي ڇڪ ڪيس ڪناري تي پئي آڻي. محمد پاڻيءَ ۾ اندر گهڙي پيتي ڪڍي ٻاهر آيو. تڙ تي انهيءَ وقت زال ۽ مڙس جي ٻيو ماڻهو ڇيٽو ڪونہ هو. زال چيو مڙس کي تہ ڏس قادر ڪهڙي سوکڙي پاڻ وٽ موڪلي آهي! زال مڙس هئا سي ڪتي، پر چڱي سيرت وارا انسان هئا. هڪ ٻئي لاءِ نينهن بہ گهڻو هون. محمد چيو پنهنجي زال کي تہ اچ تہ پيتي کوليون ۽ ڏسون تہ منجهس ڇا آهي. ٿوري دير کان پوءِ پيتيءَ جو طاق کولياٺون ڇا اندر ڏسن! هڪڙو ننڍڙو ٻار پيو آهي، ڇا هن جي ننڍڙي سهڻي شڪل! پير جي آڱر وات ۾ اٿس سا وينو ڌاڻي! آگي جي قدرت عجب آهي. قصو آهي. تہ ٻرندڙ نهائينءَ ۾، ٻلي رکيائين ٻار، سو سڀاجهي ستار هن معصوم ڙيءَ کي بہ لهرن جي لوڏن مان ڪيڏي آڻي ڪناري تي ڦٽو ڪيو. ڪتياڻي ٻار کي ڏسي گد گد ٿي ويئي. جهٽ پٽ ڪڍي ڇاتيءَ سان لاءِ پئي چتيائينس ۽ چميائينس. ڏٺي رازق آهي، ان جي رحم سان سندس ٿڃن ۾ اچي کير پيو! ڪتي ۽ زال بہ ڏاڍا خوش ٿيا. ڏنائون تہ مٽيان بہ ٻار جي ڪپڙن ۾ پيا آهن. چيائون تہ رب سائين، رزق اسان کي بہ جهجهو ئي ڏنو هو. پر لک شڪرانا تنهنجا، جو اسان کي جي هونءَ نہ ٻار ڏِنُئِہ، تہ هِيئن تہ ڏي. ڪتياڻي ٻار ڪڍي آئي گهر. ڪي چون ٿا تہ نائون ٻار جي ڳچي ۾ چٺي بہ لکي وڌي هئي. هي ٻار براهمڻڪو آهي. ست سِيل مان ڄاول. فلاڻي سبب ڪري پاڻيءَ ۾ ٿو لوڙهيو وڃي. انهيءَ اميد سان تہ ڪنهن جي هٿ اچي تہ پالي وڏو ڪريس. ڪتي ۽ ڪتياڻيءَ کي بہ وڏيڪ خوشي ٿي، جو ڏنائون تہ ٻارحق جو آهي، موڪليو بہ اسان کي حق آهي. نالو رکيائونس سسئي. پلي ڄائي سسئي. پر

پلي سان ٻانپڻ ٻوڙي ۽ پلي سان پرت وٽ آئي نہ تہ ڪئين جيڪر شاهہ جهڙن شاعرن جون دليون ڦٽن ها، ۽ ڪئين جيڪر امر زبان ۾ ناپيد شعر ٺهي ها!

سو سائين سسئي اڄ ننڍي سيان وڏي، ڇا سندس صورت، ڇا سندس سيرت! مطلب تہ اصل ڪان ڄڻ ڪو هن ۾ شاهاڻي رهت جو ٻج هو. گرهن نياڳن ۾ ڄائي، پر قدرت انهيءَ نياڳ جي بدلي چنڊ جهڙو چهرو ۽ موهيندڙ من ڏنو هوس ۽ عقل خردمنديءَ جو حصو تہ جهڙو تهڙو ڪونہ بخشو هيائينس. سسئي جيئن وڏي، تئين ڀهڪڻ لڳي. ڪٿي بہ ڏکيو بکيو ڪونہ هو. سو چويس تہ سسئي، جيڪو ڪپئي گهر، جيئن وٽئي تئين ويهہ. سسئيءَ ۾ گهٽي ٿي ڳڻ هئا، ۽ قرب جو قطرو بہ دل ۾ تيز هوس. سو ساهيڙيون بہ وٽس جهجهون ايندڙيون هيون، جن سان پاڙ ۾ ويهي چرخي تي نينگريون ڪت ڪنديون هيون ماءُ جي هينئين جو هار هئي.

ڀنڀور جي شهر ۾ محمد ڪتيءَ جي گهٽي هلندي هئي ۽ پئسو بہ چڱو ئي گڏ ڪيو هيائين. جڏهين عمر ۾ وڏو ٿيو، تڏهن سندس ڪم سندس ڪامدار ۽ ٻيا ڪندا هئا. پاڻ ڀنڀور شهر ۾ جهڙو تهڙو پٽيل سمجهيو ويندو هو. ڀنڀور ۾ هڪ ننڍو حاڪم بہ هو جو محصول اڳاڙيندڙ هو. حاڪم نهايت رحم دل ۽ نرم دل انسان هو تنهن کي سسئيءَ جي سونهن ۽ لڇڻ ڏاڍا وڻندا هئا. محمد ڪتيءَ سان بہ رستو هوس. سو محمد ڪتي تي اهو ڪم ڪري رکيائين، تہ تون اڳتي ايندڙ ۽ ويندڙ سامان تي محصول اڳاڙج. ڪتيءَ کي سندس قابل ۽ لائق ڌيءَ بہ چڱي مدد ڏيندي هئي. مطلب تہ هيءَ نينگر ماڻتن جي مددگار هوندي هئي. بنا پڙدي گهمندي ڦرندي هئي، ساري ڀنڀور شهر ۾ سندس ڳڻن جو نالو هو.

ڄام پنهون

هيڏانهن ڀنڀور ۾ هن نينگريءَ جي حسن جي ڪماليت جي هاڪ هئي، تہ هوڏانهن ڪيچ مڪران ۾ آري ڄام هوتانيءَ جو پٽ پنهون جو بہ جواني جي ڦوهہ کي پهتو هو. تنهنجو نالو بہ چوگرد ڪيچ مڪران ۾ ۽ ٻاهر

وچي ويو هو. پڻهنس ڪيچ مڪران جو وڏو هو. ۽ پنهون سندس پيارو پٽ هو. پٽ ٻيا ٻي هيس، جن جا نالا. هوتو لعلو ۽ چنرو. ذات جا آري ٻاروچا ٻروچ هئا، جبل جا وينل هئا. ڪوئٽيءَ جي اولهه ڪوهستان جو ملڪ مشهور آهي. مڪراني ماڻهو به انهيءَ ڪوهستان جي پرئين پاسي کان آيل آهن. انهيءَ ڪوهستان جي لاڳو پين جابلو ماڻهن جي پڻ رهڻ جا مڪان آهن، ۽ نيٺ اهو ملڪ وڃي ايشيا جي ملڪن سان لڳي، جتي پٺاڻ ۽ ترڪ وغيره رهن ٿا. ڪيچ مڪران ۽ ڀنڀور جي وچ ۾ ڪوهستان جا جبل هئا جي اڃان به آهن. انهن جبلن مان ٿن جا نالا شاهه صاحب ڏنا آهن وندر، وٽڪار ۽ هاڙهو. ٻاروچا قافلا انهن جا وٽي واپار لاءِ ايندا هئا، ۽ سندس ملڪ به سنڌ جو ملڪ ڪري ليکبو هو ۽ اڃان به ائين آهي. پنهون انهن ٻاروچن ۾ پيدا ٿيو. وٽڪار جو جبل ڪيچ جي لاڳو هو. تنهن ڪري ان ملڪ کي وٽڪار جو ملڪ چوندا هئا.

شاهه ٿو چوي ته "جڏهين ڄام پنهون ڄائو. تڏهين ٿي وس وٽڪار." هي پنهون اڄ ننڍو سيان وڏو. جڏهين جوان ٿيو تڏهين ماڻهو مٿس قربان ويندا هئا. "ٻاروچا ٻيا گهڻا پنهون سر سين." پنهون جي هلت چلت به بلڪل پاڪ هوندي هئي: "پنهون پاڪ پرش." اهڙي جوان ۽ پاڪ پرش جي هاڪ ڀنڀور ۾ اچي پهتي. قافلن سان جيڪي ماڻهو ايندا هئا، سي جڏهن محصول اچي ڀنڀور ۾ ڀريندا هئا، تڏهن پنهون جون ڳالهيون ياد ڪندا هئا، ته پنهون اسان جو ههڙو آهي. سسئي، جا پيءُ سان گڏ محصول جي جاءِ تي رهندي هئي، تنهن جي ڪنن کي به اهڙيون ڪهاڻيون پنهونءَ جي ڳڻن جون پهچنديون هيون. شايد نجومي ٻانڀڻ جا گرهه ۽ تارا جاچيا هئا. سي گرهه تارا پنهنجا اندريان اهڃاڻ ۽ پيغام پنهونءَ وٽان سسئيءَ کي پهچائڻ لڳا. سسئيءَ کي پنهونءَ بابت ڪهاڻيون ٻڌي دل ۾ چرپر پيدا ٿي، تان جو آخر پنهون جي نالي تي موهت ٿي پئي. "ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيوا" پر رکيائين دل جي دل ۾. راند به قسمت جي اڃان مس ٿي شروع ٿي.

ڪيچ ۾ قحط

هڪ دفعي ڪيچ مڪران ۾ اچي ڏڪر پيو. سو پنهونءَ جي پيءُ آري ڄام قافلو موڪليو تہ ٺٽي جي پاسي کان اَن ڳنهي اچو. قافلو آيو سو ان وٽي موٽيو. واٽ تي ٺٽي ڀنڀور ۾ محصول پرٽو پيين. سسئيءَ جو پيءُ ڪنهن ڪم تي ويو هو. هونءَ بہ اهو ڪم سسئيءَ تي ڇڏيل هو. ۽ سسئيءَ ان ڪاروبار جي مکياڻي هئي. سسئيءَ پڇايو تہ ايترو ان ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ جواب مليو تہ وڃي ٿو ڪيچ مڪران. سسئي چيو تہ ايترو ان آءُ ملڪ مان وڃڻ ڪِينَ ڏينديس، ڇو تہ ائين تہ اسان جي ملڪ ۾ خود اچي ڏڪار پوندو. سسئيءَ بہ ڪا اندر ۾ چڱي سٽي هئي! پڇاياڻين تہ اوهين ڪهڙي راجا جي رعيت آهيو. جواب مليو تہ پنهونءَ جي پيءُ آريءَ ڄام جا ماڻهو آهيون. حڪم سسئيءَ ڪيو تہ خبر ناهي ڳالهہ ڪيئين آهي، ڳل ڪانہ آهي تہ ان توهين ايڏانهن ٽا ڪٽي وڃو يا ٻي هنڌ. سو اوهان کي وقت محدود حصو ان جو ڪٽي وڃڻ جي موڪل ڏجي ٿي. پر جي آري ڄام ڪو هتيڪو ماڻهن پنهنجو پٽ وغيره موڪلي تہ ڪا اسان کي بہ پڪ ٿئي تہ برابر ان ڪيچ مڪران لاءِ ڏڪار جي وقت واسطي گهربل آهي.

قافلي جو مهندار ان وقت هو ٻاٻل. ٻاٻل اهو نياپو وٺي، اَن بہ ٿورو اُنن تي چاڙهي آيو آريءَ ڄام وٽ. آريءَ چيو خبرون ڪريو. ٻاٻل چيو قبلا، خبرون اهي آهن جو ان وٺي ٿي آياسون. واٽ تي ڀنڀور ۾ محصول ڏيڻ مهل موڪل سموري ان ڪٽي اچڻ جي نہ ملي. ڪاروبار ٿي آهي سهڻي سسئيءَ جي هٿ ۾، جنهن کي ڀنڀور جي ڏٽيءَ پٽريلي ڪري ٿو پالي، سو ڄام جو خير هجي، پنهون پاڻ هلي ڪو موڪل وٺي تہ پلو پلو نہ تہ ان ڪونہ ملندو. آري ڄام ۽ سندس ڪٽنب جو سمورو ساهہ هو پنهل ۾. پر آخر ملڪ جي فائدي جو خيال ڪري پنهونءَ کي ٻاٻل سان موڪليائون. سو پنهون ڏاڍا اٺ سينگاري تجمل ۽ شان سان قافلو وٺي نڪتو ۽ انهن تي ڀنڀور جي ڏٽيءَ لاءِ ڪي سوکڙيون بہ هيون، ٻيا مال بہ هئا، جن جي بدلي ٻيو ان بہ وٺڻو

هون:

”ڪيچان آيو قافلو متين مين مال.“

انهيءَ قافلي جو سرواڻ پنهون پاڻ هو:

”ڪيچان آيو قافلو ساٿ ڏٺي سرواڻ“

ان ڪي مٺيا ڪٺي پاتا هئائون:

”اُن ڪي ناڪيليون نڪن ۾، ڏهريون دليلا.“

”جُهوڙا جن جهلن ۾، هيري لک هزار.“

ان جي ڳيچين ڪي سهرن سان ڪٺي سينگاريو هئائون:

”تڙيارا توڏن ڪي، ڳچيءَ سونهن موڙ.“

قافلو وٺي پنهون هليو پنيور ڏانهن. هُرڪُر برابر دل ۾ هيس تہ هيءَ کهڙي نينگري سسئي آهي، جا ايڏي، عقل، سونهن ۽ دليريءَ واري آهي. سو من ۾ اچي ويچار ڪندو قافلو وٺندو آيو. هوڏانهن سسئيءَ کي بہ معلوم ٿيو تہ پنهون آيو. ڪي آيو تنهنجي دل پئي تپا ڏئي تہ ڏسان تہ اهو پنهون کهڙو آهي جنهن جي نالو هر ڪنهن مسافر جي وات ۾ آهي. انهيءَ ديدار لاءِ سموري اتڪل پکيڙي هيائين ۽ ٻاٻل جا اٺ جهليا هيائين! چانڊوڪي رات هئي. قافلو بہ اچي پنيور جي ٻاهر لٿو. سسئي پئي خوش ٿئي تہ اج رات موچاري، اج رات سياڳي! پئي پانئي هينئر ئي وڃي پنهو جي شڪل ڏسان!

”ڪيچان آيو قافلو رات موچاريءَ رو.
بوتي ۽ بلوچ جي، رڙهي پسان روءِ.“

رات جو وقت گذريو ۽ صبح ٿيو تہ پنهل ٻاٻل سان گڏ محصول جي جاءِ تي آيو. سسئيءَ پنهونءَ کي ڏٺو ۽ پنهونءَ سسئيءَ کي ڏٺو. سسئي جي اکين پنهونءَ جي دل کي جهٽيو ۽ پنهونءَ جي اکين سسئيءَ جي قلب

بلوچ = ٻروچ = نهون. بوتو = اُٺ. رُوءِ = شڪل

مين = اُٺن. سرواڻ = ساربان. اُٺ هڪليندڙ =....... دهريون = ٻٽيون. مظبوط دليلا = نوڙيون، رسا. جُهوڙا = ڦندڻ. تڙيارا = ٽوٽر جي اُٺن ڪي مٿي ۾ ڪنن جي ٻنهي پاسن کي ٻڌندا آهن. توڏن = اُٺن. موڙ = جهاٻا، ڳانا، ٽوٽر، سهرا.

ڪي قابو ڪيو. قسمت جي ڳنڍ هينئر پڪي ٻڌي. گرهن ۽ تارن راند گرم هلائي! پنهونءَ ڪي گهر ٽڙ، آرياڻي ۽ اباڻا مڪان ئي وسري ويا. ڀنڀور جي حاڪم جو هٿ سسئيءَ ۽ سندس پيءُ تي هو. تنهن ڇا ڪيو جو هڪڙو چڱو مڪان نهرائي، ٻنهي کي پرڻائي ڪٺي ڏنائين. پنهون سسئيءَ ۾ مست ۽ سسئي پنهونءَ ۾ المست. البت ٻاٻل کي قافلن تہ ڪيترن بہ وٺي وڃڻ جي رخصت ملي، ۽ محصول بہ مڙيو ئي معاف ٿيس، پر ٻاٻل ويچاري کي اچي ٻُڏتي لڳي تہ پنهونءَ کان سواءِ ڪيئن موٽي ويندس. سو آيو پنهون وٽ ۽ چيائينس تہ سردار، هلو تہ هلون ڪيچ مڪران ڏي، پر پنهون چوي تہ اسان جي نصيب جا خيما هينئر ڀنڀور ۾ کپي ويا. وڃ وڃي ادن کي ياڪر پائج ۽ ابي جي قدمن تي هٿ رکج. ۽ ڇئجان پنهون هت ڀنڀور ۾ آهي. ٻاٻل ويچاري ڪيترو ئي ٻوليو پر پنهون ڇا سان ٻڌي! ٻاٻل اُٺ وٺي، منهن ۾ ملول تي آيو ڪيچ مڪران، اچي ڄام هوتانيءَ کي سارو قصو سڻايائين. سڄي ڪٽنب ۾ روڄ مچي ويو. هَئہ هَئہ! پنهون موٽيو ڪين ڪي.

پنهل مست

ڄام جو ساهہ هو پنهونءَ ۾، تنهن ڪيترا ئي قاصد پنهونءَ ڏي موڪليا. پر پنهونءَ جو نشو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. پنهون ۽ سسئي هڪ ٻئي جي جان ۾ گهڙي ويا. پنهل وصال جي آرام ۾ گذاريو. سسئيءَ جون ساهيڙيون ايندڀون هيون. سي بہ پنهل تان قربان وينديون هيون. پنهل بہ بعضي ساڻن گڏجي، جيئن هو پرناٽيون ڪپڙا ڌوئيندو هيون. تيئن وڃي ڪين مدد ڪندو هو سسئي پنهون جون هي دل جهپندڙ ڳالهيون ڏسي پئي عجب ۾ پوندي هئي. چي:

"مون ڪميٽي لاءِ پنهون تو پرت تئي."

هڪ دفعي ڪيچ مڪران مان ڪو قاصد آيو تنهن بہ اهو حال ڏٺو تہ پنهون هيئين عشق جي مَوَ ۾ مست تي وينو ڪپڙا ڌوئي:

پرت = ڌوبي. پاروچو = ڪپڙو. ايءِ = هي ڪم. پهس = تڪڙو تڪڙو. بجاڙئين = سٺين.

"گـڏيـو ڏوٻـيـن ڏوءِ پـنـهـون ٻـاروچـو هـٿ ۾
اتـي آريءَ ڄـام جـو، قـاصـد آيـس ڪـوءِ!"

قاصد آيو پنهون وٽ ۽ پڙس جو پيغام ڏنائينس، چيائينس ته ڄام ڏوچوي ته اي عمده پٽ، تو کي ائين نه جڳاءِ، جو تون مائٽن کي ڇڏي هيئن ويٺو لٽا ڏوئين:

"ايءَ ڪامل ڪم نه سندوءِ جيئن پهس پڇاڙين پوٽين."

اي پٽ، هاڻي ڪيچ هليو اچ مڪران ۾. پر پنهون پرت ڏوٻي پارچو ڪپڙو ايءِ هي ڪم بهس تڪڙو تڪڙو پڇاڙئين سٽين. اهڙي مستيءَ ۾ هو جا لهڻ جي ڪين هئي،

تنهن ڳلتا ٻڌي قاصد کي پيءُ ڏي پيار ۽ نياز موڪلي روانو ڪيو. جڏهين هي حقيقتون مڙيئي ڪيچ مڪران ۾ پهتيون. تڏهين آرِي ڄام کي بلڪل غصو آيو ۽ پڻ سندس ڀين پٽن هوتي، لعلي ۽ چنري کي خار لڳي ويا ته هيءَ ڪهڙي ندوري سسئي پيدا ٿي ۽ هي ڪهڙو نياڳو شهر ڀنڀور ٿيو جنهن اسان جو ڪونڌر جوان قابو ڪري رکيو آهي. سو ٻروچن ويهي سٿون سٿيون ۽ رٿون رٿيون. پائرن ڇا ڪيو جو هڪ قافلو ٺاهي، پنهنجا نوڪر ساٿي ۽ پنهجا بلوچ پاٿر وني، مهري اٺن تي نڪتا ڀنڀور لاءِ ۽ مسافري ڪندا اچي ڀنڀور ۾ پهتا. پنهونءَ کي چوائي موڪليائون ته اسين تو کي ملڻ لاءِ آيا آهيون.

ڏکيا ڏير

سسئيءَ کي خبر پئي ته منهنجا ڏير مون وٽ مِزمان ٿِي آيا آهن. تنهن اتي مهمانيءَ جي تياري ڪئي. "ڀنڀور ۾ مِزمانن ٻه مهري آڻي جهوڪيا." سسئيءَ ويچاريءَ ڀانيو ته هي مهمان "جيڪس پهر پنهون جي آهن سا بلڪل خوش ٿي. پنهون جوان خوبصورت هيو هي بلوچ ڳاڙها هٺا

جهوڪيا = جهڪايا، رهايا. پهر = مائٽ = ساٿي.

۾ هنن کي پنيون ڏاڙهيون هيون سو سسئي پنهنجا "ڏاڙهيءَ پنيا ڏير" ڏسي سرهي ٿي. ڏيرن ٻروچن پنهونءَ ۾ سسئيءَ کي ڏاڍو ڪينڪاريو. ڪوهستان جي ماڻهن ۾ پردو ڪو نہ آهي اتي زالون بہ اڄ تائين مڙسن سان هٿ ۾ هٿ ڏئي گڏبيون آهن. سو سسئيءَ بہ هنن سان چڱي ڪينڪار ڪئي پر ويچاريءَ" جهوڪيا، جهڪايا وهاريا مائٽ سائي کي اها خبر ڪانہ رهي تہ هنن ڏيرن جي دل ۾ ڪو منصوبہ آهي

"مـدي ڏيـرن مـن ۾ ڪـلـيـو ڪـيـنـڪـاريـن!"

ڏاڍا ديڳڙا دمجي ويا ۾ طعام تيار ٿي ويا دم پختا ۾ ٻوڙ پلاءَ ٺهي ويا. ٻاروچن خوب کائي پيٽ پريا. بہ چار ڏينهن گذريا ٻروچ پارسيون پئي پاڻ ۾ ڪندا هئا چو تہ هنن جي ٻولي مڪراني بہ ابتي سبتي پارسي هئي.

"پـارسـيـون پـاڻ ۾ ڏيـر ڏهـاڻـي ڏيـن."

ويچاري سسئيءَ ڪين سمجهيو تہ انهن پارسين اندر ڪا سندس دل جي ڦاسين جي ڳالهہ هئي! ٿورا ڏينهن گذريا. آهستي آهستي پنهونءَ جي پائرن پنهونءَ کي ريگهڙيون ٻڌيون، تہ تون اسان سان گڏجي هل. هنن ڏاڙهيءَ پنين ڏيرن ۾ ٻروچن جي اها اصل کان مرضي ڪا نہ هئي تہ ڪو پنهون هن پرتياڻيءَ سان پائو ٻڌي وهي، يا هن کي ڪيچ مڪران ڏانهن وٺي هلي. هنن جي خواهش هئي تہ پنهونءَ کي ڪنهن ملڪ جي ڏيءَ پرڻائينداسون، جو هن جي مائٽن جون اهي آسون اُميدون هيون. پنهل سان پارسيءَ ۾ ڏاڍيون گفتگويون ڪيائون تہ ڪٿي پنهون باز اچي. پر پنهونءَ جو نينهن نهايت سچو هو. تنهن پنهہ نابري واري. پلا قسمت جن جي پريم جو پيچ ٻڌو هو تنهن پريت ۾ ڪريت ڪيئن پيدا ٿئي. پر قسمت جا لڇڻ بہ آڏا ابتا آهن، سچن عاشقن کي قسمت گهڻو وقت سک سمهڻ نہ ڏئي. پيو تہ سسئيءَ ۾ پنهونءَ جي نصيب ۾ انگ اڳ ۾ ئي لکيل هوا ڏيرن ٻروچن هڪ پڪي سٽ سٽي. اهڙو ڪم ڪيائون جو مجلس وير هڪ رات جو پنهونءَ ۾ سسئيءَ جي پيالن ۾ اهڙي ڪا پڙي ڪنهن ريت لڪائي وڌائون، جو پنهونءَ ۾ سسئيءَ انهن پيالن ۾ پي دستور موافق جان وجي آرامي ٿيا، تہ

هنن کي نشو پڙيءَ جو اهڙو زور چڙهي ويو جو هو غش ننڊ ۾ اچي ويا:

"آلـوڙا اکـيـن ۾، آيـس نـنـڊ نـيـاڳ جـي."

پروچن انن کي بہ اهڙو کو ڳڙ ۾ کجھ کارايو هو، جو اٿ هلڻ وقت آواز ئي نہ کن. "گنگن کي نہ گفتا!" اڌ رات جو ڇا کيائون جو تنگ تاڻي، پاکڙا چاڙهي انن کي اٿين تيار کيائون، جو کڙيءَ کڙ کو بہ کونہ ٿيو. اڳي اٺ رڙن، پر هن پيري ماٺ ئي ماٺ هئي. سڀ تياري ٿي.

"جڏهين پيچ پني، تڏهين اوٺـيـن اٺ پـلاڻـيـا."

نَکا خبر پنهونءَ کي، نکا خبر سسئيءَ کي پنهون کي کڻي اٺ تي چاڙهيائون ۽ هڪ کجائي جهڙي پاکڙي ۾ سمهاريائون ۽ انن کي ڊوڙائي کيئن پنهونءَ کي کڻي ويا:

"چائي چنبن ۾ ويا جـئـيـن بـاز سـتـي بـحـري"

پنهون ۽ سسئي بيخبرا هڪ ٻئي کان هيئن وڇڙي ويا. صبح جو پهر سج چڙهي ويو تڏهين مس کا سسئيءَ جي اک کلي. اکيون مهٽڻ لڳي ۽ حيرت ۾ پوڻ لڳي، جو پنهون پاڻ سان کو نہ ڏنائين. ٻاهر نظر کيائين تہ نکي ڏاگها هئا! نکي ڏير هئا پوءِ سسئيءَ جو کهڙو حال ٿيو!

سسئيءَ جا سور

سسئيءَ کي جڏهين معلوم ٿيو تہ هيئن مونکي کنهن ڳوڙهي ننڊ ۾ وجهي منهنجو پنهل کڻي ويا. تڏهين هن ويچاريءَ جي دل ئي ٽٽي پئي ۽ ساڻي ٿي کري پئي. مٽن مائٽن ۽ ساهيڙين کي معلوم ٿيو تہ هيئن اسان جي سسئي سان ڊوھ ٿيو سي بہ نهايت دکي ٿيا. سسئي ويچاري ماندي ٿي

آلوڙا = پنکيون، ڳهر. چائي = کڻي. بحري = باز جو قسم.

پيئي ۾ ايڏي تہ پنيور ۾ هئي هئي تي وئي جو شاهہ تو چوي تہ:

"اپن منجهان آئيو هيءَ هيءَ جو هڳاءُ

طيرن تنواريو پنهونءَ پڄاڻاءُ."

سسئيءَ جون دانهون ٻڌي وڻن جي پکين پڻ روج ۾ تنواريو!

ويچاري واڪا ڪرڻ لڳي تہ هي ڏير ڪهڙا منهنجا آيا جي منهنجو "ڏيل ڏهي" ويا. "هي جي آيا هير، سي مون اڳ نہ ڏٺا." مون سڄيءَ ڪي پڃي ويا. "ڇُڪيءَ چوريءَ چاڪ"، منهنجو هوت پنهل وٺي ويا. پڇيائونس سسئي، ڪر خبر، اهو قهر ڪيئن ٿيو؟ چيائين نڄاڻان ڪهڙا "آنڌائون آريءَ جا، پنهونءَ ڏي پيغام"، جي پنهل ڪين قبوليا، پوءِ

"وارو ور وٺي ويا، آريچا اظلام."

"وارو ور وٺي ويا، جابر ڪري زور."

"بيدي ٿيو پنيور، حشر ڪري هليا."

جيئن سسئي پٺي ڳالهہ ڪري تيئن:

ٿمڻ نيڻ رت وهي چٺاڪا ڪيو

مون ڪي ڏن ڏيو ائين تا وڃو اوٺيا.

مطلب تہ سسئي جو "ڦوڙائي ڦٽن، اندر تان اڌ ڪيو" ۽ جولان ۾ جوش ۾ هيءِ هيءِ ڪيو هاءِ. ٽِپي پاڻ هٽي سر پاهڻين."

ڪنجرو جو پيو هوس. سو ڦاٽي پيس. مٿو اگهاڙو پير اگهاڙا جيئن نہ ڪا ديواني هجي، تيئن سسئي تي پيئي چوي منهنجو هاڻ هن پنيور ۾ چا!

"ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو مٿو اگهاڙو."

"منهنجو ڪجارو پينر هن پنيور ۾."

هڳاءُ = آواز. طيرن = پکين. وارو = سار لهندڙ. اظلام = ظالم، ظلم ڪندڙ. جابر = سخت ماٺهو. بيدي = خالي، سڃو.

چٺاڪا = ڦڙ ڦڙ. ڏنءُ = فريب، ٺڳي. ڦوڙائي = وڇوڙي جي. منڌ = زال. ليڙن = اٺن.

اهڙو دک هن کي لڳل ڏسي سپني جي دلين ۾ سوز ٿيو. رات ٿي تہ سڀ وڃي سمهيا. سسئيءَ کي ننڊ ڇو ٿي اچي! سسئي ويهي سٽون سٽيون، تہ هاڻ ڇا ڪيان. آخر دل ۾ خيال آيس تہ هاڻ پنهور ڇڏي وينديس ۽ ڏونگر ڏوري وڃي پنهونءَ کي لهنديس. پڪو ارادو پاڻ سان ڪيائين:

"ويهہ نہ منڊ پنيور ۾، ڪر ڪو واڪو وس
ليڙن جو لطيف چئي ڏونگر ڏينديءَ ڏس."

سسئي ۽ ماٽس

صبح ٿيو تہ بہ سسئيءَ جو ساڳيو حال. ساري رات هڪ ڀونڪو بہ ڪونہ آيس. ماٽس ويچاري جنهن الائي ڪيئن پياري ڌيءَ کي پاليو هو، تنهن بہ پنهنجو مٿو اچي پٽ سان هنيو ۽ ڌيءَ کي ڳراٽڙي پائي چوڻ لڳي: اڙي ڌيءُ، ڪهڙي جهوري تنهن جي اندر کي لڳي! سسئي آنسون پري ٿي ماءُ کي چوي تہ امڙ هاڻي آءٌ ڪين رهنديسانءِ. ماٽس ڏٺو تہ سسئيءَ کي تپ چڙهي ويو آهي، سا وهاڻو کڻي آئي ۽ پٽراڻي بہ کڻي آئي. تڏهين سسئي ٿي چويس:

"ماءُ وهاڻو وار، کڻ پٽراڻي پانهنجي
جيڪي ڏٺئہ ڏيج ۾، سو سيوئي سار
وڃان ٿي وٽڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو."

سسئي چوڻ لڳي ماءُ کي تہ هاڻ آءٌ وڃي ٿي جوڳياڻي ٿيان ۽ جوڳڻ جو ويس ڪري آءٌ ويندس ڏونگر ڏوريندي:

"اڄ منهنجي ماءُ، ڌاڄا ڪنديس ڪپڙا
جيجا جوڳياڻي ٿيان، مونکي جهل م پاءِ
هوت ٻروچي لاءِ ڪنين ڪنر پائيان."

وار = ورائي ني. وٽڪار = پنهونءَ جو ملڪ. پير = نيشان. ڌاڄا = گيروءَ رتا. جيجا = ماءُ. ڪنر = والا.

ماڻس ويچاريءَ جا تہ ھي لفظ ٻڌي چيھہ ئي ڇڄي پيا. سا ڏيءُ کي چوڻ لڳي تہ ڏيءُ، ائين ڪئين ڪنديںءَ! تون نازڪ بدن نينگر، تون نپنينءَ بنگلن ۾، سمھين پلنگن تي، ڪاڏءِ نفيس ڪاڏا، ھرينءَ نازڪ گل جيان، سو تون ڪيئن وچي رڻ جا سور سھندينءَ! تڏھين تي سسئي چوي:

کوءِ پـلـنـگ ٻـن مـاڙيـون، ڪِـئَـڻَ سـي ٽِـيـڙم کـارا
آھيان پرت پنھونءَ جي، ڪنديس ڪنر ڪارا.

ور لـڪـن جي لـوڏ، گـھـوريـا سـک پـنـيـور جـا
امڙ جي تون آڇيئن، سي ڪـم نـہ اچـن ڪـوڏ
ھينـئـن مـنـھـنجـي ھـوڏ، ٻـڌي پـاروچـن سـيـن.

ماءُ: اڙي سسئي، ھي ڪھڙيون تي ڳالھيون ڪرين؟ نينگر، ماٺھو اچي مھڻا ڏيندءِ ۽ طعنا ھڻندءِ. چوندا سسئي چري تي آھي، جو ھيئن تي ڪري سسئي:

”ھوءَ جا گھوري گھوٽ جي، تنھن کـي چري چـون!“
اي امڙ، ماٺھو پيل ”چونم چري تي!“ ماٺھو مھڻا ڏيندا تہ ڇا ٿيندو:
”مـاٺـھو ڏيـئـي مـيـھـڻـا، مـونـکـي ڪـنـدا ڪـوه
جي چوڙيم ڇوھہ، تہ پٿـون ٿـيـنـديـس پـيـر تـي.“

جڏھن ماءُ ڏٺو تہ ھيءَ نينگر ھٺ نہ ٿي اچي، تڏھين پانيائين تہ سسئيءَ کي آتڻ وٽ وٺي وڃان، جتي چرخن وٽ ساھيڙيون اچي مڙنس تہ منَ مُن ٻيءَ پويس. سو سسئيءَ کي چيائين تہ ڏيءَ پلا ھتان تہ اٿي ھلي آتڻ وٽ ويھہ ۽ ساھيڙين سان تہ ڪي ڳالھيون ٻولھيون ڪر. سسئي جنھن کي ڪجھہ بہ ڪين ٿي اڇھيو سا چوڻ لڳي ماءُ کي تہ اي امڙ، ھاڻ منھنجو آتڻ ۾ ڇا آھي؟ منھنجو ڪوھيارو پنھل ويو ھليو ھاڻ آءٌ ڪھڙي تندُ تاڻيان؟

ڪوڏ = خوشيون. ڇوھہ چوڙيم = جوش آيم. مر = پل. پِٿُون = ذريون ذريون. آتڻ = اھو ھنڌ جتي سٽ ڪتبو آھي.

هان آءُ ڪيترو بہ تاڻيان، تہ بہ تندُ نہ نڪري، پاڻان رت روئندي چرخو چڪ ٿي پوندو. ماڻس وري بہ سسئيءَ کي زور ڪيا. اِتي سسئي کڄڻ لڳي ۽ چڙ مان ماءُ کي چيائين:

"ڪوءِ ڪتڻ، ڀن ڪپاھہ، ڪوءِ آتڻ ڀن جيڏيون
ساڄن منھنجو ساھہ، ھاڃي منجھہ ھٽي ويو."

پـھـي ڪـام پـڇـاءِ، امـڙ مـنـھـنـجـي آسـري
ڏيـئـي لـت چـرخـي کـي، پـوڻـيـون پـاڻـيءَ پـاءِ
ڪتم جنھين لاءِ سو ڪوھيارو ڪيچ ٿيو.

ماءُ ويچاري ڏٺو تہ ھيءَ نينگر تہ باز اچڻ جي نہ آھي، تنھن بہ دک وچان بہ ٿي اکر سسئيءَ کي ڇينپ جا ڳالھايا تہ چوڪر، ھي تون ڪھڙيون ٿي ڳالھيون ڪرين؟ پر سسئيءَ کي نڪا طعنن جي، نڪا ڇينين ۽ مھڻن جي پرواھہ ھئي. سا چوڻ لڳي ماءُ کي تہ امڙ تون طعنا ڪنھن کي ٿي ھڻين؟ آءُ پنھونءَ بنا ايئن ٿي ڀانيان تہ ڄڻ منھنجا مائٽ آھن ئي ڪونہ. "ڇوري ندوري نڪو مائٽ منڌ جو." اڙي امڙ توکي منھنجي سوز جي سچ جي ڇا خبر؟

"مونکي طعنا ٿي ڏئين، جئن نہ پروڙين سچ
امڙ اوري اچ، تہ سڻ سُڻايانءِ سوز جي."

ماءُ، آءُ بي وس آھيان: "وسان ئي ويا‌س، آيل لڳم باڻ ڀروچ جوا!"

ماءُ ويچاريءَ جو وس نہ ھليو. تنھن دل ۾ خيال ڪيو تہ سسئيءَ جي ساھيڙين کي وٺي اچان تہ اھي من ڪو ريھي ريبي اثر من تي وجھنس.

پھي = نندو پھو. پوڻيون = ڪپھہ جون پھيون.

سسئيءَ ساهيڙيون

سسئيءَ جي ماءُ ويئي سا وجي هن جي ساهيڙين کي وٺي آئي.
”مِڙڻي منڊ ڏي آيون، ساهيڙيون سَهجان.“

انهن کي بہ سسئيءَ جي هيءَ حالت ڏسي حيرت وٺي ويئي تہ ڏينهن ٻن ۾ سسئيءَ ڇا تي وئي آهي، سو سسئيءَ کي ڳراٽڙيون پيون پائين ۽ پيار پيون ڪن. پر سسئي تہ اهڙي ڪنهن سور ۾ هئي، جتان نڪرڻ ئي مشڪل هوس. چوڻ لڳي:

”اڄا رات رتوم، ڪوڏ ڪوهياري ڪنجرو
پينر پڇايوم، سياڻي سورن سين.“

سسئيءَ کي جهجهي دلداري ڏنائون، پر سسئيءَ کين چيو تہ مون ارادو پڪو ڪيو آهي، سو آءُ ضرور جوڳڻ ٿِي ڏونگر ڏوريندي س. جدا جدا ساهيڙين ۽ سسئيءَ جي وچم هيٺين گفتگو هلي:

ساهيڙي: اڙي سسئيءَ، ڏونگر ڏاڍو اڻيئي، جتي پٿر پير ڇني ويندءِ: ڪاڏي منهن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو! سسئي، جبل ۾ ڏاڍا جانار گڏبئہِ. تون ڪيئن ٿي اِهو خيال وڃڻ جو ڪرين؟

سسئي: پينر ڪهڙا بہ ڪٽي دک هجن، پل منهنجي ”آڱر آڱوٺي نہ مِڙي، ڇپون پير ڇنن“ پر آءُ تہ پنهون ڏانهن ضرور ويندي س. منهنجي نظر ۾ ڇپر آهي ڇا؟

”ڇپر ڇمر پانيان، ڪانيو ۽ ڪارو
پنڌ وجهنديس پاڻ تي، سرتيون سوار
وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچم.“

اڙي سرتيون، ڪنڌا مون پيرن ۾ توڙي لک لڳن، تہ بہ آءُ وهڻ واري

رتوم = رڳيم. ڪوهياري = پنهون. سهجان = سهج يا خوشيءَ مان.
ڇپر = جبل = ڇمر = جهڙ. ڪانيو ۽ ڪارو = جبلن جا نالا. سوارو = سويرو.

ڪين آهيان.

ساهيڙي: سسئي، خبر نہ آهي تہ تو کي ڇا ٿيو جو تو وچي پرديسيءَ سان پاڻ اڙايو. تڏهين تہ تون هيئن ڏکي ٿي آهين. اِهي پرديسي تو کي ڇڏي هليا ويا!

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کهڙا پرين
لڏيون لاڏوڻا ڪيو پنهنجي ديس وڃن.

ڪيئن اڙايئہ پاند، پلوُ پر ڏينهن سين.
متيون موڙهيئہ سسئي،
ڪري ڪوهيارو ڪانڌ.

سسئي سَرَواڻن سان، کهڙو لَهہُ لڳوءِ
کي جتن جڙون هنيئَہ،
کِي پاڻهي نِينهن لڳوءِ
ڏاڏي پوٽو ڏيهہ ۾، ڏکي! ڪو نہ ڏٺوءِ؟

سسئي، ڇو نہ تي ڪنهن ڏاڏي پوٽي سان نِينهن لڳايئہ؟ پوءِ جيڪر هيڙو حال نہ ٿيئي ها.

"ڪٿيءَ لئہ ڪاٽي، رکيئہ پرت پنهونءَ سين
سُهيو سڪيو جندڙو، وڏءِ ڇيري ڇاٽي."

ڏس هاٽي توسان هوتاٽي هاڃو ڪري ويا!
سسئي: ساهيڙيون، اوهين ڇئو ڇا ٿيون؟
"وَرَ پنهونءَ سين پلڪ، ڪوءِ بارهن ماه ٻين سين."

سرواڻ = جت. لهہ = لاڙو نينهن. سهيو = سڪيو. ڇيري = باهہ.

"اوهين ٿيون منهنجي پنهل جي گلا ڪريو!" منهنجو ور بي ڏوهي آهي. هن ڪي منهنجا ڏير چنبن ۾ چائي ويا:

"وَر ۾ ور ڪونهي وَر، ڏيرن وَر وڏو ڪيو."

اهي منهنجا ڏير هئا، جن مون سان ههڙو ظلم ڪيو. پنهل پياري جي لاءِ اوهين متان ڪا ٻڙڪ ٻڙو. آءُ ڪيڏانهن، پنهون ڪيڏانهن!

"اصل آريءَ ڄام جي، پلئه آءُ پيئي
هو جا پائن پير ۾، تنهن جتيءَ نه جيهي
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان."

ساهيڙي: تڏهين به سسئي، ڏاريا مڙيئي ڏاريا. اهي ڪهڙا نياڳا بروچ تنهنجا ڏير هئا، جي تو کي جهوريءَ ۾ وجهي ويا. اهڙن جتن بروچن جي ياراڻيءَ کي ڪاڏي ڪبو. ڏاريا ئي ڏاريا، مئي، مٺ تنهنجا ڪيم ٿيا. اهي ڪي تنهنجا رت ڀائي ڪين هئا، جن کي ڪو ڪنبو لڳي:

"جت نه ڀائي رت جا، ڏاريا ڏارئي ڏيهه جا."

تون ستينءَ هو پلاڻي هليا ويا. اهڙن جو سنگ ڪبو ڪيڏانهن: "ڪهه ياراڻو جتن جو، ڪهه اهڙا بروچ." جي توکي اهڙي لوچ لائي، پاڻ پيهي ويا ڇپرين! اي سسئي، هاڻ تون گهڻو روئي گهڻو روئيندينءَ؟

سسئي: ڀينر، اوهين چو ٿيون گلائون ڪريون؟ جي ڪجه به هو ته اها منهنجي قسمت جي ڪاڻ هئي.

گلا ڪام ڪري، لکيو تا نه ٽري
قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان سو پڙي!

ور = ڀل وَرُ = مڙس = ور = ڏيک

چا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو مَ ٿئي
اڻن ۾ اٺيرن جي، چا وهيٺو وير
هيءَ ڪميٺي ڪير، جا امر ڪي آڏو ڦري؟

ساهيڙي: تڏهين پلا سسئي، جي سمجهين ٿي ته تنهنجي قسمت اهڙي هئي، ته پوءِ پلا تڏهين ڇو ويٺي روڄ ڪرين ۽ چوين ته آءٌ وڃي جهنگل جهاڳيان ۽ ڏونگر ڏوريان! تڏهين ته پاڻ صبر ۽ شڪر ڪري ويهي رهه ته ماڻهين ويچاريءَ کي ڪو آرام اچي ۽ اسين به سرهيون ٿيون.

سسئي: پيڻر، اوهين منهنجي لفظن کي ٿيون پڪڙيو ۽ مون موڙهيءَ کي دليلن سان ٿيون منجهائڻ گهرو! جيڪي ٿيو تنهن لاءِ برابر صبر آءٌ ڪٽي ڪريان، پر پوءِ ماٺ ڪري ڪيئن وهان! اُدم پوءِ لاءِ ڪرڻ ۽ ڪوشش محنت ڪرڻ ته منهنجو فرض آهي.

بس، آءٌ ور پنهنجو وڃائي ويهي رهان! اي پيڻر، اهڙو صبر ۽ شڪر مونکي ڪرڻو ڪونهي:

"صبر ۽ شڪر کي ڪاڏي آءٌ ڪندي
آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مون."

پيڻر، منهنجي جان ۾ جميعت ڪانهي: هوت پڇاڻا آءٌ ڪيئن سک سمهان!

"ناه جميعت جان کي، هوت پڇاڻا هير
ساجن ڪارڻ سير، ووڙينديس وندر جا."

ساهيڙين ڏٺو ته هيءَ سسئي ته نڪي ٿي پيار سان سمجهي، ۽ نڪي ٿي دليل سان سمجهي. سو هڪڙيءَ کي ته غصو آيو جو خار هيس اگ ۾ ٿي ته هي ڪهڙو پنهون آيو جنهن ههڙو اسان جي شهر ۾ دک آندو؟ سا چوڻ لڳي سسئي کي:

سير = رستا.

ساهيڙي:- ٻڌوڙي سسئي ٻڌو ڏنو تنهنجو پنهون. جي تو سان ڪا اهڙي پريت هجيس ها تہ وري بہ قافلي ڪان پاڻ ڇنائي تو ڏانهن وري ها. هاڻ سسئي، ڇڏ اهو ڇنتو ڪاءِ پيءُ ۽ اسان سان ٿي ويهہ. هاڻ ڇڏ پنهونءَ جي پچر.

سسئي ويچاري هي ڪوچن ٻڌي بلڪل روئڻ لڳي ۽ ساهيڙين کي چوڻ لڳي تہ ڀينر، اوهين ٿيون مونسان ٺٺولي ڪريو. جو اوهان کي "گهاءُ نہ لڳو گهٽ جو." اديون "جو نہ اوهان، سو مان سور سرتيون." منهنجي دک جي اوهانکي ڪهڙي پروڙ! اوهين سکهيون آهيو پر آءُ اگهي آهيان.

"مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن، مون وٺ وٺاٽا."

"جا مرضن مروٽي، سا سرتيون ڪيئن سکهي ٿئي."

ڀينر، مون کي اوهان جي سنگت ۾ سک ڪو نہ ٿو اچي.

"سـيـا سـيـاهـي، آهـي آريءَ جـام ري"

منهنجي دل تان درد جو دود لهڻ جو ڪونہ آهي. اوهين ڇا بہ چئو پر آءُ هن ڀنڀور ۾ ڪين وهنديس:

"ڇڏينديس ڀنڀور، هيـنئـون هـٽ نـہ ونـدري"

ڀينر، مون لاءِ هن ڀنڀور ۾ دوزخ جون دونهيون آهن.

"هن ڀنڀوران اُجاڙ سـرتـيون سـڪـر ڀانـيان."

"ڀيـنـر هـن ڀـنـڀور ۾، گـهايـل ٿـي گـهـاريـان،

سجـڻ جي سـانـگ ويـا، سيـئـي ٿـي سـاريـان

سي ڪيئن وساريان، جي وٺان مون واٽ ٿـيـا."

ساهيڙين ڏٺو تہ هن نينگر کي ڪو اُونهو درد لڳل آهي، سي آخر ماٺ ڪري ويٺيون. ڪي منجهن هيون، جي سسئيءَ کي چوڻ لڳيون تہ اسين بہ تو سان هلنديونسين! سسئيءَ اتي هاٽي ڏونگر ڏورڻ جا سانباها ڪيا. ڪيتري مائٽن جهل پل ڪيس، پر هن ڪين ٻڌو.

سياهي = اونداهي.

اُجاڙ = ويران. سج واٽ ٿيا = هليا ويا.

سسئي ۽ ڏونگر

هڪ ڀيرو ساهيڙيون هيون، جن جي سسئيءَ سان دل گهٽي هئي. سي سسئيءَ کي اُپرائڻ هليون. سسئيءَ چا ڪيو جو جوڳڻ جا ڪپڙا ڪٽي پاتائين ۽ آسري الله جي نڪري پيئي. جڏهن پنيور جي حد ڇڏڻ تي هئي، تڏهين ساهيڙين جو منهن لهڻ لڳو! سسئيءَ چين تہ اديون اوهين هاڻ موٽي وڃو. اوهين وريتيون آهيو اوهانجا ور اوهانجن گهرن ۾ ويٺا آهن. توهين وڃو ۽ وڃي گهر سکي ٿيو. هي ڏونگر مونکي ڏورڻو آهي. اوهين ڇا هلي ڪنديون؟ منهنجو ور هتي ڪونهي، سو آءُ ويندس ور لهڻ.

ورِيتيون ورو، آءُ نہ ورندي ور ري
جاڏي هن جبل جو تانگهينديس ترو.

وڃو سڀ وري، آئين جي ورن واريون
ڦوڙائي فراق جي، سڄي ڳالهہ ڳري
پنيان جن پري، ڏونگر سي ڏوريندِيون.

سرتيون اِتي سسئيءَ کان موڪلائي روانيون ٿيون. پوءِ "سسئي، بيا سور، ويا وتيندا پاڻ ۾!"

سسئيءَ کي هاڻ ڏونگر اڳيان هو. ڪيس خبر ڪا نہ هئي تہ وٽڪار جو ملڪ ڪهڙو آهي. سمجهيائين تہ پچائيندي ويندس:

"واقف نہ وٽڪار جي، اڳ نہ ڏيٺہ ڏنل"

ڏونگر بہ ڪو جهڙو تهڙو ڪو نہ هو. پاسن کان جهنگل بہ هئا، جتي "چيتا چور چُنجُن ۾، بر ۾ بلائون." انهن جبلن ۾ جڏهين ڪاڙهي جي مند

جاڏو = وڏو، مضبوط. تانگهڻ = ڳولڻ

اچي ۽ سچ ٻن سين ۾ ٻهي، تڏهين تہ نعوذ با لله آهي! ڪو سا تپن ڪڪرا، ٻي دم دم تپي ڏرا لڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن. ڏونگر جون مٿاهون چوٽيون ”ڏار“ ڏسيو ڏپ وٺيو وڃي تہ اتي پيچرو ڪيئن چڙهيو. انهن ڏونگرن جا ڏاڪا بہ بلڪل اهڙا کهرا هئا. جبلن تي رستو شهر وارو ڪو نہ ٿئي، اتي تہ آهن تنگ پيچرا، جتي ڪٿي ڪٿي تہ پير رکڻ جي مس جاءِ ٿيئي. جي پير ترڪي ۽ ڪري تہ ٿئي چڪنا چور. سي بہ پيچرا ڪي سڌا ڪين وڃن، پر وڃن وراڪا ڪندا مطلب تہ اهي چڙهاڪا ويچاريءَ سسئي کي لنگهڻا هئا!

”آڏ تِـــرڇـــا آهـــڙا، ڏونـــگـــر کـــي ڏاڪـــا
ڦـٽـيـا پـيـر فـقـيـر جـا، چـڙهـنـدي چـڙهـاڪـا.“

”آڏ تـــرڇـــا آهـــڙا، ونـــگـــا وَر واٽـــن.“

مطلب تہ رڳو انهن ڏونگرن ۾ رهندڙ پهاڙي سو انهن پيچرن جا واقف آهن. باقي ٻيا تہ ڪين هلي سگهن. پر ڪڏهين ڪڏهين تہ پهاڙين کي بہ ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي. هماليہ جي جبلن پاسي ساوڪ ۽ سبزي ۽ وڻ ٽڻ خوب آهن، پر هنن ڏونگرن تي فقط ڪٿي ڪٿي وڻ آهن ۽ ٻير ۾ جهنگل بہ آهي، نہ تہ گهٽو ڪري گنجاڻ آهي. سندن ماٿرين ۾ واري ۽ ريتي بہ زور ٿي پوي، پر ڪيترا لڪ بلڪل لنگهڻ مشڪل آهن:

ڪرڙا ڏونگر ڪَهہ گهٽي، جت برپٽ سُڃن بيبـان
ڏاهن ڏاهپ وسري، ٿيا حريف ئي حيران.
ڪرڙا ڏونگر ڪَهہ گهٽي، جت واٽن تي واري
آڏا لـڪ لـطـيـف چـئـي، ٻَرَ سُـڃـن بـاري،
ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي، جت جبل گونا گُون
ليڙن جو لطيف چئي، تـنـگ تـنـوارون پـون.
ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي جت ماٿر مٿانهين

سجي = ٻڏجي. چنجن = غارن. ڏر = ڏرتي. آڏ ترڇا = آڏا ٽيڏا، آڏا ابتا. آهڙا = گهرا، ڏکيا ونگا = ڏنگا = ڪهہ = ڪاهہ، تڪليف، پنڌ. بيبان = بيابان. حريف = ڏاها. گوناگون = طرحين طرحين. تنگ = سوڙهيون، ڏکيون. مهائين = هيبتاڪ، زبردست.

سڄڻ ٿا، سيد چئي، اُت مرون مهائين.
ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، جت رڻ تتو رائو
تتر ٿئي مَ تن ڪي، ڏونگر ۾ ڏائو.

لطيف تو چوي ته شال نه ڪنهنڪي ڏونگر ۾ تتر ڏائو ٿئي، تتر ڪٻي پاسي جي ڏسڻ ۾ آيو ته اهو چئبو ته مسافر لاءِ بدسوڻ ٿيو ڇو ته جي رڻ ۾ رات رليس ته حامي ڪونه ٿئيس!

سسئي ويچاري وئي ڏونگر ڏوريندي. ٿڪجي پيئي ته به ماٺ نه ڪيائين. جي صبح جي ٽڏ هجي ها ته ڇا، جي منجهند جي ٽِپي هجي ته ڇا، پيئي هلي:

"ٽڏيءَ ٿڪي نه وهي، ٽتيءَ ڪري تاڻ."

جيئن پئي هڪڙو جبل لنگهي ته وري ٻيو پيو اڳيان هيبت جي هاٿيءَ جيڏو سجهيس:

"جيڪو جبل لنگهان، سو هيبت جو هاٿي."

پر هنجي دل ۾ ڪو اهڙو پريم هو جو پنهونءَ جي خيال ۾ چڙهندي وڃي:

"پر ۾ پير پنهون جو ڪُڙي ۾ ڪُڙهي
سورن سجهائي، ڇيلهه ٻڏيو چوٽئين چڙهي."

وريو جو متان ڏونگر جا ڏار ڏسي ته ذرا دل دهلجيو وڃيس، پر وري به پيئي پاڻ کي چوي:

"پسي ڏونگر ڏار، جمر هلڻ ۾ هيٺي ٿئين."
"متان ڪي ماندي ٿئين، اڳيان وندر ٿيندئه وس."

جيڪو پيو واٽ تي گڏجيس، تنهن کان پئي پڇي ته اوهان کي ڪو قافلو گڏيو؟ ڪيترا هن کي ڏسيو پيا حيران ٿين ته هيءَ جوڀڻ جي ويس ۾ حسين عورت ڪاڏي تي وڃي. هونءَ ته وڏو خوف اڳيان هوس، پر

ڪُڙي = ڳنڍيندي هلي. ڪڙهي = روئي رڙي، ڏار = ڦاٽ، جبل جي چوٽي يا مٿانهين شاخ.
سٽ = ريت، طرح. ساٿ = ٽولي، قافلو. اهپارا = انهن پارن وارا. وٽراه = جتي وڻ گهٽا هجن.

جيئڻ هاڻ آهي، تئين اڃي بہ گهڻو ڪري فقيري لباس جو ادب هو. سسئي پئي پڇي:

"آن ڪي ويندا ڳڏيا، اهڙيءَ سِٽ سوار؟"

خاطر جهڙو جواب پلا ڪئين مليس!

"سسئي پڇي ساٿ جا، اوطاقون اوتارا

آن ڪي ويندا ڳڏيا، آرياڻي اهپارا."

سسئي ۽ وٽراهہ

ڪنهن وقت هڪ ماتريءَ مان لنگهندي سسئي کي وٽراهہ مان لنگهڻو پيو. اتي بہ پيچرا اهڙا هئا جو ويچاري منجهي پئي پيئي، تڏهين اتي بہ پيئي. بلڪ پکين کان پڇي تہ ٻوليو پکيئڙا، ڪٿي پنهون ڪوڏنو؟

"پڇي پهہ پکين کي، پيئي منڊ پرياڻ"

ڏنس ڏيهہ وٽن جا، تن الله لڳ اهڃاڻ؛

ڪڏهين وريو وٽن سان پيئي ڳالهيون ڪري. گهڙيءَ چتون پيئي ڪرين تہ گهڙيءَ طعنا پيئي هڻين:

وارو مون وٽراهہ ڪا سڌ سُونهپ جي نہ ڏئين

واري وراڪن ۾، معذور ڪي م منجهاءِ

منجهئين پهڻ پياديون، هادي تي هلاءِ

وارو مون وٽ ڪار

ڪا سڌ سونهپ جي نہ ڏئين

وڙهيا ويراڳن سين، لڪن جا ليار

آهي آسُونهين جي، متي تو ميار.

ڪر = چڙ = ڪوول = ڪويل. ولولو = آواز هل. ووڪ = دانهن، رڙ. ابڪار = آواز دانهن.
نعرو = هڪل، هل، رڙ. نڪونج = گرداب، ڳن.

ڪنهن وقت اوچتو ڪو آواز ٿئي يار رڙ ٿئي تہ هن کي جو من ۾ هوئي پنهنجو پريتم، سا پيئي ڀانئي تہ اهو بہ ڪو آواز پنهونءَ جو آهي! سو مست ٿيو پيئي بيت ڏئي. هن کي هر وقت پنهونءَ جي يادگيريءَ ۾ سڀ آواز مٺا راڳ پئي سجهيا.

ڪنهن وقت تہ پاڻ بہ جو وڻي ٿي آواز درد منهنجا ڪياٿين، پوءِ تہ اٿين ٿي ڀانيو تہ جڻ عاشق چتونءَ جي چانگهار آهي يا ڪويل جي ڪٽڪار آهي.

رڇن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوول جي ڪوڪ
ولولو ۽ ووڪ، ايءَ تان آهي عشق جي.

رڇن ۾ رڙ ٿي، ڪر چتونءَ جي چانگهار
ايءِ عشق جي اڪار، نعرو آهي نيهن جو.

رڇن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪرڪي ڪونج
نعرو منجهہ نڪونج. ايءِ تان آه عشق جي.

رڇن ۾ رڙ ٿي، ڪر سارنگي ساز
ايءِ عشق جو آواز ماٺهو رکن منڊ تي.

شاهہ ٿو چوي تہ اهي آواز عشق جا هئا. جو سڀئي بنهہ عشق جو روپ ٿي وئي هئي.

ڪنهن وقت تہ ويچاري پنهنجي سڏن جا يا ٻين آوازن جا پڙاڏا ٻُڌيو پيئي ڀائيندي هئي تہ ڪو پنهونءَ جو ٿو آواز اچي، سو وڻن تي چڙهي ويچيو نظر ڊوڙائيندي هئي:

”ولاڙيون وڻين چڙهي، ڏاڍو ڏوري ڏور
سپيريان جي سور، پري پڙاڏا ڪري“

ولاڙيو = ڪاهہ ڪري، ڊپ کان سواءِ اُلهي = لهي

سسئي ويچاري ائين پئي ڏينهن ڪاٽيندي هئي. رات ٽيندي هئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن جابلو ڳوٺ ۾ رهي پوندي هئي. ڳوٺاڻن کي عجب لڳندو هو تہ هيءَ جوان جوڳڻ ڪئين ٿي اڪيلي گهمي. ڪڏهين تہ ڪو قافلو ائن جو هوندو هو تہ انهي سان بہ هلندي هئي. پر هيءَ جا پنهنجن دکن ۾ پريل هوندي هئي، سا اڪثري اڪيلي هوندي هئي. رات پوندي هئي ۽ سج لهڻ جي ڪندو هو، هنجي دل بہ سسڻ لڳندي هئي جو سمجهندي هئي اهو بہ رات جو وقت اجايو ويو. جو پنهونءَ کي ملڻ ۾ دير ٿي وئي. رات جي وقت جبلن جي پيچرن تان لنگهڻ رواجي مسافرن لاءِ تہ ناشدني آهي، پر ڄاڻو پهاڙين لاءِ بہ نهايت مشڪل آهي، سو جڏهين سج لهندو هو ۽ هيءَ ڏسندي هئي تہ هاڻ اولهہ جون راسيون سج جي سرخاڻ رتيون آهن، تڏهين هيءَ سج کي ڏاڍا ڏوراپا ڏيندي هئي. سج کي چوندي هئي تہ اي سج، تون ڇو ٿو اهڙو سوير لهين؟ اها تنهنجي سوير مون لاءِ اوير آهي. جو آءُ پيچرو رات جو ڏسي ڪِينَ سگهنديس، پئي چوندي هئي:

الـهـي سـج اويـر، م ڪـر مـعـذورن تـي!
ويو ٻاروچو نڪري، هاڻي ڪريان ڪيئن
سج اُلـتـي سـئـن سـتـون ڏيـنـديـس سـج م

ويـو سـج وڻـن تـان، راسـيـون رتـائـيـن
مونـڪـي مـاريـائـيـن، آيـل اونـداهـي ڪـري.

ويـو سـج وڻـن تـان، راسـيـن ڏئـي رڱ
جنهن سان منهنجو سڱ
سـو ڪـوهـيـارو ڪـيـچ ٿـيـو

سسئيءَ سج

شام جي وقت جڏهين اونداهي ٿيڻ تي ايندي هئي تڏهين سسئي چا تہ بره جا آواز ڪڍي درد ظاهر ڪندي هئي! چوندي هئي تہ اي سج، مان پنهونءَ کي ملي ڪا نہ آهيان، تنهنڪان اڳمر ڙي پيارا، تون ڪٿين ٿو لهين! اڙي سج، مون مسڪين جو من کو قياس ڪرين، منهنجو ساهہ ٿو پنهل لاءِ اٿين سڪي جو جڻ تہ مون لاءِ سڪرات جو وقت آيو آهي، پر اي سج، هاڻ پلا ڀيو نہ ڪرين تہ منهنجا نياپا سنيها وڃي پنهونءَ کي ڏين تہ ڏکي هيئن درد ۾ ماندي آهي. مطلب تہ روز سج لهندو ڏسندي هئي تہ چوندي هئي:

"آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، هيءُ پڻ ڏينهن ويو!"
آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج
آءُ جي ڏيانءِ سنيها، نيئي پريان ڏج
وڃي ڪيچ چئج، تہ ويچاري واٽ مئي.

آءُ نہ گڏيءَ پرينءَ کي ٿورا ڏينهن ٿيا
راتيون روز ويا، عبث آريءَ جام ري.

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، سهسين سج ويا
هلڻ وير هٿان، ديکي شال دم ڏيان.

مطلب تہ سسئيءَ ويچاريءَ ڪيترائي ڏک ڏٺا، ڪنڊا پيرن ۾

عبث = اجايا.
هٿان = هتان. ديکي = ڏسي

لڳس، پيرن جون ترپون پٿرن چني ڇڏيس، لتا قاتڻ لڳس ته به پرواهه ڪين ڪيائين. ويچاري نازڪ نينگر جيئن وچي هلندي، تيئن وچن جبل وڏندا. هڪ وڻ لنگهي ته وريو ٻيا وڻ اچن! ڪري سو ڪري ڇا!

"لڳي ڪوسو واءُ لوڪ مڙيوئي لهسيو."

جي پنهنجن گهرن ۾ ماڻهن کي ٽي آرهڙ جي لهس آئي ته پانيو ته جبل ئي ڪهڙو سسئيءَ جو حال هوندو!"ڪنهن مهل ته واري اچي وسندي هئي ته ويچاريءَ جو پيچرو به گم ٿي ويندو هو! واري وسي واٽ ويئي!" ڪن ڏينهن ڪان پوءِ سسئيءَ جو بدن ٽوڙي من ٻئي ٿڪجي پيا ته به دل جو درد هوس. سو ڪاهيندي هلي، پيئي وٽن ۽ ڏونگرن کي آزي ڪندي هئي ته اي وٽو توهين ٻيلي ڪيئن پيا وڏندا وڃو! اڙي ڏونگرو اوهين ڪيئن اوچا ٿيندا پيا وڃو! ٻيلي ڪو مون موڙهيءَ مسڪين جو به ته خيال ڪريو! پر وڻ ٻڌو چو تا؟ ڏونگرن کي ڪي ڪن هجن ها ته ٻڌن! اوڏي مهل ويچاريءَ جي نيڻن مان پاڻي وهڻ لڳندو هو ته وري نيڻن کي پيئي چوندي هئي ته اڙي نيڻا ٻيلي اوهين وري ڪئين تا ٽمو! پوءِ تڏهين آءُ ڪيئن پنهل جو پير ڏسي سگهنديس.

اڙي وڻراهه، تون مون کي پنهونءَ جي سونهپ نه ٿي ڪرين ڪو رستو نٿي ٻڌائين! اڙي وڻراهه، تون پڪ سمجهه ته مونکي ڪهڙا به ڪٽي تنهنجا ڪنڊا لڳن ته به آءُ ماٺ ڪري ويهي رهڻ واري ڪين آهيان:

"وڏم ڪيم وڻا، اوچا ڏونگر م ٿيو
ٽمو م نيڻا، ته پير نهاريان پرينءَ جو."

هڪ هنڌ ته ڪنڊو اهڙو لڳس، جو پير جنسي وڍ جي پيس: هن اهي ڪنڊا به صبر سان سٺا. پر جيئن وقت پوندو ويو، تيئن هن جو وچوڙو وڌندو ويو. شاهه ٿو چوي ته وٽن جي ڪنڊن جا وڍ هيءَ سهي ئي ويئي، پر هن جي اندر جي درد جو وڍ اهڙو هو جو وڻ به ڪين ٿي سهي سگهيا. اهڙو

لهسيو = ڪاميو سيڪ آيس

تہ ڪو هن کي اندرئين ڏک جو ڏڍ هو. جو هي ٻاهريون وڏ هن کي معلوم ٿي ڪونہ ٿي ٿيو اها حالت ڏسي جيڪو لنگهيو ٿي تنهن کي عجب لڳي ٿي ويو:

"ورڻ وڏيائين وڏ سين. ڪو جو وڏيئہ وڏ
ڏک ڏکيءَ کي ڏڍ. جن ڏٺي سي ڏکيا ٿيا."

ڏٺائين تہ پريان مرلي جو آواز پيو اچي جهنگل ۾ جبل جي اڪيلائيءَ ۾ مرليءَ جو سر اهڙو هوندو آهي، جو آرام بہ پيو ڏيندو آهي، پر تنهن سان گڏ دل بہ پيو اٿاريندو آهي ۽ منجهس دکہ جي ڪوڪار بہ هوندي آهي. اها مرلي جڏهين سسئي ٻڌي تڏهين سندس من پرجي آيو ڇو تہ اُها مرلي "وڏيل" هئي تڏهن ئي سسئي چوي تہ اي مرلي، تون جي وڏي آهين تہ آءٌ بہ وڏي آهيان. تون ٿي مرلي وايون ڪرين، جو پنهنجي وڻ جا پن تا ياد پونئي . آءٌ ٿي دانهون ڪريان جو مونکي پنهون ٿي ياد پوي بلڪ آءٌ نہ رڳو وڏي آهين پر ڪٺي بہ آهيان، جيئن ٻڪري پنهنجي هڏن ۾ پنهنجي ساهہ لاءِ ڪوڪاري ٿيئن آءٌ پيئي ڪوڪاريان:

"وڏي ٿي وايون ڪري، ڪُٺل ڪوڪاري
هُن پن پنهنجا ساريا، هيءَ هنجون هڏن لئہ هاري"

سسئي ويچاري ڪيترا ڏينهن ڏونگرن ٿي هلي تہ بہ سندس پنڌ پورو نہ پيو. ڪيترن پانڌين کان پيئي پڇندي هئي تہ پيلي اوهين ڪو ڏس ڏيو تہ هو پيا ڇوندا هئس تہ اجان پنڌ پري اٿيئي. هيءَ ٻڌيو درد مان پيئي کين پارا نيا ڏيندي هئي، اهڙا جو ٻڌندي هو بہ سور ۾ پرجي ويندا هئا:

"ڪنهن جنهن ڏکان ڏئي، پارانيا پانڌئين
سور پريائين سي، ڳالهہ ڪيائين جنسين!"
آخر هلي هلي ٿڪجي پيئي:
"ڦٽيا ڦڻ فقير جا، سيرون ٿيئڙا سي."

پارانيا = ڏوراپا. ڦڻ = پيرن جا پب. سيرون = جهڪ جهڪ.

پر ڏونگر بہ ويڇن وڌندا. تڏهين لاچار ٿي ڏونگرن کي ڏکيا ڏوراپا ڏنائين. هڪ ڏينهن ڏونگر جي چوٽيءَ تي چڙهي ٻاهنون اُچلي، ٻانيڻ جا سسئي هٿي، تنهن هينينءَ ريت ڏونگرن کي ڏُک ساڻ ڏاريو:

"چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻانيڻ اچلي ٻانهون.
ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍيون ڪرين
مون تن اندر تيئن وهين،
جيئن وڻ وڏي واڍو
ڪرم جو ڪاڍو، نا تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري

ڏونگر ڏک سنداءِ، پرينءَ گڏجان تہ چوان
پنيءَ ٽئين پورائون، ٻيا ونگا ور سنداءِ
چگي ڪا نہ ڪياءِ، پير وڃايئہ پرينءَ جو

ڏونگر ڏس پرينءَ جو، قاف نہ ڏئين ڪو
قطاريا ڪالهہ ويا، توڏا وٿان تو
هوت مٺيءَ جو هو ساڄن انهيءَ سانءِ ۾؟

ڏونگر ڏوراپو، پهريون چونديس پرينءَ کي
تہ پهڻ پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو
رحم نہ پيئہ روح ۾، قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس وو،
مونسين جبل تو جاڙون ڪري

ڏونگر مون مَ ڏکوءِ، آءٌ اڳي ڏکوٺي آهين
سارڀان ڪونہ سکوءِ، سور گهٽيئي سنيران.

ڪاڍو = چڪ = پنيءَ = پيڇڻ سان. پورائون = پرندڙ. قاف = جبل قطاريا = قطارون ڪري. توڏا = اٺ = جاڙون = جنيون. سکوءِ = تنهنجو سک.

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن
گھٽو پڇجي تنکي، جن وٽان ھوت وڃن
تون ڪيئن سندا تن، پھڻ پير ڏکوئين.
ڏونگر ڏک پئي، مون تو سين ڳالھ ڪي
پاٽا آءُ مئي، سور سٽائي پرينءَ جو

ڏونگر ڏکوئيون، تو ۾ اورڻ آئيون
جي آچن قوڙائيون، ڏجن دلاسا تن کي.

ڏونگر ڏکوين کي، ڳل نہ سڪا ڳوڙھا
ھوءَ جي پھڻ پب جا، سي پڇجي ٿيا پورا
گوندر جا گھوڙا، وڃن جان جدا ڪيو.

مطلب تہ وديءَ جي دل ۾ اھڙو ڪو ڏار ھو، جو ڏونگر جي دل پڇجي پيئي، ويتر جو پچاڙيءَ جو طعنو ڏونگر کي ھنيائين، تنھن تہ ڏونگر کي ڏاري ڦٽو ڪيو:

”تپي ڪنديـن ڪوه، ڏونگر ڏکوين کي
تون جي پھڻ پب جا، تہ لڳ منھنجا لوھ!“

ڏونگر کي حيرت لڳي تہ ھيءَ نازڪ بدن ۽ ڪنول نين ڇوڪري، تنھن سان مون ھيڏيون جنيون ڪيون تہ بہ ھن جي اھڙي دل آھي، جو ڪومل لڱن کي لوھ پيئي سمجھي، تڏھين ڏونگر بہ ڏري پيو ۽ شاعر ٿو چوي تہ ڏونگر جي دل بہ ٽٽي پيئي ۽ روج ڪرڻ لڳو. ھڪ پاسي ڏکي سسئي تہ ٻئي پاسي ڏونگر، ٻئي رڙڻ لڳا:

ڪي جي ڪيديا پار، ڏکيءَ ڏونگر پاڻ ۾
سٽي سا تنوار، مِرون پيا مامري.

پب = جبل جو نالو. ڪوھيارو = پنھون.

بـئـي ويـنـا رون، ڏكـي ڏونـگـر پـاڻ ۾
ڪنهن کي ڪِينَ ڇُون، منجهن جو پِريتَڻُو.

اڄ پـاڻ ويـنـو روءِ، ڏكـي ڏونـگـر پـاڻ ۾
ڪـوهـيـاري جـو ڪـوءِ، اڇـي سـور اُڏمـيـو.

ڇا تہ شاهہ جي دل ۾ ڪو درد آهي، جتان اهڙو باهہ جو ڪلام ٿو نڪري! شاعر پاڻ ٿو چوي تہ اهو قرب جو ڪاڙهو آهي، جو سسئي جي دل ۾ هو:

نـمـاڻـيءَ جـي نِـهُـجـري، روئـڻ ۾ راڙو
ڪُـنَـلَ جـي قـلـب ۾ قـرب جـو ڪـاڙهـو
هو تن لئہ هاڙهو سپ رڱـيـنـديس رت سين!

آڪـڙيـن ڪـي نـہ ڪـيـو رت نـہ رنـائـون
ايـي ڏنـائـون، قـوڙائـيـا سـپـريـن.

ڪاٽيون لوئيون اکيون، ڪنيون ڪين ڪُڇن
مُنيون ماٺ نہ ڪن هنيون نـہ رهـن هـوت ري.

ويچاري واٽن تي ويٺي روئي رت ڦڙا ۽ ائين پيئي لوڇي ۾ چوي:
"نـڪـي تـي جـيـان، نـڪـي مـتـي آهـيـان!"

هاڙهو = جبل جو نالو. لوئيون = ڪاٽيون ۽ سڙيون. هنيون = نياڳيون
اڏميو = جاڳيو اٿيو.

سسئيءَ مڪراني

سسئي ٻئي ڏينهن ڏنو تہ ڏونگر جي اچي پچاڙي ٿي آهي. پريان ڏٺائين تہ وڻ آهن، جن جي پاسي ڪان هڪ چڱو خاصو شهر آهي، سسئي ويچاري ڀانيو تہ هاڻ ڪيچ مڪران اچي پهتي آهيان ۽ شايد هو شهر جو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، سو ڪو وٽڪار جو شهر آهي، جتي پنهون ٿو رهي! سڪ منجهان پير تڪڙو ڪڻڻ لڳي تہ ڪتن جي ڀونڪار ٻڌڻ ۾ آيس. اڳيرو هلي تہ ڪتا بہ وڏندا آيا ۽ سياويڪ ڏانهنس ڀونڪڻ لڳا. هن ويچاريءَ ڀانيو تہ هي ڪتا جي هن وڏيءَ جاءِ وٽان ٿا اچن، سي بہ ڪي پنهونءَ جا ڪتا آهن، سو هنن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. هن ڀانيو تہ پنهونءَ وٽ هريل آهن، ۽ مونکي هي جانور ياد ٿا ڪن!

"تن پيئي جانارن ياد، جي پاڙهيل پنهونءَ ڄام جا!"

جيئن ڪتا پيا ڀونڪن تيئن سسئي پيئي ڀانئي تہ هي مونکي پڇڻ آيا آهن:

"جي پاڙهيل پنهونءَ ڄام جا، سسئي پڇن سي."

ڪتا تہ ماٺ ئي نہ ڪن، اٽلو هڪ تہ مٿس ڪاهہ ڪرڻ لڳو:

"ڀهي ڀؤنڪي اُٿيو، گِري منجهلين گُهور."

تڏهين ٿي سسئي چوي ڪتي کي، اڙي ڪتا، مان پيئي ڀانيان تہ تون قريبن جو ڪتو آهين، سو مونکي بہ قريب سمجهہ ۽ ڀونڪار بند ڪر. جيئن پنهون چوندو اٿيئي "هڙ" تہ ماٺ ڪري ويهندو آهين، سو هاڻي وري

ڀهي = ڀاهوڙ ڪري، ڀونڪي. گري = گير ڪري، ڀونڪڻ جو سعيو ڪري، هڙ = ڀڄائڻ لاءِ هڪل. قريبن = دوستن، ويجهن، پيارن، مائٽن. عاقي = نافرمان، باغي. بيٺ = چيلهہ، هوڏ، دڙڻ = جهيڙو ڪرڻ.

ڪيئن ٿو عاقي ٿين!

"ڪتا قريبن سين، پيري پُڌ مَر بيٺ"

اي ڪتا، آءُ بہ قريب آهيان مونسان دعويٰ ۾ نہ پئو:

"حَبِني سندو آهئين، سي چونئي هَڙُ

ڪتا قريبن سين، دعوي پئي مَر دڙ"

پر ڪتو تہ ماٺ ئي نہ ڪري! تڏهين ٿي سسئي چڙ مان ڪتي کي چوي:

"نڪي آهيون ڇُهڙا، نڪي آهيون چور

هانگاما ۾ هور، ڪتا ڪرئين ڪِن تي؟"

ڪتي کي بہ ڪا لڄ آئي يا ڪا سمجهہ آئي، تنهن ڪٺي ماٺ ڪئي، يا شايد هن درد مند حسن واري نينگر جو پيار مٿس غالب پيو، سو ڪنڌ هيٺ ڪري پڇ لٽڪائڻ لڳو پانءِ تہ ائين ٿو چئي تہ مون رڳو تنهنجي آزما.ش ٿي ورتي، آءُ لڄ ڪين آهين، پر ساڌ آهيان!

"ڪتو چئي قريب جا، آهيون ساڌ سهي

پهرين بات بهي، پڇيون پوءِ پانڌين کي."

ايتري ۾ ڪو واٽهڙو لنگهيو جو بہ مسافر هو تنهن کا سسئي پڇڻ لڳي تہ هي شهر آريءَ ڄام جو آهي نہ؟ تڏهين لانگهائوءِ چيس تہ اي جوڳڻ، هي شهر آريءَ جو ڪو نہ آهي، ڪيچ مڪران تہ اجان شروع ئي ڪانہ ٿيو ٿئي. اجان هُو ڏونگر وڏو اڳيان آهي، تنهن جي پريان جو جهنگل آهي، اهو لنگهي پار پئبو تڏهن آريءَ ڄام جي وٺڪار وارو ملڪ ايندو جتي پنهون ٿو رهي، پر اي جوان جوڳڻ توکي ڪهڙي پيئي آهي، جو تون لڪ لنگهڻ نڪتي آهين؟ سسئي ويچاريءَ هيءَ خبر ٻڌي تہ سندس دل ئي هارجي ويئي. پر تڏهين بہ آئت ٿيس تہ وري بہ ڪيچ مڪران جي پنڌ ۾ تہ پيس. هاڻ ويندي پڇائون ڪندي، انهي شهر جتي پهتي، اتي ماڻهو بہ اهڙا ئي ڏسڻ ۾ آيا جهڙا پنهوارا هئا، سو سسئي سمجهيو تہ هيءُ پناڻن جو ملڪ آهي،

هور= الر، ڪاهہ. ساڌ = هتي، چور جو ضد، خير خواه

هنن جي ٻولي بہ اڌ پارسي تہ اڌ مڪراني هئي. سسئيءَ هنن جا عجيب عجيب لفظ ٻڌا. ڪهڙيون پيا هو ٻوليون ڪن ! پنهن جي زالن جڏهين سسئيءَ کي ڏٺو تڏهين هنکي وٺي اچي گهر واريائون ۽ هنجي خاطري ڪيائون، پر سسئيءَ مس ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ سندن لفظ پيئي سمجهي، هنن پنهن کان پيئي سوال پڇيو پر هو هن کي سمجهي ڪين نہ سگهن. وري ڪو پارسيءَ ۾ جواب ٿي ڏين، سو ويچاري سسئي سمجهي ڪيئن!

"پيم پنهن سين،ٻولي جي نہ ٻجهن،
آءُ سنڌي پڻ نہ سمجهيان، هو پارسيون پڇن!"

ڪهڙا ڪهڙا لفظ پيا ڪم آڻين ! سسئيءَ بہ ڪي لفظ اهڙا ٻڌا هئا، جڏهين سندس ڏير سندس ڳوٺ آيا هئا تڏهين اهي بہ اهي ٻوليون ڪندا هئا ۽ پنهون هنن کي جواب ڏيندو، سو سسئيءَ کو ڪو لفظ جهٽيو هو! "وڃ" کي چون "برو" تہ "اُٿي" کي چون "فازا" "ڪيڏانهن ويجان" کي چون "ٿانگوروان"، "چا چا" کي چون "شيشي!" "اينجا يعني هتي" کي چون "ايزا." پوءِ سسئيءَ کي معلوم ٿيو تہ هنن منهنجي ڏيرن جو اها ٻولي ٿي ڳالهائي، تنهن ۾ بہ سندن مطلب چوڻ جو اهو هو جو پنهونءَ کي پٺي چيائون تہ هن زال کي ڇڏي هل! سسئيءَ کي اتي ڏيرن جي ڏکن جون ڳالهيون ياد پيون:

برو فازا بات جنجي، ٿانگوروان شيشي
ڏين پارسيون پاڻ ۾، ايزا بليشي.

ايشان ايشان ڪن، وڃڻ جي وائي
هيءَ جا ٻولي جتڙين، سمجهيم نہ سائي،
قضا جا ڪريم جي، انهيءَ پر آئي
سسئيءَ جا سائين، پنهون رسج پب ۾.

"افسوس! مون ڪين سمجيو تہ هاجو ڪندا هي!"

بليشي = ڇڏي هلوس، ايشان ايشان = هيءَ شيءِ هيءَ شيءِ، هيءَ هيءَ.

سو هيءَ نينگر انهيءَ شهر ۾ تورو وقت مس رهي ۽ پوءِ پيئي پنڌ ۾، اڳيان ڪو وڏو جبل هوس، پر دل جهلي ٻاهر نڪتي.

سسئي ۽ ڏوٿي

سسئي ويچاري وري بہ دل جهلي ڏونگر ڏورڻ لڳي، ”پيپائي پنهونءَ ڏي نرمل نهاريا“ پنهنجي وسان ڪين گهٽايائين. گس ۽ پيچرا ڪهڙا بہ مشڪل هُئا تہ بہ سوڙهي سگهوري لنگهندي ويئي:

”هي گسي هي گس، هي پهڻ هي پيچرو
ويچاريءَ وڏو ڪيو ويندن پٺيءَ وس.“

پريان وڻ ڏسيو پيئي چوي تہ اجهي آيا وڻ وندر جا!

”وڻ وڻ منجهان واس، اچي هوت پنهونءَ جو.“

هن لاءِ اهي وڻ سڀ پنهونءَ جا نشان هئا. جن نشانن سان پنهونءَ جي پيشاني پيئي اڳيان نظر ايندي هيس:

”هُو جي وڻ وندر جا، سي مون سونهائين
ڏسيو ڏيکارين، پيشاني پنهونءَ جي.“

مطلب تہ هن جيڪي تي ڏٺو سو تي پنهونءَ سان لڳايائين. ڏٺائين تہ هرڻ پيو ٻوڙي، هرڻ جي ٻوڙ اهڙي ٽيندي آهي، جو ائين پيو سمجهبو آهي تہ پڳ پٽ تي رکي ٿي ڪونہ تو وري نظر مٿي ڪري ڏٺائين تي هماءُ پکي آهي، هماءُ پکي هميشہ ماٺهن کان پري پڄندو آهي ۽ بلڪل اڪيلو گذاريندو آهي، هرڻ ڏٺائين تہ بہ پنهون ياد پيس تہ ڏس تہ هن هرڻ کي ڪهڙي نہ لوڙي لڳي آهي، جو ٽڪ ٽئيس ٿي نہ ٿوا

گسي = اٺ جو ليڏوٽو

هماءُ ڏنائين، تڏهين بہ پنهون ياد پيس تہ هن کي بہ ڪا لوڙي لڳي آهي، جو اڪيلو ٿو گذاري ۽ پڇندو ٿو رهي ۽ ڪڏهين بہ ماڻهن ۾ ويهي ساهہ نہ ٿو پٽي!

"جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار
هو پڳ نہ ڏري پٽئين، هيءُ ڏڙسر ڏري نہ ساهہ
جيڪس تن وٺانءُ، سسئيءُ سور پرائيا."

سسئي گهمندي گهمندي ڏوٽين جي ڳوٺ ۾ اچي پهتي. هي ڏوٽي ماڻهو بلڪل سادا ۽ غريب آهن. هڪڙو سادو جهنگل جو ان ٿو ٿئي تنهن تي هو گذران ڪندا آهن. اهڙن کي ڏوٽي ٿو چئجي، ويچارا آٽين ۽ چاڙهين ڏُتُ ڏهاڻي. سسئي هنن جي ڳوٺ ۾ اچي پهتي. ڏوٽين هن جي چڱي خاطري ڪئي ۽ هن جي مهمان نوازي ڪيائون: هي ماڻهو جبل جا اصل رهاڪو ڪين هئا، پر سنڌ منجهان آيل هئا ۽ پوءِ هتي اچي گهر ڪري وينا هئا. سسئي هنن جي ٻولي سمجهي سگهي ۽ کائنن پڇائين تہ ڏوٽيئڙا، ڪي مونکي ڏس ڏيو تہ اوهان ڪوهتان قافلو ويندو ڏٺو؟

مونکي جنهين ماريو آن ڪي گڏيا سي
تن ۾ طاقت ناهہ ڪا ادا انهيءَ ري،

آن جَي ڏِنا هونءُ الله ڪارڻ ڳالهہ ڪريو
نيڻ منهنجا رون راتو ڏيهان انڪي.

ڏوٽيا، ڪو اونين جو مونکي اهڃ ڏيو
سچ ڪہ ساٿ نِيو پنهون منهنجو پاڻ سين؟

اڙي ٻيلي ڏوٽيا، ٻڌايو جي اوهان کي خبر هجي:

سرگردان = حيران، پريشان. پڳ = پير، ڏڙ = ٻت.
اهڃ = اهڃاڻ، نشان. پٽي = رلي، گهمي. پُور = هل. وتري = وڏيڪ.

"ڏيــرن ۾ ڏاڳــهــن جــو مــون کــي ڏس ڏيــو
مُـونـهـان سـاٺ ويـو پـٺـي ڏونـگـر ڏوريـان."

ادا، هو جو ملڪ اڳيان ٿو ڏسجي، سو تہ ڪين آريءَ جو ڪيچ آهي؟ سسئي ويچاريءَ جي اکين مان پاڻي پيو وهي. ڏوٿين جي دل کي بہ ڏاڍو پيو قياس اچي. پر ڪيچ تہ اجان پري هو. سو سسئيءَ کي چيائون:

"ڏوٿين چيس ڏور، ڪيـچ آڳـاهـون پـنـڌ ٿـيـو
پــاڻــان چــڙهــي پــور، وڪَ وڌائــي وتــري."

هنن ڏوٿين ۾ هڪڙو جوڳي جَڻُ صوفي خيال وارو ماڻهو رهندو هو. تنهن جو سسئيءَ جو هي حال ڏٺو سو انکي نهايت دل ۾ دک ٿيو تہ هيءَ بار ويچاري ڪيترا نہ ڪشالا ڪڍي آئي آهي. جوڳيءَ هن جو سمورو حال ٻڌو. هن سچي انسان کي خدا جي لڳل هئي، پر هن ڏٺو تہ پيلي هن ڇوڪر کي عشق انسان جو آهي، پر سچو اٿس. تڏهين هن سسئيءَ جي دل ورتي ۽ چيائينس تہ تون دل نہ لوڙهہ. توکي روئيندو ڏسي مون کي ڏاڍو درد ٿو ٿئي، پر تون روئڻ م ست نہ وڃاءِ. تون وڃ، پنڌ اولو اٿيئي، پر پوءِ ڪٿي قسمت تنهنجي! اي جوڳڻ سسئي، هيءَ سڀ قسمت جي بازي اٿيئي، جيڪي لکيو هوندو سوئي ٿيندو:

"تــوڙي ولاڙون ڪــريــن، تــوٽــي هــلــيــن وک
لـڪـئي مـنـجـهـان لک، ذرو ضـايـع نـہ ٿـئـي!"

پر تنهنجي ڪوشش کي شاباس هجي، وڃ سڌ ڪندي!

"واڪــو هــڏ م لا، ســڏن مــتــي ســڏڙا."

"پسي ڏونگـر ڏاهہ، جـم هـلـڻ ۾ هـيـٺـي وهـيـن
اِن وڙائــتــي ور جــي، آســر هــڏ م لاهہ."

جوڳيءَ کي ڪو ڏسڻ ۾ آيو تہ هن نينگر جي نصيب ۾ عجيب

ولاڙون = ٻوڙون، ستون، ڪاهون. لک = ذرو. ضايع = ڇٽ. ڏاهہ = ڏک، تڪليف. وڙائتي = لياقت واري آسر = آسرو. سرجي = پيدا ٿي.

سور لڪيل آهن:

"سرجي تان سور، ساماڻي تان سک ويا
هي ٻئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا."

جوڳيءَ هن جي ايندڙ قسمت ڏي ٿي اشارو ڪيو پر سسئيءَ کي هن چڱي پرش جا وچن ٻڌي ڪجھ آٿت آيو ۽ هيءَ اٿي رواني ٿي. پيئي چئي پاڻ کي.

"ووءِ ووءِ ڪندي وت، مچڻ ووءِ وسارئين."

آخرين آزمائش

ڏونگر ۽ جھنگل اڳيان ٻـ لنگھي آئي هئي، پر هي ڏونگر ۽ جھنگل ڪو گھاٽو ۽ گھاتڪ هوس. مرن جا آواز پئي ٻڌائين، پر تـ بـ هيءَ هلندي رهي. جيئن وچي هلندي، تئين جھنگل ۽ ڏونگر بـ وچي وڌندو. هينئر نئين حالت وري اها هئي، جو واٽ تي جيڪي ماڻهو پئي مليس، سي وري ڪرڙا ۽ شوخ طبع ۽ بد نظر پئي آيا. هيءَ ويچاري پيئي چئي نـ هاڻ اجهو وٽڪار جو ملڪ آيو ڪي آيو. پر انهي وٽڪار جي دکن تـ ويچاري کي سجائي ڇڏيو. هڪ ڏينهن تـ من اچي ڦٽس، سو ڏاڍيون داهون ڪيائين، آڦي باقي جو شوخ ۽ ڪني اکِ رکندڙ انسان ڏٺا هئائين. تن بـ هن کي مايوس ڪيو سو بِلڪل ڦوڙائي مان پنهونءَ کي ياد ڪيائين تـ اي دوست، هاڻ تـ آءٌ ڏيئي وني رهي آهيان.

"نـ پـت نـ پـروسـو، نـ اوهـي نـ واهـي،
پنهل تي ساهي، آءٌ آهيان اوهانـجي آسري."

ساهي = سهاءِ، مددگار. سجن = سجهن. بَـرَ = پٽ، سجا هنڌ. جلدايون = ڏڪيائون. جوراٽو = سخت. سناٽو = سخت، هيبت وارو. هوت = پيارا. جائَوَ جهانئَو = وڻ جو قسم جمر = جهمر ۾ وڻ جو قسم، جر = جال = گهٽا. ڏرتي. ور = وراڪا، پيرا.

واقف نہ وڻڪار جي، ٻاري سڄڻ پر
ور وسيلا سپرين، ٽڪيس ڏوري تر
لهج لال لطيف چئي، ڪانڌ مُئيءَ جي ڪر.

واقف نہ وڻڪار جي، پاڻي ڪنيم نہ پاءُ
جبل جلدايون ڪري، تِڪَ ڏيکاري تاءُ
لڳن لڪون لطيف چئي، معذورن مٿانءُ
اُتي اوڏي آءُ، جت هوت هيڪلي آهيان.

واقف نہ وڻڪار جي، جت جبل جو راڻو
اتي عبداللطيف چئي، سڄي سفر سٽاڻو

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت جَائوَ جمر جر،
ڪوسا تپن ڪڪرا، ٻي دمدم تپي ڏر
ويچاري ڏئي ور، پير نہ لهي پرينءَ جو.

وڏا وڻڪار جا، جت نانگ سڄن نِيلا
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلن حيلا
جت ڪرِڙ نہ قبيلا، ات رسج رهبر راهہ ۾.

سسئي اتي ڏاڍو رودن ڪيو آهي ۽ نهايت پنهونءَ کي پڪارون ڪيون اٿس تہ اي پنهون، زارون زار آءٌ تي رڻان رت ڦڙا، پنهل تون ڏيکار، پرين پيشاني پانهنجي. گهڻوئي تي پاڻکي روڪيان، پر
"گهتيا رهن نہ گهٽ ۾، پيغامن جا پور."
"مون نماڻيءَ جي نجهري، پيرو ڪج پتار
ساجن توهان ڏار، ڏنم ڏينهن قيام جو."
هاڻ تہ آءٌ جيئڻ مان بہ ڪڪ ٿي پيئي آهيان، پانيان تہ هي

جهنگل جا مرون جي مون کي کائي وڃن تہ چڱو پر
مروئن ڪريان منٿون، ڪين نہ منهنجو ماهہ
اي ساڄن،
”ڪڏهين تان ٻاجهہ پئي منجھ مون سلام
سڪ تنهنجي سپرين، ڪيو تن تمام.“

اي پنهون تون مون وٽ اچ تہ:
”پٽي جا پيرن، لڱن کي لائيان
چنبيلي چائيان، جي مون نيو پاٽسين.“

ڪڏهين پيئي چوي تہ پنهل مونکي ملي تہ جيڪو آءُ پاڻ کي پورهيت ٿيڻ بہ چاهيان. ڪڏهين پيئي چوي تہ آءُ پنهونءَ بنا گولي آهيان. پر جي پنهونءَ کي ملان تہ جيڪر ”گولي ٿيان گل ٻوءِ“ پر هتي تہ پنهون، منهنجو ڪهڙو حال ٿيو آهي:
”ڏهلا مون ڏينهن ٿيا، پيم ڄام ڄيون
ڪري پند پهاڙ ڏي، ٿيڙم روح ريون
لڇيو ٿيان، لطيف چئي،
ڪارڻ دوست ديون!“

ٻڪرار

پورياريءَ جو وقت هو. سسئيءَ هلندي پئي آئي تہ پريان هڪ شخص ڏٺائين. هي شخص منهن جو ڪرڙو هو ۽ سسئيءَ ڏانهن نهاريائين تہ سسئيءَ کي هن جي نهار وڻي ڪا نہ. هي شخص لنبو ۽ جانو ٿي ڏسڻ ۾ آيو. جڏهين ويجهو وڌيو تڏهين بہ سسئيءَ ڏانهن گهور ڪري نهاريائين.

قيام = قيامت. تمام = پورو. پٽي = مٽي. چنبيلي = مٽي ڪٽڻ جي ٽوڪري چائيان = ڪٽان.
ڏهلا = ڏکيا =. ڄام = سردار سريون = ريزا ريزا = ذرا ذرا ديون = پرزا پرزا.

صفا هو تہ هن شخص جي من ۾ شيطان ويٺو هو! ايندي شرط سسئيءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. چوڻ لڳس تہ اي سهڻي، تون ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ سسئيءَ چيس تہ آءٌ وڃان ٿي آري ڄام جي ملڪ ڏي. شيطان چوڻ لڳس تہ ايڏهين تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي، تون مون وٽ ڇو نہ هلين؟ سسئي پاڪ دامن عورت جو هي لفظ ٻڌا، سا نهايت ششدر ٿي، پر دل جهلي نماڻي ٿي هن کي چيائين تہ اي مرد، تون مون سان چرچا نہ ڪر، آءٌ دکي ۽ دردمند عورت آهيان، آءٌ يتار واري آهيان. تون مون کي ڪجهہ نہ چئُہ. هي بد انسان انهي تي پاڻ وڏيڪ اکيون کپائڻ لڳو. وقت بہ اهڙو هو جو پيو ڪو مسافر ڪو نہ ٿي ڏسڻ ۾ آيو. سو هن خبيث ڪٽي سسئيءَ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو.

سسئي اوچتو ئي هنڪان پاڻ ڇڏائي ڀوڙڻ لڳي. نينگر کي خبر نہ آهي تہ ڪهڙي بجلي پيرن ۾ پيدا ٿي، سا واءَ وانگر ڇُوهَو ڀوڙندي ويئي. هي شخص جو جهنگل جو ٻڪرار هو، سو بہ هن جي طرف ڀوڙڻ لڳو ۽ جيئن اکيون هن پاڪ دامن جي پنيان هيس، تيئن ئي واٽ ئي ڪو وڏو پٿر پيو هو، جنهن جي خبر ڪا نہ پيس، سو آٿڙندو ڪري پيو! هن ٻڪرار کي بہ ڳچ وقت لڳي ويو اٿڻ ۾ ڪنڌو بہ ڪو ڪنڌو لڳو هوس، جيسين ڪيڏي ۽ سور پيچي، تيسين سسئي کي وجهہ مليو وڃڻ جو. پر پڪ هيس تہ هي ابليس منهنجي پنيان ضرور ايندو. اتي هڪڙو تہ سوز درد ۾ ٿڪ هَلاڪُ ڪئي هئي، پيو تہ واڪا ڪري وٽن ۾ لاچار مايوس ۽ نااميد ٿي هئي، وري جو هيءَ آپدا مٿس نازل ٿي هئي سو ويچاري جا ڇيهہ ئي ڇڄي پيا.

"ڪي هلي، ڪي هٿ ڪٽي، ڪي رڙهي ڪو روءِ
ڪو پنهونءَ کي چوءِ، مُنيءَ ماتم آئيو."

اوڏي مهل جي هن درد جون دانهون ڪيون آهن، تن جو شاهہ جيڪو بيان ڏنو آهي، سو عجيب آهي پاڻ ٿو چئي:

"حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ڏري
وڻ پڻ وڃن ٻري، اوپڙ ايري ڪا نہ ڪا."

اوپڙ = ونسپتي

سسئيءَ ويچاريءَ جو ڪهڙو نہ حال ٿيو! سمجهڻ لڳي تہ منهنجا تہ هينئر سڀ اچي ويري ٿيا آهن:

”اٺ ويري اوٺار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو جنهن لٽيا پنهونءَ پير،
پنجون ويري سج ٿيو جنهن الهي ڪي اَويَر
ڇهون ويري ڇپر ٿيو جنهن سوان ڪيا نہ سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو ڪڙيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي وير، چلون ڪريان ڇپرين.“

سچ پچ هن نازڪ بدن نينگر سان سيني ڪو پنهنجو وير پاڙيو هو. ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن ڏکن آءُ ڏڏي ! هن آخرين آزمائش جي وقت سندس اکين مان لڙڪ وهي آيا.

”جنهنجون بوندون بس نہ ڪن،“ اوڏي مهل پنهنجي پيتار کي بہ سنياريائين ۽ مالڪ سڳوري کي سڏ ڪيائين تہ اي پرور منهنجو پن رکج، پنيان منهنجي شيطان آيو ڪي آيو مونکي رکي وٺ!

اڏر اڏر ايري، اسولهين آهيان،
لڙڪ لعل لطيف چئي، ور لئہ وهايان!

اڏر نڌر ايري، اسونهين آئون
چيتا چور چنجن ۾، بر ۾ بلائون،
موٺ پنهون پانهون، متان محب مري رهان.

اوٺار = جت. الهي = لهي. چوءِ = چوي. سير = رستا. واهيرو = پکين جو آکيري ۾ وهڻ. واهيري جي وير = شام جي مهل، سج لٿي مهل. چلون = ڪاهون. پن = ست. اڏر نڌر = نڌٽڪي. ايري = ضعيف آئون = آءُ. چنجن = غارن. پانهون = پٺيان.

آءُ اوراهـون سـپـريـن، وچ م آڳـاهـون،
ٿـڪـي ڪـٺـي تـرن ۾، ٻـاڪـاري ٻـانـهـون،
درد جـون دانـهـون، مـاريـنـديـون مـوٽ تـون.

آءُ اوراهــون ســپــريـــن، آري الله لـــڳ
ساهہ تنهنجي سنگ، اڪنڊيو آهـون ڪـري

اي سپرين، مون وٽ جلد اچ. هيءَ جا ابليس جي ٻچ منهنجي پٺيان آهي، تنهن ڦاهيءَ ۾ مونکي نہ موڪل:

"آءُ اوراهـون سـپـريـن، ڏکـيءَ ڏاگـهہ مَ ڏيـج!
مونکي ڇڏ م ڇپـريـن، هـٿ هـوتـاٽـي هـاڻ."

اي پنهون، آءُ بندي تنهنجي آهيان، اي ڪيچيا تون اچي ڪا مدد ڪر، نہ تہ هيٺي ناهي حال ۾.

اي دوست، توسان "سڪي مون سڱ ڪيو لڪي وچان لوڪ" سو تون مونکي هٿ ڪيئن تو ڇڏين! منهنجي دل جو ڏاڍو تو ڇڄيئي:

"هينئڙو ڪچيءَ تند جيئن، ڇڄيو ڇڄيو پوءِ!"

مطلب تہ هن سسئيءَ جون دانهون اهڙيون هيون، جو جهڙ ۽ ڪڪر مڙيئي ڪنا ٿي سسئي جو دک ڏسڻ لڳا ۽ سسئي ستوادڻ جي پٺيان هن ابليس ٻڪرار کي ايندو ڏسي بلڪل ڪرڙي گجگوڙ ڪرڻ لڳا. آسمان بہ پاڻ جهلي ڪين سگهيو ۽ روئڻ لڳو ۽ وجليون بہ زور سان وجڻ لڳيون:

"ڪياٿين آهہ عجيب کي، سڪ منجهان سا ڪا
پيئي هتيڪي هوت کي، ڪوڪ وڃي ڪن ڪا."

آخر الله عجيب جي در تي وڃن ۽ بادلن سسئيءَ جي ڪوڪ پهچائي. اوڏي مهل سيني ملڪن ۽ فرشتن کي سسئيءَ جو ستر ڏسي نهايت دک ٿيو. چون ٿا تہ سسئيءَ اوڏي مهل دانهن ڪئي تہ هي منهنجا

اڪنڊيو = سڪيو سڪ مان، ڏاگهہ = باهہ داغ، سوري

رب، جي منهنجو ست بچائڻو اٿيئي تہ بچاءِ، منهنجو ستر وجي تنهن کان تہ زمين ڦاٽي پوي تہ آءُ انهيءَ ۾ پئجي وڃان. آڳي جي در تي اها دانهن پهتي. حڪم ٿيو وڄلين ۽ بادلن کي حڪم ٿيو آسمان کي، سو اهڙو هڪ گجگوڙ ۽ رنڀ جو آواز ٿيو، جو سڄ پچ ڏونگر جي زمين ڏري پيئي ۽ چون ٿا انهيءَ وقت سسئيءَ اندر لنگهي ويئي ! ابليس جو سندس پٺيان پئي، آيو سو زبون ٿي ويو. چون ٿا تہ سسئيءَ کي اندر زمين تي هڪ حيرت جهڙو لقاءُ ڏسڻ ۾ آيو، جتي عاشق شاعر ٿو چوي تہ اتي سسئيءَ کي پنهون مليو. ڪيئن اتي پنهون مليس، سا بہ پرولي آهي يجي سگهي تہ پيچ.

(3)

هير رانجهو

هير رانجهوءَ جو نالو ڪهڙو نہ وڻندڙ آهي! جڏهين ڪٿي ڪن محبتين جي ڳالهہ ڪبي آهي، تڏهين گهڻو ڪري ائين ئي چئبو آهي تہ ”جهڙا هير رانجهو.“ هير جو نالو موافق تتل هنئين کي ٺاريو ڇڏي ۽ رانجهو لفظ ئي خوشي پيو ڏئي.

چوچڪ نالي هڪ رئيس هو جو پنهنجي راڄ جو مکي هو دولت جي وٽس ڪمي ڪا نہ هئي ۽ سخاوت جو سردار هو. هن شخص کي هڪ ڌيءُ هئي. جنهنجو نالو هير هو. هير حسن جي راڻي هئي:

”هرڻ اکي، هنج ڳچي، ڪويل جي ڪُڻڪار
هـاديءَ ڏنـس حسـن جـا، اڻ مـيـا انـبـار.“
(حيدر)

نہ رڳو صورت ۾ سهڻي هئي، پر سيرت ۾ پڻ پوري هئي. هڪ محل پڻهس نهرائي ڏنو هوس، جتي هوءَ رهندي هئي. مائٽن هن نينگر کي پڃري جي بلبل جيان بند ڪين ڪري رکيو هو، سو هير بي ڊپي پيئي گهمندي ڦرندي هئي. هڪ ڪشتي بلڪل عمدي هيس، جنهن ۾ رهڻ جي لاءِ هڪ ڪوٺي بہ هئي، انهيءَ ۾ چڙهي هير ڏاڍا درياهہ جا سير ڪندي هئي، ڪناري تي باغات ۽ وچ ۾ محلات. جڏهين چنڊ نڪرندو هو ۽ ٽيندي هئي رات، تڏهين هير ڏاڍيءَ اڪير سان پنهنجي بلبل آواز سان ڳائيندي هئي.

هزارا شهر جو شهزادو هو. جنهنجو نالو رانجهو هو. جنهنجو نالو ئي رانجهو هو. تنهنجي حسن ۽ هوشياريءَ جي ڪهڙي بات ڪبي! ڪنهن

ڪڻڪار = آواز. هادي = مرشد. گرو.

سمي رانجهو نڪتو سير تي، گهمندو ڦرندو اچي چوچڪ جي راڄ ۾ پهتو. درياهہ جو ڪنارو وٺيو پئي آيو. مڙس بلڪل ٿڪل هو، سو خيال ٿيس تہ ڪٿي آرام ڪريان. پريان ڏٺائين تہ هڪ سهڻو محل آهي، جنهنجي پر سان هڪ ٻيڙي بيٺي آهي. اڳتي وڌي ملاح کي سڏ ڪري چيائين، تہ "ادا، گهڙي پل نہ مونکي انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ آرام ڪرڻ ڏين؟" ملاح منهن ورائي ڏسي تہ شاندار، قداور ۽ سهڻو جوان بيٺو آهي. سمجهيائين تہ اهو تہ ڪو وڏو امير، سو بلڪل نماڻائيءَ سان چيائين تہ "حاڪم، هيءَ ٻيڙي آهي رئيس جي ڌيءَ جي ۽ خاص سندس واسطي ئي آهي. لاچار آهيان معاف ڪجو."

اتي وري رانجهي هن کي چيو تہ آءٌ ڪو هت ديرو ڄمائي ڪين رهندس ۽ نڪي ڪا هيءَ مهل اهڙي آهي جو رئيس جي ڌيءَ سير تي نڪرندي، سو هاڻي ڪٽي ڳالهہ قبول ڪر. ملاح ويچاري ڏٺو تہ هاڻ هي وقت بہ اهڙو آهي ۽ مڙس بہ ڀول آهي پيو وري لالچ بہ ٻڇڙي آهي، تنهن رانجهوءَ کي موڪل ڏني تہ پل اچي آرام ڪر. تڏهن رانجهو ڪونيءَ ۾ آيو. ڏٺائين تہ واهہ! هيءَ تہ هڪ نازڪ بدن عورت جي سيج آهي. ڇا منجهس خوشبوءِ! مڙس پيو هو ٿڪو، تنهن نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم، ٿنگون ٽيڙي ليٽي پيو. ڳچ وقت گذري ويو، ويچارو ٻيڙيءَ وارو دل ۾ ششدر هو ۽ اهو پئي ڏٺيءَ کي سوال ڪيائين تہ "رب منهنجا ڪو ڍڪ ڍڪج. سوبل ئي هن جوان کي اتارج تيتر هير کي نہ آڻج. نہ تہ هيءَ چوچڪ جي ڌيءَ نہ لڱن تان چم بہ لهرائي ڇڏيندم."

چو نہ هير کي اچي خيال ٿئي تہ اڄ سوبل ئي سير ڪريان، سا آئي درياه تي. ملاح ويچاري جا تہ ڀڊر ئي ڀرا تي ويا، سائو تي ويو ۽ ڏڪڻ لڳو. جڏهين هير پڇيس تہ ڪر خبر ڪهڙي تو سان ويڌن آهي؟ تڏهين ويچارو ڪنبي ڪنبي چوڻ لڳو تہ اي سائڻ! گناهہ بخش. تنهنجي ڪمري ۾ هڪ ڏاڙهي ٿڪل شخص کي ڪٽي آرام ڪرڻ جي موڪل ڏني اٿم. هير باهہ تي ويٺي تہ هيءَ ڪهڙي غضب جي ڳالهہ جو منهنجي بستري تي هڪ ڏاڙيو شخص آرام ڪري!

جُلهہ ڪندي اندر آئي، پر بيوس ٿي بيهي رهي! جهڙي گرم ٿي آئي،

تهڙي نرم ٿي پيئي. اکيون وچي سيج ۾ کٽيس. ڏسي تہ مار هي تہ جوان بيپرواهہ بالم ٿيو سيج تي ستو پيو آهي. شڪل سندس کهڙي آهي.

”ڪالي وال لطيفان والي، اڳيان پرن مشعلان،
نڪ ديان نؤڪان ڏيون چوڪان، ول ول ڳُهن ڪنگالان.“

شڪل شاندار، ڪارا ڊگها وار، اکيون مشعلن جهڙيون، نڪ ڊگهو آمي جي قاڙ تن هير جي دل گهائي وڌن رانجهوءَ بہ پاسو ورايو ۽ ڪر موڙڻ لڳو. آهستي آهستي اک کليس. اک پٽي، چا ڏسي! هڪ حُور جهڙي حسين، پري روءِ پيڪر، نازڪ بدن ڪنول نيڻ صورت بيٺي آهي! ٻنهي جون اکيون وچي هڪ ٻئي ۾ کُتيون. هت انهيءَ عشق جي عجب جون کهڙيون ڳالهيون ڪبيون.هير رانجهو ٿيا ئي هڪ ٻئي لاءِ هئا. قدرت جي حساب سان اچي هڪ ٻئي کي مليا. هير، رانجهوءَ جي محبت ۾ مست ٿي ويئي. ملاح کان معافي ورتائين ۽ پاڻ انعام بخشيائينس ۽ عرض ڪيائينس تہ اها خبر تون ڪنهن کي ڪِين ڏجان. هاڻ هير رانجهو کي چوڻ لڳي: اي منهنجي سيني جا سردار! هت تون ڪيئن رهي سگهندين؟ هيءَ خبر ڳجهي ڪين رهي سگهندي، هاٽي ڪو پهہ پچاءِ تہ وري وچڙون نہ.

رانجهو چاڪ

ڳچ مدت کان پوءِ سٺ ستياٺون، جنهن موجب رانجهو شاهاٽي لٿا لاهي، هير جي ابي جون مينهون ۽ گانيون چارڻ لاءِ تيار ٿيو. ٻئي ڏينهن اچي چوچڪ کي سوال ڪيائين تہ مونکي گانيون مينهون ڏي تہ پيو چاريان. چوچڪ ڳالهہ قبول ڪئي. درياهہ جي ڪنٺي تي جو جهنگل هو ات هي پيو مينهون چاريندو هو ۽ هير ساڻس پيئي ملندي هئي، ڳچ ڏينهن گذري ويا. نيٺ سڻ سڻ ۽ پڻ پڻ ٿيڻ لڳي تہ رئيس جي ڌيءَ هير مهيار وٽ

ڪاٿِي = ڪاري. وال = وار. لطيفان = محبوب. مشعلان = ڏياٽِيون. ديان = جون. چوڪان = ڪپ. ول ول = وري وري.

تي وچي ۽ هوءَ شايد ميهار جي پيار ۾ قاتل آهي. محبت اهڙي ڳجهي رهي، جهڙو خون خستوري ڳجها رهن. سو اها خبر نيٺ چوچڪ کي پيئي هن کي ڏاڍو خيال ٿيو. سو يڪدم رانجهوءَ کي ڪڍي ڇڏيائين، ۽ هير کي ڦٽ لعنت ڪيائين. هير چيس تہ "هي ميهار نہ آهي، مگر شهزادو آهي! منهنجي دل هن جي دام ۾ گرفتار آهي. مونکي تون رانجهوءَ سان پرڻائي ڇڏ."

رانجهو گهوٽ ۽ کيڙو ڪر

چوچڪ بيوس هو. ڇو جو کيڙو هير جو سوٽ تنهن ٿي هير جي پانهن گهري. مائٽ چون تہ هيءَ کيڙي سان نڪاح وجهي. هير چئي تہ گهوٽ ڪريان تہ رانجهو. اتي سندس ساهيڙيون، جن ڀانيو تہ رانجهو هڪ چاڪ (نوڪر) آهي، تن چيس تہ "لڄ نہ ٿي اچيئي، جو هن چاڪ سان اچي دل رکي اٿيئي؟" تن کي هير چيو:

"سانون چاڪ دي چاڪ بيچاق ڪيتا
تيوان چاق تڏان، جڏان چاڪ ملي."
(حمل)

تڏهين ساهيڙين چيس تہ "توکي اٿين نہ ڪرڻ کپي مگر قاضيءَ وٽ هلي، شريعت موجب کيڙي سان نڪاح وجهہ." تڏهين هير جواب ڏنو:

"تسان مُلان هتون حلال ٿيئا
سانون خود خدا نڪاح پڙهيا."
(حمل)

اڙي ڇريون، رانجهو ئي منهنجو گهوٽ آهي، ۽ خود خدا اسان جو نڪاح وجهي اسانجو دليون ٻڌيون آهن.

هير ويچاري اچي ڏکن ۾ پيئي. مائٽن اچي ڪنڪا وڌس تہ

سانون = اسان کي چاڪ = نوڪر. چاڪ = ڦٽ، بيچاق = بيمار ڪِتا = ڪيو. چاق = چڱي ڀلي، چاڪ = نوڪر. رانجهو تُسان = توهين.

”ههڙي تهڙي چوري ندوري پرٽج ڪيڙي سان.“

ويچاريءَ گهڻي ئي آزي نيزاري ڪئي، پر مائٽ هٺا پٿر دل، تن هنجي ڳالهہ نہ مڃي، هير کي اڃي آزاريائون، اتي هير بلڪل بيزار ٿي چَيِين:

”ڪــٿ اســان، ڪــٿ يــار اســان ڏا،
ڪٿ ياران دي وَستي
رانجها کسڻ، کيڙا ڏسڻ، ويک چتان دي مستي
ساري جڳ وچ هڪ دوست ڪيتوسين،
لوڪ تنان تون خستي.“

مائٽن کي چوڻ لڳي تہ ”اوهين ڪهڙا نہ چٽ آهيو جو ههڙي رانجهو جهڙي گهوٽ کان مونکي جدا ڪري کيڙي جهڙي کر سان ٿا مون کي اڙايو. مان پيو تہ اوهان کان ڪين ٿي گهران؟ سڄي جڳ مان مون هڪڙو پريتم ڳوليو. تنهن ۾ پيا توهانکي خار لڳن.“

هير ۽ قاضي

اتي هن جي مائٽن کي بلڪل غصو آيو ۽ هنکي قاضيءَ وٽ وٺي آيا. قاضيءَ هنکي شرمايو تہ ”تون اهڙو ڪم نہ ڪر ۽ مائٽن جي مڃتا کان سواءِ تون اهو رستو نہ وٺ.“ هير جواب ڏنس:

ماءُ پيءُ ڪنون چوري پيتم، ڪيتم روح راضي
دل دي قضا دل هي جاني، تون ڪيا جاني قاضي؟

”اي قاضي، اهو پريم جو پيالو برابر مائٽن کان چوريءَ پي روح کي راضي ڪيو اٿم. مگر انهيءَ قضا جي خبر دل کي ئي آهي، تون قاضي ڇا ڄاڻندين؟“

اچي لڳي قاضيءَ کي ڪاوڙ تنهن ڪيدي ڪيا دفتر ٻاهر، سو

دي = جي. وستي = جڳهہ. خستي = خفي، ناراض. ڪنون = کان. جاني = ڄاڻي، جانان = ڄاڻان. قضا = مراد. ڪيا = ڇا. تي = ۽

الري هير کي چوڻ لڳو:

”سڻ ڙي مورک هير، تو ڪئي شريعت جي نقصير، تو ڏوھ ڪيو آهي باري هاڻي مچ چيو ۾ وٺ معافي، نہ تہ ٿيندئہ خوب خواري، تو شريعت جي قاعدن جي انحرافي ڪئي آهي ۾ توکي سخت سزا پوڻي پوندي “

هير جواب ڏنس: قاضي صاحب، مونکي تہ اکرن جي مکرن ۾ ورقن جي ونگڙن جي ڪا بہ ڪل ڪانهي. آءُ تہ.

”الف الله، تي، ميم محمد، عين علي ڪر جانان
عرشان اُلٽا چار ڪتابان، پڙهيا مسلمانان
وچ تنان دي زيران زيران، نان ڪيها حرف سڃاڻان. “

اي قاضي، اهي ڪتاب تون کولي مونکي قاعدا ٻڌائيندين، تنهن مان ڇا ورندو؟ برابر عرش تان چار ڪتاب لهي آيا. جي مسلمانن پڙهيا، پر انهن ۾ جي زيرون زبرون لڳيون پيون آهن، سي مون کي تہ ڪين ٿيون پڙهڻ اچن، پر ميان صاحب مون کي هڪ سوال جو جواب ڏيو.

”ڪيڏ ڪتاب، قاضي کول مسئلا، عشق شرع ڪيا لڳي؟“

چڱو ڀلا، ڪتابن مان ڪيڏي ڏيکار تہ کهڙي قاعدو عشق سان تو لڳي. اي قاضي، عشق جو قانون ڪهنو آهي، پڻ آدم کان جهونو آهي، عشق جو آئينو اندر آهي، جٽ سپرينءَ جي صورت پسي سگهجي ٿي. اهي ٻاهريان ڪتاب مان ڪاڏي ڪريان!“

اتي قاضيءَ کي ڏاڍي ڪچي آئي. مڙس خفي ٿي پيو ۽ حڪم ڪيائين تہ ”ڪيڏو ڪاني، شريعت موجب هنکي ڏيو موت جي سزا!“ پر

”اصل عاشقن جو، سر نہ سانڍڻ ڪم
سو سسنيان اڳرو، سندو دوسان دم
هي هڏو چم، پڪ پريان جي نہ پڙي “
(شاھ)

عرشان = عرش مان، الٽا = لٽا، ڪيها = ڪهڙا، شرع = قاعدو.
سسنيان = سسين کان. پڪ = ٽڪ يا وات جو ٻاٽي، چڪو ڊڪ. ڪريسان = ڪنديس.
منڪر نڪير = ٻہ فرشتا جي موت کان پوءِ قبر ۾ سوال = جواب (پھريون پُڇاڻو) ڪرڻ ايندا. (مسلمانن جي عقيدي موجب.) آکيا = چيو. جنت = بهشت. وڙسان = وڃان.

هير بہ انهيءَ پريم جي پڪ پيتي هئي، تنهن بلڪل بي پرواهہ ٿي جواب ڏنو:

"قاضي ڪيڏ نہ ڪاني، ڏي نہ دڙڪا،
مئن ڪسڻ قبول ڪريسان
جي رانجهو مئن نون سڏ ڪريسي،
تہ مئن ڪُنيائي سڏ ڏيسان.

"ڪيڙي دي مئن مُول نہ هوسان، جي وچ دوزخ سڙسان؛
منڪر تي نڪير اڳيون، حرف اهو ئي پڙهسان،
شاهہ رانجهو مئنو آڻ ملائو، جو شاهہ آکيا سو ڪرسان،
رخصت ٻاجهون يار رانجهو دي وچ جنت دي نہ وڙسان."

گهڻيئي قاضي هن کي دڙڪا ڏنا ۽ مائٽ مٽ مٽا هٽي بيٺا، پر ڏنائون تہ هيءَ سمجهڻ جي ڳالهہ نہ آهي؛ سو هن نازڪ بدن نينگر کي ڪيڏي ڇڏيائون.

هير ديواني

هيءَ ويچاري هاڻي ڪاڏي وڃي ! هنجي رانجهوءَ کي بہ لوڏي ڪڍيو هئائون. هير سورن جو سندرو ٻڌي نڪتي پنهنجي رانجهوءَ پٺيان. پر رانجهو ڪٿان اچي! سمجهڻ لڳي تہ شايد رانجهوءَ جي دل سخت آهي، جو مونکي هن حالت ۾ ڇڏي ويو آهي؛ سو چوڻ لڳي:

"هڪ جو سهٽا، پيو دل دا ڏاڍا، تيجي بي پرواهي
آهہ ڪريان تہ جڳ ملي، ڳوڪان داد نہ پائي."

ديواني ٿي رانجهو رانجهو ڪندي پڪاريندي رهي. ڪنهن وقت رانجهو جو ڪتو نظر ۾ آيس. سرد آهہ ڀري تنهنکي چوڻ لڳي:

تيجي = تين. داد = انصاف. سگ = ڪتو. تيڏي = تنهنجي. ميڏي = منهنجي. لقما = لقمو، ڪاڌو، گرهہ.

"سڻ وي سڪ، مئن سگ تيڏي،
تون سگ ميڏي دلبر دي در دا."

اي ڪتا، مان تنهنجي ٻه ٻانهي آهيان، ڇو تہ تون منهنجي رانجهو جي در جو ئي آهين ۽ مون کان وڌيڪ سڀاڳو آهين جو روز رانجهو جي هٿان سندس لقمي جو پور ملئي ٿو. ٻيلي جي

"ان لقما وچون هڪ لقما ڏيوين، تان ٿيوي قوت قبر دا."

ڪنهن وقت ڏنائين تہ باز پيو ٿو ننڍڙا پکي جهٽي. تڏهين چوڻ لڳي تہ رانجهو جي باز هجي ۽ آءٌ جي طعام هجان تہ واه واه!

"رانجهن ميڏا هوءِ بحري يا شڪرا،
تان مئن بن بن طعما ٿيوان
ڪري ڪلاچا لي جاوي،
مئنون کاوي، تان مئن جيوان"

پل مونکي جهٽي کائي ڇڏي، ڇو تہ انهيءَ مان ئي مونکي جياپو ملندو.

روزن جا ڏينهن اچي پورا ٿيا هئا. چنڊ نڪتو هو سيني پئي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون، پر هير ويچاريءَ کي اها مبارڪ کهڙي سڪ جي! چوڻ لڳي:

"چنڊ مبارڪ تنان ڪون ڪيهي،
يار جنان دي رني
ڳلي ڪوچي ڦرن نماڻا، ڏون نينان دي ڪُني."

جن جا دوست رنا آهن تن کي عيد مبارڪ کهڙي ڪم جي. اهي ويچارا ٻن نيڻن جا ڪنل عيد جي خوشيءَ ملهائڻ بدران گهٽيون ۾ گس رلندا وتن. ها! اي چنڊ! جي هڪڙو ڪم ڪرين تہ بيحد ٿورا تنهنجا. تون جو آسمان مٿي پيو سير ڪرين، سو توکي رانجهو ضرور ڏسڻ ۾ ايندو هوندو. هڪ ڪتابت لکي ٿي ڏيان ۽ سا وڃي دلبر کي پڄاءِ:

بحري يا شڪرو = شڪار ڪندڙ بازن جا قسم. طعما = طعام. ڪري ڪلاچا = جهٽ هڻي. لي جاوي = وٺي وڃي. چنڊ مبارڪ = عيد جي مبارڪ. ڳلي ڪُوچي = گهٽي گهٽي. ڏون = ٻن. نينان = اکيون.

"لک ڪتابت تيڪون ڏيوان، جي دلبر نون پهچاوين
جيوين آکان تيوين آکين، ويندين پل نہ لاوين."
ٻُل وچ ڪپڙا، شيرين زباني، دست پيران تي پاوين
نہ مئن سر صحيح غلام تساںڏا، دل دي مهر نہ لاهين."

پر پيارا، جيئن چوانءِ تي تيئن چئجان ۽ وڃجانءِ بہ اک چنبي ۾ ٻچيءَ ۾ ڪپڙو پائج، مٺي ٻولي ٻولي، هٿ پيرن تي رکج ۽ چئجانءِ تہ هير سر سوڌي اوهان جي ٻانهي آهي، تنهن تان دل جي مهر نہ لاهيو.

وصال

چون ٿا تہ ائين ويچاري هير جهنگ بن ڏوريندي، ڏک ڏسندي، نيٺ ڪنهن وقت وڃي رانجهوءَ کي ملي.

ڏکن پنيان سک، گهٽيئي ايندا
پري جام جنت جو، جاني جي ڏيندا
وسري سڀ ويندا، وڇوڙا وره جا."
(گلراج)

سمجهاڻي

نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو شاعر فقط ٻاهرين ڪهاڻي شعر ۾ آندي آهي: مگر هن منجهس پنهنجي دل جي دانهن ڪئي آهي. هير اهو جيو آهي، جو دنيا جي ڳالهين کان ڪَڪ ٿي سچي آرام پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ پنهنجي سائينءَ کي لهڻ جي آس رکيئو. "رانجهو" آهي "سائين" جنهن سان هاڻ هنجي محبت ٿئي ٿي، پو تہ هو سدا سک جو روپ

ڪتابت = خط تيڪُون = توکي. نون = کي. جيوين = جئين. آکان = چوان. آکين = چوين.
ٻُل = ٻچي. شيرين = مٺي. دست = هٿ.

آهي ۽ حسن جو پندار آهي. ”ڪيڙو“ آهي دنيا جو عشق يعني لالچون، لوڀ موهه وغيره وغيره. انهي ”ڪيڙي“ کان هاڻي ”هير“ جي دل کي نفرت اچي ٿي ۽ هڪ پيرو جو آنند کي پاتو اٿس. سووري ان سان ٻڌجڻ نٿي چاهي. قاضي آهي ”شريعت جو زور“ يعني جڏهين عاشق سچي محبت ۾ مگهن رهي ٿو، تڏهين هن کي ٻاهريان دنيوي ڪرم ڪانڊ جا قاعدا نٿا آئڙن. اهڙن سچن عاشقن تي هميشہ قاضين جي ڪاهہ ٿئي ٿي. تواريخ اهڙن مثالن سان ڀريل آهي. بلڪ هزارين مثال آهن جو انهن عاشقن پنهنجا سر ڏنا آهن. نہ رڳو ٻاهريون ڳالهيون عاشق کي هلاڪ ڪن ٿيون، پر من جا رولا ۽ ايذاءَ بہ سهڻا پونس ٿا. انهيءَ نسبت هن سر ۾ هڪ سٽي سٽ آهي:

”عشق ڪنون تي تول پرايم سِڪڻُ سور سَهِمان
وٽڻ ڪنون ٻاٻل پلي، ڪٽڻ ڪنون امان.“

”وٽڻ“ آهي آزادگي، جنهن کان ٻاٻل پلي ٿو. ”ٻاٻل“ ٻاٻو يا بابو آهي، پر سندس اندرين معنيٰ بدن جا حواس بہ ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ حواس انسان کي هلاڪ ڪن ٿا ۽ سچي آزادگيءَ کان پري ڪن ٿا.“

”ڪٽڻ“ آهي اندر جو حساب ڪرڻو يعني سمجهي گيان پائڻو. مگر ”اما“ انهي ڪٽڻ کان جهلي ٿي، ”اما“ هت آهي ”من“، جو اندر ٽڪاءَ ڪرڻ نٿو ڏئي.

تن جي حواسن ۽ من جي پتڪڻ کان پري پڄي پوءِ فقيري پائي سگهجي ٿي. تن ۽ من ٻنهي کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻو آهي، يعني ٻنهي جي علتن کي ٻڇڻو آهي، هت فقير درزين جي هٿن تان اڳڙيون وٺي ٽڪريون ٽڪريون ڳنڍي هڪ ڪفني سبي پائيندا آهن. اهي ليڙون ڇا آهن؟

”تن پيي ٽڪرا، من پيي ٽڪرا، جيئن در زيان ڍِيا ليڙان،
ان ليڙان وچون هڪ ڪفني سبيسان، چلسان، نال فقيران.“

شاعر ٿو چوي تہ اهو عشق جو رستو بلڪل اوکو آهي:

سَهِمان = سمهون، چڙهون. وٽڻ = گهمڻ ڦرڻ.

"سمجهہ نہ لايا نينهن، ماهي ڙي مئن سمجهہ نہ لايا
رات انڌاري، حاڪم ڏاڍا، جهڙ ڦڙ وسندا مينهن
چلان تہ پڄي چولڙا، ولان تہ ٽُٽَي نينهن
سيني اندر داغ رانجهو دا پيلي گجندا شيهن."

پريم جو رستو ڏکيو آهي، مون سمجهي نينهن نہ لاتو آهي. حاڪم (عشق) ڏاڍو آهي. مينهن (تڪليفون) سخت آهن. جي ٿي هلان تہ چولو ٿو پڄي (سختيون ٿيون اچن)، جي ٿي ولان موٽان، تہ پريم جو انجام ٿو پڄي. پر اهي سختيون ضرور سهڻيون آهن. اهو عشق جو ڪهنو قاعدو آهي.

"رانجهن مٿي جو لعل بوچڻ، هير مٿي جا لوئي."

هت "لوئي" آهي "تِيَاڳَ" جي نشاني. "لعل بوچڻ" آهي "پهچ" جي نشاني، هير "لوئي" ڍڪي آهي، ڇاڪاڻ تہ فقيري ٿي ڪمائي ۽ اڃان رستي تي آهي. رانجهوءَ کي لعل بوچڻ آهي، ڇو تہ رانجهو پهتل آهي پريم جو رُوپ آهي، جڏهين هير وربي جيو ڪيڙي ڪان ڇٽي، حواسن ڪان بند ڪري، شريعت جي ممت ڪان پري ٿي، من جي رولن ڪان بچي، اصل پنهنجي "پاڻ" کي "ڪاتيءَ" سان ڪهي ٿو تڏهين هو "رانجهوءَ" کي ملي ٿو:

"رانجهو مئنون سڌ ڪريسي،
تان مئن ڪنيائي سڌ ڏيسان."

پوءِ هن کي عشق جي خبر پوي ٿي.

شاعر بود ۾ اڇي چوي ٿو:

"حاڪم ٿيون، حڪم چلاوان، عشق اجاري پانوان."

سچ پچ هو حڪم حاصل ڪري ٿو ۽ سچي آرام کي پائي ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ سڀ هاڻ آنند آهي:

چلاوان = هلايان. اجاري = اِجاره، ڍل.

”لـتـا قـلـف قـابـو، اصـل تـي آجـائـي
ڪُليا طاق تـن جا، ڪـانهـي ڪـاڻ ڪـائـي

آهـي سـپ آتـم، ٻـي نـاهـ چـيـز ڪـائـي
رکـج خـيـال دل ۾، هـي هـڪـڙو سـدائـي
ذرو نـاهـ اونـدهـ، سـڀـي آهـ صـفـائـي
ڪڙو نـ ڪجهـ پـي، مـڙيـئـي آهـ مـنـائـي.“
(گلراج)

نوٽ: رانجهو جو نوڪر ٿئي ٿو، تنهنجي معنيٰ آهي تہ سائين يا سائينءَ جا پيارا وقت بہ وقت انسان ذات جي ڀلي لاءِ اچي دنيا جي نوڪري ڪن ٿا.

شاھ جي آکاڻين جي سمجهاڻي

(ياگوتيون)

مهاڳ

شاهہ ۾ رڳو آکاڻيون ڪين آهن، مگر اهن آکاڻين اندر ڪي عجيب فيلسوفي، تصوف، حسن، محبت ۽ معرفت جون ڳالهيون آهن. مون فقط پنهنجيءَ ٻڌيءَ آهر، ٿوري کول ڪئي آهي ۽ نٿو چوان تہ ڪوِ اهائي سمجهاڻي آهي، ۽ ٻي ٿي ڪين سگهندي. منهنجي مراد بہ اهي، تہ ڪتاب آکاڻين ۽ سمجهاڻين جا پڙهڻ ڪري، پڙهندڙن کي وڏي شاهہ جي رسالي کي سمجهڻ ۾ گهڻي سولائي ٿيندي.

جيٺمل پرسرام

1922ع

حيدرآباد، سنڌ

سهڻي ميهار

سهڻيءَ ۽ ميهار ۾، شاهه لطيف روح جي رهاڻ، گهٽي ۽ گهاتي ڪئي آهي، هن آڪاڻيءَ ۾ ٽي ڄڻا مکيه آهن: هڪڙي سهڻي، ٻيو ساهڙ، ٽيون سائر. سهڻي هڪ پار آهي، ته ميهار ٻئي پار آهي، ٻنهي جي وچ ۾، درياهه وڏو ۽ زور وارو ٿو وهي. سهڻي آهي اهو طالب، جنهن کي ڏم قبول نه آهي، ڏم آهي، نفس، هن دنيا جي ڇڪ. سهڻيءَ کي انهي ڏم ڪان ڪتائي پيدا ٿي آهي ۽ ميهار ساهڙ يعني محبوب مرشد يا مالڪ سان، ان جي محبت ٿي آهي، انهي محبوب جي صورت اهڙي ته عجيب آهي، جو سهڻي ٻيوس، هن ٿي عاشق آهي. "ڏٺي جن هيڪار، صورت ساهڙ ڄام جي." تن جو ڪهڙو حال آهي؟ جن کي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي! اهڙا طالب، مرد خدا جا آهن، جن کي رند ٿو چئجي.

لطيف آڪاڻيءَ ۾ پاڻ کي سهڻي ٿو سمجهي، ۽ پنهنجي اندرين لڙائي، جهاد اڪبر جو بيان ٿو ڪري، سندس ۽ ميهار جي وچ ۾ جيڪو درياهه آهي، سو آهي هي سنسار جنهن سنسار ۾ "لڙ لهرون لس ليٽ،" آهن، اهو درياهه طلسم يعني مايا جو آهي، جنهن غيب جو پتو پوڻ مشڪل آهي، "انت نه لهي آب جو." مايا گهڻيئي گمراهه ڪري وڌا آهن، مايا جي سير جو سنڌو ئي ڪو نه آهي. انهي مايا جي سمنڊ ۾ ڪرڳل، ڪوچ، ڪن گهڻا آهن، جت بيحد باگو آهن، جت سٽاڻا سيسار آهن، اهي باگو بسيار ۾ ڪرڳل ۽ ڪوچ ڇا آهن، جن مان ڪاريءَ رات سهڻيءَ کي لنگهڻو ٿو پوي؟ شاهه پاڻ ٿو چوي:

"ڪاريءَ رات ڪُنن ۾ وهمن ڪي وهلور."

اهي سڀ وهم آهن، من جا خيال خطرا آهن، جي طالب کي اندر واريءَ جڏ ۾ بلڪل هلاڪ ٿا ڪن، انهن نسبت ٿو شاعر پاڻ کي چوي ته:

"خواب، خيال، خطرا، تن کي ترڪ ڪريج."

اهي مايا جا وهم، طلسم جا خواب، انسان کي محدود ڪري وِجهنا آهن، ۽ هو پوءِ پاڻ کي گهٽ ڀانئي، اڻ هوندي درياهه جي لهرن ۾ وهندو وتي. جڏهين بلڪل دک ٿو پائي ۽ دنيا جي جنجال کان ڪٽو ٿو ٿئي، تڏهين ڪنهن مهل هن کي ڪو مڙيوئي آواز ٿو اندر ۾ اچي ڪا مڙيائي جوت جي جهلڪ اونده منجهه ڏسي ٿو. صوفي انهيءَ آواز کي "هو هو" جو آواز ٿا چون. اهو آواز مرشد جو ستل طالب کي اٿاريو ڦٽو ڪري. پوءِ هن جي دل ۾ عشق ٿو پيدا ٿئي ته ڪٿي آءُ انهي آواز جي صاحب ميهار کي ڏسان!

"هـن پـر سُـيَـمِ هـوءِ، سـتـي سـنـيـارن جـي،
چــت چــڙن چــوريــو ذوق تــيــڙم جُـوءِ."

"مـحـبـت ۽ مـجـاز جـي، بـا الله پـيـمـ بـوءِ،
وجـي روبـروءِ، ديـکـيـان دوسـت مـيـهـار کـي."

جنهن وقت هن جي دل ۾ اها سڪ ٿي اٿي، تنهن وقت هي انسان ڦريو وڃي، هن کي ويراڳ ونيو وڃي ۽ هو ميهار جي ڏنل چُڪيءَ جي مستيءَ ۾ محو ٿيو وڃي، ٻي ڳالهه ئي هنکي تڏهين ڪا نه ٿي وڻي. انهيءَ سڪ ۽ محبت جا شاهه خوب ٿو بيان ڪري

سڪ تنهنجي سپرين، جئين تران تئين تار،
تونهين رهيو روح ۾، تونهيـن اکـنـئـان ٻـهـار.

سڪ تنهـنـجـي سـپـريـن، ڪـپـي ۽ ڪـوري
سـگـهـان نـه چـوري، ڏاڍو نـيـر نـيـهـن جـو.

سڪ تنهـنـجـي سـپـريـن، انـدر آهـي اجـهـل
ٻڙهـڪـيو ٻـاهـر نـڪـري، ڪـوري ڪـانـئـي ڪَـلَ
رِيءَ سيراهيءَ سَل، مـون کـي ڏِنـا سـڄـڻـين.

چڙن = گهنڊ جي مينهن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن. جوءِ = جاءِ
ڪوري = ڦوڙي. نير = زنجير. ٻڙهڪيو = ڦٽيو. ڪانئي = ڪاليل يا سڙيل. سل = ٽونگ، سوراخ. پاريون = نهريون

سڪ تنهنجي سپرين، انـدر تـي اجهـاڳ
منجهه پريئين، ماڳ، پلٽيون پاريـون ڪري،

انهيءَ سڪ ۾ پُر ٿي، ٿي آواز ڪري ته اي پرين توکي ڏٺي ٿيم ڏينهن، منهنجا نيڻ تنهنجي نينهن ۾ پرجي، اندريان دل جا ماڳ پري، هاڻ ٻاهر بيحد پاريون ڪري ٿا پلٽجن سهڻيءَ واري سر ۾ شاهه لطيف انهيءَ اُونهي عشق ۾ جڏ جو بيان ڪيو آهي. طالب لاءِ ڪشش شروع ٿي مس هينئر ٿي ٿئي. نفس جا هينيان اهنج، ڪام ڪروڌ، لوڀ، موهه ۾ اهنڪار وارا سهي وڃڻ مشڪل آهن! ڏم جو هينيون نفس آهي، تنهنجي هن سهڻيءَ کي ڪا به پرواهه ڪا نه آهي.

”سندو ڏم ڏهڪاءُ، هڏهين ڪونهي هـن کـي
هن پاٽيءَ سين پنهنجو پُسائي نـه سيـنـگـار.“

انهيءَ پاٽيءَ جي هن کي ڪا پرواهه ڪا نه آهي، پر هو ٻيو پاٽي اونهو آهي، جنهن جي مشڪلات اڳيان اٿس. انهيءَ سمنڊ جي پار وڃڻ لاءِ هن دلو کنيو آهي، جنهن دلي ته چڙهي پانئي ٿي ته آءُ درياهه پار لنگهنديس، پر آخر ۾ هن کي اهو دلو ڪم ڪين ايندو. شروعات منجهه دلي جي ضرورت اٿس. پر پس پيش دلو ڪنهن به ڪم جو ڪين ٿيندس، ڪو به ٻاهريون آڌار، جنهن جي مدد سان طالب، مطلوب کي پائڻ ٿو گهري، تنهنجي معني آهي ”دلو“ اوائلَ ۾ ضروري آهي ته لکڻ سڪندڙ اکرن جا انڊا پري ۾ ليڪن جي وچ ۾ اکر لکي. پر پوءِ هنکي ليڪن جي ضرورت ڪا نه آهي، تنهنڪري اوائل ۾ دلي جي بلڪل ضرورت آهي، جيئن جيئن طالب منزل وڏائي ٿو، تيئن تيئن دلو به قسم قسم جو ٿيندو ٿو وڃي، ڇو ته سهڻي ءَ کي گهڻيئي سبق سکڻا آهن، هڪ هڪ منزل جو سبق جدا آهي.

”ساري سڪ سبق، شريـعـت سـنـدو سـهـڻـي،
طـريـقـتـان تـڪـو وهـي، حـقـيـقـت جـو حـق،
مـعـرفـت مـرڪ، اصـل عـاشـقـن کـي.“

چار منزلون آهن، شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت. شريعت آهي ٻاهرين قدرت جي قانونن تي پڪو ٿي هلڻ کائڻ ۽ پيئڻ، وهڻ ۾ انتظام، ۽ نمازون، روزن ۽ نيمن وغيره تي پاڻ کي هيرڻ، ٻي منزل آهي طريقت، يعني جنهن ۾ طالب اهو پهريون سبق سکي، پوءِ زور اخلاق تي ٿو ڏئي، تہ اخلاق جو طريقو ونان، يعني پنهنجي من کي ثواب ۽ گناهہ جي پروڙ ۽ پچاڻ ٿو ڪرائڻ گهري، ٽين منزل ۾ هو طريقت کان ٻاهر لنگهي، حقيقت يعني خيال جي روشنيءَ ۾ رهڻ ٿو گهري، پر آخر ۾ هنکي خيال جي روشنيءَ مان لنگهي اصل خيال جي روشنيءَ مان بہ لنگهي اصل خيال جي ڪرڻ واري ساڪيءَ ۾ ٿو پاڻکي قائم ڪرڻو پوي، جو تہ خيال ۾ بہ هو گيان ۽ اگيان، ست اَستُ فنا ۽ بقا جي ڊُوندن ۽ ضدن جي دليلن ۾ ٿو گذاري پر نيٺ انهن جي ضدن کي ڇڏي، هو نج سروپ ۾ واصل ٿئي ٿو. هن ڳالهہ منجهہ هن هنڌ اونهو وڃڻ جي ضرورت ڪا نہ آهي، رڳو هن سهڻي ميهار جي آڪاڻيءَ جي مٿاڇري سمجهاڻيءَ لاءِ ضروري آهي سمجهڻ تہ اهي سڀ آڌار شريعت طريقت توڙي حقيقت جا سڀ ٻاهريان آڌار آهن. شريعت جو دلو آهي ٻاهرين پابندي روزا نمازون تسبِيُحون طبورا ساز سرود وغيره وغيره.طريقت جو دلو آهي. نيڪي بدي، ثواب ڏوهہ جي حد. وغيره وغيره. جنهن ۾ طالب ڪنهن کي پاپي ٿو سمجهي ۽ ڪنهن کي پُجي ٿو سمجهي حقيقت جو دلو آهي خيال، جنهنجو مُکيہ نشان آهي "پاڻ" جنهن کي اهنڪار ٿو چئجي. جنهن پاڻ يعني خود جي ڪري ئي نہ پاڻ ۽ ٻيا ئي پاسي ٿي، دوند ۽ ضد معلوم ٿين ٿا، آءُ ۽ نہ آءُ" " آهہ ۽ ناهہ خيال ۾ اچن ٿا آخرين درجو آهي اهو جنهن کي پتنجلي رشي "ساکي " ٿو چوي جنهن ۾ انسان سيني من جي ورتين کي روڪي پنهنجي آتم ۾ ٿو رهي. اوائل ۾ تنهنڪري سهڻي جي سر ۾ شاعر دلي تي زور ٿو ڏئي تہ دلو بہ ڪو پڪو ڪڇج تہ تون هن دتيا کان پار لنگهي سگهين.

"پـڪـو ڪـڄـج پـاڻ سـيـن، ڇگـو چـتـائـي
ڪـچـو ڏيـج ڪـلال کـي، مـنـهـن تـي مـوتـائـي
سو سڻ هنئين سين سهڻي جيڪي فائق فرمائي
موجون منهنجائي، مـاريـنـئـي مـهـراڻ جـون. "

ڪلال = ڪنيار. فائق = قرآن. چڪ = گپہ چڪنديون = چِڪڻ، ڏٻڻ. آڪڙنديون = ٽاٻا کائينديون. سئو = ٻڌو منهن = سبب، وسيلو.

چوي ٿو تہ جيڪا قرآن شريف ۾ شريعت جي هدايت ڏنل آهي، تيئن ڪر متان سمنڊ جون لهرون توکي منهنجائي ڦِٽو ڪن. انهيءَ منزل تي طالب کي بلڪل خبردار رهڻو آهي. شاهہ ٿو چوي:

"هوئج هوشيار خبردار، ترڪڻ آهہ تڙ ۾
ڪڏون ڪوپا چڪ چڪنديون، تون کي نئي نهار
آڏيءَ سي آڪڙنديون، اڪيون جن ڪپار
مون سُئو ملاحن کان تہ اڙانگها تار."

پر پوءِ چوي ٿو اي سهڻي، اهو گهڙو بہ توکي ڇڏڻو پوندو ڇو تہ جيڪي پنهنجي آتم کان ٻاهر آهي، سو سڀ ترڪ ڪرڻو پوندو. فقط نج آتم نج پاڻ ئي پارڻو پوندو. اهو گهڙو. سهڻي ٻجي پرزا پرزا ٿيڻ گهرجي! تنهن تي ئي سهڻي چوي:

"مِنهن جنهين جي مون، ڏنو منهن ميهار جو
آهيم ساهہ سنئون، سو ڪيئن گهڙو گهوريان؟"

اي مرشد جنهن دلي تي چڙهي، جنهن ٻاهرينءَ شريعت، طريقت ۽ حقيقت جي وسيلي آءٌ خرابين کان ڇٽي ميهار محبوب کي پهچي سگهيس، سو گهڙو آءٌ گهوريان؟ هيءَ تہ ڏاڍي عجيب ڳالهہ مونکي ٻڌايوَ!

ساڳي ڳالهہ شري ڪرشن ڀڳوت ۾ ٿو ڪري، ارجن کي سموري واٽ ڏسيندو آيو آهي تہ اي ارجن! تون اٿي پنهنجو "ڌرم ڪرم" پال، توکي اهي پنهجا ڌرم سڀ پالڻا آهن. جي نہ پاليندين تہ گناهہ ڪندين.

پر آخر ائين اڏياءَ جي پڇاڙيءَ ۾ شري ڪرشن ٿو ارجن کي چوي!

"سرو ڌرمان پريتيجيہ مام ايڪم شرڻم ورج "

سڀني ڌرمن کي تجي (نياڳي)، "مون" هڪ جي شرڻ وٺ. ساڳيو گُفتو شاهہ ٿو سهڻي ۾ چوي، ساڳي رهاڻ ٿو رهي:

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو پاٽان هو حجاب.
واڄٽ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب.
ساهڙ رِيءَ ثواب آءٌ گهٽو ئي گهوريان."

حجاب = اٽڪ، پردو

چوي ٿو تہ گهڙو ٻاهريون پڳو تہ ڏاڍو چڱو ٿيو. پاڻ اتڪ هئي. هاڻ ٻاهران ساز سڀ غائب آهن. انهن جي ضرورت ڪانہ آهي. جو روح جي رباب ۾ وجودي واڄٽ پيا وڄن. اهو ثواب، ۽ پُڄَ جو گهڙو مون ڪنيو هو اهو ”نيڪي ۽ گناهہ“ وارو آڏار. سو آءَ گهورڻ لاءِ تيار آهيان. اهڙي قسم جا گفتا تہ نيڪي ۽ ثواب کي بہ ترڪُ ڪرڻو آهي، وغيره وغيره. ڪيترن ماڻهن ۾ غلط فهمي ڪندڙ آهن. ۽ اهي ماڻهو جي صوفين جي معنيٰ کي نہ ٿا سمهجن، سي بعضي اٿلوئي بد طريقي تي وڃيو پون : تنهنڪري ضروري آهي تہ صوفين جي اصولن ۽ معنيٰ کي پورو پورو سنڀالي پڙهجي.

شاهہ صاحب جو مطلب اهو آهي ٿي ڪونہ تہ ثواب کي ڇڏي ڏي. هن جو انهي ڳالهہ تي بلڪل زور آهي تہ سڀ چاهنائون، سڀ مرادون، سڀ اميدون مڙيئي ترڪ ڪر.

”نا اميدي جي نجهري، تون نيهي پس الله
ڇتو رباني راهہ، مردان مخفي ڪيو.“
”جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام.“

اهڙا گفتا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا شاهہ ۾ آهن. پر جڏهين هو مٿينءَ منزل جو ٿو بيان ڪري، تڏهين هنجا گفتا ٻيو ويس ٿا وٺن. مثلا سسئيءَ ۾ اوڳڻ چوي:

”اوڳڻ رسي سيڪا، پرين ڳڻين رنام“

رواجي ريت اوڳڻ جي ڪري ٿا ماڻهو رسن. پر منهنجو دوست مون سان پاڻ منهنجي ڳڻن رکڻ ڪري ٿو رسي! گيتا ۾ بہ آهي تہ صاحب کي نڪي ڪنهن جو پاپ ٿو وٽي، نڪي ڪنهن جو ثواب ٿو وٽي. هي صوفي راز جو مسئلو برابر مشڪل آهي، پر انهي ۾ وڏي معنيٰ ڪا رکيل آهي. نج پاپ ۽ نج پنج قدرت ۾ بلڪل نا موجود آهن. ڪن ماڻهن لاءِ ڪا ڳالهہ پاپ آهي، مثلا مون لاءِ گوشت خوري ڀاري گناهہ آهي، پر گوشت خوري پاڻ تہ گناہ مطلق ۾ ڪا نہ آهي! ساري قدرت ۾ گهڻو ڪري هڪڙو جيو ٻئي جي گوشت تي ٿو گذران ڪريا اهڙي طرح جوڳيءَ لاءِ ڪام جو ڪو ذرو خيال بہ گناهہ آهي، پر گرهستيءَ لاءِ ڪام جي باري ۾ قدري بندش گهڻ آهي! ڪن لاءِ هڪ استري پرڻجڻ ثواب آهي، ۽ وڌيڪ پرڻجڻ

نجهرو = جهوپڙي. ڇتو = صفا. راه = رستو. مخفي = لڪل. تمام = سمورو

گناهہ آهي، پر ڪن لاءِ چار پرٽجڻ بہ روا آهي. اهڙيءَ طرح هي فقط مون هڪ بہ مثال ڏنا آهن ٿورو اشارو ڪرڻ لاءِ تہ مطلق اخلاق، گناهہ ۽ ثواب ناموجود آهي، پر جيڪڏهين اُنهو وجبو تہ ڏسبو تہ جڏهين صوفي ڪنهن مکيہ منزل تي اچي ٿو تڏهين هن جي دل ۾ اهڙو عشق ٿو پيدا ٿئي جو هن کي پاپي ۽ پيجي سڀ هڪ سمان ٿا ڏسڻ ۾ اچن، هنجي دماغ کي اها روشني حقيقت جي تِي حاصل ٿئي، جنهن جي مدد سان هن کي معلوم ٿئي ٿو تہ هڪ نج ذات ئي مطلق هستيءَ واري قائم آهي ۽ نيڪي گناهہ اوندهہ روشني، سڀ ضد انهيءَ چاڻ ۾ هڪ ٻئي کي هڪ حساب ۾ جوڙ ۽ ڪٽ تي غائب ٿي ٿا وڃن.

اهڙا رند، عارف ڪڏهين بہ پاڻ ڪنهن پاپ ۾ نہ ٿا غلطان ٿين، ڇو تہ پاپ نالو آهي ٻئي کي ڏک ڏيڻ جو هي سائينءَ جا پيارا ڪنهن کي ڏُکُ ڪو نہ ٿا ڏين، پر سڀ ئي عاشق آهن. هن مسئلي تي ڪيترن گيانين عارفن ڪئين پستڪ لکيا آهن، ۽ انهيءَ مسئلي کي تنهنڪري هت گهڻو نٿو کوٽي سگهجي، مگر مونکي فقط ڏيکارڻو آهي تہ شاهہ دلي کي چا ٿو سمجهي. انهيءَ نالي واري فصل پهرئين ۾ ٿو چوي:

”گولي پيچ گناهہ کان، ڪونهي سول ثواب
نڪي نقاوت ۾، نڪي منجهہ رباب
خوديائي خوب ٿئي، لائين جي لعاب
پليتي پاڪ ٿئي، جَنَبِيوَ منجهہ جناب.“

اي شاهہ، گناهہ کان تہ پري پيچ، پر ثواب ۾ بہ فائدو ڪو نہ اٿيئي!
سچل فقير بہ ساڳي گفتار ڪئي آهي.

”منجهون نيڪيءَ ۽ گناهہ،
پوندي ڪل نہ سندي الله.

جيئن شيڪسپيئر چيو:

سول = فائدو
نقاوت = فتوي = پرهيز گاري. بي معني دهل بہ اٿس. لعاب = وات جو پاڻي، ڦيڻي. لائين جي لعاب = چپن کي کونئر سان چنبڙائين يعني مات اختيار ڪرين. جنبيو = مٽي ميرو = پليت. جناب = درگاهہ.

There is nothing either good or bad,
But thinking makes it so.

تنهنڪري پاپ ۽ ثواب، منحصر آهن خيالات تي! آخر ۾ اهو دلو آهي ”خيالات“ تڏهين ته سچل فقير چوي ٿو ته ”اول پيري پيچ، هي جي بند خيالات جا.“ شاهه به ته چوي ٿو ته اهي ”خواب خيال خطرا سپيئي ترڪ ڪريج.“

اهي اجاڻ جون حدون، اهي مايا جا ”اڌياس“ آهن ”دلو“، جو ضروري پيچڻ گهرجي. اهي خيال ڇا آهن؟ اهي خيال دليل آهن. جدا جدا دليلن مان جدا جدا نتيجا ٿا نڪرن. هڪڙن دليلن سان اهائي شيءِ سخت برف تي چوڻ ۾ اچي، ٻين دليلن سان اها ئي شيءِ پاڻي تي سڏجي، پر سچ پچ اها شيءِ جا آهي، جنهنجا پاڻي برف ۽ ٻاڦ فقط روپ آهن، سا معلوميت دليلن سان ڪين ٿِي حاصل ٿئي، انهن دليلن جي نتيجن کي وهم ٿو سڏجي ۽ ويدانت ۾ انهن کي Super-imposition ”اڌياس“ ٿو ڪونجي، تنهنڪري مايا جي اُونهي سمنڊ مان دليلن جي رستي ڪين لنگهي سگهبو. اهي دليل انهي دلي کي پوري ڦتو ڪندا، جيئن شاهه ٿو چوي:

”اونـهـي ۾ اڏ ڪـيـو دلـيـلـن دلـوا!“

انسان جڏهين ٻاهريان ڪرم ڪاندا، ٻاهريان نيڪي ۽ گناه جا پورا نه سمجهيل پردا، ۽ خيالات جي ضدن جا دليل سڀ توڙي ٿو تڏهين هنکي معلوم ٿو ٿئي ته اهي سڀ داڻا ۽ مٽيا، اهي سڀ راڳ ۽ ڪتراڳ، اهي سڀ روش ۽ پوش مڙيئي ٻاهريون حدون آهن، جن کي ويدانت ”اپاڌي“ ٿو چوي، شاهه اجا به وڌيڪ اونهو ٿو وڃي. چوي ٿو ته سهڻي درياهه ۾ اچي پيئي ته ڪهڙو سهڻيءَ جو حال هوا!

”ڪانڌِي ڪنگ ٿياس، وهڻ جنازو سهڻي
ٻـگـهـا جـي ٻـيـٽـن جـا، ڪـلـهـا تـن ڏنـاس
اکئين ملڪ ڏناس، توءِ من ڪـاڍو ميـهار ڏي“

سهڻيءَ جون گهڻيون آزمائشون ٿيون، هوءَ پنهنجي بدن کي فقط

وهڻ = واهڻ درياهه = جنازو = جنهن شي تي لاش پيل هجي. اوءِ = ته به. ڪاڍو = سڪ.
پنيان ايندڙ ڪيڊ پوندڙ.

جنازو سمجهڻ لڳي، جنهن جا ڪانڌي اڇي ڪنگ ٿيا. ۽ جنهن جنازي کي ڪلها اچي ڏنا. سهڻي بي پرواهہ رهي يعني تہ سهڻي هن بدني جهان ناسوت جي منزل منجهان لنگهي. سهڻيءَ جي آزمايش ملڪن ۽ فرشتن ڪئي. اڪين اڳيان اچي ڪيترا حيرت انگيز ديون، ديوتائن جا رنگ ٻينس. يعني تہ "ملڪوت" جي منزل مان لنگهي، انهي منزل تي طالب کي پلائڻ ڪاڻ اهي طلسمي نظارا نظر اچن ٿا. پر اهو دلو بہ پڄڻو اٿس. انهن رنگن ۽ مشاهدن ۾ نتي اٽڪي پوي، ڇو تہ هن جي من جي ڇڪ ميهار ڏانهن آهي! آخري منزل اڃا بہ سهڻيءَ کي لنگهڻي آهي. سهڻي اڳيون ايترين منزلون لنگهي، تڏهين بہ ميهار ٻيءَ پار بيٺو هو. پر سهڻي پئي هلي، البت ميهار جي دل بہ ساڻس ائين هئي. جيئن سهڻيءَ جي دل ڏانهنس هئي قرآن شريف ۾ ٿو چوي: "فاذڪروني اذڪرڪم". اوهين مون کي ياد ڪريو تہ آءُ اوهان کي ياد ڪريان. جيئن شاهہ ٿو چوي:

"پــڇــن جي مـيـهـار، پـڇـي سـي مـيـهـار"

لطيف قرآن جي انهي مشهور آيت جو هيئن ٿو ترجمو ڪري:

"تون جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي."

ميهار سهڻيءَ لاءِ اڪيون وجهيو ويٺو آهي، پر جڏهين سهڻيءَ جو گهڙو پڄي ٿو ۽ سهڻي سڏ تي ڪريس، تڏهين جنهن وقت وچ درياهہ ۾ پرسان ٿو اچيس، تنهن وقت بہ جڏهين خود سهڻي پاڻ تي غرق ٿئي، تڏهين ٿو ميهار مِليس. شاهہ لطيف هن هنڌ سُر ۾ بلڪل ڪا موج ٿو ڪري، چوي ٿو واهہ واهہ! چڱو ٿيو جو گهڙو ڀڳو!

"گهڙو ڀڳو تہ گهوريو مر چور ٿئي چوڙو".

پر نہ رڳو گهڙو ٽٽو تہ چڱو ٿيو پر "مُنڌَ" سهڻي ٻڏي مئي، تڏهين تہ پاڻ خوب ڳالهہ ٿِي.

"گـهـڙو ڀڳـو مـنـڌ مـئـي، وسـيـلا ويـا
تنهـان پوءِ سئا، سهـڻـيءَ سڏ مـيـهـار جـا."

جي گهڙو ڀڳو ٻاهر جا وسيلا بہ سڀ ويا. پوءِ بہ جڏهين سهڻي مري

تات = ياد. مر = پل. چور = پرزا پرزا . منڌ = زال.
سيلا = سيل يا همت يا سچائي جا ڪم. پراران = پهرئين پاسي کان.

ويئي، تڏهين سهڻيءَ ميهار جا سڏ ٻڌا! اهي صوفين جي بنيادي پروڙ آهي، ذات صوفي هن بيان ٻڌندي گد گد ٿين ٿا. نہ رڳو سپ گهڙا ۽ وسيلا وڃڻا آهن، پر خود سهڻي غائب ٿي ويڃي آهي. هن درجي کي هو نيستي يعني ناهہ جو درجو ٿا چون. جنهن ۾ منڌ يعني ”اهنڪار“ روپي طالب ناس ٿو ٿئي. اهنڪار جي معنيٰ هٺ نہ آهي، مغروري نہ آهي. اهنڪار هڪ فيلسوفڪ لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي اهو ”آءٌ“ جو سمجهي ٿو تہ آءٌ ڪريان ٿو، آءٌ کان ٿو آءٌ پيان ٿو آءٌ روزا رکان ٿو آءٌ نمازون پڙهان ٿو پاپ پيچ ڪريان ٿو بلڪ اهو آءٌ جو پاڻ کي ٻين کان جدا هستي ڏئي ٿو تنهنجو نالو اهنڪار آهي، ان کي شاهہ پاڻ ٿو چوي، ان کي منڌ ٿو ڪوٺي، جيڪو هيڏو ڪٽراڳ داڻن جو هو، سو بيٺو ئي ڏاڳي ٿو هو جي ڏاڳو نہ هجي تہ مالها ٺهي نہ سگهي، جي هي جدائي وارو جيو هجئي نہ، تہ جيڪر سنسار جا دک سهي ڪير؟

هي دک آهيئي تڏهين، جڏهين دک کي سهڻ وارو موجود آهي، هي نہ آءٌ جي سرشتي بيٺل ئي آءٌ تي آهي، هي اناتم جي مايا منحصر آهيئي پاڻ کي گهٽ ڄاڻندڙ ”آتم“ تي، اهي آءٌ ۽ نہ آءٌ، آتم ۽ نہ آتم، آهہ ۽ ناهہ بہ ضد Opposite آهن، هڪ ٻئي جا اهي دوند آهن، تنهنڪري آخرين درجو صوفيءَ جو اهو آهي جنهن ۾ هو پاڻ کي ٿو غرق ڪري، انهي کي ”فنا في الله“ جو درجو ٿو ڪوٺي شاهہ سر آسا ۾ چوي ٿو تہ نہ سمجهہ تہ پوءِ ان بعد طالب ڪو نابود ٿي ٿو وڃي!

”نابوديءَ نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو.“

اها نابودي آهي جنهن بعد عبد (ٻانهو) اعليٰ ٿو ٿئي!

”نيلانهن رسيا بود کي جيلانهن ٿيا نابود.“

ڪل جي سچي هستيءَ کان تڏهين ٿو رسجي، جڏهين جزي جي ڪوڙي هستي کان فارغ ٿو ٿجي. اهو وقت صوفيءَ لا بلڪل خوشيءَ جو آهي، جنهن کي صوفي ”حال“ ٿا چون. اهائي رهاڻ شاهہ سهڻيءَ ۾ خوب ٿو ڪري:

گهڙو ڀڳو منڙ مئي ويا وسيلا
سهڻي جا سيلا، وحدت سپ وڃائيا!

جـڏهـيـن وسـيـلـن، لـوڙهـي چـڏي لُـڙ ۾
پـراران پـريـن، تـڏهـيـن پـڇـي سـهـڻـي.“

اي سهڻي، تون دلو تہ ڪو پاڻ سان نہ کڻ، پر”پاڻ“ بہ پاڻ سان نہ کڻ، فقط پريت ۽ عشق کڻ. عشق ۾ جدائي ڪانہ آهي، عشق ۾ عاشق پنهنجي هستيءَ کان فارغ آهي. پر عشق جي آخرين منزل اها آهي جنهن ۾ عاشق معشوق کي ٻاهر ڪين ٿو سمجهي. مگر عاشق پاڻ کان غائب ٿي، خود معشوق ٿيو وڃي. سچ پچ عشق جي معنيٰ صوفيءَ جي خيال ۾ آهي ”ڪل جو جزي ۾ سمائجڻ“ جنهن کي سچل ٿو چوي ”سمنڊ ڪوزي وچ ماوڻ“ يعني دل جي ڪوزي ۾ سمنڊ ٿو اچي پوي. تنهن ڪري شاعر ٿو چوي:

پـاڻ مَ کـڻـج پـاڻ سـيـن، وسـيـلا وسـار
لڙ لنگهائي سهڻي، پرت وجهـنـديـئـي ۽ پـار
سي ترت لنگهنديون تار، اڪنڊ آڳهہ جَنِ سِين.

پـاڻ مَ کـڻـج پـاڻ سيـن، ريءَ وسـيـلـي وانءُ
مـتـان سـائـر سـهـڻـي، پـرت ونـجـي پـانءُ
ٻينهن ڳنهندي نانءُ وَڃُ پريان جي پار ڏي.

پـاڻ مَ کـڻـج سـيـن، وسـيـلا وڃـاءِ
عشـق سـاڻ اـنـاءِ پـيـر پـريـان جـي پـار ڏي.

پـاڻ مَ کـڻـج پـاڻ سيـن، ريءَ وسـيـلـي وڃ
پـيـلـو پـري پـج اُڪـنـڊ کـڻ عـمـيـق ۾.

اي سهڻي تون ٻيو ڪوبہ آڳهہ نہ اختيار ڪر. يعني پنهنجي اڳيان ڪو بہ آسرو نہ رک. سواءِ عشق جي. بيخود ٿي وڃ.

اڪنڊ = عشق. پرت = پريت. آڳهہ = اڳوان، آسرو. پانءُ = پير. پيلو = ڪچو دلو. کک = ترها.

”نــ تــو ٿُــم رهــا نـــ تــو مــئــن رهــا،
جــا رهـــي ســا بـــي خـــبـــري رهـــي.“
(نظير)

اهي طالب جي سواءِ عشق جي ڪو بہ آڳهہ ٿا ڪن، زير عتاب آهن.

آڳهہ عشق وارين، جڏهين ڪيا جن
تڏهين رسيا تن، مهڻا محب ميهار جا.

ڪونهي آڳهہ اهڙو جهڙي محبت من
ايپون اورئين پار ڏي، ڪوڙيون ڪک پچن

ندي تن نير ٿئي، جي رِيءَ ترهي ترن
سڪ رساٽي سهڻي، اصل عاشقن
سي جهليون ڪين ڪنن، پچن مر ميهار کي.

اي سهڻي، محبت جهڙو آڳهہ آتيئي ڪونہ. اهي ڪوڙيون چٽبيون جي اورئين پار بيهي، ڪک ٿيون پچن پيپون ڏسن تہ ڪيئن ٿي هو اور لڳي، متان درياهہ ۾ گهڙون ۽ ٻڏي پئون! اهي اجا ڪچيون آهن. جي تُرهي بنا ٿيون ترن جي دلي بنا ٿيون گهڙن، انهن لاءِ ندي لوهہ ٿيو ٿي پوي، انهن لاءِ پاڻي بہ سڪي ٿيو پوي. سڪ اهڙي شيءِ آهي، جا اي سهڻي، عاشق کي معشوق وٽ ٿي رسائي.

جن کي عشق آڪرو آهي، سي ٿيون ترهي کي مٿي سمجهن پر جن کي عشق آهي، تن جو حال ٻيا آهي.

”عشق جنين کي آڪرو ترهو مٿي تن
جي ساهڙ کي سڪن، تنين جَرُ جند ٿئي.“

انهن جي لاءِ سمنڊ جو جر بہ جنڊ جهڙي سخت زمين ٿيو پوي!

نير = تانگهو پاڻي، واهڙ. رساٽي = پهچائي ٿي. جر = جل، پاڻي. جنڊ = پٿر جهڙو سخت، هتي سڪي زمين. آگاه = واقفيت شناس.

اهڙيون ترهي کوهہ کنديون:

" ترهو آچ ۾ تن کي، جن عشق سين آگاهہ "

اهي عاشق انهن وانگر ڪين آهن، جي درياهہ ۾ موجون ڏسي طوفان ڏسي پيا پڇن تہ ڪهڙي تڙَ کان گهڙون:

"تڙ تڪڙ تار گهڙڻ، اي ڪانيارن ڪم."

ٻالهيون ڪجن تار سمنڊ جون پو ويهي تڪجي تہ ڪهڙو تڙُ چڱو ٿيندو. اهو ڪانئرن جو ڪم آهي؛ پر دلير سهڻيون سچيون نڪي پڇن گهير، نڪي پڇن گهاٽ. هنن لاءِ:

"جتان وهي، تتان واٽ، ڪپر پڇن ڪوڙيون
جنهن کي سڪ ساهڙ جي سي گهير نہ پڇن گهاٽ
جن کي عشق جي اساٽ، سي واهڙ پانئين وڪڙي "

اهڙن سچن عاشقن لا ڪهڙو بہ اوتڙ يعني خراب تڙُ هجي، اهو بہ سولو ٿيو پوي:

"اوتڙان تڙُ ٿيو ڪنهن جنهن گهڙي گهير."

اتي سهڻي وڃي سالم پهچندي:

سالم وئي سهڻي، ڪنن ڪين ڪيوس
اهس اڪڙين ۾، پريان جو پيوس
حقاق حق ٿيوس، هئي طالب حق جي."

سو تڙُ سونيائين، جيڏانهن عالم آسرو
اوڏي ٿي الف کي من گڏيائين ميم سِين."

اهڙا مرد موالي جا پاڻ تي سوين سختيون برسر ڪن ٿا، ڪهڙو بہ سيارو هجي، اڪڙين سيارو، پاڻي پارو جت جر جڳهہ ۽ جهول ڪهڙا بہ طوفان درياهہ تي هجن، تہ بہ پنهنجي واعدي سان پورا ٿا رهن، ۽ محبوب جي هدايت ۾ قائم رهن ٿا. اهي سائين لوڪ سڀ ڪشالا سهن ٿا:

ڪانيارن = ڪانئرن ڏڄڻ. واهڙ = درياه. اُهس = عشق، سڪ. سونيائين = ڳوليائين. جر جڳهہ = پاڻي جي جاءِ درياه جي سير. جهول = گهڻي هنڌ تائين پاڻي.

"گهڙيا سي چڙهيا، ايهين اتئي
مئي، متي مهراڻ ۾ پئو ٽپو ڏيئي."

اهڙا عاشق جي بنا ٽُرهَي ۽ بنا آڳهه ٿا اندر سمنڊ ۾ ڊوڪي پون، تن کي ميهار جا هٿ ٿا پهچن:

"اکيون منهن ميهار ڏي، جن رکيون جوڙي
رِيءَ سنڌ سيد چوي، تار گهڙن نوڙي
تنين کي ٻوڙي، سائر سگهي ڪين ڪي."

اهڙن عاشقن کي "سنڌ" جي ضرورت ڪانه آهي. سنڌ چم جي ٺهيل هوندي آهي، جنهنکي ڦوڪي مٿس چڙهي درياهه ۾ گهڙي پوندا آهن ۽ مٿس ائين سواري ڪندا آهن جيئن ڪو گهوڙي تِي ئي سواري ڪجي. اهو خيال ته ڪو به اڳ نه ڪٽڻ گهرجي، سو شاهه صاحب ڪيترن سرن ۾ آندو آهي. سر ڪيڏاري ۾ تو چوي جنگ ڪرين ته پاکر نه پائج.
ڪلي وير ڪٽڪ ۾ پاکر جو پائي
اجان انکي جيئڻ جو آسانگو آهي.
اهڙا جوڌا جنگ ۾ امر آهن: اهڙا توڪلي تارُو ٻڏڻ جا نه آهن:
ٻڏ توڪل جو ترهو آهر ساڻ الله
جنهنجي ساهڙ ساڻ صلاح، ٻجهان سي نه ٻڏنديون.

اهو توڪل جو ترهو ڪهڙو آهي، جو سمنڊ ۾ عاشق کي ڪم ٿو اچي، تنهن نِسبت شاهه لطيف انهيءَ سر ۾ چوي ٿو:
"ساٿي جنهين سچ، ٻجهان سي نه ٻڏنديون."
جن سچ کي همراهه ڪيو آهي، سي آءُ پڪ سان ٿو چوان ته ڪڏهين به ڪين ٻڏندا، اهي تار تري پار ٿيندا. اهڙا سچ تي هلندڙ سمنڊ ۾ ڪين ٻڏندا، پر اٿلو سمنڊ کي پاڻ ۾ ٻوڙي ڇڏيندا.

ڪلي = جنگ. ڪٽڪ = لشڪر. پاکر = زره. آسانگو = آسرو. آهر = مدد. ٻجهان = آءُ وسهان ٿي، مون کي اعتقاد آهي.

”سهسين سائر ٻوڙيون، منڊ ٻوڙيو مهراڻ
وه وڃايو پاڻ، هٽي ڪنڊ ڪپن سين.“

اهڙين پرولين جا صوفي بلڪل شائق آهن، ۽ شاهه پڻ گهڻيئي دفعا اها گفتار ڪئي آهي. ڇي سمنڊ گهڻن کي ٻوڙيو پر سهڻيءَ سمنڊ کي ٻوڙيو سمنڊ جو وهه به هٽي هٽي پاڻ وڃايو ڇڏي هيءَ منزل آخرين ”فنا في الله“ جي آهي، جنهن وقت ساري سرشتي عارف پنهنجي پاڻ ۾ ٿو سمائي! ٻيون پاڻ اهڙي قسم جون پروليون، شاهه هن سر ۾ ٿو ڏئي. مثلا چوي ٿو:

سڪيءَ جي سانباهه ۾، جڏهين ٻڏيون جي
ساهڙ تنهين کي، ٻيلي ٻنهي ڪنڌيئين،

سڪيءَ ٻڏن جي، ساهڙ ساٿي تن جو
لهرن سر، لطيف چئي، ڪلهن چاڙهيو ني.

چوي ٿو ته اياڻا، نه سمجهه ته توکي رڳو پاڻي ۾ ٻڏڻو آهي، پر اول تون خشڪيءَ ۾ ٻڏڻ سک، ته پوءِ تون ميهار کي سولو ملنديئن. هنن عاشقن جي ٽوپن کي سمجهڻ مشڪل آهي، هنن گفتن جون ڪيتريون معنائون ٿي ٿيون سگهن. هڪڙي معنيٰ هن گفتي جي اها آهي ته اي طالب، تون سمجهين ويٺو آهين ته:

تنهنجون ڪي خاص آزمايشون درياهه جي اندر ٿينديون، ۽ تن لاءِ تون پيو سنبرين. پر اهي آزمايشون هرو ڀرو وڏين ڳالهين ۾ ڪو نه ٿينديون آهن، اهي آزمايشون ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ به ٿين ٿيون، اُهي آزمايشون رواجي سڪيءَ تي به ٿين ٿيون، پاڻ اهي ڪڏهن ڪڏهن وڏيڪ سخت ٿين ٿيون. اهي آزمايشون سنياس جي درياهه ۾ هرو ڀرو ڪو نه آهن، پر گرهست ۽ ڪٽنب ۾ رهندي رواجي ڳالهين ۾ وڏيڪ آهن، پنهنجي رواجي جيوت ۾ ڪام، ڪروڌ لوڀ، موهه ڪان آجو رهڻ، اهائي وڏي آزمايش آهي، جيڪڏهين تون انهي سڪيءَ تي ئي پاڻ کي فنا ڪري ڇڏين ته تون به امتحان ۾ پاس ٿيندين، اهڙن طالبن لاءِ محبوب ٻنهي

سانباهه = تياري.

ڪنديُن تي حاضر آهي نہ رڳو هڪڙي ڪنديءَ تي.

هن سر سهڻيءَ جي فصل ڇهين ۾ شاهہ خاص ڪري "الست" جي ڳالهہ ڪري، چوي ٿو تہ تون نہ سمجهہ تہ مون سهڻي کي ميهار سان ڪو هيئنر عشق لڳو آهي. ائين نہ ڄاڻ تہ مونکي محبوب جي عشق جو سينگار رڳو هيئنر مليو آهي، پر اجا جڏهين هي سرشتي اُتپن ڪين ٿي هئي، اجا جڏهين "ڪن فيڪون" نہ هئي يعني اجا خدا چيو ئي ڪو نہ هو تہ "ڪن" يعني ٿي ۽ اجا "فيڪون" يعني "ٿيو ئي" ڪو نہ هو. تڏهين کان ئي منهنجي محبت ميهار سان هئي. قرآن شريف مان اها آيت آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ رب اوائل ۾ ارواحن يعني روحن کي چيو تہ "الست بربڪم" آءُ اوهان جو رب ڪين آهيان ڇا؟ تڏهين روحن جواب ڏنو "قالو بلي" يعني چيائون "هائو" هاڻي هي عاشق صوفي انهيءَ آيت تي پنهنجو اعتقاد ٿا ٻڌن تہ هي جيو اصل کان پر ماتما سان ٻڌل آهي، تڏهين ئي سهڻي جي من جو ڪاڍو بہ ميهار ڏانهن آهي، اهو جو انجام ڏٺي سان اڳ ۾ ئي ڪيل اٿس تہ تون اسان جو رب آهين سو جيتوڻيڪ هو دنيا جي دور ۾ ڪنهن وقت نفس ۾ ڦاسي ٿي، تہ بہ اهو جو قول ڏٺيءَ سان ڪيو اٿس تہ "تون اسان جو رب آهين"، سو سنٻنڌ اچيو پنهنجو زور رکي ۽ ڪنهن وقت انسان جي دل ۾ انهي وعدي جو آواز "سمن" سڏ ٿو اٿي، پوءِ هو دنيا جون سڀ لذتون ڇڏيو هڪ محبت ۾ واصل ٿو ٿئي. سڀ ٻيا سر ڇڏي رڳو "توڏيءَ" جي تنوار کي ٿو اختيار ڪري. آءُ هت هن ڳالهہ جي اپٽار باريڪ ڪرڻ نہ ٿو گهُران. مون کي اها اُپٽار سُر مارئيءَ ۾ ڪرڻي آهي جو سر منهنجي نظر ۾ سر آسا کان پوءِ نهايت ڳوڙهو آهي، انهن ٻنهي سرن ۾ شاهہ پنهنجي فيلسوفي سمجهائي آهي. خاص ڪري سر مارئيءَ ۾ هي "الست" جي وائي کولي آهيس، سر سهڻيءَ ۾ ۽ ٻين سرن ۾ بہ البت انهي جي اپٽار ڪئي اٿس، پر نہ اهڙي اُونهي جهڙي سر مارئيءَ ۾. سهڻي چوي ٿي:

ساهڙ جا سينگار، مون اڻ ڏٺا اڳي هئا
نڪا "ڪُن فيڪون" هئي نڪا ٻي پچار
ملڪنان مهند هئي، توڏيءَ جي تنوار
محبت ساڻ ميهار، لايائين لطيف چئي.

ملڪان = ملڪن کان. مهند = اڳي. توڏي = ڏاچي، هتي سهڻي زال.

سهڻيءَ کي سينگار اڻ لکيا اڳي هئا
”ڪُن فيڪون“ ڪا نہ هئي، نڪا ٻي پچار.

”الست“ ارواحن کي جڏهان چيائون
ميثاقان ميهار سين، لڏيون مون لائون

”الست“ ارواحن کي جڏهين چيائون جيئن
قالو بلي قلب ۾ تيو تفائُلُ تئين

”الست“ ارواحن کي، جڏهين امر ڪيو احد
هو من ڪاڍو ميهار ڏي، سهڻيءَ سڪڻ سدَ
دلو دور درياهہ جي، ڪيو ارادي اڌ
جيڪي آيس ڏانهن عهد، سوپاڙي منڌ پاتار ۾.

هن پڇاڙيءَ جي بيت ۾ شاهہ پنهنجو وڏيڪ متو ٿو سمجهائي. چوي ٿو تہ منڌ يعني سهڻيءَ کي جيڪو عهد اتي اوائل ۾ آيل هو، سو هتي دنيا جي پاتار ۾ تي پاڙي. هن جي معنيٰ اها بہ آهي تہ ان وقت جيڪي بہ سندس قسمت ۾ وهيل هو سو هتي تي ڏسي. ٻئي بيت ۾ ٿو چوي:
”دلو دؤر درياهہ جو، اوڏانهين آئيو.“

يعني تہ سهڻيءَ کي جيڪو دلو مليل آهي، سو بہ اتان الست جي وقت کان مليل اٿس. دلي جي معني ويدانت موجب ٻي بہ ٿي سگهي ٿي، جنهن کي ”ڪارڻ شرير“ ٿو چئجي، يعني اهو سرير جو انسان جي دنيا جي دؤر واري هستيءَ جو ڪارڻ آهي، اوائلي ”ارادو“ "Will" اچا شڪتي آهي. جا هن دلي کي سنسار ۾ موڪلي ٿي ۽ پوءِ جڏهين وري دؤر بعد اهو دلو ٽٽي ٿو يعني اوديا جي ڪارڻ سرير ناس ٿو ٿئي تڏهين انسان پنهنجي اصليت کي حاصل ڪري ٿو. هي ڳالهيون سمجهڻ مشڪل آهن. پر منهنجو رڳو مطلب اشاري ڪرڻ جو آهي تہ هنن شاعرن جي بيتن ۾ رڳو جذبا ڪو نہ

ميثاقان = انجام واري وقت کان. لڏيون مون لائون = منهنجي محبت ان سان ٻڌي. تفائُلُ = چڱو سوڻ يا سڳڻ. امر = حڪم. احد = هڪ، ڏٺي. عهد = انجام

آهن، پر هڪ پڪي فيلسوفي يعني ”تصوف“ انهن اندر سمايل آهي.

انهي دلي جو غرق ٿيڻ ۽ سهڻيءَ جو غائب ٿي وڃڻ، معنيٰ آهي تہ انسان جو پنڌ پورو ٿيو، پوءِ انهيءَ نيستيءَ مان هن کي نئين هستي ٿي پيدا ٿئي، يعني ”نفيءَ“ مان هو ”اثبات“ جو درجو ٿو پائي. مطلب تہ جڏهين پاڻ وڃائي ٿو تڏهين سچي پاڻ کي ئي پائي ٿو، يعني فنا ٿي بقا کي حاصل ڪري ٿو، اهو مکيہ متو آهي صوفيءَ جو جو هو. قُرآن شريف تي ٽا ٻڌن. ”موتو قبل اَنتَ تموتوا“ مرڻ کان اڳي مرو، يعني مري پوءِ جيئو اهو ساڳيو خيال سيني ڌرمن ۾ موجود آهي.

"Give up thy life if thou wouldst live."

(Voice of the Silence.)

انهي مرڻ جي معني آهي موت کي مارڻ. صوفين جو چوڻ آهي تہ هي جيئڻ اسانجو مثل موت جي آهي، يعني اها جيوت جنهن ۾ انسان معرفت کان محروم ٿو گذاري سا جيوت موت آهي، بلڪل دک آهي، انهي موت کي مارڻ بعد انسان سک پائي ٿو. جيئن شيڪسپيئر شاعر ٿو چوي:

“Within be fed. Without be rich no more
So shalt thou feed on death that feeds on men
And death once dead, there is no more dying then.”

شيڪسپيئر ٿو چوي ”اندر ٺهي مار اندرين خوراڪ حاصل ڪر تہ انهي رستي تون موت کي کائي کپائيندين، جو موت ماڻهن کي ٿو کائي، ۽ هڪ ڀيرو جي موت مات ٿي ويو تہ پوءِ تون قيام نہ ٿيندين مات.“

سچا عاشق ۽ عارف جتي ڪٿي ساڳي ٻولي ٿا ٻولين. مشرق ۽ مغرب جي هت بات ڪا نہ آهي، مگر ”جو وهي سولهي.“ سو شاه بہ هن سهڻيءَ جي سر ۾ ٿو چوي:

”جـي قـيـام مـڙن، تـہ ڪـر اوڏا سـپـريـن
تـنـهـانـپـوءِ سـجـن، واڏايـون وصـال جـون.“

انهي وقت شاعر بلڪل مستيءَ ۾ ٿو اچي، ۽ چوي ٿو تہ هينئر سڀ سک آهي، هاڻ جيئري مرڻ بعد سدائين موت بنا جيئڻ آهي: ان وقت هو بود يعني ”اثبات“ Affirmation ۾ ٿو اچي. اڳي چيائون ٿي تہ اسين نہ آهيون، يعني ”نفي“ Negation ۾ هئا، هاڻ اثبات ۾ ٿا اچن، پوءِ منصور

مڙن = ملن. سڄن = سجهن، معلوم ٿين.

وانگر چون ٿا "اناالحق" آءُ حق آهيان، يعني تہ سڀ حق آهي، "همہ اوست." صوفي "مطلق هستي" Absolute existence کي "آءُ" "من" مون لفظ سان ٿو سڏي، جيئن گلشن راز وارو ٿو چوي:

چو هستي مطلق آمد در اشارت
بہ لفظ من کنند آنرا عبارت

شنڪر آچاريہ ٿو چوي تہ برهم کي "اهم شبدين وکيات" يعني "آءُ" جي لفظ سان ٿو بيان ڪجي، انهي کي شاه "مون" ٿو ڪوٺي.

مون مون هين ۾ سپجي، مون کي مون جڳاءِ
مون هين منجهان مون ٿئي، مون هين جي ساجاءِ"
(آسا)

انهي "مُون" کي عربيءَ ۾ "انا" ٿو چئجي، انهيءَ بقا جي منزل تي صوفي بلڪل موج ۾ ٿو اچي، جنهنکي پڪو "حال" Ecstasy ٿو چئجي. تڏهين شاهہ سهڻيءَ جي سر جي فصل نائين ۾ ٿو چوي:

"جَرَ تڙ تک تنوارون، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي."

چي پاڻي تڙ تکون تنوارون، وڻ ٽڻ سڀ هڪڙي شيءِ آهي. هن کي پوءِ سڀ هڪ ٿو نظر ۾ اچي. جڏهين منصور جي سسي لٿي هئي، تڏهين بہ منصور "اناالحق" چيو. شاهہ چوي ٿو تہ سڀ منصور آهي، قاضي جنهن منصور کي ڪُٺو سو بہ منصور آهي!

جر تر تِک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سيئي شيءِ تيا سوري سزا وارا،
همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهيان.

سيت پچار پرين جي، سيت هوت حضور،
ملڪ مڙيوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا

شاهہ ٿو چوي:

"ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي."

ساهڙ مطلوب، سهڻي طالب ۽ سائر سمنڊ سڀ هڪ آهن. جيئن

ساجاءَ = ساجهہ، سجاڻپ. سزا وار = لائق. سيت = سڀ طرح. هوت = پيارو.

سر ڪارايل ۾ تو چوي:

سو پکي سو پيچرو   سو سر سوئي هنج
پيهي جان پروڙيو، مون پنهنجو مَنجُهہ.

تيئن سر سسئيءَ ۾ تو چوي:

”پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
تہ نڪي ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هئا. “

اهڙي طرح، وچي لطيف ٻوليون ٻوليندو. ڪٿ ڏونگر تہ ڪٿ سمنڊ، ڪٿ سسئي تہ ڪٿ سهڻي، ڪٿ پنهون تہ ڪٿ ميهار.

انهيءَ خوشي ۾ اهو ساڳيو درياهہ جو مصيبت تي ڏسڻ ۾ آيو سو ڇا آهي!

”لهر مڙوئي لال، وهڻ ڪٿوريان وترو
اوٻارا عنبير جا، جر مان اچن جال!“

سر = پاڻيءَ جو ڪو پاڻو. وهڻ = واهڙ، درياهہ. وترو = بهتر، وڌيڪ. اوٻارا = خوشين. جال = گهڻيون.

(2)

مومل راڻو

مومل جي معنيٰ بہ شاهہ آکاڻيءَ ۾ ٻن طرحن سان ڪم آندي آهي. هڪڙو تہ مومل کي اندرينءَ آتما سان ڀيٽ ڪري ڏٺو ويو آهي. يعني آتما حسن آنند استان ۾ رهي ٿي، پر انهيءَ آنند استان جي چوگرد طلسم جي "ڪاڪ" آهي، جا ناتر بنائي آهي. اهو "طلسم جو قلعو" Castle of illusion ٻاهريون آهي، جو اسان کي آتم جي پسڻ کان روڪي بيٺو آهي. ڪيترائي ڪوشش ٿا ڪن تہ اسين "مومل" پسون، پر جڏهين هو طلسم جا درياهہ جهنگل ۽ ور وڪڙ ٿا ڏسن. تڏهين منجهيو ٿا وڃن ۽ پوءِ رستو وڃايو ناتر يعني مايا جي ڦندن ۾ ڦاسي ڪپيو ڪاڇيو ٿا وڃن. پر جَيسِين انهيءَ ڪاڪ جي "طلسم" واري ياڳي يعني "لڊاڻي" کي نہ مات ڪبو. تيسين سالڪ پنڌ جي منزل ڪين پائي سگهندو. جيئن سچل ٿو چوي:

"آءُ ادا سالڪ صحي ڪر تون تہ طلسمات کي!"

اها طلسمات اها "ڪاڪ" اها مايا مومل کان پاڻ کي دور ڪري ٿي. اهي مايا جون دعوائون آهن، جي طالب کي ٻڌي ٿيون رکن. پر اهي طالب جي ڇڏي ويا ڇوهہ ۾ دعوائون ديوان، سي آخر وڃي هٽي هنڌ ٿا ڪن. سوڍو مثل انهي طالب جي آهي، جو طلسم کي سمجهي سگهيو ۽ انهيءَ طلسم جي آزمائش مان هر ڪنهن سالڪ کي لنگهڻو آهي.جيئن گوتم ٻڌ جي عمدي ڪهاڻيءَ ۾ گوتم ٻڌ کي "مارا" يعني شيطان جي امتحان مان لنگهڻو پيو. انهي امتحان ۾ گهڻا دک آهن، پر اهي دک سڀ لنگهڻا آهن. جي بهادر جوڌا ۽ جبرا آهن، سي ئي هن آزمائش مان لنگهي ٿا سگهن.

”راڻا جي رجپوت، مومل سي ئي پسندا
پڙهيا، پنڊت پير، توڙي مير همير مرندا.“

شاهه ٿو چوي هي رستو پڙهيلن، پنڊتن، پيرن ۽ ميرن جو نه آهي. اهي طلسم جي اندر مري ويندا، ڇو ته فقط اکرن ۾ پيا اڙندا. مگر دلير فقير سوڍي جهڙا رجپوت نڪري پار پوندا، اتي انهي جبروت جي مڪان ۾ جوڏا کپن. جيئن گرونانڪ ٿو چوي ”نتيءُ جوڏ مها ٻل سور“ انهن ٻلين کي ڪاڪ جا طلسم، ناتر جا جادو ۽ ٻيون ناتر سان گڏ جي نَو ٻايون ۽ ٻانهيون هيون يعني ناتر سوڏيون ڏهه جن کي گيان اِندريون، ڪرم اِندريون چئو اهي اِندريون يا ٻيا من جا طلسم هنن کي ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن، اهڙا ڪاپڙي ڪاڪ جا جادو ڀڃيو ڦٽا ڪن. شاهه هنن کي ٻئي هنڌ ڏهه ويري ٿو چوي:

”ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا نه ڪنهن مال
جي ڇورين ڏنا ڇال، ته به لاهوتي لنگهي ويا.“

”ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا نه محلن
ٻائن ۽ ٻانهين جي، ٻنڌڻ ڪين ٻجهن
لڪين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون.“

اهڙن کي، ناتر مايا ڇا ڪندي!
”تنکي ناتر ڪوه ڪري، جي لڏاڻيان لنگهي ويا.“
اهڙا ماڻهو ڪيئن ٿا پهچن؟ اهي ڪاڪ کي ڇڏي پاڻ ۾ ٿا پون.
”ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاڻان ويا پئي.“
هي مايا جو ڪوٽ آهي، جنهن ۾ جيو ٿو سمجهي ته آءُ ٿو رهان، پر يوگي انهي ڪاڪ کي خيال مان ڪڍيو ڇڏي، هو انهي ڪل کي ڇڏي پنهنجي اندرئين ”مال“ يعني پاڻ کي ٿو پسي. اهو پاڻ ئي مومل آهي. اهڙا

ڇال = ٽپ، ناچ
ٻنڌڻ = ٻڌڻ جي شيءِ لڏاڻو = پٽ جو نالو جتي مومل جي ماڙي هئي. ٽول = هتي معنيٰ طلسم، مايا. ٽريا = ٽري ويا. ڪڪوريا = لعل ڪيا. ڪيف = نشي. ميءِ = شراب

جوڳئيڙا طلسم کي ناس ڪري پاڻ ۾ پئي پوءِ بلڪل سک ۾ ٿا گذارين، پوءِ ته هنن کي حيرت ٿي لڳي، ته مارا هيءَ ته سمورو "اڻ هوندو درياهه" هو جنهن کان ٿي ڊناسون. مارا مومل ۽ ماڙيون ته پاڻ وٽ هميشه موجود آهن "ڪهڙي ٿول ٿڙيا نه ته هو مومل، هو ماڙيون" پوءِ اڳين طلسم واري ڪاڪ، سا به شوق جو محل ٿيو ٿي پوي. سچو حسن حاصل ٿو ٿئين. پوءِ بلڪل ڪنهن مستي ۾ ٿا رهن ۽ لعل ٿيو وڃن.

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لهي نه لالي
ڪڙي ڪيف خماريا، ميءِ پي متوالي
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي.

هو اهڙي رنگ ۾ ٿا رچن، جو هنن جو رنگ پوءِ اپاٽجي نٿو سگهي:

"رچي جي ريٽو ٿيا، ڪين اپاٽجن اوءِ
ڪُنيِ نه ڪاري تنهنکي، جو هالاري هوءِ
توڙي ڌوبي ڌوءِ، ته به لالي تنهن نه لهي."

سر آسا ۾ به شاهه ٿو چوي:

"سرمو سرخيءَ جو، جنين پاتو جن
تنين ڏنو تن، رنگ ته ريٽي جهڙو."

انهي لاءِ گرو نانڪ صاحب ٿو چوي:

"جنڪي چولي رتڙي، ڪنت تنا ڪي پاس."

مايا جي ڪاڪ مان ڦري، هاڻ گيان ۽ آنند جي ڪاڪ ٿي پيئي آهي. اتي شاهه خوشيءَ منجهان ٿو چوي ته:

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن اڇل
نڪا جهل نه پل، سيڪو پسي پرينءَ کي.

ڪيفيت = حقيقت، خبر. ڪمالي = پوري، سچي. ريٽو = ڳاڙهي رنگ جو ڪپڙو يا بوچڻ. اُپاٽجڻ = ڌُونهاٽجڻ، رنگ بدلائڻ. هالاري = هالار جو، هالن جو يا ڳاڙهو سرخيءَ جو = لعلاڻ جو. ڪاڪ تڙ = ڪاڪ جو تڙ، ڪاڪ جي جاءِ

هلو هلو ڪاڪ تڙ جتي نينهن پچار
ڪانهي ٻي تنوار، سيڪا پسي پرينءَ کي.
هلو هلو ڪاڪ تڙ جت گهڙجي نينهن
نڪا رات نه ڏينهن، سيڪو پسي پرينءَ کي.

راڻي جو "ڪرهو" ڇا آهي؟ شاهه ڪرهو چانگو اٺ. مَيو ليڙو اهي لفظ "من" لاءِ ڪم آندا آهن. جن جو بيان جدا سر ۾ ڏنو اٿس. جو هر هر گهڙيءَ چانگي کي ٿو چوي ته "اي چانگا. تون چندن جهڙا سهڻا برهم آنند جا مزا ڇڏي وچيو لاڻي کي ٿو کائين." يعني وشيون ٿو پوڳين راڻي جو ڪرهو رواجي ڪرهو نه آهي، مگر راڻي جو ڪرهو "من" ماريل آهي، من تي هو هسوار آهي، پوءِ اهو ساڳيو من، جو اڳي مايا جي وس تي "ڳُڏانورو" ڪرهو سڌبو هو سو ساڳيو من هينئر هڪ آتم مددگار آهي. ڇو ته منجهانس خرابي نڪري وئي آهي. پوءِ ته اهو من مثل وماڻ جي آهي، جنهن تي يوگي چڙهي سير ٿو ڪري. اهو من يعني ميو سڀ آنند ٿو ماڻي:

"آڪون ڍاڪون، سر ڪنڊ شاخون، چوڪاؤ چندن ڪؤنر،
مئي سيئي ماڻيا، جت نه پرن پؤنر."

اڳي، ڪڏهين من يعني اٺ، ڪو چڱو سواد وٺندو هو ته پؤنر ۽ ٻيا ڪيس هلاڪ ڪندا هئا، هاڻ ته اهي به ڪو نه ٿا هلاڪ ڪنس. هاڻي ميو آتم ديسي آهي، تنهنڪري بلڪل سرهو آهي. اڳي ڊپ ۾ هو، هاڻي ٻي ڊپو آهي.

"ڪرهو سرهو ڏيهه ۾، نه تنهن ڊپ نه ڊاءُ."

هڪ سمجهاڻي مومل راڻي جي مٿين آهي، جا معنيٰ به شاهه منجهس وڌي آهي. ٻي معنيٰ منجهس هيٺين آهي. هڪڙيءَ ۾ راڻو مومل لاءِ محتاج آهي ٻيءَ ۾ مومل راڻي لاءِ محتاج آهي، البت تصوف جي ڄاڻوءَ جي نظر ۾ هي ٻئي، هڪ شيءِ جا ٻه پاسا آهن.

مومل طالب آهي ۽ راڻو رهبر يعني مرشد آهي. طلسم جي ڪوٽ ڊهڻ کان پوءِ ناتر جي هار کائڻ بعد، راڻو مرشد، اچي مومل طالب کي ملي

آڪون = اکروٽ يا ميوي جو قسم، پرن = گهمن، ڦرن

ٿو. انهي مرشد جو شاهه صاحب مومل راڻي ۾ سهڻي عبارت ۾ بيان ٿو ڪري. منهنجو رايو آهي تہ شاهہ صاحب کي انهن زنده جوڳين جو درشن ٿيو آهي، جي هميشہ حيات آهن. جن مان اسلام موجب چاليهہ ابدال هن دنيا ۾ رهن ٿا.

انهن کي هندو رشي ٿا چون، جي وسشٽ نارد آگست وانگر هن زمين تي رهن ٿا ۽ دنيا جي ڪاروبار دنيوي ۽ ديني ڪم ڪار هلائين ٿا، ۽ جنهنجي لاءِ گيتا چوي ٿي تہ لائق ٿيڻ بعد "هو گياني، نِت جي ڄاڻڻ وارا توکي اچي اپديش ڏيندا."

هندن، مسلمانن ۽ ٻين جي ڌرمي ڪتابن ۾ انهن جي زندگي ثابت آهي. ڀاڳوت پراڻ ۽ ٻين پراڻن ۾ تہ چٽو لکيل آهي تہ اهڙا ڪامل مرشد حيات آهن جي "وسنتي مها يوگ ٻلين" يعني مها يوگ جي ٻل سان رهن ٿا. اهڙا ست گُرو ڪامل رهن ٿي انهي لاءِ ٿا، تہ ڪانڪين يا ظالمن کي راهہ راست تي آڻي، پنڌ ڪرائي سالڪ بڻايون. شاهہ ٿو چوي تہ راڻو بہ هڪ اهڙو ڪامل فقير هو:

"راڻـــي جـــي رهـــاڻ مـــان، ڪـــو آديســـي آيـــو
چوڏهينءَ ماهہ چنڊ ڄيئن، ڪيـو سامـيءَ سهـائـو
لـٿـو انـداهـو جـوڳـيءَ سـنـڌي جـوت سـان."

ڪيترن ٻين سرن ۾ بہ خاص ڪري رامڪليءَ ۾ شاهہ هنن جوڳين جا بيان ڪيا آهن، جن گورن "تسي" راضي ٿي، "هڪ جو اکر ونگرو" سپد شبد اوم جو ڏنو آهي، جو "اوم" م ۽ ا جو ٺهيل آهي. "ميم رکي من ۾ الف تنهن اڳيان." اهو ونگرو گول اکر اوم جو ۽ ٻيا گهڻي ئي جوڳ جا غيب انهن سرن ۾ نرين ۽ ٻيتن وغيره جي رستي سمجهايل آهن.

اهڙن بيانن ۾، شاهہ نج سنسڪرت زبان جا لفظ ٿو ڪم آڻي. هونءَ بہ تہ سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت آهي، نہ رڳو ايترو پر ڪيترن ڄاڻن جو رايو آهي تہ سيئي ٻوليون جي سنسڪرت مان نڪتيون آهن.

مثلا هندي، گجراتي، مرهٽي، بنگالي، تن مڙيني کان، وياڪرڻ ۾،

سنڌي ٻولي، سنسڪرت کي ويجهي ۾ ويجهي آهي. سنڌيءَ جا پيا لفظ بہ گهڻو ڪري سنسڪرت مان آهن. اڳين صفحي مان ئي ڏسي سگهبو تہ ئي گورو آديسي، سامي، جوت، وغيره اِهي، لفظ تنهن کان سواءِ پيا بہ انيڪ لفظ سنسڪرت جا آهن. مان انهي ڳالهہ تي ڌيان انهي ڪري ٿو ڇڪايان، جو ڪن سنڌيءَ جي گرنٿ ڪارڻ جو اهو خيال ٿيندو آهي، جو هو اهڙن لفظن تي اعتراض وٺندا آهن. تہ اهي لفظ ڪتابن ۾ نہ هجن. پر اهو سندن اعتراض يا تہ تعصب تي ٻڌل آهي يا وري اڻ ڄاڻ تي ٻڌل آهي. جي انهن لفظن تي اعتراض آڻبو تہ شاهہ جي رسالي کي پُورڻو پوندو. ڪن يارن کي اعتراض وري پارسي ۽ عربي لپي تي هوندو آهي. شاهہ جي لکڻيءَ ۾ ٻئي موجود آهن. نہ رڳو ٻئي زبانون موجود آهن، پر اهي ٻئي "Cultures"علم، هندو ۽ عربي، سنانتي ۽ اسلامي، هن هڪ ڪري رسالي ۾ مڙهيا آهن، جنهن ڪري ئي نهايت خوبصورتي حاصل ڪئي ويئي آهي. مون تہ اها ڳالهہ هن آڪاڻيءَ ۾ فقط واٽ ويندي ڪري ڪئي آهي.

شاهہ صاحب، نهايت خوشيءَ وچان ڪامل مرشد جا بيان ڪيا آهن. انهن بيتن ۾ هنجي شاعراڻي ٻولي ڪنهن اوچي منزل تي ويچيو پهچي ۽ هنجا خيال، امر زبان ۾ ويس وٺيو ٻيهن، هو چوي ٿو تہ اهو راڻو ڪنهن روح جي رهاڻ مان آيل آديسي هو هنجي شڪل، چوڏس جي چنڊ جي جوتي جهڙي هئي ، جهڙو "ماهہ منير" پورن ماسي جو چنڊ. جيئن گُورو نانڪ صاحب ٿو چوي تہ "متي ڏنڏ" تئين شاهہ ٿو. چوي "لٿو اونداهو." جيئن گُورو نانڪ بہ "چانڻ" سُهائيءَ جي جوتي جي ڳالهہ ڪئي آهي، تئين ساڳي سر ۾ شاه مرشد ڪامل کي سج سان مشابهت ڏني آهي، سج جڏهن صبح جو پرهہ وقت ڏسبو آهي، تڏهين ڪهڙي نہ سندر ۽ سيتل صورت هوندي اٿس!

"پرهہ جيئن پيدا ٿيو ڪي سامي ڪي سج،
مٿس رتو مولهيو جئين سا ڪڪر وڄ."

شاهہ ٿو چوي تہ مون جيڏي مهل ڏٺو مانس، تيڏي مهل چيم تہ

ابدال = اوليائن جو قسم. مهارشي. سهائو = روشنائي.

"ڪي سامي ڪي سچ!" تہ هي "سوامي گورو آهي، ڪين سچ آهي!" هنجي مٿان مولهيو بہ هو. مولهيو جي معنيٰ دستار آهي، جا مرشد جي مٿي تي هئي. جيئن ڪڪر تي ليڪو وچ جو سونهن ڪندو آهي تئين هنجي مٿي تي هن جو مولهيو حسن وڌيو بيٺو هو. مٿي تي مولهيو هوس ۽ ڪلهن تي ڇا هوس؟

"سائي شال ڪلهن ۾ ساميءَ سون سري"

اها چادر سون سري هئي، مٿس سون جو ڪم ٿيل هو. انهي مولهي تي جَڙاءُ هو. پر اهو جڙا ءُ ڇا جو هو؟

"جوڳي تي جڙاءُ نسورو ئي نينهن جو."

هن مرشد جي منهن ۾ گهٽيئي جوتيون هيون، گهٽيئي ورن هئا. جيئن سج، صبح جو اپرندي سان جدا جدا رَاسِيُن ۾، جدا جدا رونق ڪندو آهي، تيئن ڪامل گوروءَ جي سورج واري گيان روپ ۾، قسم قسم جا چمتڪار هئا.

سج سياٽي جا ڪري، ساميءَ سان ونڪ
سهي نہ سگهان ساعت سين، تنهنجي راسن جي رونق."

هنجي گلي ۾ ڇا هو؟ "مالها موچاري" بي بہ انهي هنڌ. شاهہ صاحب هڪ ڳالهہ ٿو ڪري، جا يوگ جي آهي. چوي ٿو تہ:

"ڪستوري خوشبوءِ سين، تنهن ولات سڀ واسي!"

هن جوڳيءَ ۾ اهڙي ڪا خوشبوءِ هئي، جنهن جو واس چوگرد پکڙجي ويو هو. تصوف وارا چون ٿا، تہ جوڳيءَ جي بدن مان خوشبوءِ ٿي اچي.

شاهہ ٿو راٽي بابت چوي:

"سج سياٽي جا ڪري، سامي سائي روءِ،
اچي تي عطر جي، منجهان مڪٽ بوءِ."

نہ سمجهڻ گهرجي، تہ اهي جوڳي ڪو رڳو لباسي فقير آهن، اهي

سياٽي = صبح جو اپرندي. ونڪ = رنگ. واسي = سڳنڌ سان پريو. روءِ = شڪل. مڪٽ = مولهيو، دستار، تاج.

جوڳي بہ جدا جدا قسمن جا آهن، ڪي ڪٽي لباس ۾ بہ هوندا آهن، پر منجهانئن ڪيترا لباس ۾ نہ بہ هوندا آهن. ڪي مرشد ڪامل، ڪي پيغمبر، فقيريءَ ۾ آيا، ڪي باڪ اميريءَ ۾ آيا. ڪي راجا هئا، ڪي رنڪ هئا، ڪي بيک وارا هئا، ڪي بيک کان ڏار هئا.

"سهسين سامي آئيا، بابو بيکن ڏار
ڪن خيما، ڪتون چوريون،
ڪي سهسين ڪن سينگار
ڪنين دين دنيا جوڙيو ڪي نانگا لنگن دار."

ڪن گوتم وانگر فقيري اختيار ڪئي، ڪن ڪرشن وانگر اميري ورتي، ڪي وسشٽ وانگر رهيا تہ ڪي رامچندر وانگر رهيا. رشي ٻن قسمن جا ڄاڻايل آهن هڪڙا راج رشي، ٻيا برهم رشي. ڪرشن، رامچندر حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وَآله وسلم. گرو گوبند سنگهہ صاحب ۽ ٻيا راج رشي، "راج رشي" هئا، يعني حاڪم ٿي رهيا. جنگيون جوٽيائون، ڪن تہ شان ٺُومان بہ چوڙيو. ڪي وري برهم رشي وسشٽ ۽ گرو نانڪ صاحب وانگر ٿي رهيا. جي حاڪمائيءَ ۾ نہ هئا، مگر فقيريءَ ۾ هئا، انهن دين دنيا جوڙيو انهن جو ڪم هو "دين" يعني ڌرم ڦهلائڻ سان. ڪي راج گورو آهن، ڪي وديا گورو آهن. ڪي راڄنيتي ۾ آهن ڪي ڌرم نيتيءَ ۾ آهن.

ڪي منوءَ وانگر قاعدن ٺاهيندڙ ۽ هلائيندڙ آهن. ڪي ڪتري آهن، ڪي براهمڻ آهن. تصوف موجب ساري دنيا جي حڪومت "اندرين سرڪار" جي هٿ ۾ آهي، جنهن نسبت اسلام ٿو چوي تہ چاليهن ابدالن جي هٿ دنيا آهي. انهن کي "ابدال" بہ ٿو چيو وڃي، انهن کي "اڏي ڪارڪ" بہ ٿو چيو وڃي. اها حڪومت بلڪل انتظام واري آهي ۽ هي ٻاهريون سرڪاريون فقط هن "سرڪار" جو ڪو پاڇو آهن. البت انهن ٻاهرين سرڪارين جي ڏوري بہ انهيءَ اندرين سرڪار جي هٿ ۾ آهي. سڄي پڇي عملداري اندر آهي، جدا جدا ڪمن ۽ جڳهين تي، جدا جدا رشي مقرر ٿيل آهن. ڪي راڄنيتيءَ ۾ آهن ڪي ڌرم نيتيءَ ۾ آهن، ڪي

وري ٻين ڪمن تي بہ آهن، ڪي جلالي آهن، ڪي جمالي آهن. جلالي يعني جلال وارا يا طاقت رکندڙ حاڪم آهن، جن ۾ "Will" اچا شڪتي زور آهي، جمالي يعني جمال يا حسن يا آنند وارا. وري وديا گورو آهن، جن ۾ آنند شڪتي زور آهي، پر جلالين وٽ جمال بہ آهي، ۽ جمالين وٽ جلال بہ آهي. سيني ڌرمن ۾ انهن جو ذڪر آهي، انجيل جي ريوبليشن واري باب ۾ بہ گهڻيون اهڙيون ڳالهيون آهن. صوفي چون ٿا تہ انهن مڙيني مٿان قطب آهي جنهن کي "King" and "Star" ٿا چون. مطلب تہ جدا جدا ڌرمن ۽ ڪتابن ۾ رڳو نالا ڦريل آهن.

شاهہ صاحب مومل راڻي، ڪاهوڙيءَ ۽ رام ڪليءَ ۾ نهايت اونها، بيان انهن ڪاملن جا ڏنا آهن، جن کي ڪولڻ ۽ ڦولهڻ ۾، وڏو ڪتاب تي سگهي ٿو.

اهو مرشد نينهن وارو جو "سچ ورناءُ" سچ جي ورن وارو آهي، جو اِنهيءَ نينهن جي جوتيءَ مان، "پتنگ جيئن پيدا ٿيو آهي"، سو ڇا جي لاءِ ٿو اچي؟

"فيض فراق فقير، جوڳي جاڳائي ويو."

مومل طالب، اهڙي مرشد سان ملڻ ڪري، هن کي پنهنجو گرو پتار ڪري ٿي سمجهي ۽ طلسم واري ناتر کي ڇڏي ٿي. شش ۽ گرو، طالب ۽ مطلوب، مريد ۽ مرشد جو عشق ٿو هلي. اهو عشق هميشہ کان "ڪرشن ۽ گوپيءَ" جي صورت ۾ جوڳي فقير ظاهر ٿا ڪن. مومل، مرشد کي ملڻ ڪري، پنهنجي جيوت جا رستا ڦيرائي ٿي ڦٽا ڪري، پر هي پنڌ بلڪل اوکو آهي، هن پنڌ ۾ گهڻيئي اندريان وڪار ڪيڏي ڇڏڻا آهن. مومل ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي، پر سومل ساڻس هئي، تنهن ڪم ڪاري ڇڏيو.

"مومل صورت سهڻي، پر سومل آهيس ساڻ
مومل مورت مور جي، پر سومل پيرن ڪاڻ."
(گلراج)

مومل پاڻ گل گلاب جو آهي، پر اچا سومل گل ۾ خار يعني ڪنڊو ٿي بيٺل اٿس. اها سومل جنهن کي Lower self اڌم آتما چئجي يا

ورناءُ = ورن يا رنگ وارو.

جنهنڪي نفس چئجي، سا وري بہ غفلت ۾ آئي، راڻي ڪان ڪيس جدا تي ڪرائي. مومل طالب هن رستي تي ائين پيئي پانئي تہ هاڻ نهيو راڻو منهنجو آهي، سو جي مون ڪجهہ غفلت ڪئي تہ ڇا ٿيو. سا بيپرواهيءَ جي ننڊ ۾ اچيو وڃي ۽ پوءِ سومل انهي غفلت جو حساب وٺيو ڇڏيس ۽ راڻي ڪان جدا ڪيو ڦٽو ڪريس. اها ساڳي ڳالهہ شاه ليلان چنيسر ۾ آندي آهي. ۽ ساڳي ڳالهہ سسئيءَ ۾ آندي اٿس، جتي سسئي غفلت ۾ سمهي رهي ۽ ڏير پنهونءَ کي ڪٽي ويا. انهيءَ ساڳيءَ غفلت ڪري، ڪرشن راڌا کي ڇڏي ويو. پر انهيءَ بعد، عاشق طالب کي، دک مان ٿو لنگهڻو پوي، مومل راڻي ۾ بہ اها درد جي دانهن ڪيل آهي، جتي مومل نهايت ويراڳ مان ٿي لنگهي، جنهنجو مٿي بيان باريڪ ڏنل آهي، عاشق جو رنگ اپاتجيو ۽ هو پڪاري ٿو تہ اي راڻا، اڄ "راحت جا ڏٽي".

"مون تان لاه مرهٽ، ڪامل ڏٽي ڪاڪ جا."

"اوکيءَ، عبداللطيف چئي، اچي آڌر ڏيج."

ويچاريءَ جو قلب پرزا ٿيو پوي ۽ ائين پيئي چوي تہ:

"آءٌ اڳهين آهيان، بڌي تنهنجي ٻول
تڪاڻا ۽ ٽول، وسهہ مون وه ٿيا."

چوي ٿِي تہ آءٌ راڻا، ڪامل ڏٽي، آءٌ سڀ ڪجهہ تو تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. قاصد هٿان ٿي چوائي موڪليس. اهو قاصد بہ من آهي، اهو من، اهو ڪرهو تکو آهي، ڏسڻ ۾ ننڍو آهي، پر هو طاقت ۾ وڏو آهي.

"ننڍو تان ڪوه، پر وڪين آهہ وترو."

اهو ننڍو من "پهس پکي جيئن پوءِ" جنهنجي رفتار پکيءَ جهڙي آهي ۽ بلڪ ان کان بہ تکي آهي، سو عبادت ۾، بندگيءَ ۾، ڌيان يوگ ۾، روح جي ڏٽيءَ راڻي يعني مرشد وٽ دانهن ٿو ڪري تہ منهنجي مومل يعني منهنجي بکي آتما، تو بنا دکي آهي. اي مرشد:

"تون گهڻين سندو گهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو."

اي ڪرشن، تنهنجون گوپيون يعني تنهنجا ڀڳت گهڻا آهن، مگر مون لاءِ تہ تون هڪڙوئي آهين.

جيئن هندو ماڻهو ڪرشن جو نالو ڳنهندا آهن، تيئن شاهه صاحب وري حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآليه وسلم ڪري ٿو راڻي کي سڏ ڪري، مومل ٿي لکيس.

"حال قربان، مال قربان، گهوريان لدائو
فدا ٿيءُ فقير جو، شل رسي مَر راڻو
مُيُن سين ماڻو مناسب نه ميندڙارا."

مرشد تون مونکي "ٻيڙي جيئن ٻڏي" ويو آهين.
"ڍوليا ڍڪڻ ٿيءُ، ڪامل ڪچاين جو."
سوڍا انهيءَ ڪري ٿي منهنجو ساهه توسان آهي.
"هاڻي وهڻ وه تيوم، جاڳيو ٿِي جر هاريان."

اڄ ته آءٌ تو لئه "پٽر وار وڇائيان." ته تنهجي پيرن کي ڪجهه به سخت نه لڳي ۽ تون منهنجي وارن جي هنڌن تان لنگهي وڃين.

"مون سارينـدي ولها، اچين جي هيڪار
ته پيرين ڌريانءِ پنبڻيون، هنڌ وڇايانءِ وار
دوست سڀ ڄمار، هوند گولي ٿي گذاريان."

آخر ڪامل مرشد محمد مصطفيٰ وٽان، قاصد خبر ڪٺي ٿو اچي، ته مرشد هاڻ وري مومل کي ملڻ لاءِ اچي ٿو.

"ڪاڪيان قاصد آئيو راڻي پاس رمي
چڙهيو محمد مصطفيٰ دوست دم دمي."
پوءِ ڪهڙي ٿي حالت ٿئي؟ پوءِ مومل وصال پر ٿي اچي.
"اڳيان خوف نه خطرو نڪو غم غمي
ڪو نه ٻيو ڪرمي، جيڏو تو جهان پر."

پٽر = وهڻ يا سمهڻ جي جاءِ يا جنهن تي ويهجي يا سُمهجي. رمي = گهمي، رهي، هلي. دم دمي = ساه ڪڻ، هتي يوگ جي پراڻن جي بات آهي. ڪرمي = ديا وارو

ادب ۽ نياز ۾ پرجي، راڻي ڪرميءَ جي ساراهہ تي ڪري تہ منهنجي ڏوهہ ڏي نيٽ بہ ڪين ڏٺائين:

"ڏسيو ڏوهہ اکين سين، نہ ٻاجهہ پريو ٻولي
ڪوڙ ڪانيارن جا، سي خاوند نہ کولي."

چويس تي:

"راڻا هيس رَئِي، تو سائين مون سون ڪيو."
مان ڇا هيس؟ مٿي هيس، تو مونکي سون ڪيو.

"تون پارس آءُ لوهہ" يعني توهان "عبد کي اعليٰ ڪيو." آتم جي ديدار بعد، مرشد ڪامل جي ملڻ بعد. جيو وڏي درجي کي ٿو پائي ۽ جيون مڪتيءَ جي درجي کي ٿو رسي، دکن ڪان نڪري عرش جي چوٽيءَ کي ٿو پهچي:

"هاڻي مٿي ڏِکُ، چڙهيو تي چاڳ ڪريان."

انهي منزل تي پهتل کي معلوم ٿو ٿئي تہ مارا نڪا ڪاڪ، نڪو ڪرهو نڪا ئي مومل! هي رڳو ئي راڻو آهي، ڪاڪ، ڪرها ۽ موملون، سڀ اندر آهن، هي درياهہ رڳو اڻ هوند هو جيئن سامي ٿو چوي تہ:

"اڻ هوندي درياهہ ۾ گهوتا ٿو کائي."

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چؤڏس چٽاڻو
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڌاڻو
راڻو ۽ راڻو رِيءَ راڻي ٻيو ناهہ ڪو.

منجهہ هي ڪاڪ ڪڪوري، منجهہ هي باغ بهار
ڪانهي ٻي تنوار، ٿيو مڙيو ئي ميندرو.

اهڙو آهي قصو "مومل راڻي" جو. شال راڻو پنهنجي مهر ڪري.

چاڳ = لاڏ ڪوڏ. ڏک = ڏِکَ يا اتانهين جاءِ جتان چٽو ڏسي سگهجي. چؤڏس = چوڌاري
چٽاڻو = نقش نگار، رونقداري. ڪپر=ڪنيءَ پر، تڪليف. ماڙهو = ماڻهو. ڪي = ڪئي.

سيني جي دل واريءَ مومل کي ملي. راٽو سياڻو صبر جو صاحب آهي، هر وقت طالب کي پنهنجي ٻار وانگر هٿڙو رکي هلائي ٿو. ڀرين سا تڪليف آهي، پر انهي تڪليف منجهان ئي فائدو آهي.

”ڳڀَر منجهان ڳلَ، ڀيم ڀرين تنهنجي.“

مرشد ڪچايون ڦڪايون معاف ڪيو ڇڏي، ۽ وري ٻہ هٿڙو رکي، ٻاز ٿو آڻي.

”سوڍا صبر تنهنجي، ماڙهو ڪي مومل.“

”سوڍا صبر تنهنجو بيعقل آڻي ٻاز.“

(3)

راءِ ڏياچ

هنن آکاڻين جو تہ "ڪي رند پروڙين راز" پر آءٌ فقط ڪن ٿورن گفتن جو مٿاڇرو بيان ڪري سگهندس. شاهہ صاحب هن سورٺ جي آکاڻيءَ ۾ پنهنجي دل جو جذبو وڏو آهي، ۽ سچن عارفن ۽ سچن شهيدن جي حالت جو بيان ڪيو آهي. راهہ روحانيءَ جي پيچ جو پردو کوليو آهيس، راءِ ڏياچ نوابي اوچن روحن مان هڪ آهي.

"ڏنو راءِ ڏياچ هي سر صاحب تان صدقو."

اهي روح جڏهين پريم جي پيچرن تي پون ٿا، تڏهين هنن کي گهڻيئي ڪشٽ ۽ ڏاکڙا ڏسڻا ٿا پون. ائين نہ آهي تہ هو فقط فقيري لباس ۾ ٿا گذارين، پر هو دنيا جي ڪمن ۾ رهي، دنيا جي بهبود لاءِ بہ جهد ڪن ٿا. انهيءَ محنت ۾ هنن کي دنيا جي خدمت منجهہ، سر جي سٽ ڏيڻي ٿي پوي. شاه صاحب راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ کي وٺي اهڙي هڪ مثال جي پڌرائي ڪئي آهي، البتہ انهي ۾ اندرين تصوف جي بہ بات بتايل آهي. راءِ ڏياچ "طالب" آهي جنهن کي ڪانکي يا جگيياسو بہ چئجي. طالب انهيءَ منزل تي آيو آهي، جتي رهڻي ڪهڻي شڌ اٿس، دل جي سخا کي رسيو آهي ۽ قرباني جي ميدان ۾ دک سهڻ لاءِ تيار ٿيو آهي، بيجل سهڻو مرشد آهي، جو "آتم ديس" جو واسي آهي ۽ جو آکاڻيءَ ۾ "پرديسان پنڌ ڪري، هلي آيو هت". اهي مرشد اهي گورو اندريان دنيا جا رهبر آهن، هو هميشہ طالب جي جانچ ۾ رهن ٿا. جڏهين دنيا جي انسانن جي اونداهين دلين ۾ ڪتي ڪا روشنيءَ جي ذرڙي ڏسن ٿا، تڏهين لهي اچي دل وٽ بيهن ٿا ۽ در کڙڪائين ٿا:

"دوســت چــوي آءُ بــيــنــو آهـــيـــان.
هـــر هـــر پـــيـــو آءُ در کـــڙڪـــايـــان،
ســـڏ ســـڻـــي جـــو تـــاڙي لاهـــي
دم پـــل ۾ مـــون درشـــن پـــائـــي."
(انجيل)

جيسين سون، مال مايا ۽ ناماچار جي ڪنجين سان دل جي تجوريءَ جو قفل بند آهي، تيسين هو مرشد لاچار آهي. پر جنهن وقت قربانيءَ ۽ عشق جي ڪنجي لڳائي دل کولجي ٿي، تنهن وقت مرشد دوست اچي حاضر ٿو ٿئي. جيسين دل جي تلاءَ ۾ ڪانگن يعني وشين جو گوڙ آهي، تيسين هنس پکي، هنج اتي نٿا اچي سگهن. پر جتي دل ۾ آرزو آهي ۽ عشق جي ٻڪ آهي، اتي مرشد هنج اچي حاضر ٿئي ٿو. جيئن ڪارايل ۾ ٿو شاه چوي:

"اچو پاڻي لڙ ٿيو ڪالوريو ڪـنـگـن،
ايندا لڄ مرن، تنهن سر متي هـنـجـڙا."

جتي دل جو اڇو پاڻي ميرو ٿيو آهي، يعني ڪنگن (وشين) لڙائي ڳالُوڙيو آهي، اتي هنج ڪين ايندا.

جيئن شاعر ٽينيسن ٿو چوي ته "سونا روح" اتي نٿا اچي سگهن:

"But when doubt at the portal waits

And the house is full of din
They can but listen at the gates
And hear the household jar within"

اهي مڱڻا، اهي "سونا روح"، اهي مرشد ڪي پينو فقير ڪين آهن. بلڪ اهي "ڪارڪ" آهن. دنيا جا هلائيندڙ آهن. اهي گياني نِتِ جي ڄاڻڻ وارا آهن. جن نسبت گيتا چوي ٿي ته "اي ارجن، جڏهين تون (اريڻ، پرشن ۽ شيوا سان) پاڻ کي لائق ڪندين، تڏهين توکي گياني نت جي ڄاڻڻ وارا اچي اپديش ڏيندا."

ڪالورويو = ميرو يا ڪارو ڪيو.

تصوف يعني صوفين جي عقيدي موجب جي طالب مرشد لاءِ ڪانڪي آهي، تہ مرشد بہ طالب جو ڳولائو آهي. پر هميشہ انهيءَ ڳولا ۾ آهي تہ ڪٿي ڪو انسان خوديءَ جي تاڙي لاهي تہ آءُ انکي درشن ڏيان. اهڙا طالب ڪو لباس ۾ هرو پرو ڪو نہ ٿا رهن. دنيا ۾ رهي، دنيا جي خدمت جي ڪن ٿا، سي ئي اڪثر مرشد کي پائين ٿا. شاهہ انهي مرشد جا جيڪي بيان ڏنا آهن، سي اڪسير آهن مون مومل راڻي جي آکاڻيءَ ۾ هن ڳالهہ جي وڏيڪ اپٽار ڪئي آهي، ڇو تہ انهيءَ سر ۾ اهي بيان لا ثاني ڏنل آهن. شاهہ سر سورٺ ۾ تو چوي تہ اهڙا مگڻا ڪنهن مصلحت پٽاندر ٿا اچن. جڏهين ڪا ڪمائي ڪير ڪري ٿو، تڏهين ٿا هو اچن، جتي بہ مرشد اچي ٿو اتي ”چانڊوٺا“ چنڊ جي جوتي، روشنائي، جهلڪا ٿي ڏئي.

”ري مصلحت مگڻا، قصر ڪين اچن
نور تجلو نور سين، نميو نيڻ پسن
خيمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوٺا چمڪن.“

اهڙي محبوب مرشد جي شڪل ڪهڙي آهي!

”چوڏهينءَ ماهہ چنڊ جيئن، ڪيو سامي سهائو.“
(مومل راڻو)

هن مان ”مشڪ ڪٿوريءَ بوءِ“ ٿي اچي. هن جي نور جو تجلو اکين سان ڏسي نيڻ بهار ٿا ٿين. اهو مرشد ”امت جو آخوند“ ڪهڙو آهي!

”ناز منجهاران نڪري، جڏهين پرين ڪري ٿو پنڌ
پونءِ پڻ بسم الله چئي، راهہ چمي ٿي رند
اپيون گهٽي ادب سين، حورون حيرت هنڌ
سائينءَ جو سؤڳند، ساجن سينئان سهٽو.“

اهڙو سهٽو مرشد راءِ ڏياج وٽ ”وچان ويرين آيو.“ اُهي ويري

قصر = محلات ۾. خيمو = تنبو. چانڊوٺا = روشنايون. پونءِ = زمين. رند = رستو. اپيون = بيٺيون. سوگند = قسم. ڪالوريو = ميرو يا ڳاڙو ڪيو.

ڪير آهن، جي طالب ۽ مرشد جي وچ ۾ جدائي ٿا آڻين؟ اهي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه وارا دشمن آهن، جن کي شيڪسپيئر "Rebel Powers" باغي طاقتون ٿو ڪوٺي. جن کي شاهه سر ڪارايل ۾ ڪانگ جهڙا پکي ٿو ڪوٺي. جڏهين طالب مرشد کي پاڻ جي لائق ٿئي ٿو، تڏهين مرشد "واڄو ولاتي وڄائي" ڪيس سجاڳ ڪري ٿو. اهو ولاتي يعني آتم ديس جو سرود آهي، اها ڪرشن واري مرلي آهي، اهو انيو جو آواز آهي، اهو "شبد انحد"آهي، اهو سر اسراري آهي، جنهن کي شيڪسپيئر "Music of the spheres" ٿو ڪوٺي. اهو سر دل اندر پيو ٿو وڄي.

پر اهو منتر ڪو مرشد ڏئي، تڏهين آواز اسراري نڪري اهو منتر سچو "نام" آهي.

انهي محبوب جي مرليءَ جو فقط آواز ٿو ڪن تي پوي تہ طالب راءِ ڏياچ وانگر بيوس ٿيو وڃي. هر ڳالهہ ڪان ڪٿو ٿي، انهيءَ آتم رس کي پاڻ جو ڪانکي ٿو ٿئي ۽ مرشد کي عرض ٿو ڪري تہ "ميان مهربان، چوري چنگ چئج ڪي." مرشد آهي ئي مُرليءَ وارو، سو روح کي راز بتائڻ لاءِ تيار آهي. پر ڪتار ڪنار ڪان تکو آهي، مشڪل پنڌ اڙانگهو (ڪنو اپنشد)، انهي اوکي پيچري تي هلڻ ڪو چرچو نہ آهي، اتي سر ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ڪو نہ آهي.

"سر مڳي، سر گهري، سرڙيءَ ٿئي نہ صلاح."

"ماٺ جي آواز" نالي ڪتاب ۾ مئڊم بلئو ٽسڪي ٿي چوي.

Give up thy life, if thou wouldst live.

"حياتي ڪپيئي تہ سر ڏي" هاڻ اهو سر ڇا آهي؟

هي بدني سر آهي؟ هائو اهو سر بہ آهي، انهي بت سان جنهن جو نينهن آهي، سو هن پنڌ ۾ نہ هلي سگهي. اهو سر تہ صوفي تريءَ تي ڪنيو گهمي.

"متا مهاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ
ڪلالڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي."

مهاين = وڍيلن. ڪوپ = قهر، ظلم.

پر راءِ ڏياچ ٿو چوي تہ هي سر ڪهڙي شيءِ آهي؟ جي هزار سر هجن تہ بہ ٿورا. هي هڏ تہ سڪٺو آهي، هن ۾ مال تہ مريءَ جيترو بہ ڪين آهي! شاهہ ڪلياڻ ۾ ٿو چوي تہ رڳو انهي پاهرئين سر ڏيڻ جي راند هجي تہ عاشق گهڻيئي اچن. اهو سر تہ جوش جذبي ۾، جنگ جلهيہ ۾ بہ ڏيو ڇڏجي. پر پوءِ انهي ڪري ڪو "سر اسراري" حاصل ڪو نہ ٿيندو. هي سر ڪا ٻي شيءِ آهي! اهو ٻيو سر ڏيڻ ڏکيو آهي، باقي هي سر ڏيڻ سولو آهي.

"ڏيڻ گهڻو ڏهلو سسي ڏيڻ سک."

ڪهڙي اها شيءِ آهي؟ صوفين انهي راز سمجهڻ جي هميشہ ڪوشش ڪئي آهي:

"ڪنهين ڪنهين ماڙهئين، پيئي ڪل ڪائي.
رسيا جي رمز ڪي، تن پارسي پائي."

اها پارسي، اهو ڳجهہ جنهن کي سائين بتائي، سو سمجهي.

"نہ ٻجهائي نانڪا، جس هووي سو پرسن!"

جنهن تي ٻيجل جي ٻاجهہ ٿئي، يعني جو ٻيجل جي ٻاجهہ جو لائق ٿئي، تنهن کي هيءَ خبر آهي. صوفيءَ جي سمجهہ ۾ سر ڏيڻ جي معنيٰ آهي. "جزي" جي هستي کي گم ڪرڻ ۽ "ڪل" جي هستي ۾ سمائڻ.

Submit the individual to the Universal. (Emerson)

ساڳي ڳالهہ امرسن اميريڪا واري ڪئي آهي، اهو سر "اهنڪار" آهي. اهنڪار معني رڳو هٺ ۽ وڏائي نہ آهي، اهنڪار ڪا وڏي شي آهي. اها "اهم آءُ" جا پانئي تي تہ "آءُ" ڪرنا آهيان، يعني "آءُ ٿو ڪريان"، تنهنجو نالو اهنڪار آهي. ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو "اهنڪار وموڍ آتما، ڪرنا اهم اتي منيتي" اهنڪار موڙهل آتما مڃي ٿي تہ آءُ ڪرنا آهيان، اهنڪار جي منزل بہ وڏي آهي، هڪڙو اهنڪار جوش جذبي "اندرين" جو آهي، ٻيو اهنڪار خيال "من" جو آهي ٽيون اهنڪار "ٻڌي" يعني "انيو" اندرئين تجربي جو آهي.

اهنڪار انهن ٽنهين اندرين، من ۽ ٻڌي کان مٿي آهي. انهي

ڏهلو = ڏکيو. ماڙهئين = ماڻهوءَ کي.

اهنڪار جي مارڻ بعد جيڪا "آءُ" قائم آهي، تنهنجو نالو "آتما" آهي.

سو نالو اهنڪار جو آهي. انهي اهنڪار سان گڏ هميشہ "ترشنا" رهي ٿي. ترشنا جي معني رڳو طمع نہ آهي! ڀڳوان گيتا ۾ چوي ٿو تہ "اندريون من ۽ بدّي" ٽيئي هن ترشنا جا آستان آهن. انهي ترشنا جو نالو سورٺ آهي، جا راءِ ڏياچ، طالب جي اهنڪار روپي سر سان ڳنڍيل آهي. سو جيڏي مهل راءِ ڏياچ اهنڪار ڪيڻ جي يعني سر ڏيڻ جي ڳالهہ تو ڪري، تڏهين ترشنا سورٺ روئي ٿي ۽ ورلاپ ڪري ٿي. تنهن سان گڏ "دايون ٻايون" ناريون، جي اندريون آهن، سي بہ روئن ٿيون. "ناريون ناز ڪرين، راجا رت رم ڪيو." شاهہ صاحب واهہ جو گفتو ٿو چوي، اهي دايون ٻايون يوگ موجب "ناريون" آهن ۽ نارين جو "رت" يعني ساهہ. "راجا" يعني اهنڪار آهي. عاقل وزير وزراءَ يعني "من ۽ بدّي" بہ روئن ٿا.

"پيا وير وساس ۾، عاقل ويا اجهي."

چو تہ اهي سڀ سورٺ جي پٺيان آهن، جا اهنڪار سان پرڻيل آهي. جڏهين راءِ ڏياچ سر ڏيڻ لاءِ سنپريو، تڏهين سورٺ ڏاڍا واڪا ڪيا، ڇاڪاڻ تہ اهنڪار کانسواءِ ترشنا جي هستي ناممڪن آهي. پر راءِ ڏياچ يعني "آتم ڪانکي" روح جنهن مرشد جي مرليءَ جو منتر سڻيو آهي، تنهن کي سورٺ جو بہ موهہ ڇڏڻو آهي. اهو منتر ڪهڙو آهي؟ اهو منتر اهو آهي، جو مٿي چيوسين. جو شاهہ سُر سورٺ ۾ چوي ٿو:

"الا نسان سري وانا سره"، ورتي ايءَ وائي."

"الانسان سري وانا سره." قرآن شريف ۾ آيت آهي، جنهن ۾ خدا چوي ٿو تہ: انسان منهنجو ڳجهہ آهي ۽ آءُ سندس ڳجهہ آهيان. جيئن سر آسا ۾ شاه ٿو چوي:

"ڳالهہ مڙيائي ڳجهہ جي، ڳالهہ مڙيائي ڳجهي."

ميهار ۽ سهڻي هڪ آهن، بلڪ جنهن درياهہ ۾ غرق ٿيا، سو بہ هڪ آهي.

وير = بهادر. وساس = وسواس، فڪر يا ڳڻتي

”ساهڙ (ميهار) سا سهڻي.
سائر (درياهه) پڻ سوئي.“

انهي سر ڏيڻ بعد جزو ۽ ڪل ۽ ٻنهي جي وچم جيڪو طلسم جو ميدان آهي، سي سڀ هڪ ٿي ٿا وڃن. يعني تہ فاعل، مفعول ۽ فعل اتي هڪ آهن. ”گيانا، گِينيہ ۽ گيان“ يعني ڄاڻڻ وارو ڄاڻ ۽ ڄاتل سڀ هڪ آهن. جيئن شاهہ ٿو سورٺ ۾ چوي:

”ٽيئي پرچيا پاڻ ۾، تند ڪتارو ڪنڌ.“

ڪتارو فاعل آهي، ڪنڌ مفعول آهي، تند ٻنهي کي ڳنڍيندڙ آهي. مطلب تہ هنن آکاڻين جي اندر شاهہ جهجهي وندر ڪئي آهي. اهنڪار جي مرڻ بعد يعني راءِ ڏياچ جي سر ڏيڻ بعد، سورٺ مري ٿي وڃي يعني ترشنا غائب ٿيو وڃي ۽ پوءِ قدرت الاهي، راجا سر ڏيڻ بعد ۽ سورٺ جي مرڻ بعد وري جيئرو ٿيو پوي ۽ مرشد ڪامل جي منزل تي پهچيو وڃي:

”سورٺ مئي سک ٿيو، خيما ڪنيا ڪنگهار
نڪي راڳ نہ روپ ڪو، نڪا تند تنوار
تنهان پوءِ مڱڻهار، ڏنو سر ڏياچ کي.“

سورٺ ترشنا مئي تہ سک ٿيو. راجا ڪنگهار جيڪي طلسم جا تنبو کوڙيا هئا، سي هاڻ کٽي ڇڏيائين. ڪاڪ جو طلسم ڪچي ويو. ”پيا ڪوٽ ڪري“ جڏهين طلسم ڪچي ويو. جڏهين مايا ٽٽي پيئي، تڏهين ڇا ڏسڻ ۾ آيو!

”نڪي راڳ، نڪو روپ ڪو نڪا تند جي تنوار هئي.“

اهو بہ ايا ٻاهريون راڳ روپ هو ڇو تہ سورٺ ايا جيئري هئي، يعني آنند هو پر وشيءَ سان گڏ هو.

جڏهين سورٺ مري ويئي، تڏهين ٻيجل ڇا ڪيو!

”تِنهان پوءِ مڱڻهار، ڏنو سر ڏياچ کي.“

راءِ ڏياچ کي، سر ڏيڻ کان پوءِ، سر مليو.

ڪنگهار = راجا. ناقصي = اڻ پوري.

”بـاڪ آهـي بـود، نـاقصـي نـابـود ۾.“
(سورٺ)

بود يعني سچي هستي بہ نابود ۾ آهي:

”جيلانهن ٿيا نابود، تيلانهن گڏيا بـود ڪـي.“
(آسا)

اها نابودگي نہ آهي، پر مطلق هستـي آهـي.

”نابوديءَ نيـئـي، عـبـد ڪـي اعـلـي ڪـيـو.“
(آسا)

اڳي اهنڪار سان عبد هو، هينئر اعليٰ ”مرشد“ آهي. اڳي طلسم جا تنبو هئا ۽ طلسم جا راڳ روپ هئا.

هاڻي جڏهين سورٺ مئي، سر ويو ۽ پوءِ پيو سر، راءِ ڏياچ کي مليو تڏهين:

”سورٺ مئي سک ٿيو، خيما هنيا ڪنگـهـار
ٿـيـو راڳ ۽ روپ سـو، لڳـي تـنـد تـنـوار
سو ڏٺين پٽين پار، پسو راجـا راضـي ٿـيـو.“

اڳيان طلسم جا خيما ”تنبو“ راجا ڪنيا ۽ ”ست“ جا خيما هنيائين. اڳيون مايا جو راڳ ۽ روپ ۽ تند تنوار انحد جهڻڪار“ ٻڌائين. راجا پورن راضي ٿيو ۽ پرم آنند کي پهتو! ۽ پوءِ:

”ڏاتـار ۾ مڱـڻـي، ڪـو نـہ وسـيـلـو وچ
سائـي تـال تـنـدن جي، سـائـي چارڻ چت
هتي جي هت، تـہ ڳالهہ مڙيائـي هـيـڪـڙي“

جيو ۽ برهم ۾ پوءِ تفاوت ڪونهي، چاڪاڻ تہ جيو پاڻ کي برهم ۾ سمائي ڇڏيو آهي. جيڪي چارڻ مرشد. ايشور جي چت ۾ آهي، سائي ”اِڇا“ (Will)، سو ئي ”حڪم“. تندن جي تال ۾ هلي ٿو يعني وس ۾ جيڪي ٿئي ٿو سو هنجو حڪم آهي.

تال = تار. سائل = سوالي، هتي مرشد.

ڏاتار ۾ مڱڻو هڪ آهي:

راجا، راڳائي، هر دوئي هيڪ ٿيا.

”راز ڪيائين راز سين، ڪنهن موچاري محل
”انا احمد بلا ميم“ چئي، سئن هنئي سائل
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، تہ هر دوئي هيڪ ٿيا.“

”انا احمد بلاميم“ ہہ حديث آهي، جنهن جي معني آهي آءٌ احمد آهيان، ميم کان سواءِ يعني احد آهيان. جيئن هندو چون ”اهم برهماسمي“ آءٌ برهم آهيان. جيئن ہي جديث ٿي چوي، ”انا عرب بلاعين آءٌ عرب آهيان عين کان سواءِ يعني رب آهيان. اهو ويدانت ۾ تصوف ساڳيو آهي. جنهن جي اپٽار شاهہ ٿو ڪري.

اهي عربيءَ ۾ ڏنل ساڳيا مها واڪيہ آهن، جي ويدن ۾ ڏنل آهن. اهو ئي منتر آهي، اهو ئي شبد آهي.

اهڙي سر جي سٽ جڏهين ڪير سهي ٿو، تڏهين سارو جڳ آنند پائي ٿو. اهڙو مثال وئي، سپ طالب خوش ٿين ٿا:

”سپ ڏکمکيا ڏاتار، سٽي ڏان ڏياچ جو.“

شال هيءَ آکاڻي راءِ ڏياچ جي پڙهي، اسانجي من ۾ ڪا ٻيجل جي ٻوليءَ جي سڏ ٿئي تہ هو ”خلوت“ اندرين دل جي ڪتيا ۾ اچي، راز ڏئي.

شاهہ ٿو چوي ”مرشد آءٌ تہ هڪ بلڪل ماندو ٿيل انسان آهيان، سردي گرمي ۾ ڏک سک جي اپانڌ ۾ آهيان، تون مرشد هٿ پهچائين.“

”سرديءَ سالم نہ رهان، گرميءَ ٿيان گداز
امن ڏيج امان تون، سائل هٽي ساز.“

ڏکمکيا = غمگين ٿيا. ڏان = دان

(4)

ليلان چنيسر

شاهہ هن آڪاڻيءَ جي سمجهاڻي بہ پنهنجي بي نظير زبان ۾ ڪئي آهي. آڪاڻيءَ سان هن جو مطلب ڪو نہ آهي، مگر اندرينءَ رهاڻ سان فقط هن جو واسطو آهي. اسان کي آڪاڻيءَ جي عيب ثواب تي ڌيان نہ ڏيڻو آهي، پر شاه جي سهڻي زبان ۾ انجي مطلب کي وٺڻو آهي. چنيسر ڪير آهي؟ چنيسر سائين آهي. روح جو پيتار آهي. ليلان ڪير آهي؟ ليلان هي وچڙيل جيو آهي. پر ليلان رواجي روح نہ آهي، ليلان فقيري روح آهي، جنهن ڪمائي ڪري ٻاهرينءَ ريت چنيسر کي هٿ ڪيو آهي. پر اجا فقيريءَ جي رمز کي نہ پروڙيو آهيس. ڪجهہ وقت نفس کي ڇڏي، هو من کي مارڻ جي ڪوشش ۾ آتم آنند پائي ٿو، پر وري من ڦري ٿو وجيس جو "ناڪر اڪئين نار" کي ڪنهن وقت "مٺئي تي مٺيو" ڇڏي.

اهو فقيريءَ جو پنڌ بلڪل اوکو آهي. ڪٿ اپنشد ٿو چوي:

"ڪنار ڪنار ڪان تکو آهي. مشڪل پنڌ آڙانگهو."

انهي پنڌ ۾ ڪوئي نہ ٻناڪ هٽي، تہ ڪو مان چوٽ چڙهي ويس ۾ بس هاڻي مونکي ڏءُ ٿيو. تنهن ڪري مونکي پٺ ڪونهي! هتي جيترو ڏءُ تيترو پٺ کپي. انهي پنڌ ۾ هميشہ خبرداري کپي. "حڪم"، جو قادر جي قدرت جو اصول آهي، بلڪ اهو حڪم، (Law)اهو ڌرم، اهو قاعدو ايشور پاڻ آهي. انهي حڪم جي خلاف نہ وڃڻ گهرجي، ٽينيسين شاعر ٿو چوي

"God is law", say the wise, "Living the Law," we live by without fear

ائين نہ آهي تہ فقير ڪنهن درجي تي آيو، تنهن ڪري هن کي سرشتيءَ جي نيمن سان آڏو پوڻ جو اختيار آهي! ڪئين فقير آهن، جي

ائين سمجهندا آهن تہ بس هو پل ڪنهن وقت شراب پيئن، يا ڪباب کائين، يا ٻيا آر ڪم ڪن، تہ هنن کي سهائي! پر صوفي، فقيرن جي سچي راز کي ڄاڻندڙ اجايو پير پچاڙيءَ تائين نہ کڻندو.

شاهہ ٿو چوي: "تِيءَ سَوئِيڙياڻين سنهڙو!"

سچل ٿو چوي:

"سچو انهي راهہ ۾، رهڻا نت هوشيار!"

جنهن وڻ کي ميوو لڳندو، تنهن وڻ جي ٽاري هميشہ جهڪيل رهندي، نہ تہ ڪو ڪنڌ آسمان ۾ ڪندي. جيئن پارسيءَ ۾ ٿو شاعر چوي:

"نهد شاخ پر ميوه سربر زمين."

ليلان اهو فقيري روح آهي، جو اجا "ناقصائي" کان نہ "نڱيو" آهي يعني "ڪچائيءَ" کان ڪين "نڪتو" آهي، ڪجهہ وقت کان پوءِ "آتما آنند يعني چنيسر" کي "مٺئي، يعني وشي آنند" تي ٿو مٽي، اهو مٽيو اهو هار، اهو طلسم، هي من آهي، هي، مايا آهي، جنهن جا چٽ ليلان جو چٽ ڦيري ٿا وجهن. انهيءَ هار کي ڇڏڻ سان ئي چنيسر کي پاتو هٿائين، پر وري دل هرکجي، ويس، ڪونروءَ جنهن اهو هار هٿن مان ڇڏيو. تنهن کي چنيسر حاصل ٿيو. ليلان گيرب ۾ گاءُ ڪيو. تہ هار بہ ملندم ۽ چنيسر تہ اٿم ئي اٿم! هن چنيسر جي طاقت کي سمجهيو ڪين هو تہ هو "سڻاڻو سردار" آهي.

"چنيسر سين چاڳ، متان ڪا منڊ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو تہ هيءُ ماڻي ماڳ،
ڏمريو ڏهاڳ، سگهو ڏئي سهاڳڻين."

کهڙي بہ سهاڳڻ هجي تہ بہ ڪانڌ يعني ڪنت (مڙس) سان بر نہ ميچي. گرو نانڪ صاحب بہ ساڳيا اهي "سهاڳڻ ۽ ڪنت" لفظ ٿو ٻاڻيءَ ۾ ڪم آڻي.

"سهاڳڻ" اهو پانڌيرو آهي، جنهن ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

شاهہ ٿو چوي تہ:

”چنيسر سين چاڳ متان ڪا منڌ ڪري
ڪانڌ ڪنهنجو نـ وٺي، گيرب ۾ گاءُ
جي ٽڙي ٽورڙياءُ تـ دوس دسائي داسڙو.“

فقير کي ڪپي تـ هميشـ پوري هلت هلندو اچي. توريءَ تان ٽڙيو تـ رب جبار اهڙو آهي جو ”دسائي ڦتو ڪريس.“

چڙهي، تـ جبل چوٽئين، پر ڪري تـ چڪنا چور!

سائين رحيم ۾ پيار آهي، پر هو جبار بـ آهي، هو جلالي بـ آهي، جمالي بـ آهي. حڪم (Law) ۾ انصاف جي طاقت ۾ پڻ عشق جي محبت بـ هوئي آهي، انهي جي پيش پوڻ آهي عشق ماڻڻ. انهي جي آڏو اچڻ آهي سورسهڻ. تنهنڪري انهي ”هار“. نفس، من ۾ مايا کان هميشـ دور رهجي. چو تـ شاهـ ٿو چوي:

”جو تو مٽيو پانيو سو اصل ڪوڙو ڪچ
هـن ڏتاري هار کي، سويي پانءِ مَ سچ.“

اي سويي، اي سهڻي صحبتياڻي، انهيءَ ”ڏتاري“ هار کي سچ نـ سمجهـ. انهي مايا جي رنگ تي پلجي نـ وڃ.

”ڪوڙين ڪيا ڪيترا، انهي خر خوار.“
اهـو اصـل ”سـورن جـو سـڳـڙو آهـي.“

انهي هار ۾ ڪٽيون آهن ڪوڙ جون. انهي هار گهٽين کي دوست کان ڏار ڪري، گهوڙن ۾ هنيو آهي.

”گهوڙن هٽي گهٽيون، ان دوسنئان دور ڪيون.“

سائينءَ کي اهو هار ۾ سينگار يعني رڳي ٻاهرين بناوت ڪا نـ ٿي وڻي، هو اندر ئي راضي آهي، هو اندرينءَ دل جي صفائيءَ تي عاشق آهي. جي نماڻا ٿي هلن ٿا. جي ”هوندي تاڻ رهن نتاڻيان“ سي ئي هن کي پسند

چاڳ = انگل آڙو ماڻو. ماڳ = جاءِ منزل، سهاڳڻ جو درجو. چاءُ = چاهه انگل آرو. گيرب. گاءُ = هٺ اندرينءَ = ٽڙڪي، گسي. دسائي = ڪيرائي، ماري. داسڙو = داس ذات جو چنيسر. ڏتاري = ڏتاريندڙ نڳيءَ جو. سويي = اي سهڻي زال. گهوڙن = مصيبتن، آفتن.

آهن. جيئن شيڪسپيئر ٿو چوي:

They that have the power to hurt, but will do none

گيرب ۽ تڪبر ڪي، هو نہ ٿو پسند ڪري:

"سيئي سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هار
پسڻ ڪارڻ پرين جي، سهسين ڪن سينگار
ڏول تنهن جي ڏار، هيٺانهيون هلن جي."

"سيئي سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هس
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس
ڏول تنهين جي گس، هيٺانهين هلن جي."

شاهہ ٿو پڇي تہ تڪبر ۽ گيرب، ليلان ڪهڙو ڪيو؟ جواب آهي تہ ليلان پاڻ کي سمجهڻ لڳي تہ مان بہ ڪا شيءِ آهيان. جو آءُ پير ابتو ڪٽنديس تہ بہ چنيسر مونکي ڪجهہ بہ نہ ڪندو! پر هن در تي دادليون نہ کپن.

"ايءُ ڪانڌ ڪنهنجو نہ ٿئي، نڪا مون نہ تون
رئنديون ڏٺيون مون، ان در متي دادليون."

اهڙو ئي آهي الله. جنهن ڪلنديءَ کان ور کسيو! پاڻ کي ڪا شيءِ سمجهڻ، هن رستي ۾ وڏي اٽڪ آهي. صوفيءَ جو چوڻ آهي تہ پاڻ کي تہ پس ٿي نہ تون، اهڙو بي خبر ٿي وڃ، اهڙو پنهنجي زندگي کان غافل ٿي وڃ، جو تو کي سواءِ پرينءَ جي ٻي ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ نہ اچي، اهو "پاڻ پٽو" صوفيءَ جي نظر ۾ وڏو اٽڪاءُ آهي. هو چوي ٿو تہ پاڻ پسڻ آهي ڏهاڳ، پاڻ وسارڻ آهي سهاڳ.

سوال: ڏهاڳڻ سهاڳڻيون ڪهڙي ڏوهہ ڪنبن؟

جواب: جيئن جيئن پاڻ پسن، ور وڏوٽو ابهين.

"سهاڳڻيون" ساڏو پرش هميشہ ڏهاڳ کان چوٽا ڪنبن؟

ڏار = پاسو طرف لهہ. گس = رستو. وڏوٽو = ڪاوڙيو. ابهين = اينهين کان.

چاڪاڻ تہ هر دم اهو خيال اٿن تہ متان اهو ڏوہ پاڻ پسڻ جو ڪري وجهون ۽ پوءِ ڏهاڳ ۾ اچي وڃون. سر آسا ۾ بہ شاهہ ٿو چوي:

"جان جان پسين پاڻکي، تان تان ناهہ نماز."

تنهن ڪري هو هميشہ مسڪينيءَ ۽ غريبيءَ ۾ ٿا گذارين.

"ڏهاڳان سهاڳڻيون، سيئي ڪنبن."

چوءِ "ڪوہ ڇاڻان کي ڪن، وارو ڏيندو ولهو" جيئن ليلان هار تي موهجي دکي ٿي:

"تڙڪي پسي ٿوڪ، ترڪي تڪبر پئي."

تيئن پانڌيڙو عاشق فقير بہ موهہ ۾ ڦاسي وري موهہ جو دک ٿو ڏسي، پر هڪ پيرو جو آتم آنند چنيسر سان رهي ڏٺو آهيس، سو وري ڪڏهين بہ وشي آنند يعني مايا جي مٺئي تي دائمي خوش تہ رهي ڪين سگهندو. اهو دک پاڻ هن کي اڳئين آتم سک جي پيٽ ۾ نهايت ويراڳ ٿو ڏئي، پوءِ چوي ٿو:

"سائينءَ ڪارڻ سپرين، وڃج ۾ ڏورين
آءٌ تو حضورين، مٽيو وجهان مچ ۾."

نهايت ڦوڙائي ۾ ورلاپ ٿو ڪري، پنهنجي سائينءَ کي سڏي ٿو تہ اي مرشد، اي ڏٽي، اچي منهنجو سونهون ٿيءُ.

"آهين سونهون ساٿ جو هِتي هُتي تون."

"ناتو نماٽين جو مَ ڪر ڍول ڍولو
ڪونهي ڪميڻين جو بگر تو بلو."

"تنهنجو نام نلو ونيو وينتي آهيان."

آخر فقير سچي "توبهہ" پڇتاءُ ڪري، من جي ڪني ميل کي

ولهو = پرين. ڏورين = ڏور، پري. حضورين = حاضريءَ ۾، هوندي. ڦوڙائي = فراق، وڇوڙو.
بگر = بغير، سواءِ.
نلو = نرو، خلاصو. ڪارون = دانهون، نيزاريون. ڪانيارين. ڪاڻ وارين.

لاهي ٿو ۽ ”حيلا چڏي“ پاند ڳچيءَ ۾ پائي، غريبيءَ ۾ پاڻ گڏي، پاڻ کي وساري رهي ٿو تہ پوءِ سائين بہ مٿس مهر جو هٿ رکي، سندس بجر ڪپاٽ کولي، نينهن سان نياڻ ٿو پريس.

”هڏ نہ چوندءِ لڏ، جي ڪارون آٿين ڪانڌ کي.“

چاڪاڻ تہ سڄڻ گهٽو ٻاجهيندڙ آهي.

شاهہ سر ليلان چنيسر ۾ چگي روح راند ڪئي آهي، چگا ڳجها اشارا ڏنا آهنس، خاص ڪري هن سر ۾ غريبي ۽ مسڪينيءَ جو پنڌ بتايو اٿس. هڪ گفتو سنو ٿو چوي: ”راجا ريساٽو گهٽو.“ انجيل ۾ بہ ائين آهي:

"My God is a jealous God"

يعني چنيسر کي اهو پسند آهي، جنهنکي پيو ڪجهہ بہ پسند نہ آهي، فقط هڪ پسند آهي، انجيل جيان شاه ه ائين بہ ٿو چوي“

”ابو ڏاڏو پانهنجو مٿان چنيسر گهور.“

اهو ڏهاڳ ۽ وڇوڙي جو تجربو فقير لاءِ ضروري آهي. نہ تہ رستي جي سموري خبر ڪيئن پونديس؟ نہ تہ جيڪي ڪريل ”ڪانيارا“ آهن، تن تي رحم ڪيئن ايندس؟

چوي ٿو:

”سهاڳ پڻ سنيران، ڏهاڳ پڻ ڏٺوم
تنهان پوءِ پيوم، قدر ڪانيارين جو.“

”چنيسر جي چت ۾، ڪي جو اڳ هئو
تنهان پوءِ تيو مٽئي سندو مامرو.“

شاهہ ان سر ۾ هڪ پرولي تو پاڻ کان پڇي:
”نڪي هو ٻانهن ۾، نڪي ڳر هئوم
نہ سينڌ نہ سرمو نہ سينگار ڪيوم
تيلانهن ڪانڌ سندوم، رکوئي رءِ ڪٽي.“

ڳر = ڳچيءَ ۾، رکوئي = بي سبب، هرويرو. رءِ = راءِ، خيال. ڪر = زيور. نوازي = نوازش يا مهرباني ڪري، دراءُ = در تي.

"سونا ڪُرَ ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳانا هار
ٻانهو تا ٻانهن ۾، سيند سٽيا وار
تيلانهين ٿيئڙِ پچار، ڪاند منهنجي چڏيئڙ."

جيئن، سمي گندريءَ ۾، سر ڪاموڏ ۾ ٿو چوي:
"حاضر هيون هڪيون، سميون سپيئي
پر نوازي نيئي، گاڏيءَ چڙهي گندري."

چار سيني راڻين کي ڇڏي، گندريءَ مهاڻيءَ غريب کي گاڏيءَ ۾ چاڙهيو، جيئن ڪرشن گيرب ڪندڙ گوپين کي ڇڏي، ڪبڙيءَ جي گهر ويو. تيئن شاه ليلان چنيسر ۾ ٿو پرولي پڇي:

"سپيئي سهاڳڻيون، سيني منهن جڙاءُ
سڀ ڪنهن پانيو پاڻ کي، تہ ايندو مون گهر راءُ
بيٺو تن دراءُ، جي پسي پاڻ لڄائيون."

يعني پاڻ کي نہ پسو، پاڻ پسڻ آهي چائت، پاڻ وسارڻ آهي، محبت، جيئن ڪاپائتيءَ ۾ ٿو چوي:

"چائت پائي چٽ ۾، سنهو ڪتيو جن
تن جو صرافن، دڪو داخل نہ ڪيو."

پر

"محبت رکي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو."

تيئين سر ليلان چنيسر ۾ ٿو چوي:

ڪاند ڪوڙيءَ جو نہ وٽي، سٽين پٽين سينگار
وهم لهي وينجهار، دليون پرکي داسڙو."

سٽين پيٽن = گهٽن ٿي طرحن جو لبيس = لباس پاهريون ڏيک.

هن کي ٻاهريون لباس نہ ڪپي، پر دل ڪپي:

”راتيون نہ پسي لبيس، دليون پرکي داسڙو.“

تنهن ڪري اي دوست، اي پانڌيڙو، تون مٽئي جي ٻن رنگن تي موهجي نہ وڃ، پر چنيسر چئو رنگو آهي، يعني جنهن ۾ سڀ سک آهن تنهنکي اصل نہ ڇڏج.

”چنيسر چؤ رنگ پرنگو لوڪ ٻيو

تنهن سين ڇنيو سنگ، وڃيو هار هٿ ڇهين!“

(5)

هنج ۽ ٻگهہ

شاهہ صاحب سچو شاعر آهي. سندس جانچ بلڪل باريڪ آهي. جدا جدا سرن ۾ هن قدرت جي نظارن جا بيان ڪيا آهن. ڪٿي جبل، ڪٿي جهنگل، ڪٿ درياهہ، ڪٿ پتنگ، ڪٿ ڪونجون. اهڙي طرح هو ويو آهي قدرت توڙي انسان جي روش کي نظرن مان ڪڍندو. منجهنس خوبي اها آهي، جو سندس جانچ فقط ٻاهرين ڪانہ آهي، پر هو مڙيوئي نظارو اندر جي اڪير سان لڳائيندو ٿو اچي.

سر ڪارايل ۾ انهيءَ ٻاهرين جانچ ۽ اندرينءَ اڪير جي چڱي موج ٿيل آهي. سنڌ ۾ ڍنڍون آهن. سيوهڻ پاسي منڇر، ٺٽي پاسي ڪينجهر، اهڙي طرح ٻيون بہ آهن. شاهہ صاحب کو ڪجھ وقت ۾ انهن ڍنڍن وٽ گذريو آهي. ڏسي ٿو تہ واهہ موج لڳي پئي آهي!

قسمن قسمن جا پکي آهن، ڪي ڪارا، ڪي اڇا، جدا جدا رنگن جا. گل بہ قسمن قسمن جا آهن. مٿن پؤنر پيا پرن. ڪي ڳالهيون ڏسيون رنج ٿيو پوي ! ڏٺائين ڪنول گل تہ نهايت دل بهار ٿيو وڃيس، وري نظر ڪري تہ واهہ پؤنر. گل جو عاشق ڪيئن نہ ٿو ڪنول گل سان رهاڻيون رهي، وريو وريو گنجي، پيو پون پون ڪري، چوگرد ڦيريون پائيس. چوي ٿو واهہ ڙي محبوب! ڪنول جون پاڙون پاتار ۾. هو رهندڙ پاتار جو. هيءُ پؤنر گذاري آڪاش جي سُج ۾. ڪهڙي نہ رچنا تو رچي آهي. اي عشق توکي شاباس آهي، جو ٻئي ٿو ملائين.

"ڪونر پاڙون پاتار ۾، پؤنر پري آڪاس
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا."

پري = گهمي ڦري آڏت = سج. اڏءُ = اڏام. وهاڻيءَ = پوئين رات جو. وانءُ = وڃ ڪالوري = ڪارو يا خراب ڪري. چاچر = تانگهو پاٽي. چيرون ڪن = هلن چلن.

چوي ٿو پاڻ کي: اهي لطيف، تون بہ پوئنر ٿيءُ، محبوب ڪنور سان پريت رکُ. ڏس آڏت ايريو آهي، اتي تون پرينءَ جو ڪنول جهڙو مک چيتار، مٿس ڏيان ڪر.

"اڏءُ، آڏت ايــريــو وهــاٽــيءَ وانءُ پــونــر
چيـتـارج چـت ۾، ڪـنـڏيءَ پاسـي ڪـونـر."

ڪوَنر ۽ پوئنر جو پيار ڏسي بلڪل خوش ٿو ٿئي. پر وري ٻگهن ۽ ڪنگن جا ڪنا ڪرتوت ڏسي، بلڪل دکي ٿو ٿئي. چوي ٿو تہ پاڻي کهڙو نہ سندر ۽ اڇو هو. هنن ڪنگن اڇي ڪالوري ڇڏيو.

"اڇو پـاڻـي لـڙ تـيـو ڪـالـو ريـو ڪـنـگـن."

ڏٺائين تہ ڪانيرا پکي آهن، سي ڍنڍن جي ڪناري تي پاڻي جي مٿاڇري تي، چاچر ۾ پيا چيرون ڪن ۽ مڇيون جهليو پيا کائين. تن سان گڏ وري ٻگهہ بہ آهن، جي اندر ۾ دولاب رکيو ٻاهران بيک ڪيو وينا آهن، پر وينا رڳو مڇين لاءِ آهن. اهي ٻگهہ ڪِنَ مان قطرا چٽي پيا پيٽ پرين "جيئن قطر چٽيو ڪر پرين."

انهن ٻگهن، ڪنگن ۽ ڪانيرن تي بلڪل غصو ٿو لڳيس. چويس ٿو تہ هنن ساري ديدار جي عزت وڃائي ڇڏي ڪئي آهي. پر ڪنهن ڪنهن مهل انهن پکين ۾ ڪي للا بہ اڇيو نڪرن. انهن جا لڇڻ بلڪل سٺا ٿا ٿين. اهي للا هنس هنج، پاڻي کي ڪنو ڪين ٿا ڪن ۽ ڪن ۽ گند وٽ بہ ڪين ٿا گذارين. اهي اڇي پاڻي سان ٿا آر رکن.

"لـلـن کـي، لـطـيـف چـوي، اڇـي سـان آراڻ."

چوڻ ۾ ايندو آهي تہ هنج پکي مڇي نہ ٿو کائي، هو مٿاڇري تي چيرون نہ ڪندو آهي، مگر اندر ٽٻي هڻي، عمديون شيون، موتين جهڙا پٽون جاچي ڪيڊندو آهي.

"پـٽـون جـي پـاتـار جـا، چـيـتـاريـو چـٽـن."
هن جو چُوڻو ڇا آهي؟ "ماڻڪ چُوڻـو جـنـجـو."

للا = سهڻا اڇا پکي، هنج. آراڻ = آر، محنت. پٽون = پرزا، ذريون، ننڍڙيون شيون. چوڻو = کاڌو. چلر = پاڻيءَ ۾ گپ سان گڏيل ڪک.

چلرن ۾ هي ڇهنبون هٽي، مڇيون ڪين ڪائيندا آهن:

"چلر ۾ ڇهنب هٽي، مڇي ڪين نہ اي"

وري ٿو چوي:

"پٽون جو پاتار ۾، هنج تنهنجو هيرئون."

اهي هنج پڪي نہ رڳو شڪل ۾ سهڻا آهن، پر لڇڻن ۾ بہ سهڻا آهن. اهي ٻگهن ۾ ڪنگن وانگر ڪين ٿا گند ڪن، نڪي اهي ٿا هڪ ٻئي ۾ وڙهن. جنهن سر تي اهي اچن، اتي اچي سرهاڻ پکيڙين، نہ ڪِلڪِل ۾ گهيي ڪن.

"هنج مڙيئي هنج، ميرو منجهن ناه ڪو،
جتي رهن سنجهہ، سو سر ڪن سرهو."

ساڳيءَ ريت شاهہ ڪونجن نسبت چيو تہ ڪيئن نہ اهي ڪونجون وڳر ڪيو گڏ ٿيو هلن، ڪيئن نہ اڏامن گڏ ٿيون، ڪهڙو نہ منجهن ميناج آهي:

"وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن، ماڻهوئان ميٺ گهڻو."

شاهہ اهڙا هنج ڏسي ڏاڍو خوش ٿو ٿئي. وري جو ڏٺائين تہ هو جي ٻگهہ ۾ ڪنگ هئا، جي مڇين ڇڇين ۾ غلطان ٿي ويا هئا، تن جو ڪهڙو حال ٿيو! اوچتو اچي مٿان پاڙهيري چڙهين. ڪين ڪنيي رکيائون. پر هنج انهي ڪوڙ ۾ هئا ئي ڪونہ. سو چوي ٿو تہ:

"ڪوهہ ڪندا ڪي تن، پاڙهيري پهہ ڪري"

انهن ڪي پاڙهيري هٿ نہ لائي سگهي! شڪاري نمونا بہ پکين ڦاسائڻ جا عجيب وٺندا آهن. هڪڙو ڪاٺ جو ڪرنگهر ڦاهي رکندا آهن. اندر ڪاٺ هوندو آهي. نڪو منجهس ساهہ نڪو ماهہ. پر ٻاهران

سر = ڍنڍ. سنجهہ = سانجهي ڪان پوءِ، رات جو پهريون پاڱو. وڳر = ميڙ، ٽولي. پاڙهيري = ماري، شڪاري.

پکي پيو پانئبو آهي، ٻاهران پک پيا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سو کيترائي ٻيا پکي ويساھ رکي، اچي ڪرنگھر تي ٻيهن تہ هڪدم ڦاسيو وڃن.

”پکي جنهن پڃائيا، تنهن ۾ ساھ نہ ماھ
منجھ ڪرنگھر ڪاٺ جو متي پکن چاھ
ويچارن ويساھ، متي پکن آٽيوا!“

مطلب تہ شاھ صاحب جيڪي ڏسي ٿو جاچي، سو دل سان لڳايو کيترا سبق ۽ نصيحتون پاڻکي ٿو ڏئي. هن ڪارايل سر ۾ نهايت اندر جي رهاڻ ڪئي آهيس. ڊنڊ وٽ ٻن قسمن جا سر (گهاٽ) آهن: هڪڙو خراب، ٻيو چڱو هڪڙو ڪُسر، ٻيو سُسَرُ ڪسر تي آهن ڪنا ڪنگ ۽ ٻگھ. سُسَرُ تي رهي ٿو هنج. ڪنو سر آهي لڙ جتي متين قسمن جا پارڪ (سنتري پکي) رهن ٿا.

”سو لڙ لنگھيائين، جتي پارک پکيان.“

شاھ ٿو پاڻ کان پڇي: اي لطيف، تون ڪير آهين، ٻگھ آهين ڪين هنج آهين؟ هاريا، تون تہ اصل ۾ هنج آهين، اصل ۾ روحاني پکي آهين. پوءِ تڏهين ڪيئن ٻگھن ۽ ڪنگن سان اچي پريت رکي اٿئي؟ اي جيئڙا، تو ڇو ڪنگن ۽ ٻگھن روپي وشين، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ سان ٻيلھ رکي، نفس جي لڙ ۾ ٿو گذارين؟

”هاريا هنج، ٻگھن سين، ڪيهي ٻڌين ٻيلھ.“

اي پيارا آتم پکي، تون ميري پاڻيءَ کي ڇڏي اچي سان اڪيل (اُڪير) رک. اي للا، ڪهڙي ڱُويل تون وڃي ٻگھن سين اڙجي لڙ ۾ اڙئين.

”ميرو متائيج تون، اچي ڪر اڪيل
ڪنگن ساڻ ڱُويل، للا جم لڙ پئين.“

پڃائيا = پڃايو پهچايو. ٻيلھ = صحبت، سنگت. اڪيل = اڪير.
ڱُوَيلَ = بي وقت اويلو. جم = متان. اچاھ = اي اچا پکيئو. اُٻھو = ٻيهو. للاھ = اي للو اي هنجو.

اي پيارا پکي، تون وچ پنهنجي مرشد هنس وٽ، جن جو تون اصل کان آهين، جي پڻ توکي پيا سنڀارين. انهي ڪني ڪسر تي ڪنگن جون قبرون ڏينديون، تون وچ سُسَرُ تي، هنج اتي تا توکي سارين.

"هنجن سين هيڪار جي گڻ ڪري نهارئين
بگهن سان بيهار بيلهه نہ پڌين ڪڏهين."

اي هنجڙا، هليو آءُ، مرشد هنس ٿو توکي سنڀاري. سنيال ڪج نہ تہ انهن بگهن وٽ رهندين تہ پاڙهيري بہ پنيان اٿئي.

"آءُ اڏامي هنجڙا، سر ۾ ساريندئي
متان مارينئي، پاڙهيري پهہ ڪري."

اي پکي پيارا، هنجڙا، تنهنجو ڪم ڪهڙو ڪنڌين ۾، ۽ رواجي گسن ۾ رهڻ جو؟

"ڪنڌن ۾ ڪوه ڪرئين. گسن مَ گذار."
"وچين نہ پيهي، پٿون لئيءَ پاتار ۾؟
ڪنڌيءَ ۾ ڪيهي، هاج تنهنجي هنجڙا؟"

اي هنجڙا، تون اڇن، پکين مان آهين، توکي پاڻي بہ اڇو آتم جو پيئڻ کپي، نہ ميرو وشين جو. ائين ڪر، تہ تون اڇائيءَ (پوترتائيءَ) ۾ قائِمُ تي بيهين.

"اڇو پيو اڇاه، تہ اڇائي ابهو
وهڻ وڙ نہ تنهنجو پاڻي لڙ للاه
سُسَر ڏجي ساهہ ڪُسَرُ ڪنگن قبرون."

شاهہ کي پنهنجي حال تي افسوس ٿو اچي تہ ڪيئن تہ آءُ عرش جو پکي، هن فرش جي طلسم ۾، هن بدن جي لباس جي لاتين ۾ منجهي پيو آهين ۽ وينو ڊومائون کان! اڙي چو اچي آءُ دکي ٿيو آهيان، "آءُ ۽ اسين"، "مان ۽ تون" جي بکيڙي ۾ پيو آهيان. اي لطيف، ڇڏ اهي باتيون بدن جون،

چڙهه آڪاس ۾ تہ رنگ عرش جو ماڻين:

"وينو جيئن وماسئين، حيرت پؤ مَ هڏ
لاتيون جي لباس جون، سي سڀ چپائي چڏ
"آءُ اسين" ڪن جي، پاسي تن م اڏ
تن طَالبن گڏ، تہ ويجهو ٿئين وصال کي."

سچا طالب، سچا هنس، سچا فقير ۽ سچا گورو آهن. تون انهن وٽ گهار. اهي هنج ڪنگن جي ڳالُورِيلَ پاڻيءَ ۾ ڪين ايندا:

"اڇو پاڻي لڙ ٿيو ڪالُو ريو ڪنگن،
ايندا لڄ مرن، تنهن سر متي هنجڙا."

تون ڇاڪر، جو انهي لڙ کي ڇڏي، اندر اڇو پاڻي ٿو وهئي، اتي وڃ تہ توکي هنس مرشد گڏبو:
"اونهو جو اڇو وهي، گهڙي تِتَائين گهور."

اي شاهه اهي "ڏنيون هڏ مَ ڏور" اهي رواجي رستا، جتان عام ٿا هلن، اهي نہ وٽ. "گهوريو گب گسن جو."
آتم هنج توکي ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪندي ڪين گڏبو.
هنج ڪٿي ٿو رهي؟
"اونهي ۾ اوڙاهہ جو هنج تِتَهِين هوءِ."
ڀلا ڪيئن اندر ٽٻي هڻجي ؟ ڪيئن ٻگهن، ڪنگن جي لڙ کان پار ٿجي؟
هن بدن ۾ يوگ موجب ٻہ سَرَ آهن، هڪڙو ڪُسَرُ ٻيو سُسَرُ

وماسئين = ڳلتيون ڪرين. چپائي = لڪائي. تِتَائين = اتي. گهور = ڳول. ڏنيون = ڪنڌيون. گب = ڪپ، ڪنارو.

پار تجي؟

هن بدن ۾ يوگ موجب ٻه سَرَ آهن. هڪڙو گُسَرُ ٻيو سُسَرُ هيٺيان ٽي چڪر مول، لنگ ۽ نابي گُسر جا آهن! اهي وشين جون جايون آهن.

انهن چڪرن کي انگريزيءَ ۾ "Plexus" ٿا چون. اُتي پارڪ پکي آهن، جي وشيون آهن. اهو سر يوگي لنگهي، "ڪُنڊلي" کي مٿي چاڙهي، ۾ تو آڻي. انهي هردي ۾ آتم جو مسر آهي، جنهن کي "Ether of the heart" هرديءَ آڪاس تو چئجي. يوگي سچي گورو ڪامل مرشد جي سکيا سان، منتر ڪمائي، هيٺئين لڙ مان لنگهي، مٿئين سر ۾ تو اچي، اهو منتر ڪهڙو آهي؟ انهي منتر کي هندو "اوم" ٿا چون. شاهه صاحب به انهي "اوم" کي مجيو آهي رامڪليءَ ۾ صفا لکيو آهيس "هڪ جي اکر ونگرو، گورو تسي جي توءِ ڏئي." اهو اکر ونگرو اوم جو گورو جي تسي (راضي ٿي) توکي ڏئي ته! "انڌاري گهر ڏيوارا، ڦر ڦر جوت ڪري"، ته تنهنجي انڌي گهر ۾ اهو منتر جو ڏيو، ڦري ڦري جوت ڪري، رامڪليءَ ۾ تو چوي:

"ميم رکي من ۾ الف تنهن اڳيان."

اهو ميم اڳيان الف، ام اوم آهي. شاهه صاحب هن سرڪارايل ۾ انهي شبد، انهي منتر، انهي اسم اعظم کي "وحده" تو ڪوٺي. جيئن هندو اوم ٿا چون، تيئن مسلمان صوفي "وحده" ٿا چون. هو "هُو هُو" جو شبد به چوندا آهن. اوم چئو اونڪار چئو، وحده چئو هو چئو ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي. شاهه لطيف هن شبد کي سر ڪارايل، جو سچ پچ يوگ جو سر آهي، تنهن سر ۾ "وحده" تو چئي. روحل فقير ڪنڊڙي واري پنهنجي "مَن چِٽ واد" ۾ انهن ڇهن چڪرن جي خوب کوجنا ڪئي آهي. چي: "ڪٽ چڪر، ڪٽ ڏيو هئن!" پهريان ٽي چڪر گديا، لُنگ ۽ نابيءَ وارا هيٺ آهن: هرديءَ چڪر جو دل وارو آهي ۽ مٿان ٻه چڪر ڪنٺ ۽ ترڪٽي وارا، مٿي آهن، ڪي وري ست چڪر ٿا چون. هن سر ڪارايل ۾ اول ئي اول شاهه هيٺيون بيت تو چوي.

"وحده وائي، چڙهندي چيائين

سر لڙ لنگھيائين، جتي پارڪ پڪيان.“

اهي لڙ، اهو سر وشين جو صوفي ”وحده“ جي منتر سان ٿو لنگھي. شاهہ صاحب چڙهي لفظ ٿو ڪم آڻي، ڇو تہ اهو سچ پچ يوگ موجب چڙهڻ آهي، جيئن انهي بيت کان پوءِ هيٺ بيت ۾ ٿو چوي

”ٻگھن سين ٻاڻ هڻي، اڏاڻو آڪاس
سو سر متي هنجڙو جتي پرين سنداس.“

ٻگھن کي وحده جي منترن جو ٻاڻ هڻي، هردي روپي آڪاس ۾ ٿو اچي. اتي ڇا آهي؟ اتي هڪڙو سر يعني تلاءُ آهي، جنهنکي ”مئي“ ٿو يعني ڇيتاري ٿو جنهن ۾ جانچي نظر ٿو ڪري، ڇو؟

ڇاڪاڻ تہ اتي سندس پرين يعني آتما آهي! ڏيان يوگ جا واقف ڀاڻيهي صحيح ڪري سگھندا. وري انهي ٻئي بيت کان پوءِ، ٽئين بيت ۾ ٿو شاهہ چوي:

”اڪڙيون اوڙاهہ ۾، ايو ٽڪي تار
پٽون جو پاتار، هنج تنهين جو هيرئون.“

ڏسڻ گھرجي تہ ”آڪاس“ لفظ ڪم آڻي، هڪدم ٿو چوي تہ اتي هنج، يوگي، لوڙاهہ ۾ اکيون هڻي، تار ٿو تڪي، يعني تہ هِردي جي آڪاس ۾ اچي، اندر ٿو سماڌِي هڻي ۽ ”نِوَنار“ ۾ ٿو گذاري. اتي هنکي امرت موتي حاصل ٿيندو. انهي امرت ”سر“ ۾ هن کي آتم رس ملندو!

هيءُ سر ڪارايل، شعر توڙي اسرار ۾ نهايت عمدو آهي.

آءُ ڪو ائين ڪو نہ چئي سگھندس تہ جيڪا مون معنيٰ ڏني آهي، سائي آهي! اهي ڳالهيون يوگ ـ ڪامل سمجھي سگھي. اسين تہ فقط ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري ڄاڻون:

”ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رمز کي!“

مون تہ فقط ٻين ڪتابن پڙهندي، پيٺ ڪندي، هي معنيٰ ڏني آهي. شاه ٿو چوي تہ جڏهين وحده جي ٻاڻ (منتر) سان، ٻگھن (وشين) کي ماري، هينئين سرمان لنگھي، متئين آڪاس جي سر ۾ اچي، اکيون اوڙاهہ ۾ ڪري، تار ٿو تڪي، تڏهين ڇا ٿو ٿئي؟ تڏهين:

”تيو حضوري هاڻ، سوجها پيس سر جي
ڪنبدي لڏي ڪاڻ، پڪيئڙي پاتار ۾.“

اتي هن جيو پکي کي، کوٽيندي، آتم جي ڪاڻ ملي ٿي. جتي ڪيس انهي سسر جي سمجهه ٿي پوي ۽ پرينءَ جي حضور ۾ ٿو اچي! کهڙو نه شاهه عجيب چئبو! ڪيئن نه ٻاهرين ڏنڊين، پکين، ڪوئرن، پوئرن جون ڳالهيون ڪندي، اهڙا اسرار ٿو کولي!

اتـــي ڙي پـــکـــيـــئـــڙا، تـــڏهـــيـــن اٿ!

شاهه ٿو چوي ته اهي طالب پکي، سويل صبح جو يا جڏهين بلڪل ماٺ هجي ۽ عام ماڻهو سُتا رهن ٿا. اوڏي مهل هي ساڏ اٿن ٿا ۽ اتي چا ٿا ڪن!

”جيهر لوڪ جهپ ڪري، اوهير اڏامن
پٽون جي پاتار جا، چيتاريو چڻن.“

جيئن سر آسا ۾ ٿو چوي:

”تن نيڻن ڪي نيران، جن ساجهر سيڻ سانپيٽيا
جيءَ جسي ۽ جان، ڪر حضوري حج ڪيو.“

ڪارايل ۾ به ساڳيو لفظ ”حضوري“ ٿو ڪم آڻي يعني ته هيءَ ڳالهه ڏيان جي ٿو ڪري.

جن نيڻن، صبح جو اٿي، ٻيو ڪجهه ڪين ڏٺو پر نيرانا نيڻ، پرينءَ کي ڏنا ”تن ستر ڪاڏا ڪيڻ.“

”نيرانائي نيڻ، نيئي آڇج پرينءَ کي
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جو ڏٺو منهن محبوب جو.“

تڏهين شاهه پاڻ کي چيو ته اتي ڙي پوئر، اٿ، سر ۾ جو ڪنول آهي، اتي وڃي چيتار.

”اڏءَ آڏت ايريو وهاڻي وانءُ پوئر.
چيتاريج چت ۾، ڪنڏي پاسي ڪوئر.“

جيهر = جيسيتائين. جهپ ڪري = سمهي. اوهير = تيستائين. سانپيٽيا = ڏٺا، زيارت حاصل ڪئي.

هرديءَ آڪاس ۾ سورج ٿو اڀري ۽ اتي هن ڀؤنر طالب کي هدايت آهي ته اي چيتار! ڪٿي چيتار؟ چت ۾ يعني ته اهو اڏامڻ وارو آڪاس هردي وارو چت آهي، جنهنکي چت آڪاس ٿو چئجي. اتي ڇا ٿو اڀري؟ ”ڪنول!“ يوگ موجب دل ۾ اهو ڪؤنر آهي، جتي ڪنول نين ٿو رهي، اتي اي طالب، تون ڇا ڪر، جو:

”هدايت، جي هوءِ ۾، چڙهيو تون چانگار.“

اها جيڪا مرشد توکي سکيا ڏني آهي، تنهن ”هدايت جي هوءَ“ ۾ تون چڙ. چڙ ڇا؟ ”موتي جي مهراڻ جا پورا چڙهج پنج.“ انهي سمنڊ ۾ پنج موتي اٿئي. پنج موتي پنج درجا چئجن، يا پنج اوسٿائون چئجن. ڪڏهين صوفي چار پيا چوندا آهن، ڪڏهين پنج پيا چوندا آهن. شاهه پڻ هيئن ٿو سر ڪاريل ۾ چوي:

”ڪنڏين ۾ ڪوهه ڪرئين، گسن مَ گذار
وچي وحدت ويءَ ۾، گهتون ڇڏي گهار

شريعت جو سر لهي، تن تئائين تار
حقيقت هنجن سين، طريقت تنوار
منجهان معرفت سين، اندر تون اجار
هدايت جي هوءِ ۾ چڙهيو تون چانگار.“

اهائي آهي هدايت جي هوءِ، اتي آهي شريعت جو سر! اتي تن کي تاري، طريقت جي تنوار ڪري، حقيقت ۾ مرشد هنج سان ملي، معرفت منجهان اندر کي اُجار.

صوفي گهڻو ڪري اهي چار پد ڏيندا آهن، پر پنجون پد اهو رکندا آهن، جو زبان ۾ ئي نه اچي سگهي، جيئن هندو جاگرت، سوپن، سکوپتي ۽ تر يا جا چار پد چئي، پوءِ پنجون پد چوندا آهن ته اهي، اني تريا يعني تريا جي آخر، تيئن پنجون سمجهڻ گهرجي، معرفت جي آخر.

صوفي ”ناسوت، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت“ چار چوندا آهن، پوءِ ڪي وري پنجون چوندا آهن ”هَاهُوت“ اهو آهي طالبن جو پنڌ، مراقبي ۾

ويهي، ذڪر، فڪر، جي محنت ۾ ٿو جوڳي پنهنجا جتن ڪري. ساري رات ٿو سبحان ڪي سنياري ۾ "هُو-هُو" جي ڪلام ۾ مشغول رهي. جڏهين اهو هنج اهو للو اهو آتم جو اڇو پکيئڙو ساري رات دل جي امرت سر ۾ ٿو سرت شبد جون لاتيون ڪري، تڏهين ڪنهن وقت مڙيوئي هردي آڪاس ۾ سورج مکڙو ٿو ڪڍي، اونده، بعد پرهه ٿي ٿئي، پوءِ انهيءَ سورج جي صبح جي سرخائيءَ ۾ هي آتم هنج، پنهنجي دل جون پکڙانديون ٿو رڱي ۽ پوءِ ته هو رچي لال ٿو ٿئي:

"للي تي لاتيون ڪيون، سر ۾ ساري رات
پکڙنديون پرڀات، هنج هٽندي رتيون."
"جن ڪي چولي رتڙي، ڪنت تنان دي پاس."
(نانڪ)

جڏهين هو انهي پنڌ تي پهتو، جڏهين هن پنهنجو پاڻ صحيح ڪيو تڏهين هن جي ڪهڙي حالت آهي! اڳي آتم پکي پاڻ کي پڃري ۾ قيد ٿي ڀانيو، اڳي هنجڙي ٻگهن جي سر ۾ ٿي ڏوماڻون ڪاڏيون، پر هاڻ مڙيو ئي آنند ۽ آرام اٿس، هاڻ سڀ آتم هڪ ئي هڪ ٿو پسي. اڳي روح جدا، بدن جدا ٿي ڀانيائين، اڳي سنسار جو سر جدا ۽ آتم هنس کي جدا ٿي ڄاڻائين. پر هاڻ!

"سو پکي، سو پڃرو سو سر، سوئي هنج
پيهي جان پروڙيو مون پانهجو منجهه."
جيئن سهڻيءَ ۾ ٿو چوي:
"ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي."

تڏهين ٿو عاشق چوي ته اي هنجڙا، وڃ اندر پيهي، جو ماري، پاڙهيري (شڪاري) هنس تو کي هلاڪ ٿو ڪري، اڙي مورک، اهو طلسم وارو به اندر ٿو ڏيل ۾ ڦري اها به تنهنجي بناوت آهي.
"ڏيل جنهنجو ڏنجهه، سو ماري ٿو منجهه ڦِري."
شاهه ٻين سرن ۾ به انهي ڪنجهر جي، ڍنڍ تي موج ڪئي آهي.

پکڙانديون = ڪنيڙاتيون يا پر. رتيون = لعل ڪيون.

ڪاموڙ سر ۾ سمي ۾ گندري جي آڪاٽي بہ انهيءَ هنڌ ٿاهي اٿس. ڪنهن وقت رتن (گشت) ڪري ڪِجھ مدت بعد وري بہ ڪوانهيءَ ڪنجهر وٽ پهتو تہ اتي ڏٺائين تہ قدرت ڦيرو وجهي ڏنو آهي.

اڳي ساوڪون، سبزيون موجود هيون، هينئر رڳو ڪن گند، ٻگهہ ۾ ڪانيرا آهن. اڳي تہ هنج ۾ للا بہ ڏسڻ ۾ ايندا هئا هاڻ تہ مور ۾ هنج آهن ئي ڪو نہ. اهڙيءَ طرح دل ۾ ٿڏو ساهہ پري ٿو چوي: اڙي لطيف، فقيرن جي آستانن جو بہ اجهو اهو حال ٿيو.

ڏيل = بدن ۾. ڏنجهہ = ڏڪ

(6)

عمر مارئي

سر عمر مارئي شاھ لطيف جي ٻين بلڪل چيدن سرن مان هڪڙو آهي. منهنجي راءِ موجب اول نمبر سر. تصوف جي اونهي خيال جي ڪول ۾ سر آسا آهي، جو آڪاٽيءَ يا رنگين شعر ۾ ٻاهرين مثالن ۽ نظارن سان پرپيل ڪو نہ آهي، مگر نج خيال جو خزانو آهي، البت شعراٽي خوبي بہ منجهس ناموجود ڪين آهي، سر آسا کان پوءِ سر مارئي آهي، جنهن ۾ شاھ صاحب آڪاٽيءَ جي رستي معرفت جي موج ڪئي آهي. انهي آڪاٽيءَ جا ڪيترا جزا صوفياٽي راز تي پورا پورا ٺهڪي ٿا اچن. اول تہ بيان شاھ صاحب ڏنو آهي ملير جو ڪهڙو نہ نرمل سندر بيان آهي ! اهو ملير آهي اهو ملڪ، جو روح جو اصل گهر آهي، جتي روح جي حالت نج نرمل آهي. اهو ملير اهو اتم ملڪ آهي، جتي مڪت جن ٿا رهن ، جي نفس جي ذلت کان دور آهن. جتي سيل سنتوک ۽ ستر جو وِرثارَو آهي. اتي سنسار جي ڪيوپ جو "ڪهنبو" ڪو نہ آهي. اتي صفائي، سچائي ۽ سادائي آهي:

"اسين تئان آهيون، جتي ڪهنبو ناھ."

"ڪهنبو" ڳاڙهو رنگ هتي ڪامنائن يعني نفس جي باري ۾ ڪم آيل آهي، هي مارو ماٺهو صفا، سفيد ۽ سادا "ڪتيئڙا" ڪتا ۽ لويون ٿا پائين.

اها لوئي، مارئيءَ واري نشاني، نفس کان فراغت جي آهي، اهي مارو ماٺهو جن آتم کي پروڙيو آهي، سي هن سنسار جي ڪهنبي ۾ لمپٽ ۾ نٿا ٿين.

"جي وڃون ڪنهن وِهانوَ تہ پڻ مٿيئون لوئي."

هو سنسار جي وِهانوَ يعني دُنيوي ڳالهين ۾ رهندي بہ نفس تي

ڪيوپ = گوڙشور.

غالب آهن انهيءَ ملير ۾ ڪو بہ دک يا اهنج ڪو نہ آهي:

"تن ونهين ويڙيچن ۾ سدائين سڪار."

انهيءَ آنند جي ڪنڊ ۾ ڪو بہ ڏڪار ڪو نہ آهي. انهي ملڪ ۾ نڪي سنسار جون ڪوتيون آهن، نڪي دنيا جا محل آهن، اتي فقط جهوپا پڪا آهن، جتي پنوهار تا رهن، اهي پڪا، حرص حوس جي "هوند" جا ڪو نہ آهن. اتي جڳت جي "آهہ" ڪا نہ آهي، مگر مڪتي جي "ناه" يعني نروان آهي، جنهن ۾ مارو پڪا هٽي وينا آهن:

"پڪا پنوهارن، نيئي اڏيا ناهہ ۾."

اهو ملڪ نہ رڳو آنند جو آهي، پر سندر تا جو آهي،

"جتي هلڻ ناه حسن ري"

انهي آتمڪ لوڪ ۾ ڪي ترشنا ۽ اگيان جا ويس ۽ بدن ڪو نہ آهن، انهن ديهين ۽ قلبن ڪان اتي روح آزاد آهي. انهي ڪري انڪي "ننگو" ٿو چئجي:

"ننگا آهيون نڪتا، اسين مارو لوڪ."

اهو آهي روح جو اوائلي ملڪ، يعني اجا روح هن بدن ۾ ڪو نہ آيو آهي! انهي وقت ۾ اجا هي سرشٽي ٿهي ڪا نہ هئي،

ويد ۽ انجيل وانگر قرآن شريف بہ چئي ٿو تہ پهرين قادر چيو "ڪن" يا "Be" يا ٿيءُ. پوءِ "فيڪون"، يعني ٿي پيو "It was"، "ملير" واري حالت اها آهي، جنهن ۾ اجا قادر اهو "ڪن فيڪون" جو آواز ڪو نہ هنيو هو اجا ڪو آواز يا هونگ ڪا نہ هئي.

اِهو "ڪن فيڪون" وارو قصو شاهہ لطيف هن سر عمر مارئيءَ ۾ واه جو سمجهايو آهي!

"نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا هونگ نہ هؤن."

اجا هي بدني ماهہ يعني مادو ڪو نہ ٿهيو هو:

"نڪو لڳ لحم"، "نڪا مورت ماهہ."

"هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهہ."

لمپٽ = قاتل. ونهين = آسودن، سکين سهنجن. مڪتي = جمڻ مرڻ کان ڇٽڻ.

اجا فقط وحدانيت جي "واھ" وھڪ ھئي. مطلب تہ "بنيو ھو نہ بت ۾ اجا ڪو آدم." لطيف ٿو چئي تہ انھيءَ مھل بہ آءُ ھوس، آدم کان اڳ ۾ بہ روح ھو.

"مـــنـــان وقـــت بـــودم، ڪ آدم نـــہ بـــود."

انھي وقت روح سڀ گڏ ھئا. انھيءَ وقت ايڪائيءَ جي جڙ مٽن لڳل ھئي:

"گـڏ جـت گـذارن ھـو جـڙ لڳـي تـنـھـن جـاءِ
مون تـوھـيـن سـيـن آه، اھـا سـاجـاءِ سـپـريـن."

لطيف ٿو چئي: ان وقت بہ روح کي "ساجاءِ" Consciousness آھي، پر اھا شناس آتما کي "سپرين" پرماتما جي آھي، اتي سڀ روح ھڪ آھن. قرارءِ آرام ۾ آھن.

"جي ڪٺا منجھہ قرار، ھئا ھيڪاندا سنگ ۾."

ڪھڙو نہ سندر ءِ اونھو بيان! سنگ ۾ جيئن داڻا گڏ آھن، تيئن روح مڙيئي انھي حالت ۾ گڏ آھن.

پر پوءِ قصو رڳو اتي ڪو نہ بيھي رھيو! پوءِ قادر رب ايشور آواز ڪيو "الست بربڪم" يعني آءُ اوھانجو رب ڪين آھيان؟ جڏھين اھو آواز اھو سوال، روحن جي ڪن تي پيو تڏھين روحن خوشيءَ سان "قالو" يعني جواب ڏنو تہ "بليٰ" ھائو.

"الـسـت بـربـڪـم، جـڏھـيـن ڪـن پـيـوم
قـالـو بـلـيٰ قـلـب سـيـن تـڏھـيـن تـت چـيـوم!"

اھا مارئي ملير واري، روح يا آتما آھي، جنھن "قلب" يا دل "Free will" سان چيو ھائو. تون برابر اسان جو رب آھين. "پوءِ قادر دنيا جي پيدا ڪرڻ جو ويچار" ڪيو ءِ "ڪن فيڪون" جو نعرو ٿيو ھنيائين. انھي نعري ھڻڻ مھل ھو "خالق ٿيو تنھن کان اڳ خالق ڪو نہ چئبو. چو تہ ھن اجا ھي بدلي دنيا خلقي ڪا نہ ھئي، تنھن ڪري انھي حالت لاءِ لطيف ٿو چوي تہ

ساجاءِ = ساجھہ. قرار = آرام. ھيڪاندا = گڏ

خالق چئہ مَر خامر تون مَر ڪي چئو مخلوق، اوڏي مهل اجا مخلوقات ڪا نہ هئي، فقط روح انهي اوائلي ساجاءِ ۾ هئا. ڪن فيڪون ڪان پوءِ تو رب ڪي "خالق " چوڻ ۾ اچي ۽ روحن وغيره کي "خلقيل " چوڻ ۾ اچي، سچ پچ روح کي شروعات يعني ابتدا آهي ڪا نہ ڪا. فقط چوڻ ۾ يا زبان ۾ انهي خيال کي وجهڻ لاءِ اهو خلقيو لفظ تو ڪمر آندو وڃي "ڪن فيڪون" چئي، جڏهين خلقيا روح خداءِ انهي وقت ڏٺي تعاليٰ پون يعني زمين کي بہ خلقيو. اهو ڪمر خلقڻ جو هو وڏي تعظيمر وڏي "فدائي" قرباني "Sacrifice" جو تو ڪري، ڇو تہ هو انهن روحن کي، جي ٻج جي حالت ۾ آهن، تن کي درخت جي حالت ۾ آڻيندو. انهن کي ڦڙي مان درياه ڪرڻو اٿس، الي مان اگني ڪرڻو اٿس، انهن کي جزي مان ڪل ڪرڻو اٿس، لڪل مان کليل ڪرڻو اٿس. اها سندس محنت ۽ فدائي آهي.

"فيڪون" فدا ڪري، ڪهيائين سين "ڪن"

تعظيما تمامر ڪري، پوءِ پٽڙيائين پونءِ "

ڏسڻ گهرجي تہ شاهہ صاحب ڪهڙا ڪهڙا نہ تز ۽ پورا لفظ تو ڪمر آڻي! چوي ٿو تہ "پون" زمين يا دنيا کي پٽڙيائين. هي لفظ تصوف جو نهايت پورو آهي. دنيا کي "پيدا" ڪين ڪيائين، پر پٽڙيائين جيئن هنڌ ويڙهيل کي پکيڙبو آهي، تيئن هن پون کي پٽڙيو! سچ پچ پر ڪرتي يعني اوائلي مادو "Primordial Matter" بہ پيدا ڪا نہ ٿي ٿئي، مگر فقط انجي کول "Enfoldment" ٿِي ٿِئي لڪل اوسٽا مان کليل اوسٽا ۾ اچي ٿي. آءٌ هن ڳالهہ کي هتي وڏيڪ کولي نٿو سگهان، نڪي ڪي آءٌ هن مستوريءَ کي پورو سمجهي ٿو سگهان. پر سري يوگ وسشٽ، پنچ دشي، وغيره ڪتابن ۾ هي قصو سهڻو سمجهايل آهي.

مونکي هن ڳالهہ جي سمجهڻ ۾ ڊاڪٽر ائني بيسنٽ "Study in consciousness" نالي ڪتاب گهڻي مدد ڏني آهي. آءٌ هن ڳالهہ تي پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائڻ ٿو گهران تہ لطيف جي فيلسوفي ڪا نهايت

ڪهيائين = چيائين. تعظيما = تعظيمر يا ادب سان. تمامر = پورو. پٽڙيائين = پکيڙيائين. مستوري = ڳجهہ، راز

اوُنهي آهي ۽ سچ پچ کھڙي بہ محنت ڪري اُها سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گھرجي. ساري رسالي ۾ اِها ڳجھارت سمجهايل آهي. پر عمر مارئيءَ ۾ ”ڪن فيڪون“ وارو قصو واھہ جو بيان ٿيل آهي:

نڪا ”ڪن فيڪون“ هئي، نڪا هوُنگ نہ هوُن
سڄڻ تنهن ساعت ۾، پيتي ڏنوسون.
نڪا ”ڪن فيڪون“ هئي، نڪو لڱ لحم
بنيو هو نہ بت ۾، اجا ڪو آدم.
نڪا ”ڪن فيڪون“ هئي، نڪا مورت ماه
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناه
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واه
لڪيائين لطيف چئي، ڳجھاندر جي ڳالھہ
اڪين ۽ ارواح، اُها ساڃاءِ سپرين.
”الست بربڪم“ جڏهين ڪن پيوم
”قالو بلىٰ“ قلب سين، تڏهين تت چيوم
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.
”فيڪون“ فدا ڪري، ڪهيائين سين ”ڪن“
تعظيما تمام ڪري، پوءِ پٽڙيائين پون
مارو تنّائين مون، پينر پاڳي آئيو.

قصو ڪوتاه، ويچاري مارئي، جا ملير ۾ آنند منجھہ هئي، جنهن جي سونهن ۽ سوپيا عجيب هئي - ”سڪر جهڙي سونهن“، سا هاٿي ڪنهن وڏي مسافريءَ تي ٿي نڪري! انهي مسافريءَ ۾ روح مايا جي قند ۾ قاسيو وجي. انهي مسافريءَ ۾ آتما، من جي طلسم ۾ قيد ٿيو وجي. ”عمر ڪوٽ“ هي سنسار آهي. ”عمر“ هي مايا روپي ”من“ آهي، جو مارئيءَ کي ڪنيو وڃي. پوءِ هي روح ويچارو چا ٿو ڏسي: مارا آءَ ”ڪوٽين“ ۾ قيد آهيان. ڪوٽيون آهن هي بدن، نہ هڪڙو بدن، پر گھڻا بدن آهن. شاھہ ٿو چوي ”جسو جيءُ ۽ جان“ اسٿول بدن، سوڪيم بدن ۽ ڪارڻ بدن، جن ۾ مارئي قيد آهي، جتي مارئيءَ جو هنئون ٿو منجهي!

”مـحـلـيـن مـنـجـهـي مـون هِـنـؤَن !“

روح اتي نهايت دک جي حالت ۾ ٿو اچي. انهيءَ کي لطيف ”قيد الماءِ“ ٿو ڪوٺي.

ايءُ قضا ڪم ڪيو جيئن ”تـر مـارو آءُ مـاڙڻيـن.“

هي تہ ڪو عجيب قضا جو ڪم هو جو روح جا صاحب مارو آنند ڪند ۾ رهيا ۽ هي روح ماڙين ۾ اچي قيد ٿيو! البت ڪجھہ وقت روح غفلت ۽ نفس جي فند ۾ قابو ٿي ٿو وڃي، سنسار جي چڪر ۾ نادان ٿيو پوي، پر مارئي اهو روح آهي، جنهن اهو تجربو اڳ ۾ ئي پرايو آهي ۽ هاڻي انهي منزل تي پهتو آهي، جنهن کي ”ويراڳ“ جي منزل ٿو چئجي، جت مارئيءَ کي عمر روپي نفس ۽ من جا جذبا غالب نٿا پون. هنکي ”گيان“ جي سوجهي پڻ حاصل ٿي آهي، تہ مارا!

”اِهـو اتـم ارمـان، ڇـا مـنـجـهـان هـت ڇـا تـي آيـس
ڇاڪر ٿيس نہ ڄاڻان ڇا ڪون، نا تہ هوس صحيح سلطان
هـوس دانـاه ديـس انـهـيءَ ۾، هـت نـانءُ ٿـيـس نـادان.“
(سچل)

ملير ”آتم“ گهر آهي، جنهن مان نڪري مارئي ”نفس“ گهر ۾ آئي آهي ! جيئن سچل ٿو چوي:

”هـڪ گـهـر ڪُـون تـي ٻـئـي گـهـر آيـس.“

انهي حالت ۾ مارئي سڏ تي ڪري، دانهون تي ڪري، جو اُن وقت هنکي ضرور ڪو نياپو پهچائيندڙ کپي، جو هنکي ملير جون سڀ خبرون پهچائي. اهڙو سنيهي، عمر ڪوٽ ۾ اچي سگهي ٿو پر هو عمر ڪوٽ ۾ قيد نہ آهي. اِهي جيوَن مڪت مرشد آهن !

”جـــو ڏيـــهـــ ڏاڏاڻـــيـــان آئـــيـــو!“

جو آتم ديس جي ”ڏاڏاڻي ڏيهہ“ مان آيو آهي، اُهو مارئيءَ کي تسليءَ ٿو ڏئي تہ:

”ڪو ڏينهن آهـين ڪوٽ ۾“. ”وسارج مَ وَرَ کي.“

قيدالماءِ = پاڻيءَ جو قيد. قسمت. نصيب.

اي مارئي، تون لوئي نہ لاهج يعني تون ويراڳ نہ ڇڏج. تون هاڻ جهد ڪر تہ ڪوٺين مان ڇٽين ! اهو رستو تہ مارئيءَ ڪي ٻڌائي: "بندي ٻيا قرار، آسين لوچون لوهہ ۾." سپ قرار، لذتن ۽ آرام جا رستا بند ڪري، اسين من، وهم ۽ خيال جي لوهہ ۾ ٿا ڳولهيون. اهو لوهہ ڀڃڻ مشڪل آهي. هن عمر مارئيءَ واري سر ۾ ڪيترين اونهين ڳالهين درج ٿيل آهن، جي ڏکين پرولين وانگر ڀڃڻ مشڪل آهن. مثلا "آءٌ بندياڻي بند ۾، ڪ آءٌ پيس بند؟" هن ٻٽي سوال ۾ ساڳيا لفظ آهن، پر تڏهين بہ اهي لفظ معنيٰ جدا جدا ٿا رکن. مارئي ڏسي ٿي تہ هڪڙيءَ ڪوٺيءَ مان ٿي ڇٽان، تہ ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ ٿي اچان! هڪڙي تہ ڪان پوءِ ٻيو تہ آهي، هڪڙي ڪوش ڪان پوءِ ٻيو ڪوش آهي. اهڙيءَ طرح پتو ئي ڪو نہ ٿو پوي.

"Veil after Veil will lift"! (Light of Asia)

"Eternal process going on, from state to state the spirit walks." (In Memoriam)

پوءِ تڏهين، آءٌ ڪڏهين وڃي شڏ آتما کي ڏسنديس؟ شاهہ ٿو سر آسا ۾ چوي: "سخن آهي سو، جو منهن مقابل نہ ٿئي!" نيٺ مارئيءَ کي بوجهہ ٿي پوي تہ هي جيڪي تهہ، بند يا ڪوٺيون آهن، سي سپ تيسين آهن، جيسين "آءٌ" آهيان. "قيد" تيسين آهي، جيسين ڪو ئي "قيدي" آهي. هي "Non-being، ناهہ" جا بند سپ تيسين آهن، جيسين "آءٌ" آهي. "نہ آءٌ" جا زنجير تيسين آهن جيسين "آءٌ" آهي. تڏهين ٿي مارئي چوي تہ آءٌ "بند" ۾ بندياڻي آهيان، ڪين "آءٌ" ۾ بند آهيان؟

"مون هين لڳو ميهڻو، ڪ مون هين ڪڙو ڪنڌ؟"

هي بند ۽ قيد، ۽ لڄ جو ميهڻو "مون" کي لڳو آهي، ڪين مرڳو ئي اها "مون" مهڻو آهي ۽ ڪنڌ تي ڪڙو آهي؟ هن ريت سُر مارئيءَ ۾ ڪيترين ئي ڳجهارتون آهن.

اهي ڳجهارتون ڀڄيندي من کي قابو ڪندي، نيٺ مارئي پنڌ تي پهچڻ جي لايق ٿئي ٿي، ڇو تہ هن نفس جو پاڻي پيٽ بند ڪيو آهي. هوءَ "سپ" وانگر سمنڊ ۾ رهي آهي، پر پاڻي سمنڊ جو ڪو نہ پيتو آهيس. فقط آسمان جي ڪڪر جي ڦڙيءَ لاءِ تڙي آهي. پوءِ اُهو ڦڙو هن ۾ "موتي" ٿو

پيدا ڪري:

"سپ سمنديـن سپجي، پئي نـ نيـر
جيئن هوءَ ابر آسري، تيئن مون من مليـر."
جـر ۾ سپـون جيئـن، آهين اَبـر آسـري
جيئن ڪونجون سارين روه کي، مون تن اندر تيئن."
سـپ سـمـنـديـن سپجي، ابـر آسـاروس،
ٻـاڙو پئي نـ ٻـپـڙي، مـنـو مـنـهـن لڳـوس،
ماڻڪ تي مڙيوس، جيئن تنگ ڪڍيائين تار ۾."
سـڪـو سـپ سـرتـيـون، سـپـن مُلان سيـر
ٻـيـو مـتـائـي نـيـر، اُپـيـون ابـر آسـري.

دنيا جي "تار" ۾ پاڻيءَ هوندي، اهو پاڻي نہ پيئڻ ۾ جفاڪشي ڪرڻ آهي "تنگ" ڪيڻ. پوءِ تو دل ۾ ماڻڪ نهي! هي سُر عمر مارئيءَ وارو نهايت لذيذ ۽ خاصو آهي ۽ سارو لفظ بہ لفظ پڙهڻ جهڙو آهي! نـ رڳو "گيان" يعني معرفت جو ينڊار آهي، پر "ويراڳ" يعني جهد جو بـ خزانو آهي. اِها "لوئي" تنهن ڪري اي مارئي، متان ڇڏين! ٻين لاءِ سپ خذمت ڪر، ٻين کي سپ سک ڏي، پر پاڻ کي لذت نہ ڏي جيئن ڪ سئي تي ڪري:

"پـاڇـا هـي نـ پـاڙيـان، سـرتـيـون سـئـيءَ سـاڻ
ڍڪي اُگهاڙن کـي، ڪـيـن ڍڪـيـائـيـن پـاڻ!"

سپجي = پيدا ٿئي. نير = پاڻي. اَبر = بادل. روه = جبل. آساروس = سندس آسرو. ٻاڙو = کارو پاڻي سمنڊ جو. ٻپڙي = ٻن پڙن واري سپ. تنگ = تڪليف، اُڃ. ملان = وٽان. سير = سيل، ستيا. پاڇاهي = بادشاهي

(7)

سسئي پنهون

هي سر، سڪ جو سر آهي، برهہ جو باب آهي. شاهہ صاحب عشق جي مڪتب ۾ پڪو پڙهيو هو. تنهن هن سڪ جا سپ سيپارا پورا سمجهيا آهن.

سسئي اوائل ۾ براهمڻي آهي. پُنهون ڪيچ مڪران جو مسلمان آهي. سا ڳالهہ ڏيکاري ٿي تہ سچي محبت ذات پات جي پيد ڪان بنهہ دور آهي. پنهون راجائي ٻار هو. سسئي نيٺ بہ ڏوڀڙ جي گهر جي ڏيءُ هئي. پر پريت ننڍ وڏائيءَ کي نٿي ڏسي. واهہ سسئي، تنهنجي سڪ! جيئَن نہ ميران گهر تڙ چڙي "ڪرشن ڪرشن" ڪندي پُڪاريندي رهي، تيئَن سسئي "پنهون پنهون" پڪاريندي رهي. سسئيءَ جي محبت کي ڪو انت ئي ڪونہ هو. جيئن نہ سُور داس ڀڳت جي پريم جو ساگر بي انت هو. تيئَن لطيف بہ اهڙو اجايل آهي، جنهن جي اندر مان عشق جي اچ لهڻ واري ڪا نہ آهي. جيئَن سسئي پيئَي پيئَي، تيئَن اچ بہ ڀيئي وڌيس!

"ان تڙ منجهان تڪ، ڏني پاڻ اچ ٿئي."
هت اچ کي اچ سان ٿو لاهجي!
"محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار
پي پيالو اُڃ جو اُڃ سين اُڃ اتيار
پنهون پاڻ پيار، تہ اُڃ سين اچ اجهائيان."

اهو ڪهڙو سبب آهي جو عاشق، هر وقت ٿا پريت جي پاڻيءَ منجهہ رهن، تہ بہ هنن جي اچ نٿ لهي؟ تنهنجو جواب آهي تہ جيڪڏهن عشق جي اساٽ ڪنهن بہ وقت لهي ويئي، تہ چٽبو تہ نفس جي اساٽ وري شروع ٿي. پر هي محبت جي مخموري اهڙي آهي، جو عاشق سدائين نشي ۾ ٿات آهي!

تڙ = پاڻيءَ جو هنڌ. تڪ = پيڻ.
تشنگي = اُڃ. سائر = سمنڊ. سير = وهڪ

"سدا سائر سير ۾، اندر لهي نه اچ
پسڻ جو پرين جو سو سيائي سچ
تنهن لاءِ مرن اُچ، سدا سائر سير ۾."

متئين سوال جو جواب وچين سٽ ۾ آهي ته:

"پسڻ جو پرين جو سو سيائي سچ."

اهو ڪو ٻاهريون پاڻي ڪونهي، جو پيئڻ بعد اچ لهي وڃي! هي آهي "ناهه" اڻ هوند جو پاڻي، يعني ته اهو پاڻي ئي "نه پاڻي" آهي، يعني اهو پاڻي به اُچ آهي!

"اندر جنهين اُچ، پاڻي اُڃيو اُن ڪي."

رواجي اُڃ ۾ اُڃايل کي "پاڻي" جي اُڃ تي ٿئي، پر هت پريم جو "پاڻي"، پاڻ عاشق "اُڃايل" لاءِ اُڃايل آهي. يعني هت عشق تو پاڻ عاشق کي پيئي! هي پروليون لطيف ۾ جهجهيون آهن، ڇو ته صوفيءَ جو اهو ڳجهه آهي! جيئن "آسا" سر "گيان" جو آهي.

تيئن سسئي سُر عشق جو آهي، جو ڏيکاري ٿو ته لطيف جي اندر ۾ ڪو عجيب عميق هو جنهن ۾ حيرت جي "هيج" جون نهريون ٿي لڳيون، جن جي موج ۾ سسئيءَ کي پنهونءَ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه وسري ويو آهي. بلڪ عزازيل يعني شيطان به هنکي فقط پنهونءَ جي ئي يادگيري ڏياري:

"اچي عزازيل، ستي جاڳائي سسئي
تي ٻوڙائي دليل،
ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو."

پر جي فرشتا ٿا گڏجنس ته به پڇي فقط "پنهون" پيئي:

"منڪر ۽ نڪير کي جڏهين ڏٺائين
اڳيان اُٿي اُنکي، پنهون پڇيائين."

لطيف هت هڪ عمدو مثال ٿو ڏئي. ڳوٺن ۾ ڪٽي اجان توڙي ڪپڙن

منڪر ۽ نڪير = به ملائڪ جي قبر ۾ اچي مئي کان سوال ڪندا آهن. پور = ڪاٺ جو ٽڪر جنهن تي ڳل اُڪريل هوندو آهي ۽ جنهن سان ڪپڙي کي ڇريندا آهن.

تي پور چريندا آهن؛ هنن جون ڏيئون ۾ زالون اهو ڪم ڪنديون آهن. چوي ٿو شاهہ تہ هيءَ سسئي بہ چريندي هئي، پر پور يعني شڪل ڪهڙي چريندي هئي؟ سسئيءَ سان گڏ ساهيڙيون هيون، تنکي بہ سسئيءَ اهڙو اثر وڌو هو جو هو بہ سسئيءَ وانگر چرڻ سکيون هيون. پر ڇا؟

"چوريون چُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور." يعني تہ سچا طالب، هميشہ پنهنجي پريتم جو "پور" شڪل ۾ خيال تا من ۾ رکن. پوءِ جتي تتي اهو خيال ٿا هلائين. سسئيءَ کي جنهن تنهن شيءِ مان پنهونءَ جي يادگيريون ۾ پنهونءَ جي نيشاني تي ملي: "ڏسئو ڏيکارين، پيشاني پنهونءَ جي." "اچي وڻ وڻ منجهان واس."

سسئيءَ جي سڪ بہ ياد ڪبي آهي، پر سسئيءَ جا سور بہ سندس سڪ سان ياد ڪبا آهن:

"سڪڻ ۾ سُوري، بئي اڪر هيڪڙي
تنهي جي پُوري جيءَ ڏني نہ جڙي"

ساڳيءَ ريت هن سر ۾ ٿو چوي:

"ڪنارو ۾ ڪوس، اگڻ آريءَ جام جي."

سسئيءَ ڪهڙا نہ ڏونگر ڏٺا! سندس "سفر سنائو" هو. مسافري اها موت جي هئي. "جبل جو راٺو" هو جت "نيلا نانگ" هئا، جتي "جاڻو جمر جر" هو. انهي پنڌ ۾ اڪيلي سسئي هئي. سندس پير پٿرن پٿون ڪري چڏيا. اهو سارو اوکو پنڌ شاهہ صاحب سڪ جو سمجهايو آهي. جيئن کنر اُپنشد ٿو چوي: "ڪٽار ڪنار کان اوکو آهي، مشڪل پنڌ اڙانگهو." جيئن انجيل ۾ ٿو چوي: "رستو تنگ آهي، دروازو تنگ آهي ۽ وري ٿو هن گهير ۾ گهڙي" اهي پنڌ ۾ تڪليفون باريڪ نموني شاهہ صاحب کوليا آهن. اهي ڏک بلڪل ضروري آهن:

"ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سُکَ ڏکن ريا"
گوندر يعني درد ۾ دک، ڏاڍي وڏي وٿ آهي.

سنائو = سخت، مضبوط. جو راٺو = زور وارو ڏکيو. جاڻو جمر = وٽن جا قسم. جر = جال، جام، گهٽا.

جيئن گرونانڪ صاحب تا چون "دک دارون،
سک روڳ پيا" تيئن تو لطيف چئي "جي
ماڻهن کي مارين، تن سورن کي سڏ ڪريان."

سر ڪيانڻ ۾ يمن ڪليانڻ وغيره ۾ لطيف هيءَ قصو گهڻو ڪوليو آهي، پر سسئيءَ ۾ به گهٽ ڪا نه ڪئي اٿس:

"ڪنهن ڪنهن ماڻهئين، گوندر وڏي وٽ
ٻڌي گوڏ گرٽ، ساٿو ڪجي سر جو."

عاشق به سوداگر آهي، جو ساٽا به ڏاڍا ٿو ڪري، پر عاشق ساٿو سر جو ٿو ڪري! "سچڻ ڏٿو جن، تن ڳچيءَ سر ڳهه ڪيو." چو ته هن واٽ ۾ جس آهي ئي انهن کي، جي جفا تا ڪن، نه ٻين کي: "جس جفا ريءَ نه ٿئي، جفا وارين جس." هر هر ٿو لطيف انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي، ته سُور سَهڻ ۾ سر ڏي پر ڪيئن سر ڏي؟

اول ته اميدون ۾ آسون سڀ ڪڍي ڦٽيون ڪر، چو ته جتي اميد ۾ آس آهي، اتي اونده آهي، جتي نااميدي آهي، اُتي نور يعني روشني آهي. اهي فقط اُميدون ۾ ترشنائون آهن، جن رب جي راهه کي لڪائي ڇڏيو آهي:

"نا اُميديءَ جي نجهري، تون پيهي پس الله
چِٽو رباني راهه، مردان مخفي ڪيو."

کهڙو نه اُبتو پنڌ! دنيا جا ماڻهو جڏهين سندن اُميدون پوريون ٿين، ته ڏاڍا خوش ٿين. پر هنن يارن جون جڏهين اميدون چِٽ ٿين، تڏهين سرها ٿين! "جن نااُميديءَ نور، تن اُوندهه آهه اُميد ۾"

مطلب ته ٿوري ۾ چوي ٿو ته "هوند" منجهان "اڻ هوند" ۾ اچ. هي من، هي نفس خچر اٿئي، انهي خچر کي خنجر هڻ. ڇا جو ؟" "لا" جو. "لا" معنيٰ "اڻ هوند." جيئن خچر کي "هوند" جو يعني لذتن، خوشين ۾ اُميدن جو گاهه کارائيندين، تيئن هي خچر ويندو مست ٿيندو. پر هن کي اهڙو ته

گرٽ = خرچ. ساٿو = سودو واپار. ڳچيءَ سر = ڳچيءَ تائين. ڳهه ڪيو = زيور يا سينگار ڪيو. جفا = تڪليفون، ڏاڪڙا. نجهري = جهوپڙيءَ ۾. مخفي = لڪل.

”لا“ جو خنجر هڻ، جو بنهه پورو ٿي پوي،

هوندئان هوت پري، اوڏو آهه اڻ هوند کي

ساجن تن سري، ”لا“ سين لڌين جي.

لائي خنجر ”لا“ جو، هيءَ خچر کي هڻ

سڏن، جون سيد چئي وٺون سپ وڪڻ.“

جن کي ”هوند“ هوندي، تن وٽ هوت نه هوندو:

”هوند جنهين کي هوءِ، هوت نہ هوندو تن کي.“

هتي ڪيچ آهي اهو هنڌ، جت پنهون پرين ٿو رهي. انهي ڪيچ ڏي انهن کي ڪوٽ آهي، جي ”ناهه“، ”اڻ هوند“ يا ”ڪين“ ٽا ڪٽن.

”ڪيچ تنهين کي ڪوٽ، ڪين جنهن جي ڪيچ ۾.“

حاصل مطلب اهو آهي تہ ”مر تہ جِيئين.“

”مرين جي تہ ماٽئين، جانب جو جمال.“

ڏير ۽ ڏاگها

سسئيءَ کي ڏونگر ڏورڻو پيو. تنهن کان اڳ ۾ سسئيءَ جو پنهل سندس ”ڏير ۽ ڏاگها“ کڻي هليا ويا. تنهنجو مطلب تہ سسئيءَ جو سک انهن ڏيرن ڦتايو. اهي ڏير ۽ ڏاگها ڇا آهن؟ ڏاگهو چانگو اُٺ، ليڙو وغيره لفظ ڪيترن هنڌ شاه ڪم آندا آهن. اهو لفظ ڇو ٿو ڪم آڻي؟ عام ريت شاه صاحب اهو لفظ پنهنجي ”نفس“ سان ڪم آندو آهي. نفس اُٺ وانگر آهي، جو لِڪيو وڃي لاڻي ٿو کائي. اُٺ من وانگر آهي. جو وريو وريو پيو اوڳاري يعني هر هر پيو ساڳئي خيال جي خوراڪ ڪري. شاه خود ٿو اها معنيٰ ڏئي:

”ويا خيال کڻي، ماءُ منهنجو جندڙو“

جندڙو آهي ”پنهون“ يا آتما جو آنند. جنهن کان نفس، من يا طلسم جا خيال اِنسان کي پري ٽا ڪن. وڌيڪ اِها ڳالهه شاه هيٺئين بيت ۾ ٿو کولي:

لا = نہ نيستي . Negation هوت = پرين. اوڏو = ويجهو سري = ملي.

”ماءُ منهنجو جندڙو ڪيو خيالن
ڪرڙن ڪذابن، ڏاگهن ڏڏي آهيان.“

اِهي ”خيال“ آهن ڏاگها، جن هلاڪ ڪئي آهيان، جي بلڪل ڪرڙا آهن، جي بلڪل دکي ٿا ڪن. ڪيئن ڏير ۾ ڏاگها سسئيءَ جي آڏو آيا؟ چاڪاڻ تہ سسئي بي خبر رهي ۾ ڪيس ننڊ اَچي ويئي. اهڙيءَ ريت ”خيال“ طالب تي تڏهين ٿا غالب پون، جڏهن هو ”غفلت“ ۾ ٿو گذاري ۽ پاڻ تي قابو نہ ٿو رهي. پوءِ جيئن ڪپهہ جون پوٽيون واءُ اُڏائي ڇڏي، تيئن هن جا نيڪ اِرادا خيال اُڏائي ٿا ڇڏين. ساڳي اِنهن خيالن واري ڳالهہ شاهہ صاحب چرخي جي سر ۾ گهٽي ۽ باريڪ کولي آهي. اتي بہ غفلت تي گهڻو زور ڏنو آهيس. تيئن سُر سسئيءَ ۾ بہ هر هر گهڙي سسئي ”ننڊ نياڳيءَ“ کي ڏوراپا تي ڏئي:

غفلت يار گنوايو پڙي جيڏيون
پچان پوءِ پنهونءَ کي، عبث تان اَن کائيو.
غافل غفلت ڇوڙ ٿون ڪيئن آٿاسي اوجهرين
اي ۽ ڪم ڪميٽين، جئن سمهن پير ڊگها ڪري
سي پنهون کوه پچن، جي سنجهي رهن سمهي.

انهيءَ غفلت کان طالب کي هميشہ پاسو ڪرڻو آهي. هميشہ اندر ڏي ڪن ڏيڻو اٿس، هميشہ پنهنجي ورڪ کي ٻڌڻو اٿس ۽ هڪڙو لفظ بہ نہ وڃائڻو اٿس. اهو آواز پنهنجي روح جو، تنهن کي صوفي، مرشد جو آواز ٿا چون. پهرئين درجي ۾، صوفي وات کي بند ٿو ڪري، ڪن کي کولي ٿو ۽ نهايت ڌيان ۽ ڌيرج سان ٻڌي ٿو، تہ ڪامل ڪهڙو ٿو آواز ٻڌائي. انهي کي سٽڻ جو درجو ٿو چئجي. انهي کي پويان جو ”پٿگورس“ جنهن کي پاڻ ”يون آچاريہ“ ٿا چئون، سو هن درجي کي ”آڪوسٽڪاءُ“ ”شراوڪ“ ٿو چوي

ڪذابن _ ڪوڙن. ڏڏي _ ڏکوئي.
عبث _ اجايو ناحق. آٿاسي _ بي نڪي، بي شرم. اوجهرين _ پنڪيون ڪائين. اُڪوڙ _ ڪيڏي چڏ. اِشارتون _ اشارا سڪوت سڪوت _ ماٺ، صبر. سُڄن _ سُجهن.

ڳڻُ تي ءُ ڪيچين ڪچيو ڪُڇ، متان ڪُڇن
اِشارتون اُن جون، سُڪوتان سُڃن
وتان ويهي تن، سڻ تہ سوز پرائين.

اي طالب، تون وات کي بند ڪر، ڪجھ بہ نہ ڪڇ. پر تون اصل "ڳڻُ تيءُ"، ڏيان ۾ محوئي شبد کي سڻ، جو ڪامل ڪيچي مرشد تو بولي. ان جون اشارتون متان وڃائين. اِهي هدايتون سڻ تہ تون عشق جو سوز پائين. هاديءَ جي هدايت وارو بہ چوي ٿو تہ "ڪن ڏيئي ٻڌ، هڪ دفعو جي وڃايئہ تہ مرشد وري پيهر ٻولڻ وارو ڪونہ آهي!"

جيڪڏهين تون غفلت ڪندين، پوءِ پل تو ڪٽي ڪجھ هٿ بہ ڪيو هجي، اُها شي ءِ هٿان وڃائيندين، جيئن سسئيءَ وڃائي. پل جبل تي چڙهيو هجين، تہ بہ ڪري پوندين.

"لڙيو چڙهيو چوٽئين، ڪريو ڪوه ڪرن؟"

چوٽين تي چڙهي، وري چو ٿا ڪرن؟ تنهنجو جواب سر ليلا چنيسر ۾ شاه چڱي ءَ طرح ڏنو آهي. انهيءَ ڪرڻ جو سبب هڪڙو آهي غفلت ۽ ٻي آهي تندي، جنهن کي سسئيءَ جي سر ۾ شاه صاحب "سرڪشي" تو ڪوٺي، جتي روح جو پانڌيرو ڪنهن مهل مجاز رکي، هٺ ۾ ٿو ڦوڪجي. "سرڪشي سردار سين، مون ڪميٽي ءَ ڪيهي؟" اها سرڪشي، اهو هٺ، اهو گيرب ۽ گمان، سزاياب ٿو ڪرائي:

"هوءَ جا هلي هيڪلي، سا گيرب گُمائي"

انهيءَ حالت ڪان صوفي گهٽو ٿا ڊڄن، تہ يار، ائين نہ ٿئي، جو اُٿلوئي تنهنجي عشق جو قدر اسان ڪان هليو وڃي! هن سر ۾ ٿو شاه چوي:

"ڏوريان ڏوريان مَ لهان مَ شال ۾ ملان هوت
من اندر جا لوچ، مَڄُڻ مِلڻ سان ماٺي ٿئي."
" آءُ ڏورئين، شال مَ لهئين، تُن ۾ مليـن
تون لُونءَ لُونءَ منجهان مون، لوچ تنهنجي نہ لهي."

اي دوست آءُ پل توکي ڏوريان، پر شال نہ توکي لهان، ۽ شال م "تن"

سرڪشي _ مغروري، حجت، برابري، هٺ، وڏائي. گمائي _ لڪائي، گم ڪئي.

مونکي ملين، ڇو تہ منهنجي آرزو آهي، تہ منهنجي لون ءَ لون ۾ تون لڱل هجين. تڏهين ٿو چوي: ”جيڪي فراقان، سو وصالان نہ ٿئي.“

آخر جڏهين سسئي سيپئي سور سهي ٿي ۽ آزمايشون لنگهي ٿي، تڏهين هوءَ زمين ۾ غائب ٿي، ٿي وڃي، پوءِ هوءَ پنهون ءَ کي ٿي ملي! يعني تہ صوفي پنهنجي هستيءَ کان پري ٿي، يار جي هستي ءَ ۾ داخل ٿو ٿئي:

جزو ”Individual“، سو ڪل ”Universal“ ۾ ٿو صوفي سمائي. جيئن امرسن صاحب ٿو چوي:

”Submit the individual to the Universal.“

هيءَ اُها منزل آهي، جتي عاشق ”لولين ٿو ٿي وڃي.“ انهي کي قرآن شريف ۾ ”موٽُو اقبل“ مري جيئڻ جي منزل ٿو چئجي: ”مرين جي نہ ماٽئين، جانب جو جمال“ انهي کان پوءِ وري ڪين مرڻو آهي. اهو مرڻ کان اڳ ۾ آهي، يعني جيئري ئي مرڻ آهي! اها حالت آهي جنهن ۾ مرڻ کان اڳي ٿو مرجي، ۽ جيئڻ کان اڳي ٿو جيئجي! واه جو لطيف جو گفتو آهي!“

”جيئڻان اڳي جي جِيا، جڳ جڳ سي جِين
اوءِ موتي ڪين مرڻا، مرڻا اڳي جي مئا.“

اهڙا مڪت جن سدائين امر آهن، هو ڪڏهين بہ ڪين ٿا مرن! جيئن بيدل روهڙيءَ وارو ٿو چوي:

”مرد نہ مرن ڪڏهين، هو جي ٿيا حق
اَنڌا آڻ ۾ شڪ، حياتيءَ ۾ اُنجي.“

تيئن شيڪسپيئر ٿو چوي:

“So shalt thou feed on Death
That feeds on men
And death once dead,
There is no more dying then”
“Sonnet”

پوءِ وري، جبل ڇا جا، ڏونگر ڇا جا، ڏير ڇا جا، ڏاگها ڇا جا؟

”اوچو اُتانهون گهڻو جيئڻ کي جبل
مرڻ مُونسين هل، تہ پُنيءَ تو پنڌ ڪريان“

هن سر سسئي واري ۾، پورو پورو فراق ۽ وصال جو قصو شاهہ ڪوليو

آهي. هي سر ساري رسالي جي اٽڪل ٽين پتي آهي، جنهن ۾ ڪل پنج سر آهن: سسئي (آبري) معذوري ڪوهياري، ديسي ۽ حسيني. تنهن ڪري هن ۾ باريڪ اُپٽار ڪيل آهي، جا هتي سموري درج ڪرڻ مشڪل آهي. سر سسئي ءَ جي فصل 3 ۽ 5 ۾ شاهه خوب وصال جي ورونهن ڪئي آهي، جن ۾ چوي ٿو ته مارا پنهون ۽ سسئي ٻئي منهنجي اندر ۾ آهن. هي مون اجايا جبل ٿي ڳولهيا، ڏونگر به ته هوئي ڪونه. هي ته ڪو سمورو طلسم هو!

"پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
ته نَڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نَڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا."

شاهه لطيف ۾ نج ويدانت آهي، جنهن کي صوفي تصوف ٿا چون. چوي ٿو ته سسئي هيس تڏهين سور هئا، هاڻ آءٌ پنهون پاڻ آهيان. سهڻيءَ ۾ به ائين ٿو چوي: "ساهڙ سا سهڻي" سائر پڻ سوئي" وري ڪارايل ۾ به ٿو چوي: "سو پڪي سو پيچرو سو سر سوئي هنج." هي ڪلام نج ويدانت ۽ وحدت جو آهي، ۽ منهنجو رايو آهي ته شاهه، ويدانت آرين جو ۽ تصوف ايران ۽ عرب جو پنهنجي ڪلام ۾ ڪير ڪنڊ وانگر ملائي، ماکيءَ جهڙو مٺو ڪري چڙهيو آهي. اِنهيءَ سمجهڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته ويدانت ۽ تصوف جي پڪي فيلسوفيءَ مان واقف ٿجي. اِهي فصل ٽئين ۽ پنجين وارا بيت نهايت عمدا آهن، جن مان ڪي ٿورا هت ڏجن ٿا:

سپيئي ساري سسئي، گهر ڪنڌون سپ گهور
وڃي ڏور مَ ڏورا دران منجهه دوست ٿيو.
دران منجهه دوست ٿيو، موٽي پچ پاهين
عبث آڳاهين، وڃيو ڪوڪين ڪانڌ کي.
ووڙيم سپ وٿاڻ، يار ڪارڻ جت جي
والله بِڪُل شي ءٍ مُحيطٌ اي آرياڻي آهجاڻ
سپ ۾ پنهون پاڻ، ٻيو ناهه پروچ ري.

اي سسئي! ٻين گهرن کان پاسو ڪر. پنهنجو گهر تون ڳول، "سور تان توئي ساڻ، جنهن لاءِ جفائون ڪرين" اڙي سسئي، "سوئي ڪٽيو ساڻ، سوئي ڏورين سسئي!" اڙي، پاڻ ۾ ڪي پروڙ نه "تو منجهه آهيس ٽڪيو."

"وڃين چو وٽڪار، هت نه ڳولين هوت کي

عبث _ اجايو. آڳاهين _ اڳتي. ڪوڪين _ سڏ ڪرين. ووڙيم _ ڳوليم. والله بڪل شي ءٍ محيط _ الله سڀ کي چوڌاري ڦري آيو آهي ۽ وڪوڙي ويٺو آهي.

لڪو ڪين، لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار
تي ۽ ستي ٻڌ سندرو، پرت پنهون سين پار
نانئي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.“
اڙي سسئي، هي پنڌ ڪو پيرن جو ڪين آهي! تڏهين ڇا جو آهي؟
”هل هينئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار
قاصداڻي ڪار، ڪين رساڻي ڪيچ ڏي“
هي پنڌ ٻاهريون نہ آهي، پر هينئين جو، دل جو يعني ”روحاني“ آهي.
هل هينئين سان هوت ڏي، پرين ڪر م پنڌ
رائي پيچ ۾ رند، رڙه روحاني سسئي.
هل هينئين سين هوت ڏي، ڇپر هڏ مَ ڇل
آرياڻي آمل، ڪايا ۾ ڪانڊ تيو.
شاه فصل 5 تہ سمورو واهو تصوف، قرآن شريف جي آيتن ۽ ٻين حديثن تي ٻڌو آهي، جيئن رامڪلي ۾ جوڳين جي يوگ ۽ ويدانت تي ساڳي ڳالهہ ٻڌي اٿس. سچ پچ لطيف ڪا املهہ ماڻڪن جي کاڻ آهي. سچ پچ هو عميق ساگر آهي. مون تہ فقط ڪن ٻن ڇئن گفتن جي کولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر آءُ انهن جي حاصليت جي نَڪِي دعويٰ ٿو ڪري سگهان، نڪي دم ٿو هڻي سگهان! آءُ تہ
سچل وانگر فقط ائين ٿو چوان: ”حيرت دي وچ حيرت هوئي !“
واهہ ڙي سسئي، واهہ ڙي لطيف، واهہ تنهنجي سڪ، واهہ تنهنجا سورا چوي ٿو تہ هميشہ جهد ڪر، هميشہ: ڪوشش ڪر:
” ووءِ ووءِ ڪندي وت، مَچَڻ ووءِ وسارئين!“ سسئي ۽ رڳو اِئين چيو:
”آهي آري ۽ ڄام جي هِت هُت حوالي!“ اهڙي جفاڪشي ڪير ڪري! اهڙي سڪ ڪير ڪري! اهڙن وٽ ڇو نہ پنهون ايندو:
”ڪري ڇيج ڇپر ۾، پنهون ايندو پاڻ!“

ونڌر ۽ وڻڪار _ ڪيچ مڪران پاسي علائقا.
رساڻي _ رسائي. رڙهہ _ ڪاهہ. هل.
آرياڻي _ پنهون. امل _ املهہ ماڻڪ.
ڪانڊ _ ڪنت. مڙس.
ڇيج _ ناچ ڏولڪن سان.
ڪري ڇيج _ لچندو ٽپندو.

naeemdeswali

ثقافت کاتو،
حکومت سند

ISBN: 978-969-8100-58-2
Price: Rs. 350/-